www.freepdfpost.blogspot.com

پيش لفظ

سنڌي ادبي بورد سچل سائين جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جا هي خصوصي چاپا (Special Editions) ”سچل سيمينار“ جي تاريخي موقعي تي شايع ڪري رهيو آهي.

سچل جو شاعر، درويش ۽ صوفي بزرگ جي حيثيت سان سنڌ ۾ جيڪو بلند مرتبو آهي، ان کي خيال ۾ رکي اها ڳالهه تسليم ڪرڻي پوندي ته سندنس باڪمال شخصيت تي جيترو علمي ۽ تحقيقي ڪم ٿيڻ کپندو هو، اوترو ڪو نه ٿيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، سنڌي ادبي بورد جي پن معياري ڪتابن رسالو سچل سرمست ۽ سچل جو سرائڪي ڪلام کان علاوه، پيو ڪو به خاص تحقيقي ڪتاب شايع ڪو نه ٿيو آه ي. البت، اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اوقاف کاتي ”ديوان آشڪارا“ جو نثري ترجمو شايع ڪيو آهي ۽ سچل ميموريل ڪاميٽيءَ طرفان، سال بسال، عرس مبارڪ جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ٿيندي رهي ٿي . انهيءَ حقيقت جي پيش نظر، سنڌ سرڪار فيصلو ڪيو آهي ته شاهه عباللطيف ثقافتي مرڪز وانگر، هڪ اهڙو ادارو قائم ڪيو وڃي، جيڪو سچل جي سوانح، ڪلام ۽ پيغام متعلق معياري ۽ مستند ڪتاب شايع ڪري . اهڙو لٽريچر سنڌ ۾ تصوف جي اثر ۽ سنڌي سماج جي ارتقا جي مطالعي لاءِ پڻ مفيد ثابت ٿيندو.

سچل جي ڪلام جا اڳوڻا محقق ۽ شارح، مرحوم عثمان علي انصاري، حڪيم محمد صادق راڻيپور وارو، قاضي علي اڪبر درازي، آغا صوفي ۽ نماڻو فقير هي جهان ڇڏي ويا آهن . پر مون کي اميد آهي ۽ منهنجي پنهنجن لائق ۽ فائق پيش رو بزرگن جي نقش قدم تي هلي، سنڌ ۽ وطن عزيز پاڪستان جي قومي ادب ۽ تاريخ ۾ مثبت اضافو ڪندا.

حيدرآباد جسٽس سيد غوث علي شاهه
2 مارچ 1982ع وزير تعليم، ثقافت، رانديون ۽
قانون، حڪومت سنڌ.

www.freepdfpost.blogspot.com

صورت ۾ جاءِ دم جي، دم ريءَ نه صورت ڪم جي،
دم ۾ جا لذت غم جي، وهه واهه ڳالهه خاصي.

ابليس جي وڏائي، هر سانس تي سوائي،
جيوڙ ته دم پلائي، نه ته تهت نحس ناسي.

ثابت ”سچل“ سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جني وساري، تن تَنَ اٽاسي.

عرض حال

هر نقش که بر تختهء هستي پيداست،
اين صورت آن کس است کين نقش آراست:
دياري کون کو مگ زند موج نو،
موجش خوانند و في الحقيقت درياست!
****

1952 جي آخر ڌاري حڪم ٿيو ته سرمست جو ڪلام گڏ ڪري، هڪ سال اندر، سرڪار کي ڏيان. خيال ڪيم ته نه ايتري فرصت آهي نه فراست، جو انهيءَ تصوف جي اٿاهه ساگر کي تاليف ڪري سگهان؛ ليڪن قبوليت ڏيڙ ڪان پوءِ پنتي موڙ به مصلحتاً مناسب نه ڄاتو ويو. شروعات جا به يا ٻي مهينا ته فقط بزرگ جي ڪلام هٿ ڪرڻ ۾ گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ سندس ڪلام جو مطالعو به ٿيندو رهيو؛ پر جيئن جيئن سندس ڪلام کي پڙهندو ويس، تيئن تيئن دل ڦاسندي ويئي تان جو ”اٿندي، ويهندي، گهمندي، توکي ساهه سنپاري“ وارو ڪم ٿي ويو. ڪن ڪن جاين

تي جيڪڏهن ڪنهن تصوف جي لڪ کي سمجهي نٿي سگهيس، ته روح جي بغاوت ٿي محسوس ڪيم. اهڙيءَ الجهن جو احوال ڪنهن سان ڪري به نٿ سگهيس، آخر فيصلو ڪيم ته تصوف تي جي ڪتاب هٿ اچي سگهن، تن کي پڙهي پوءِ سرمست کي هٿ لايان. بدقسمتيءَ سان، ڪنهن سنڌي بزرگ جو تصوف تي لکيل ڪتاب هٿ نه اچي سگهيو. اڙدوءَ وارن ''همه از اوست'' تي ته گهڻو ئي لکيو آهي، ليڪن ''همه اوست'' جي مستيءَ پري دنيا ڏي منهن به ڪين ڪيو اٿن . آخر شيخ اڪبر جو ڪتاب ''فصوص'' هٿ چڙهيو . شيخ اڪبر جو ''فصوص'' ڪنهن مون جهڙي 'هيچمدان' جي سمجهه کان گهڻو مٿي لکيل آهي : يا ته پڙهندڙن کي سمجهه ۾ نه ايندو، ۽ جي ايندو ته مس ت ڪري چڏيندو . تصوف جي خاص اصطلاحن جون معنائون به معمولي لغتن ۾ ڪين ٿي لڀيون : مثلاً ''وجود'' چاهي، ''ممڪن'' چاهي، ''علم سينه '' چاهي، ته ''علم سفينه '' چاهي! خيال ڪيم، جي ''فصوص'' جي اصطلاحن جي معنيٰ سمجهه ۾ نه آئي، ته ''همه اوست'' جي عمق تائين ڪين وڃي سگهبو؛ ۽ جي اِها بنيادي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته سرمست جو ڪلام سمجهڻ غير ممڪن آهي. جيڪڏهن چڙو مومل راڻي جو قصو پڙهي ۽ زباني لذت ونڊي آهي ته حفيظ تيوڻي تي ئي ڪفايت ڪجي، ۽ سرمست جي محبت واري مڇ کان پري ئي رهڻ ۾ عافيت آهي . جڏهن معاملو انهيءَ حد تي اچي پهتو، ته انهيءَ سبب الاسبا ب هڪ اهڙو ڪتاب عنايت ڪرايو، جو لکيل به هڪ سنڌي بزرگ جو هو، ۽ جنهن ۾ بحث به فقط تصوف جي اصطلاحن جي سمجهاڻيءَ تي ٿيل هو . ميان عبدالرحامن جي انهيءَ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ، ڪجهه همت به آئي ۽ ڪجهه سرمست جي سمجهه به آئي. آهستي آهستي، سندس ڪلام لکي پورو ڪيم.

پنهنجي سمجهه آهر، تصوف جي پيچيدگين کي، سرمست جي ڪلام جي پس منظر ۾، سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم . جيڪڏهن ڪي غلطيون ڪيون اٿم ۽ ضرور ڪيون هونديم ته اهي سڀ منهنجي ناقص فهم جون سمجهيون وڃم؛ ڇو ته سچ ته سچ ئي چيو هوندو.

سرمست جي سنڌي ڪلام جا ڇپيل سمورا نسخا هٿ ڪيم مرزا علي قلي بيگ وارو نسخو (پنهي جلدن ۾)، پوڪرداس وارو نسخو، هريسنگهه وارو نسخو، آغا غلام نبيءَ وارو نسخو، نماڻي فقير وارو نسخو. بزرگ جي پراڻن دستخط نسخن مان ڪو به هٿ نه اچي سگهيو : سندن درگاهه تي به ڪو اهڙو نسخو رکيل ڪين آهي،

جنهن مان مدد ملي سگهي ها. فقير نظر محمد مرحوم شڪارپوريءَ جي پوين وٽ به جيڪي دستخط ڪتاب رکيل آهن، انهن ۾ به ڪو چڙو سرمست جو ڪلام نه آهي: گهٽن ئي ٻين بزرگن جو ڪلام هڪ جاءِ تي سهيڙيو ويو آهي؛ اتان جيڪي بيت يا ڪافيون اهڙيون هٿ لڳيون جي ٻين نسخن ۾ درج ٿيل نه هيون، سي به لکرائي هٿ ڪيم. صفر فقير درازائيءَ شڪارپوريءَ وٽ جيڪو سرمست جو سهيڙيل ڪلام هو، سو به ورتم . انهن سڀني نسخن سان پيٽ ڪرڻ بعد، هيءُ نسخو تيار ڪري، ميان محمد صديق ٻنوييءَ صاف نويس کان لکرائي، پيش ڪريان ٿو.

مقدمي تيار ڪرڻ مون کي ڪن تصوف جي ڪتان مان مدد ملي، جن مان کي هي آهن : فصوص الحڪم، نظريهء توحيد، مڪتوبات امام رباني، تصوف اسلام، فلسفهء فقراء، علم تصوف، ڪلمة الحق، وغيره.

سچل سرمست جو زمانو سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهڙو ارتقائي دور هو، جنهن ۾ سنڌي شاعريءَ به پنهنجو پاسو ورائڻ ٿي گهريو . چنانچي ‘وائيءَ’ جي جاءِ ‘ڪافيءَ’ اچي ورتي هئي؛ ٿورو گهٽو غزل جو به رواج پئجي چڪو هو؛ زبان به پنهنجو روپ ڦيرائي رهي هئي؛ پٽائيءَ واري زماني جا ڪيئي لفظ متروڪ ٿي چڪا هئا وڌي ڳالهه ته تخيل جي اونهائي گهٽبي ٿي ويئي، ۽ زبان جي چسڪي تي وڌيڪ زور ٿي ڏنو ويو . ظاهر آهي ته اهڙي زماني ۾، جيڪڏهن گهر گهر نه، ته ڪم از ڪم ڳوٺ ڳوٺ ۾ ته ڪو نه ڪو شاعر هوندو ئي هوندو!

تنهنڪري، سرمست جي همعصرن جي فهرست ڏيڻ به ڪو آسان ڪم نه آهي. يوسف فقير، صديق فقير، شاهن فقير، غلام علي فقير، خليفو ڪرم الله، خليفو گل محمد، آخوند عزيز الله، دلپت، وغيره انهيءَ زماني ج ا شاعر هئا، پر ڇاڪاڻ ته سرمست جي لائين پنهنجي هئي، تنهنڪري اسين جيڪر انهن کي ‘‘همعصر’’ ته چئون، ليڪن ‘‘همعصر’’ شاعر ڪين چئي سگهون.

سرمست جو ڪلام تمام گهٽو هو، جو زماني جي خورد برد هيٺ اچي ويو . تنهن کان پوءِ به جيڪي ڪجهه هن وقت به سنڌي دنيا ۾ موجود آهي، سو به ايترو آهي جو ٻئي ڪنهن هڪ شاعر جو ايترو موجود نه آهي : مثلاً، ‘‘سچل جو سنڌي رسالو’’، جنهن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ڏوهيڙا، ٽيهه اکريون، ڪافيون ۽ جهولڻا درج ٿيل آهن؛ ‘‘ديوان آشڪارا’’، ‘‘راز نامو’’ ۽ رهبر نامو سمورو فارسي ڪلام آهي؛

”قتل نامو“، ”گداز نامو“ ۽ ”تار نامو“، ٿيئي محبت جي نهايت باريڪ نقطن جا بياض آهن.

هر آن معنيٰ كه شد از ذوق پيدا،

كجا تعبير لفظي يابد او را!

عثمان علي انصاري

مقدمو

فقير عبدالوهاب عرف سچيڏنورح

ميان عبدالوهاب ولد ميان صلاح الدين ولد ميان صاحبڏنو فاروقي، سنه 1152 هجري مطابق 1739 عيسويءَ ۾، رياست خيرپور جي گنبٽ تعلقي جي هڪ ننڍي ڳوٺ، درازن، ۾ پيدا ٿيو. والدين ۽ سندس پيا بزرگ ڪيس پيار مان ”سچيڏنو“ سڏيندا هئا، جنهن جو مخفف ”سچو“ پنهنجي سنڌي شعر ۾ تخلص قبول ڪيائين.

ميان صلاح الدين جي وفا ت كان پوءِ، صغر سنيءَ ۾ ئي پنهنجي چاچي، سهري ۽ مرشد، ميان عبدالحق جي زير پرورش ورتائين. چوڏهن سالن جي عمر ۾، فارغ التحصيل ٿيو. نهايت درجي ذهين ۽ قبول صورت هو. شروعات زندگيءَ ۾، روزي، نماز ۽ شريعت جي مڙني احڪامن جو نهايت پابند هو. تن آراميءَ جو خيال به دل ۾ ڪين ايندو هوس - ايتريقدر جو حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪٽ تي نه سمهيو. راڳ ۽ سماع جو شوق هوندو هوس، جو شوق اڄڪلهي سندس مستيءَ جو پيش خيمو ثابت ٿيو، ۽ ننڍپڻ جو ”سچيڏنو“ سنڌي دنيا ۾ ”سرمست“ ٿي نروار ٿيو.

جيئن دنيا جي هر بزرگ هستيءَ جي حياتيءَ جي احوال سان، خوش اعتمادي، سوين اهڙا واقعا وابستهه ڪندي آئي آهي، جي شايد عقل سليم قبول نه ڪري، تيئن اسان جي سرمست بابت به ڪيئي روايتون مشهور ٿي ويون، ۽ اڄا به ٿيندیون ٿيون رهن، جن جو بيان ڪرڻ نه اسان جي مقصد ۾ داخل آهي، ۽ نه سنڌين جي

معلومات ۾ ڪو معقول اضافو ڪري سگھندو، تنھنڪري اسان ان کان پرھيز ڪريون. جنھن بزرگ ھستيءَ پاڻ پنھنجي لاءِ ھيٺيئن ريت فرمايو آھي، تنھن جي عقيدن لاءِ جيڪڏھن اسين ڪو به قطعي فيصلو ڏيندا سين ته ”ننڍو منھن، وڏي ڳالھه“ ٿي پوندي - پاڻ فرمائين ٿا ته:

ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي، ڪو جاھل نالو ظاھر چوي،
ڪو شاعر چوي، ڪو ساحر چوي: ”آءُ جو ئي آھيان سو ئي آھيان“.
ڪو مُلا چوي، ڪو قاضي چوي، ڪو مفتي چوي، ڪو غازي چوي،
ڪو روزيدار نمازي چوي: ”آءُ جوئي آھيان سو ئي آھيان“.
ڪو رَد چوي، ڪو بَد چوي، ڪو بيدِينِي بيحد چوي
ڪو مشرڪ پِي ملحد چوي: ”آءُ جو ئي آھيان سو ئي آھيان“.

سندس شبيھه، قد، بدن وغيره لاءِ به ڪو مستند احوال ڪونھي؛ البت ڪن سندن سوانح نگارن لکيو آھي ته ”سچل سائينءَ جو قد وچولو، رنگ صفا، پيشاني ڪليل ۽ ڀھڪندڙ، ۽ وار ڏگھا ھئا، مٿي تي سائي رنگ جو تاج پائيندو ھو، ۽ بدن تي اڇو چولو.“

فقير سچيڏني ڪي، انھيءَ زماني جي وڏ گھراڻن ۾ارن ڪي جا تعليم ملي سگھندي ھئي، سا ملي؛ ۽ چاڪاڻ ته پاڻ نھايت فھيم طبع جو مالڪ ھو، تنھنڪري ان وقت جي تعليم مان پورو پورو فائدو ورتائين . پاڻ قرآن شريف جو حافظ به ھو؛ فارسيءَ جو ايترو علم ھوس، جو سندس فارسي ڪلام جو پورو ديوان، ھز ھائينس مير علي مراد خان چاپرائي پڌرو ڪيو، جو ”ديوان آشڪارا“ جي نالي سان مشھور آھي.

سنڌ جي ھن دلير صوفي بزرگ، 14 رمضان شريف 1242 ھجري، مطابق سال 1826ع، ھن دنيا کان موڪلايو.

فقير سچيڏني جي سنڌي ڪلام ۾ ھجڻ گھ رجن. سندس ڪلام، سر تا سر، ”ھمه اوست“ جي رنگ ۾ رڱيل آھي . پاڻ انھيءَ ڏس ۾ ايڏي ته طبيعت جي جولاني ڏيکاري اٿن، جو ”وحدت الوجود“ جي ڪنھن به ٻئي وڪيل کي اھڙن واضح لفظن ۾ انھيءَ موضوع تي ڪجھه چوڻ جي جرات نه ٿي آھي . حقيقت ھيءَ آھي ته سرمست پنھنجي ڪلام ۾ ”ھمه اوست“ کي ايتري ته جاءِ ڏني آھي، جو ٻئي ڪنھن

به موضوع لاءِ وٽس گنجائش ئي ڪا رهي آهي. ڇا ڪافين ۽ ڇا ڏوهيرن ۽ ”تو هي تو“ جو نعرو پيو ڏو ٻڌجي . ائين ڏنو اٿس . اسان به تنهنڪري سندس قافيه، رديف، تشبيهات، محاڪات، وغيره کي ڇڏي، سمورو بحث سندس ”وحدت الوجود“ جي پيغام تي ڪنداسين، جيئن سنڌي دانن کي واضح طرح ڏسڻ ۾ اچي، ته اسان جي بزرگن ”وحدت الوجود“ ۽ وحدت الشهود“ جي نظرين مان ڪهڙو قبول فرمائي، پنهنجن کي تلقين ڪئي، ته هو به ائين ڪن.

ظاهر هجي ته سچل سرمست نه فقط سنڌي زبان جو هڪ نهايت بلند پايي جو شعار هو، نه فقط اسلام يات جو ڄاڻو هو، پر هو هڪ صاحب ڪيف و حال بزرگ به هو . سندس ڪلام کي زبان جي نقطي نظر سان سمجهڻ ته ڪا وڏي ڳالهه نه آهي؛ هر هڪ سنڌي کيس سمجهي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته نهايت سليس زبان ڪم آندي اٿائين (شڪوي جا طالب، زبان جي شڪوي جو خيال رکندا آهن : مستن جي مستي ڪنهن به قسم جي وڏائيءَ جي متحمل نه ٿيندي آهي .) ليڪن اقليم سخن جي هن تاجدار جي قلبي مستين ۽ وجداني تجلين کي سمجهڻ لاءِ، ڇڻي سمجهاڻي به گهرجي، تصوف جو پس منظر به گهرجيي، ۽ انهيءَ سان گڏ ذوق سليم به گهرجي . تڏهن وڃي ڪو پڙهندڙ انهيءَ حقيقت تائين پهچي، جنهن لاءِ پاڻ فرمايو اٿن ته ”سچ ٿا مرد جون، ڪنهن کي وڻي نه وڻي “! پڙهندڙ جيڪڏهن سندس تشبيهه، اسعاري، (.....) ، يا ڪنايي تي اڙجي بيهي رهيو، ته عروس معنيٰ تائين سندس پهچ مجال آهي؛ ۽ اسان جيڪڏهن سندس بيان ۽ بدايع جي وصفن تي ويهي بحث ڪيوسين، يا سندس فصاحت ۽ بلاغت جي گلڪار ين جي ذڪر کي چيڙيوسين، ته اهو ممڪن آهي جو پڙهندڙن لاءِ سندن دماغي عياشيءَ جو سامان ضرور پيدا ڪري وجهنداسين، پر اسان جو اهو مقصد فوت ٿي ويندو، جنهن مقصد سان اسان سرمست جي هن سدا بهار چمن کي سنڌي دنيا سان روشناس ڪرائڻ ٿا گهرون.

سنڌ جي ادبي دنيا جو هي ءُ ئي هڪ روشن ستارو آهي، جنهن کي زاهدن جو هڪ ٽولو تحسين جي خراج ڏيڻ ۾ بخيلي ڪندو رهيو آهي، چو ته سندن اعتقادن کي سچل جي هنيڙن بيتن کان نِيس لڳندي رهي آهي:

”مُلا مار مَ مون، مان سبق پڙهان ڪين سچڻ ڏسان!“

قبول ڪيوسين ته سوَ مان اڪثر پڙهندڙ اهڙا هوندا، جن جي تخيل جو پرواز ايترو مٿي نٿو وڃي سگهي، جو سچل جي هڪ ست جي معنوي بلنديءَ تائين پهچن؛

مثلاً فرمايو ٿن، ”آهي ڪل شيءِ سو هادي، وائدي غير ڪنون هيءَ وادي “،
سرمست جي انهيءَ واديءَ کي غير دؤن واندو سمجهڻ لاءِ به ”شرط اول قدم آنست
که مجنون باشي “ - ليڪن سچل جي ڪلام ۾ جي ادبي خصوصيات آهن يا پاڻ
جيڪي سنڌي محاورا ۽ ترڪيبون استعمال ڪيون اٿن، تن جو داد نه ڏيڻ به ادب
جي مذهب موجب ”ڳناهه“ آهي. مارئيءَ جو قصو سنڌ جي مڙني شاعرن بيان ڪيو
آهي، جن ۾ پٽائيءَ جو درجو نهايت بلند آهي : پر نهايت سادي‌ءَ ۽ جادو پريءَ زبان
سان، عمر کي راضي ڪري هن کان مارئيءَ جي جند ڇڏائڻ، سرمست جو حصو
هو. مارئي ٿي چويس:
”اڄ جوڙي ويٺا جهنک ۾، جهانکي جهوپڙيون؛
ڏي نه ڏوٿِيڙَن کي، تون لائق لوُڌَڙيون؛
راجا روڌَڑِيون، گهرين رکن ڪينکي!“
پوئيين‌ءَ سڻ تي خيال فرمايو ته جنهن ۾ ايڏي نصيحت آميز طنز آهي، تنهن
جو، دانهن ڪرڻ کان سواءِ، ڪو ٻيو داد به ڏيئي ٿو سگهجي ڇا؟ سچل جا اهي سڏا
سادا لفظ جي پنهنجن بيتن ۾ ائين جڙيا اٿس جيئن منديءَ ۾ ٽڪ، سي زوريءَ دل ۾
جاءِ ڪندا ٿا وڃن، ۽ دل ٿي گهري ته اکيون بند ڪري، انهن لفظن جي جادوءَ جو
ويڌو مزو وٺجي:
”هِت ڏسان ڏوٿڙيون جون، ويڌي واڌريون؛
هت پون پنهوارن تي، مٿون ماڙڙيون؛
ياد اتي جون مون پيون، چوهون چاڙريون؛
توڙي چار ڪُنڊان لوئيءَ جون، هت ڦاڪين ڦاڙڙيون،
تان پي وڃان اوڏهين، جتي ڪنوٽيون ڪاڙريون،
مون کي لُهن لاڙڙيون، تن سانکن سنديون سومرا!“
سچل جي مٿيين بيت پڙهڻ سان جا غربت جي تصوير اکين آڏو اچي ٿي
بيهي، سا پنهنجو جواب پاڻ آهي، لفظن جي تصنيريت پنهنجي سموريءَ نزاڪت
سان دل ۾ گهڙندي ٿي وڃي : مثلاً، ساڳي شيءِ جڏهن گاهه تي پئي ته ماڻ ٿي؛ ۽
جڏهن مارئيءَ جي مسڪين مارن تي پيئي، جي بنا ڪنهن اجهي
جيپَڻ .....” ڪري چڏيو! اهڙين جاين تي هڪ شاعر
جو ڪلام بشري حدن کان نڪري معجزانه بلنديءَ تي وڃي پهچي . ۽ سچل جي

ڪلام ۾، سندس هر بيت هڪ ادبي معجزي جو درجو ٿو رکي. بحث جي شگهي ٿي وڃڻ جي خوف کان، اسين وڌيڪ مثال نٿا ڏيون، ۽ هڪ پويون مثال سندس روماني شعر جي لاثاني هجڻ جو پيش ڪري اسين سندس پيغام ڏي ٿا ورون. لکنؤ جي نوابي دربار ۾ مشاعرو ٿو ٿئي، جنهن ۾ ڪاريهر ناگن جي تشبيهه جو قيد رکيو ويو آهي . شاهي عطيات حاصل ڪرڻ خاطر، نواب صاحب هي شعر اول نمبر ۾ رکيو:

"خيالِ گيسو مَين آج کي شب جو دل همارا الجهه رها هـلآ،

کهان سي لايا هـلآ يا الهيٰ يه گهر مين کالي لگا کرا!"

سڄل وٽ نه ڪو مشاعرو هو، نه ڪنهن جي عطيات جو آسرو، ۽ نه وري ڪو 'طرح' جو قيد هو. پنهنجي ليکي جذبات جو اظهار ڪيو اٿس، ۽ خوب ڪيو اٿس:

"چَلي چَلي وال سُهڻي دي، جاڻ بَشِهرَ کالي،
طرح ڪيهي اِهي دلبر مُمنهن تي، سخت بَلائين پالي!"

مطلب ته سڄل سرمست کي، خدا وند ڪريم، سنڌ جي صاحب ڪمال شاعرن ۾ هڪ نهايت بلند مقام عطا ڪيو هو . سندس هر هڪ بيت، نظم يا ڪافيءَ مان تخيل جي پاڪيزگي ۽ بيان جي سونهن پئي ٿي چمڪي . تنقيد ڪرڻ وارن هيءَ به هڪ قسم جي رسم ڪري ڇڏي آهي ته ش اعر جي ڪلام مان ڪجهه انتخاب پيش ڪيو وڃي؛ ليڪن اسان جو خيال آهي ته ادبي اخلاقيات موجوب اِهو جائز نه آهي جو پڙهنڙن جي پسنديءَ تي به مؤلف ڏاڙو هٿندو رهي، ۽ ذوق جي پرک پوئتي رهجي وڃي: تنهنڪري اسين ڪو انتخاب به نٿا ڏيون، جيئن پڙهندڙ پنهنجي چوند پاڻ ڪري چو ته
"فکر هر کس بقدر همت اوست."

(2)

سڄل کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ لاءِ جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون اِهو اشد ضروري آهي ته سندس ڪلام جو پس منظر، سندس نگاهه جي بلندي، سندس دل جي تڙڦ، ۽ سندس ڪيف جي حالت، پڙهندڙن کي اول معلوم ڪرائي وڃي. اِهو به ضروري آهي ته پڙهن ڏڙن کي خبر هجي ته جو پيغام سڄل پنهنجي ڪلام جي

وسيلي ڏئي ٿو، تنهن پيغام جا ٻڌڻ وارا ڪهڙي خمير جا ٺهيل آهن . واضح رهي ته سنڌي طبيعت، تصوف جو اثر ايتريقدر قبوليو هو، جو اڄ به مشرق جي دنيا ۾ ڪو ٻيو ملڪ سندس مقابلي ۾ نٿو اچي سگهي . پيري مريديءَ جي هن واديءَ ۾، جت ي ڪيئي اڻ سهندڙ بدعتون به رائج ٿي چڪيون هيون، ۽ ڪيترن ئي بزرگن وٽ، معرفت جو فيض به عام هو، جنهن مان انهيءَ پار جا پانڌيڙا به پِي ڏؤ ڪندا هئا . ”رب العالمين“ جي مخلوق کي وحدت جي نگاهه سان ڏسڻ وارن معرفت جي مالڪن، مومن ۽ ڪافر يا مسلم ۽ هندوءَ جو فرق يڪ قلم مٽ ائي ڇڏيو ته سندن هستيون هميشه اهڙي غير فطري امتياز کان مٿي رهيون . انهن حق جي عاشقن، پنهنجي قول ۽ فعل سان، هڪ اهڙي هم آهنگ معاشرت سنڌ ۾ پيدا ڪري وڏي هئي، جنهن جو نظير، ”بن قومن جي نظريي“ رکڻ وارن هندو پاڪستان جي بين صوبن ۾، پيدا ٿي کين سگهيو هو، سنڌي بزرگن جي انهيءَ مساوات جيڪي سياسي يا مذهبي نتيجا پيدا ڪيا، تن جهڙا نتيجا بين صوبن جا مسلمان پيدا ڪري نه سگهياد مثلاً، سنڌ جو هنددو ڪنهن نه ڪنهن مسلمان بزرگ جو مريد هو . پر اهو موضوع ڇاڪاڻ ته اسان جي دائري ۾ نٿو اچي، تنهنڪري اسين فقط ادبي نتيجن کي ٿا وٺون: سرمست رح فقط مسلمانن جو هيرو نه هو، پر سنڌ جا هندو به کين عزت ۽ فخر سان پنهنجو رهبر قبول ڪندا رهيا.

سرمست جي ڪلام ۾ تصوف جون بيحساب اهڙيون تجليون موجود آهن، جي مسلمانن سان گڏ غير مسلمن جي دلين تي به حڪومت ڪنديون ٿيون رهن، جي سندس ڪلام مان لساني لذتن کان سواءِ روحاني تاثرات به وٺندا رهيا آهن.

سچل جي ڪلام جي هڪ خاص خصوصيت هيءَ آهي ته هو صاحب مدهوشيءِ ۾ هوش جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي، ۽ هوش ۾ مدهوشيءَ جا راڳ الاپيندو ٿو رهي . پنهنجي ڪلام جي زور تي، پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي ياد ڏياريندو ٿو رهي ته مسلمان ۽ غير مسلم، امير ۽ غريب جو فرق، يا ازين قسم ٻيا فرق، سڀئي انسانيت جي وهمن جي ڪار فرمائيءَ جو نتيجو آهن؛ نه ته ظاهر ۽ بطان، انهيءَ ”واحد حقيقت“ جا به پهلو آهن:

”ڪافر مؤمن صورت سائي، جانب ڏسن ڏنو هي جائي؛
فَاَينمآ تُوَ لّوُا آيت آئي، يَسمَعُ يُبصرُ ٿي هيڪڙائي؛
سو ئي بندو سوئي مولائي، اِنّي اَنَا اللهُ آگاهي؛

هُنَڙي صورت سپ سُپاَئي، سوئي هيڻ سوئي بالائي.”

‘اين و آن ’ جو فرق فقط انساني نگاهه جو قصور آهي . سرمست جيڪي ڏٺو، سو چيائين، ۽ جيڪي چيائين سو عيني مشاهدي کان پوءِ چيائين . سندس زبان ۽ نگاهه ۾ ڪوئي فرق ڪونهي؛ چو ته انهي ۾نهي قوتن تي قابض، هڪ ئي حقيقت آهي . ‘‘يَسمَعُ يُبصرُ آهي هِڪائِي.”

سرمست جو انهيءَ عقيدي تي ايمان آهي ته محبت جو بنياد، روحن جي اتحاد تي ٻڌل آهي: عاشق ۽ معشوق جو روح، ۾ شيون نه آهن . انهيءَ عقيدي کي ٻڌائي رح واري فرمودي موجب، ۾نهنج ي ڪلام ۾ انتهائي لطافت سان نباهيو اٿس . مثلاً، سسئيءَ جو ۾نهونءَ جي تلاش ۾ جبل جهاڳڙ، حيران ۽ سرگدان ٿيڻ کي، حقيقت کان بيخبري ۽ عرفان نفس کان غفلت جو نتيجو قبول ڪيو اٿس ۽ جڏهن ‘نائي نيڻ نهارڻ سان پاڻ م ديرو دوست جو’ ٿي ڏسي، ته ساڳي سسئي پاڻ ٿي قبول ڪري ته:

‘‘سسئي جام ۾نهون هڪ هوتان،
ڪامڻ جانب ڳوليو جوتان؛
ساڳي پاڻ۾ ۾نهون هئي سوتان،
سچو دوست ڏُوئيءَ کان ڏوتان.”

سچل فقير جي انهيءَ انداز بيان ۾ چاڪاڻ ته تصوف جي فلسفي سان گڏ عاشقانه مستيءَ جو به ڪافي جلوو موجود آهي، تنهنڪري سندس ڪلام کي انهيءَ پس منظر سمجهڻ ۽ سمجهائڻ به آسان ڪم نه آهي. ‘‘ڪشف ۽ شهود” جون ڳالهيون به فقط ڪشف ۽ شهود سان ئي سمجهه ۾ ايندیون، ۽ حافظ شيرازيءَ کين چيو هو ته:

‘‘گرنکته دان عشقي، خوش بشنو اين حکايت!”

اچو ته تصوف جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ته ‘‘تصوف” چا آهي. جدا جدا وقتن تي، ۾نهنجي ۾نهنجي فڪر موجب، تصوف بابت صوفي بزرگن مختلف رايا ڏنا آهن. هر هڪ بزرگ، ۾نهنجي ۾نهنجي مشاهدي جي تصوير پيش ڪئي آهي : ڪن بزرگن جي خيال موجب، تصوف نه علم آهي ۽ نه وڏن جي رسم جو نالو آهي؛ بلڪ اولياءِ الله جي برگزيده اخلاق ۽ سندن زندگيءَ جي طريقي جو نالو آهي . ڪن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ڪنهن انسان کي ۾نبهنجي نفس جي چنبي مان نجات ملي، ۽ هو خلق جي نظرن ۾ فاني ٿي وڃي، ۽ خالق وٽ وڃي بقا حاصل ڪري، ته هو

پورو صوفي آهي . ڪن جو فرمودو آهي ته شريعت جي روح کي تصوف ٿو ڪوٿيو وڃي؛ ڪي ٿا چون ته نفس کي مارڻ ۽ اندر اجارڻ جي معنيٰ آهي تصوف؛ مطلب ته ”عليم“ ۽ ”مستيءَ“ جي فرق ڪري، ڪيترائي مختلف تعبير ٿيندا رهيا آهن. پر، جيڪڏهن انهن تاويلن کي پاسيرو ڪري حقيقت تي غور ڪبو، ته تصوف جو ماحصل، ڪجهه نه ڪجهه، ضرور سمجهه ۾ اچي ويندو . انسان پنهنجي خدا داد قوتن کان ڪم وٺي، پنهنجي دل کي حقيقت جو آئينو بڻائي، ۽ ظاهر کان اڳيرو هلي، باطن جو رازدار بڻجيي سگهي ٿو . ڪيس اول پنهنجي نفس کي سمجهڻ جو موقعو ملندو، ۽ بعد ۾ جمال ذات ۽ ڪمال صفات جو مشاهدو . انهيءَ پار جو پانڌيئڙو، جڏهن پنهنجي مقصد جي تلاش ۾، فڪر جي اٿاهه سمنڊ جي غواصي ٿو شروع ڪري، ته سندس پهرين منزل تي جي تسين ۽ زهد جي منزل ٿي ٿئي.

”ڪَنڊِ اونڌي اوريج، اَڻُئي پهَرَ عَجِيبَ کي؛

اَچَن اوجاڳَن ۾، عينا اوجاريج؛

اَدوُن ڪِينَ ڪَهيج، ظاهِرُ هِنَ زبان سان.“

انهيءَ نفس ڪشيءَ جي اوٽ ۾، جي گمراهه ڪندڙ ور وَڪڙ ٿا ڪيس آڏو اچن، تن جي عزم سان روڪيندو اڳتي ٿو وڌ ي، ته آهستي آهستي روح جون پرڪيف لذتون ڪيس پاڻ ڪان بيخبر ڪنديون ٿيون وڃن. تان جو مٿس مستي چائنجي ٿي وڃي؛ قدم قدم تي پاڻ کي هڪ نٽينءَ ۽ خوبصورت منزل تي داخل ٿيندو ٿو محسوس ڪري؛ ۽ هر منزل جا نوان نوان مشاهدا مٿس اثر ڪندا ٿا رهن : ڪٿي گونا گون بيروني تجليون ٿو ڏسي، ته ڪٿي ”بيچون و بي چگون“ اندروني ڪيفيتون ٿو محسوس ڪري؛ ۽ هر هڪ منزل تي جو ڪجهه ڏسي ٿو يا محسوس ٿو ڪري، ان مان پنهنجي همت ۽ قوت آهر بهره ياب ٿيندو ٿو رهي . جي سندس ظرف ننڍڙو آهي، يا جي سندس طبيعت جو قناعت ڏي لاڙو آهي، ته اهڙيءَ ڪنهن هڪ ئي منزل جي مشاهدن کي اصل ۽ آخرين حقيقت سمجهي، اتي ويهي ٿو رهي، ۽ پنهنجي زبان مان اهو ڪجهه چوندو ٿو رهي، جو مقامي ڪيفيت جو اظهار ته ضرور آهي، ليڪن حقيقي معرفت اڃا پري اٿس:

”چون نديدند حقيقت، ره افسانه زد ند.“

بيءَ صورت ۾، جيڪڏهن ظرف به وڏو آهي، همت به ڪافي آهي، موهبت الٰهي به شامل حالد آهي، ۽ تائيد رباني‌ءَ جي رهنمائي به حاصل آهي، ته منزلن جي پٺيان

منزلون لتاڙيندو، تجليات ۽ ڪيفيات جو مشاهدو ۽ حظ حاصل ڪندو، حق جي راهه جو مجاهد ۽ طريقت جي واٽ جو سالڪ، آخر هڪ اهڙي بلند مقام تي وڃي ٿو رسي، جتان ڪيس اهو ڪجهه ٿو ڏيکاريجي، جو ٻين کي نصيب نٿو ٿئي.

”جيڪي ڏٺو سو مون ڏٺو، آرياڻي اوهان چا ڏٺو!“

سالڪ جي انهيءَ نفس ڪشيءَ جي جا تصوير اسان جي سرمست ڪيڊي آهي، تنهن تي به هڪ نظر وجهي ڏسو: فرمائي ٿو،

اَلفَقِيرُ لا يَحتَاجُ اِلاّ اليَ اللهِ، ٻيو ڏنائون بَنِ؛
ٻئي جهان ڦٽاڪيو، ٿا ٿئين جهان وڃن؛
وتن ويڳاڻا ورهه ۾، نيڻين ننڊ نه ڪن؛
راتو ڏينهان روڄ ۾، چَپُ نه ڪو چورين؛
مَن عَرفَ رَبّہ كَلّ لِسَانُہ، ٻڌي زبان اُنهن:
نشي تن کي ‘نانهه’ ڪيو، مونروئن ‘مان’ نه چون؛
موليٰ جي محبت ۾، ڪيا ٿيا وتن؛
سُڏڪا سيئي سوزد جا، پنيءَ رات پرن،
هر آن سِرّي ڪہ يا محبوب دارند-
خبر نبود ڪراما ڪاتبين را، سِرُّ اهو سانپن؛
نهائينءَ کان نيهڙو، سکيو ساميئڙن؛
مڇ مڇايو من ۾، ٻاڦ نه ٻهر وجهن؛
عينا سندن اوجاريون، اَڇن اوجاڳن؛
اَنٿي ٻهر عجيب کي، ڪنڌ اونڌي اورن؛
اَلصبّرُ مِفتَاح الفَرَح، صبر صابرن؛
بعضي موحد وحدتي، اهڙا پي آهن،
ڪرڪن ڪنجهن ڪين کي، جڙ پار وهانءَ وڃن؛
رَت منجهاروئن پانهنجي، وضو وير ڪرن؛
ايءَ نماز عشق جي، تختون پوءِ پڙهن؛
جي محبت وڌا مامري، سي ڪيئن مڙس مڙن؛
هڏي درد ڏهيون ڪيا، سنڌي سپرين؛
ڪڏهن اڇا ڪپڙا، ڌار نه ڪنهن ڏڪن؛

www.freepdfpost.blogspot.com

مٿي پيرين برهنه، ايڏو سورسهن؛
پريٿو پرواڻن جان، ڪاهيو تت پون؛
پنيڙ باهه عشق جي، سپورن سڙن؛
”.ڪامي، لهسي، لوسجي، لائق لعل ٿين

انهن بر گزيده هستين لاءِ ئي ارشاد ٿيو هو ته ”الله بن جَاهَدو فِينَا لَنَهدِ ينّهُم سُبلُنَا“ــــ (جي اسان لاءِ تڪليفون ٿا سهن ۽ مجاهدا ٿا ڪن، اسان انهن کي نين نين راهن تي ٿا وٺي وڃون.)

مٿين ٻن مقامات تي منزل انداز ٿيڻ، ۽ انهن جي علحده علحده مشاهدي ماڻڻ جو نتيجو اهو نڪتو ، جو اسلامي دنيا جا صوفي ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ويا، جن مان هر هڪ ٽولو پنهنجي دعوا جو بنياد ”ڪشف ۽ شهود“ تي ٿو رکي. پنهي ٽولن جي دعوائن مان ڪهڙي دعويٰ ”حق“ آهي، ۽ ڪهڙي ”حقيقت“ آهي، اهو فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪن : اسان هتي سندن منزلن جي بيان بعد، فقط سندن عقيدن جو بيان ڪرڻ مناسب ٿا سمجهون.

شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي، پنهنجي ”ڪشف ۽ شهود“ جي دعوا تي ۽ ڪن آيات ڪريمه جي سندن تي، وڏيءَ حجت ۽ اصرار سان چوي ٿو ته هيءَ ڪائنات، پنهنجين سمورين زنگينين ۽ انهن جي ارتقائي ايرڦير سان، خالق اعظم کان ڪو علحدو وجود نٿي رکي: اصل ۽ بنيادي وجود، فقط باري تعاليٰ جل شانہ جو وجود آهي. ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهه سڀ انهيءَ هڪ وجود جي جدا جدا تجليات جو پرتو آهي: جيڪڏهن انسانيت ان کي ڪجهه ٻيو ٿي سمجهي ته اها سندس نظر ۽ سمجهه جي ڪوتاهي آهي؛ نه ته حقيقت هن کان سواءِ ٻي ڪانهي ته ”لاموَجُود اِلاّ الله“. انهيءَ نظريي جو اصطلاحي نالو ”وحدة الوجود“ آهي. اسلامي صوفين جو ٻيو ٽولو، ڪائنات جي مٿئين تعبير کي نه فقط سخت لفظن ۾ نندي ٿو، پر اهڙي عقيدي رکڻ وارن کي ”ملحد“ ۽ ”زنديق“ جي لفظن سان ٿو ياد ڪري . انهيءَ ٻئي ٽولي وارن جو چوڻ آهي ته خالقءِ مخلوق جي وجود کي ”هڪ وجود“ قبول ڪرڻ، حقيقت ۽ شريعت جي خلاف آهي. سندن چوڻ آهي ته اسلامي تعليمات، جن جي بنياد تي اسان جو دين ٻڌل آهي، ۽ جنهن کي عام فهم زبان ۾ ”شريعت“ ٿو چيو وڃي، تنهن موجب خالق ۽ مخلوق جا ”ٻه وجود“ آهن هڪ ”وجود امڪاني“ ۽ ٻيو ”وجود وجوبي.“ جنهن به سالڪ کي، جيڪڏهن ڪنهن مقام يا منزل تي ڪي

روحاني وارداتون پيش اچن ٿيون، ته انهن کي هرو پرو ''لاَ موَجُود اِلاّ الله '' جو رنگ ڏيڻ، سندس سمجهه جو قصور آهي : مقامي کيفيات ۾ محو ٿي وڃڻ ڪري، سالڪ جي نگاهه، ''خالق'' ۽ ''مخلوق'' جو جدا جدا وجود قبول ڪرڻ جي بدران، هڪ ئي حقيقت ٿي قبول ڪري، جو سندس نگاهه جو ڏوکو آهي . انهيءَ ٽولي جي مٿي چاڻايل نظريي جو اصطلاحي نالو ''وحدة الشهود'' آهي.

اسين هاڻي انهن ٻنهي نظرين جو گڏوگڏ ذڪر ڪنداسين تان ته پڙهندڙ چڱيءَ طرح تناوت سمجهي سگهي.

(3)

حقيقة الوجود

محي الدين ابن عربي، چهين صدي هجريءَ (560-628) جو هڪ نهايت مشهور مفڪر بزرگ هو، جنهن کي سندس صوفيانه فلسفي جي ڪري '' شيخ اڪبر'' سڏيندا هئا. اسپين ۾ پيدا ٿيو هو؛ ابتدائي تعليم وطن ۾ پوري ڪري، سير ۽ سياحت جي خيال سان ٻاهر نڪتو . مصر ۽ شام ۾ ڪجهه وقت گذارڻ بعد، دمشق ۾ اچي مستقل طرح سڪونت اختيار ڪيائين : اتي ئي گذاري ويو ۽ اتي ئي سندس مزار آهي. شيخ اڪبر ئي اهو پهريون بزرگ آهي، جنهن تصوف جي هن خاص نظريي کي پنهنجو علمي موضوع بڻائي ڪتاب لکيا، جن ۾ دليلن سان ثابت ڪيائين ته ڪائنات ۽ ڪائنات جي خالق جو ''وجود'' هڪ ئي آهي ـــ ٻه نه آهن . شيخ اڪبر کان اڳ، ڪنهن به صوفي بزرگ ''وحدة الوجود'' جي نظريي کي نه ته موضوع بحث نڻايو هو، ۽ نه ڪڏهن انهيءَ جي تائيد يا تردید ۾ لبڪشائي ڪئي هئي. البت، بعضي بزرگن جا ڪي ڪ ي اهڙا جملا مشهور هئا، جن مان ''وحدة الوجود'' جو خيال پيدا ٿيندو هو؛ سپر اهي فقط نعرن جي صورت ۾ هئا . مثلاً، حضرت بايزيد بسطامي رح جو قول ''سُبحَانِي مَا اَعظَمَ شَانِي''، يا منصور حلاج جي دعويٰ ''اَنَاالحق'': ليڪن اهي چڙا نعرائي هئا، جن تي ڪنهن خاص طريقي جو بنياد قائم نٿي ٿي سگهيو . ڪنهن به مسلڪ جو بنياد جيڪڏهن مذهبي يا عقلي دليلن تي نٿو بهاريو وڃي، ته انسانيت جي لاءِ ان ۾ ڪا به ڪشش نٿي پيدا ٿي سگهي. پاءُ اٿي

کائڻ وارو انسان، سطحيات جي ڪري هرو پرو ڪين پوندو آهي . شيخ اڪبر جڏهن ‘پنهنجي ڪشف کي حقيقت جو رنگ’ ڏيئي، هڪ خاص نظريو پيش ڪيو ۽ ان جي تائيد ۾ ڪتاب لکيا ۽ باقاعدي ‘‘وحدة الوجود’’ جي تبليغ شروع ڪئي، ته علمائن جو هڪ ٽولو زبان سان سندس عقيدن جي تردید ڪرڻ لڳو . البته تحريري تردید گهڻو دير سان شروع ٿي، ۽ جيئن شيخ اڪبر جي نظريي، پنهنجي جدت جي زور تي، اسلامي دنيا ۾ نهايت جلد ۽ نهايت گهڻي قبوليت حاصل ڪئي، تيئن سندس مخالفن به نهايت جلد هوا جو رخ ڦيري وڌو . حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي رح، ‘‘وحدة الوجود’’ جي مقابلي ۾ ‘‘وحدت الشهود’’ جو نظريو پيش ڪيو . ياد رهي ته ‘‘وحدة الوجود’’ جو نظريو چهين صديءَ ۾ پيش ڪيو ويو هو، ۽ پنج سو سال ڪو به پيو نظريو ميدان ۾ ڪين آيو هو : حضرت مجدد الف ثانيءَ، يارهين صدي هجريءَ ۾ پنهنجو نظريو دنيا جي اڳيان آندو. شيخ احمد: ‘پنهنجي ڪشفي حالات کي پنهنجي وحدة الشهود جي نظريي جو بنياد ’ بڻايو، ۽ پنهنجين ڪيترين ئي تصنيفن ۾، ان تي بحث ڪيو آهي ـــ ۽ نهايت مدلل بحث ڪيو آهي. جڏهن شيخ احمد پنهنجو نظريو دنيا جي اڳيان پيش ڪيو، ته اسلامي دنيا جي مفڪرن ۾، هڪ صديءَ تائين، ٻنهي نظرين جي وچ ۾ گهڻي ديکان ديکي هلي . ٻنهي ڌرين جو وڪيلن ۾، پنهنجي پنهنجي نظرين جي وڪالت ڪندي، نهايت گرما گرم بحث مباحثا ٿيندا رهيا ـــ زباني به ۽ تحريري به؛ پر اهي مباحثا ڪنهن به فيصلي تي پهچڻ کان سواءِ خمت ٿي ويا. انگريزن جي هندوستان فتح ڪرڻ کان پوءِ ته تصوف جو رهيو ڪهيو مشغلو به باقي فقط پيري مريديءَ جي رسمي صورت اختيار ڪري، فقط ڪن صوفي بزرگن جي درگاهن جي زينت وڌي بڻيو. انهن ٻنهي نظرين جي دليلن ۾ جا علميت ۽ تخيل جي اونهائي هئي، جا تصوف جي فلسفي جي جان هئي، سا ڪن پراڻن ڪتابن کان وسواءِ، عملي دنيا کان هونئن ڀنهه موڪلائي وئي . نتيجو هي نڪتو ته سنڌ جي ٻن تابناڪ ستارن، يعني سيد عبداللطيف رح ۽ ميان عبدالوهاب رح، کي سمجهڻ وارو به ڪو نه رهيو . اسان جا اهي ٻئي بزرگ صوفي، شيخ اڪبر جي اسڪول سان تعلق ڏا رکن، ۽ پنهنجي خيالات ۽ راين ۾ شيخ اڪبر جا همرنگ آهن ـــ يعني خالق ۽ مخلوق ۾ عينيت جا قائل آهن . مثلاً، سندن چوڻ آهي ته ‘‘سسئي’’ ۽ ‘‘پنهون’’ ٻئي ‘‘وجود واحد’’ جو ظهور آهن، ۽ ظاهر ٻين نگاهن کي به ڏا ڏيکارجن، ليڪن حقيقت ٻين نگاهن کي هڪ البته اسان جي ٻنهي سنڌي بزرگن جي اظهار ۾ فرق

آهي: عبداللطيف رح پنهنجي لطيف پيرايي ۾ ڏو اظاهر ڪري، ۽ سرمست جي لفظن مان مستي پئي ڏي ٽپڪي ـــ مثلاً ساڳي ڳالهه پٽائي رح هن ريت ڏو فرمائي:

ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاڻو؟"
منجهين ڪاڪ ڪوري، منجهين لڀاڻو؛
".راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪي

ـــ ۽ فقير سچيڏنو رحه وري هينئن ڏو فرمائي:

تو، مان ُ وجي وچ مَون، ته ڪي پاڻ پسن؟ُ "
عابد ُ ۽ ُمعبود ُ سو هڪ نگاهه ڏسن؛ُ
پاڻ پڙهي، پاڻ ٻهي، پاڻ ئي سجدو ڪن؛
پاڻ مڙيوئي پاڻ ڏيو، نوڙي نوڙت ڪن؛
ڪافر مومن هڪ ڏيو، پلا ڏا پاڻ؛ُ
سو ئي فلڪ، سو ئي ملڪ، سو ئي آدمن؛
سو ئي احد، سو ئي اَحمد، سو ئي هڪ سمجهن؛
نانءَ، ڪَنن اکين جا، وچوڻ ئي وَجَن؛
عين عليم ڪليم ڏيو، قادر قدرتن؛
هي مڙيو ئي وصفان، اندر آدمن،
هِت آدم مَون الله ڏيو، ٻيا سڀ شَڪَ پَجَن؛
".اصل الله مَون آدمي، ثابت صورتن

شيخ اڪبر پنهنجي "وحدة الوجود" جي خيال تي ايڏو ته مضبوطيءَ سان قائم رهيو، جو دنيا جو ٻيو ڪو به نظريو وڻس انهيءَ لائق به نه هو جو ان تي غور ڪيو وڃي. سندس چوڻ هو ته اسلامي عقيدن جو اولين بنياد آهي "توحيد"، ۽ جيڪڏهن "وجود" جي مرتبي ۾ دوئيءَ کي داخل ڪيو ويو - يعني ته به وجود قبول ڪيا ويا ـــ ته "توحيد" جون پاڙون کپجي ويندیون. ساري ڪائنات "وجود واحد" مان پيدا ڏي ۽ "وجود واحد" پيدا ڪئي: ڇو ته هڪ "مخفي خزاني" کي عالم آشڪار ڪرڻو هو، تنهنڪري "ذات" پاڻ کي "صفات" ۾ ظاهر ڪرڻ قبول فرمايو، ۽ هيءَ ساري ڪائنات ٺهي. هن ساريءَ ڪائنات ۾ جو ڪجهه به موجود آهي، انهيءَ هڪ ئي آفتاب جا شعاع آهن، انهيءَ هڪ ئي نور جون تجليون آهن. "موجود"، حقيقت ۾ اها هڪ ئي "ذات" آهي، ۽ باقي موجودات انهيءَ "ذات" ڪان

ڪو جدا وجود نڀيون رکن : جيئن لَهريون، حُباب، موجون ۽ ڪُن، سمنڊ جي پاڻيءَ کان جدا ڪا به حقيقت نڀا رکن ـــ

"آءُ اصل پاڻي آهيان، ڪيئن ڀا سمنڊ سڏن؛
نانءَ مٿم ناحق جا رکيا الاجي ڪَن؟" (سچل)

_ تيئن، هي سم مخلوق، انهيءَ "وجود واحد" جي مختلف صفات جا مختلف روپ ۽ مظاهرا آهن. مخلوق جو "اصل" اهائي هڪ ذات آهي، جنهن مان سڀئي نڪتا به آهن ۽ واپس به انهيءَ ۾ ويندا _ جيئن هن فرمودي مان ظاهر آهي ته "ڪُل شيءِ برجعُ اليٰ آصلہٖ وَ اِلہ ترجعون".

انسان ۽ خدا جي وچ ۾ جا نسبت آهي، تنهن کي شيخ اڪبر "عينيت" يا "قرب" ڀو قبولي، ۽ چوي ڀو ته انهيءَ "قرب" جي معنيٰ، نَحنُ اَقربُ اِليہ مِن حبل الو رَيدِ" (اسان شهه _ رگ کان به انهن کي وڌيڪ ويجها آهيون) جي آيت ڪريمہ ۾ خداوند خود سمجهائي آهي . شيخ اڪبر جو چوڻ هو ته صفات کي چڏي، انساني ظاهري صورت بابت به حديث شريف آهي ته "الله خلق آدَمَ عليٰ صُو رتہٖ" _ يعني ته بيشڪ آدم کي الله تعاليٰ پنهنجي صورت کي پيدا ڪيو؛ انهيءَ جي معنيٰ ته انسان ۾ خدا جي صورت ۽ فطرت جون صفتون موجود آهن _ "فطرت الله التنِي فطر الناس عليها" (قرآن). حقيقت ۾ اِهي خدا جون صفتون ئي آهن، جي انسان جو روپ وڻي ظاهر هيون؛ تنهنجي ته چيو ويو ته "من عرف نفسہ فَقَد عرف رَبَہ" _ "جنهن پنهنجي نفس (حقيقت) کي سمجهيو، بيشڪ انهيءَ پنهنجي رب کي سجاتو".

شيخ اڪبر، اجا به اڳپرو هلي چوي ڀو ته خداوند ڪريم جو راز به فقط انهيءَ هستيءَ کي چئي سگهيو، جا "وجود اڪبر" سان تعلق رکندي هوندي _ جي نه ته "الاانسانُ سري و اَنَا سِرُہ" (انساني منهنجو راز آهي، مان انسان جو راز آهيان) کي ڪا م عنيَ ئي ڪانهي. اهڙيءَ طرح، شيخ اڪبر ويو آهي سَندون ڏيندو ۽ پنهنجي نظريي کي مضبوط ٻڌائيندو . ميان عبدالوهاب رحه به جاءِ جاءِ تي اهوئي آواز آلاپيندو ڀو رهي: مثلا،

"پنهنجي ذات، لکائي، ڪيئن پي ذات سڏايان؛
اعليٰ اعظم شان جي، نوبت نينهن وَ جايان؛
منصوريءَ جي موج ۾، ڀو اَنا الحَق، الايان."
پيءَ جاءِ تي چوي ڀو،

“ڪاڻي سچل ڪاڻي ذات سچل جي، ساروئي سر آهي؛
موج درياءَ حباب ڪڙا ڪريا، ڇاڻج ڪو شڪ ناهي؛
عاشق، عشق، معشوق اهوئي، ڏاڻءُ ڏايو ڪيو ڏاهي؛
پنهنجي پاڻ پسائڻ ڪارڻ، ناهه لکين ٿو ناهي؛
اُهو اندر اُهو باهر: ڪيئن چوان ايئن ناهي؟”
“ذات صفات هڪائي آهي، پول نه وجهين پولي؛
سوئي اندر سوئي باهر، سوئي تنهنجي چولي؛
تو ۾، مون ۾، هن ۾، هر جا، سچ “سچو” ٿو بولي.”
“طبل وڄائج وحدت وارو، غازي ڇڏ گدائي؛
هيڏي هوڏي تون ئي آهين، ڪانهي جاءِ جدائي؛
اَلانسان سري و انا سره، آهين خاص خدائي؛
بَرَ بَحَرَ تي تنهنجو سچا، آهي سر سدائي.”
“باس، اهائي بات اسان جي، غازي غير نه آهن؛
خام يال هي بانهپ وارو “لا” ۾ لاشڪ لاهين؛
مَنن عَرَفَ نَفَسہ فَقَد عَرَف ربہ، ناهه ڪهڙا بيا ناهن،
سچا، سچ اشارو اهو، ڪاڏي ڪوڙا ڪاهين؟”
“صورت سپ انسان جي، اڻي عشق اصل؛
خَلَقَ آدَمَ عَلیٰ صُورتہ، جزو جهڙو ڪل؛
الاناسان سري و انا سره”، سچ “سچا” پيو شل،
پول نه پي تون پل، هتِي هُتي هڪ اَڻي.۾
“ڪنهن جي ڪارڻ ٿي ڪرين، هاري ڙي هاءِ هاءِ؛
سوئي ڏسندڙ، سوئي سڏندڙ، پاڻهين ڳالهيون ڳاءِ؛
سارا ڏونگر ڏورئين، ڪا ڪِي ڙي ڪنهن لاءِ؛
“سچو” وڏو ساهه کون، ڪير چوي تا تانءَ؟”
“جيڪي هُيَڙس جيڏيون، ساڳي آءُ ٿيو؛
پاڻهي پُنهل آهيان، جاڻو ڪونه پيو،
ظاهر منهنجي ذات کي، ڪيچن اڻ ڪيو،
“سچو” سارو سچ ٿيو، وچون ورهه ويو.”

مطلب ته سرمست جو سارو شعر ”لا موجود الا الله“ سان معمور آهي .
جيڪڏهن شيخ اڪبر ٿو چوي ته ”خلق ۽ خالق جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي
ته فقط اعتباري فرق آهي، حقيقت ۾ جو خالق آهي ته اهوئي خلق آهي ۽ جو خلق آهي
سوئي خالق آهي“، ته ميان عبدالوهاب به هيئن ٿو چوي؛

”پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهه سجاڻ؛
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله جاڻ؛
تون ئي ٻڌندڙ، تون ئي ڏسندڙ، شاهد آ قرآن
ناهي شڪ گمان، ”سچو“ سائين هيڪڙو.“

(4)
وحدت الشهود

جيئن مٿي چئي آيا آهيون ته شيخ اڪبر جي نظريي، ”وحدة الوجود“، جي
مقابلي ۾، پنجن صدين تائين ٻيو ڪوبه نظريو ڪنهن به سندس مخالف دنيا جي اڳيان
ڪيئن پيش ڪيو _ باوجود انهيءَ جي جو ڪيترا علماءَ ”وحدة الوجود“ جا قائل
ڪين ها؛ انهن مان ڪو توحيد وجوديءَ جي خلاف تردیدي بيان به ڏنا، ۽ ڪن وري
ڪتاب لکي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ”وحدة الوجود“ جو نظريو
اسلامي اصولن جي خلاف آهي _ پر مقابل نظريو، مجدد الف ثاني حضرت شيخ
احمد رحه سرهنديءَ ئي، يارهين صديءَ ۾ دنيا جي اڳيان رکيو.

شيخ احمد، حضرت عمر رضه جي اولاد مان هو . ۹۷۱هه ۾ بقام ”سرهند“ ۾
پيدا ٿيو، جنهن شهر جو پهريون نالو ”سهرند“ آهي. شيخ احمد، ابتدائي تعليم پنهنجي
گهر ۾ ورتي . قرآن شريف جو حافظ هو؛ بعد ۾ دهليءَ ۽ آگري ۾ وڃي پڙهيو .
شهنشاهه جهانگير پنهنجي وڏي وزير آصف جاه جي چوڻ تي قيد ڪرائي گواليار
روانو ڪري ڇڏيس، جتي ٻه سال نظربند هو . بعد ۾، بادشاهه سان ڪن شرطن تي
ناهه ٿيس ۽ قيد مان به آزاد ٿيو، پر ڇهن سالن بعد وفات ڪيائين . اسان هيٺ انهن
ٻنهي نظرين جي اصولي اختلافن جو آمهون سامهون بيان ڪريون ٿا، جيئن
پڙهندڙن کي صاف معلوم ٿئي ته شيخ اڪبر جو نظريو، شيخ احمد جي نظريي کان
ڪيترو پري ٿو هليو وڃي.

www.freepdfpost.blogspot.com

”وحَدة الوجود“

(1) ڪائنات جي مخلوق، عين صفات باري آهي، ۽ صفات نالو آهي ذات باريءَ جي تجليات جو؛ تنهنڪي خالق ۽ مخلوق، بنيادي عتبار سان هڪ شيءِ آهن ۽ اول آخر هڪ ٿي ويندیون.

(2) ”عدم“ ڪي ”وجود“ جو لباس پهرائي نٿو سگهجي، ۽ جاشي ”وجود“ وٹيو بيٹي آهي، انهيءَ جو ”معدوم“ ٹيڻ حقيقت جو بدلجي وڃڻ ٹيندو، تنهنڪري غير ممڪن آهي؛ ڇو ته حقيقت بدلجي نٹي سگهي . الله جل شانہ ڪان سواءِ سموري مخلوق ڪي ”ممڪن“ جو نالو ڈنو ويو آهي : ”ممڪن“ ڪڈهن به ”عدم“ مان وجود ۾ نٹو اچي سگهي؛ ڇو ته ”عدم“ جو ضد آهي ”وجود“، تنهنڪري ڪڈهن به معدوم نٹو ٿي
سگهي.

(3) انسان جو جود، چاڪاڻ ته اعتباري وجود آهي، تنهنڪري انسان ڪان جا به عمل جي گهر ڪئي وئي آهي، سا به اعتباري هجڻ گهرجي ۽ نه حقيقي.

(4) الله جَل شانہ، ہ ڪ مخفي خزانو هو، جنهن پاڻ ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ اهي سمورا روپ، حدون ۽ حالات قبول ڪيا، جن سان پوري ڪائنات پريل آهي.

(5) حقيقي توحيد ته فقط اها آهي جو وجود اڪبر ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه وجود قبول نه

”وحدة الشهود“

(1) خالق ۽ مخلوق ۾ جدا حقيقتون آهن، جي نه اڳ ڪڈهن هڪ هئا ۽ نه آئندي ڪڈهن هنن جي هڪ ٹيڻ جو امڪان آهي.

(2) ”ممڪنات ڪي الله تعاليٰ ”عدم“ مان، پنهنجي قدرت جي زور تي وجود ۾ آندو، ۽ وري جڈهن به مرضي پويس ته هر ”ممڪن“ ڪي ”عدم“ جي اونداهيءِ ۾ فنا ڪري سگهي ٿو . ذات باريءَ ”ممڪن ڪي ”پاڻ“ ماان وجود ۾ ڪين آندو، بلڪ سندس ”صفات“ جڈهن ”عدم“ تي پنهنجيون تجليون وڌيون ته ”صفات“ جي تجلين ۽ ”عدم“ جي گڏجڻ سان ”ممڪن“ وجود ۾ آيو.

(3) انساني وجود، خالق اڪبر جي وجود ڪان هڪ جدا شيءِ آهي ۽ الله جي قدرت جو مظاهرو آهي، تنهنڪري شرعي احڪامن جي عملي تقاضا، حقيقي بنيادن تي هوندي ۽ نه اعتباري.

(4) اللهُ غُنَي عَنِ العالمين يعني الله جل شانہ ڪنهن به لحاظ سان (چاهي اهو پنهنجي ظهور جو لحظ هجي) مخلوق جو محتاج نه آهي، بلڪه مخلوق هن جو محتاج آهي؛ ڇو ته صمديت حقيقي فقط ڪيس حاصل آهي.

(5) حقيقي توحيد هيءَ آهي ذات ۽ صفات باريءَ ڪي ڪنهن به شريڪ ڪان پاڪ سمجهيو وڃي، ۽ ان ڪي مخلوق ڪان قطعاً

ڪيو وڃي_ ڇا عرش ٿي، ڇا فرش تي.

(6) اِهو ”وحدة الوجود“ جوئي اثر هو، جو ”ممڪن“ (بندو) ”امڪان“ جون حدون لتاڙي، قاب قوسين تائين ”واجب“ جي ويجهو وڃي پهتو؛ جي نه ته جيئن ”عدم“ ”وجود“ جي نور کان محروم آهي، تيئن ”ممڪن“ به قاب قوسين تائين ڪين پهچي سگهي ها. پر اها حقيقت آهي ته ائين ٿيو؛ ۽ بستيءَ کان بلنديءَ تائين چڙهائي جنهن کي ”معراج“ ٿو چيو وڃي _ آئندي به ”ممڪن“ کي ميسر ٿي سگهي ٿي؛ ”وجود“ ۽ ”ممڪن“ جي وچ ۾ جي حجابات ” آهن، سي دور ٿي سگهن ٿا، دوئي منجي سگهي ٿي ۽ حقيقت جو نور انسان جي اندر پيدا ٿي سگهي ٿو_ ايتريقدر جو انسان ”اِني اَنَا الله“ جي دعويٰ ڪري.

(7) الله تعالي، آسمان ۽ زمين جو نور آهي. انهيءَ آفتاب وجود جي نور، پنهنجي شعاع سان، ڪائنات کي وجود جو هڪ رنگين گلدستو بڻايو. جيڪڏهن سندس ضيا مرڪز ڏي موت کائي، ته هن رنگ برنگي دنيا جو ڪو نشان به نه رهي . تنهنڪري، جن هستين جون نگاون ظاهر ۽ باطن کا ڏسي هڪ علحدو وجود قبول ڪيو وڃي.

(6) اهو غلط آهي ته ”ممڪن“ ”امڪان“ جون حدون لتاڙي، ”وجود“ تائين وڃي پهتو، جنهن کي معراج ٿو چئجي؛ ”ممڪن“، ”امڪان“ جي حدن اندر ئي ره يو؛ اهو جيڪي ڪجهه ٿيو، سو ”امڪان“ جو معراج نه هو، بلڪه ”عبديت“ جو ڪمال هو؛ معراج ٿي وڃڻ وارو ”عينيت“ جي حجت جي آسري تي نه، بلڪه ”عبديت“ جي وسيلي اوج تي پهتو، ۽ معراج تي پهچائڻ واري به، ڪنهن رشتي يا ناتي جي اثرن کان پاڪ رهي، پنهنجي ڪامل عبد کي ”اين و آن “ جو سير ڪرايو؛ ۽ اتي به ”عبد“ ۽ ”معبود“ جو امتياز قائم رکيو_ ”سُبحَان الذِي آسريٰ بِعَبده ليلاً مِنَ الَمسِجدِ الحرام_ الي المجد الاقصي“ (پاڪ آهي اها ذات جا پنهنجي بندي کي راتون رات مسجد الحرام کان مسجد الاقصيٰ تائين وئي وئي).

(7) ”ذات واجب“ يقينن آسمان ۽ امي ن ته نور نه آهن ! اهي گهٽي ۾ گهٽو ته ظلمت آهن، چو ته جي نور هجن ها ته ”نور“ جو عڪس ”نور“ تي نه پوندو آهي؛ روشني روشنيءِ کي ڪن قبول ڪندي آهي؛ ڏينهن جو ڪوبه ڏيئو ڪين ٻاريندو : تنهنڪري نور جي لطافت کي قبول ڪرڻ لاءِ ظلمن جي ڪثافت گهرجي.

www.freepdfpost.blogspot.com

ٿيون سگهن، ۽ جي ”وجود“ جي زارن کان واقف آهن، تن کي تصوير جي ٻنهي طرفن جي جهاڻ آهي؛ اهي آئينو به ڏسن ٿا ۽ جنهن جو پرتو آئيني ۾ آهي تنهن کي به ڏسن ٿا، ۽ سمجهن ٿا ته حقيقت هڪ ئي آهي. حضرت علي رضه و فرمودو هو ته ”لَو کشف الغطاءُ مَا ازددت يقينن “_ يعني ته جيوڏهن ڪائنات جي ظاهري نيرنگين جا ح جابات پري ٿي وڃن، ته به اسرار جي راز دارن جي يقين ۽ عرفان ۾ ڪوئي فرق نظر نه ايندو . معرفت ڪڏهن به خارجي وسيلن جي مدد سان هٿ نه ايندي آهي، بلڪ ”صفات“ هميشه ”ذات“ تائين پهچڻ ۾ رهبري ڪندي ٿي رٿي . ”ظاهر“ ئي ”باطن“ جو ڏس ڏيئي سگهي ٿو _ جيئن چيو ويو ته ”عَرَفَتُ“ ربِي بِرَبِي“ (رب کي،) رب جي وسيلي سان ڄاتم). هڪ درخت جو پيدا ٿو ٿئي ۽ وڌي ٿو، جنهن مان ٽاريون ٿيون نڪرن، گل ٿا پيدا ٿين، ۽ بارآور ٿو ٿئي، اهو درخت ”هُوَ عينها“ وانگر پنهنجي به کان ڪو جدا وجود ٿي رکي ڇا؟ ۽ جيئن اهو درخت، آخر سميٽجي، پنهنجي صل (بج) جي صورت ٿو وڃي اختيار ڪري، تيئن ”انسان“ به آخر ”ذات واحد“ ۾ ٿو گم ٿي وڃي: ”وَاِليہ تُرجع الاُمُورُ“ جو جيڪڏهن ”ذات“ پنهنجو ”نور“ واپس وٺي ته گهٽي ۾ گهٽو تمام ”ممڪنات“ ”ظلمت“ ۾ وري گم ٿي ويندا، پر اهي ”حقيقت واحده“ ” ڇو وڃي ملن؟

”ممڪن“ ڪڏهن به پنهنجي ”امڪان“ جي حدن کان ٻاهر نٿو نڪري سگهي. ”عرفان ربي“ ڪوبه ”ممڪن“ پنهنجي ڪوشش سان حاصل نٿو ڪري سگهي، سواءِ انهيءَ حالت جي جو خداوند ڪ ريم خود ان کي پنهنجي معرفت عطا فرمائي _ ۽ اهوئي صحيح مطلب آهي ”عَرَفتُ رَبي بِرَبي“ جو. حضرت علي رضه جن جي قول جو اهو مطلب نه آهي جو ”وحدة الوجود “ وارن ورتو آهي . ”لوڪشف... الخ“ جو مطلب آهي ته عينيت جي حجابن دور ٿيڻ ڪانپوءِ به يقين ۾ ڪا واڌ ڪانه ٿي سگهندي.

اهوئي مطلب آهي.

(8) ”نحنُ اَقربُ اِليہ مِن حبل الور يد.“ جا (8) ”قُرب“ جو مفهوم ”ممڪن“ ۽

هستي، شهرگ جي ويجهو آهي، سا ئي
انسان جي هستيءَ جو مرڪز به آحي .
اهائي قوت، انسان جي رگ ۾ سمايل آ هي.
تنهنڪري جيئجن جيئن انسان جور وح،
عارضي ڪثافت کان پاڪ ٿيندو ٿو وڃي،
تيئن تيئن ظاهري حجابات به هٽندا ٿا وڃن .
تجليات، چوطرف ٿيون نظر اچن؛ ''اين و
آن'' جو فرق نٿو رهي؛ ''دوئي'' ختم ٿي
وڃي: انهيءَ منزل تي عارف دعويٰ ٿو
ڪري ته ''سُبحانِي ما عظم شاني.''

''ممڪن'' جي وچ ۾ قبول ڪري ٿو
سگهجي، ليڪن ''واجب'' ۽ ''ممڪن'' جي
وچ ۾ ''قرب'' جو صحيح اندازو مشڪل
آهي.

''وجود'' ۽ ''شهود'' جا ٻئي نظريا مٿي ڏنا ويا. انهي نظرين جي اختلاف اسلامي دنيا ۾ ايڏي ته شدت اختيار ڪئي، جو انهن جي اختلاف سمجهڻ ڪانسواءِ، تصوف جو سمجهڻ نهايت مشڪل ٿي پيو . تنهن ڪانسواءِ، جيڪڏهن انهن نظرين جي موافقت ۽ مخالفت ۾ فقط علمي دليل ڏنا وڃن ها، ته شايد معاملو ايڏيءَ حد تائين نه وڃي ها . پر، چاڪاڻ ته ٻنهي ڏرين پنهنجي حق تي هجڻ جي دعويٰ ''ڪشف ۽ شهود'' تي رکي ۽ قرآن ڪريم جي تاويلن ڪرڻ به هڪٻئي کان پري هليا ويا، ته معاملو نازڪ صورت اختيار ڪري ويو: تان جو هڪڙا ٻين کي ''مُلحِد'' ۽ ''زنديق چوڻ لڳا ۽ ٻيا وري کين ڪو ربين، مدعي، ويره سڏڻ لڳا.

ڪن بزرگن، جي پاڻ ظاهري علم ۽ باطني ڪشف سان آراسته هئا، انهن ٻنهي ڏرين جي نظرين ۾ تطبيق ۽ هم آهنگيءَ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ڪجهه هڪڙن کي سوري، ڪجهه ٻين کي پرپرو ڪري، هڪ درمياني واٽ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب به ٿيا_ خصوصن، شاهه ولي الله صاحب دهلوي. ليڪن، اها درمياني واٽ فقط لفظن جي ايرڦير سان پيدا ڪئي وئي هئي، جنهن اعتراض ڪرڻ وارن کي ڪجهه وقت لاءِ خاموش ضرور ڪيو، پَرَ چاڪاڻ ته بنيادي اختلاف اڃا قائم هئا، تنهنڪري قلبي سڪون کنهن کي به نصيب نه ٿيو.

هن نهايت اهم مسئلي کي ''ڪيف ۽ وجد'' وارن جي نگاهه سان ڏسڻ جو موقعو اسان کي نصيب ڪين ٿيو آهي . البت، پنهنجي ناقص عقلي دليلن سان ۽ پنهنجي صوفي بزرگن جي قولن مان جيڪي ڪجهه سمجهه ۾ آيو آهي . سو ناظرين

جي اڳيان حاضر آهي؛ چو ته جيستائين ”علم“ پنهنجا سبب ڏيندو ايندو، اختلاف پيدا ٿيندا رهندا؛ ۽ جيستائين ”اختلاف“ موجود هوندا، تيستائين ”حقيقت“ تي حجاب باقي رهندا.

(5)

پنهي طرفن جي حجتن جي مطالعي، بعد، جا تصوير اسان جي ذهن ۾ اچي بيٺي آهي، سا به اسين هيٺ ڏيون ٿا.

جيڪڏهن انسان کي فقط هڪ عنصر يعني ”جسم“ ڏيئي پيدا ڪيو وڃي ها، ته کيس ڪو وجود ئي نه هجي ها؛ چو ته ”جسم“ پيدا ٿيل آهي ”عدم محض“ مان ۽ ”عدم محض“ کي ”وجود“ نٿو ٿي سگهي؛ ۽ جيڪڏهن انسان کي پيدا ڪيو وڃي ها ٻئي عنصر يعني ”روح“ مان، ته کيس ”ظهور“ نصيب نه ٿئي ها؛ چو ته ”روح“ پيدائش آهي ”نور“ جي، ۽ ”نور“ جو ”ظهور“ ممڪن نه آهي_ جيئن الله تعاليَ جو ”ظهور“ ”امڪان“ جي حد اندر نٿو اچي سگهي . تنهنڪري، انساني وجود ۾ جدا عنصرن جي دلچسپ آميزش جو نتيجو آهي؛ جسماني ۽ روحاني _ سندس جسماني حصي کي ”مادي“، ”ممڪن“ ۽ ”فاني“ ٿو چيو وڃي. شڪل، صورت ۽ ساخت ۾ انسان ٻئي مخلوق کان نالو آهي؛ ليڪن انسان، ۾ سڀني پنهنجي ضرورتن جي خيال سان، باقي جاندار مخلوق کان نيارو نه آهي : مثلاً ڪائڻ، پيئڻ يا ۾ ضروري حاجتن ۾ يا پنهنجي جنسي خواهشات ۾، ٻئي مخلوق کان مٿي نه آهي. زماني جا حدثا، گرمي سردي، وغيره به جهڙا ۾ تي اثر انداز آهن، تهڙا انسان تي به اثر ٿا رکن . سندس انهيءَ حصي جي ڪنهن به صورت جي ڪابه نسبت ”ذات“ سان نٿي ٿي سگهي، ۽ انهيءَ صورت ۾ ڪيس ذات واحد جي ”صفات“ جو آئينو به ڪين ٿو ڇئي سگهجي.

انساني وجود جو ٻيو مگر وڏيڪ اهميت رکندڙ جزو، جنهن ڪيس ”اشرَف المخلوقات“ جو لقب ڏياريو ۽ باقي مخلوق کان ممتاز بڻايو، ۽ جنهن جو ”ذات احد“ سان سڌو واسطو آهي، سو آهي ”روح“. اهو انساني روح ئي آهي، جو ”ذات الاهيءَ“ سان تعلق ۾ رکي ٿو، ”صفات الاهيءَ“ جو پرتو گيِ به آهي. چنانچه قرآن مجيد ۾، الله تبارڪ و تعاليَ ڪيترين ئي جاين تي، انساني ”روح“ بابت هڪ خاص انداز ۾ ذڪر فرمايو آهي: مثلاً ارشاد آهي ته ”من روحي“ يا ”من روحنا“. تنهن ڪان سواءِ، الاهي ارشادات، ”روح“ ۽ ”جسم“ جي وچ ۾ ايڏو ته فرق پيدا ڪري وڏو

آهي، جو معرفت جي طالب کي، پنهنجي طريقت جي واٽ ونڻ ۾، کابه دشواري نٿي ڏيکارجي. الله جل شانہ، هن ساريءَ ڪائنات کي ٻن حصن ۾ ٿو ورهائي : اَلالہ الخلقُ وَ الاَمرُ ". يعني ته "عالم خلق" ۽ "عالم امر" جو جدا ذڪر ٿو ٿئي ۽ "عالم خلق" (جسم) کي "عالم امر" (روح) جي حڪم هيٺ ٿو رکيو وڃي؛ بلڪه "جسم" جي ايجاد ئي انهيءَ مطلب سان ڪئي وئي ته "روح" جي اطاعت ۾ رهي_ يعني ته جسم "مڪان" آهي ته روح "مَڪين" آهي. "روح" جو تعلق خداوند ڪريم جي "ذات ۽ صفات" سان ايترو گهٽو ٿو ڏيکاريو وڃي ۽ ايترو ويجهو ٿو سمجهايو وڃي، جو "روح" جي حقيقت به خداوند ڪريم جي حقي قت وانگر، انساني عقل، فهم ۽ ادارڪ کان مٿي ٿي وڃي ٿي، ۽ فرمان ٿو ٿئي ته "قل، الرُوح مِن اَمرِ ربي وَمَا او تيتم من العلم الا قليلاً "، جنهن مان ظاهر آهي ته انساني عقل، "روح" جي صحيح علم هٿ ڪرڻ جي وسعت نٿو ساري . بعد ازان، حضرت صديق اڪب رضه جو مشهور عارفانه قو ل آهي ته عجز جو اقرار ئي خداوند ڪريم جي صحيح معرفت آهي: "پاڪ آهي اها ذات جنهن مخلوق لاءِ پاڻ تائين پهچڻ جي، سوا عجز جي، ٻي ڪا راهه ئي نه پيدا ڪئي ." مٿئين بحث کي ذهن نشين ڪرڻ کان پوءِ، "و في انفسكم اَفَلا تبصرون " ۽ "من عرف نفسہ فقد عَرَفَ رَبَہ " جو پورو پور و مفهوم سمجهڻ مشڪل نه آهي : ٻنهي ۾ "معرفت" جو مقام انساني "روح" کي قبول ڪيو ويو آهي، جنهن سان انساني جسام کي شامل نه ڪيو ويو آهي . حضرت آدم عليہ السلام کي، خداوند ڪريم پنهنجو خليفو قبول فرمائي، ڪيس هڪ نهايت بلند منصب ڏنو، ۽ فرشتن ملائڪن بلڪ ساريءَ ڪائنات کي حڪم ڪيو ته آدم کي سجدو ڪن. ظاهر آهي ته انهيءَ "سجوديت" ۾ آدم جي جسم جي "جسم" لاءِ به هو يا فقط آدم جي "روح" لاءِ هو؟ انهيءَ باري ۾ جيڪڏهن قرآن مجيد خود ڪا وضاحت نه ڪري ها ته البت اختلاف جي گنجائش پيدا ٿي سگهي ها، پر جن واضحلفظن ۾ قرآن مجيد انهيءَ راز تان پردو هٽايو آهي، سي انسانيت جي رهبريءَ لاءِ ڪافي آهن : جيئن ته "نَفختُ فيہ مِن رُوحي فقعُوالہ سٰجِدِينَ" _ يعني الله جل شانہ تمام مخلوقات کي خطاب ڪندي فرمايو ته، جڏهن دم جي "جسم" ۾ مان پنهنجو "روح" ڦوڪيان، ته اوهين سڀ ان جي اڳيان سجدي ۾ جهڪي پئو ." انهيءَ مان هي مطلب نڪتو ته ملاڪئن وغيره جو سجدو انهيءَ وقت واجب ٿيو، جڏهن آدم جي "جسم" ۾ "روح" آيو. بعد ازان، انهيءَ الاهي حڪم مان هي به ثابت ٿيو ته انساني روح فرشتن وغيره

www.freepdfpost.blogspot.com

جي روح کان وڌيڪ مڪرم قبول ڪيو ويو، ڇو ته ”ساجد“ ۽ ”مسجود“ جو امتياز ظاهر ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ، ٻئي مخلوق کي هڪي به واضح لفظن ۾ ٻڌايو ويو ته انسان ۾ جو روح آهي سو خدا جي روح مان آهي . اڳتي هلي حڪم ٿو ٿئي ته ”لقد ڪر منا بني آدم “ (اسان آدم جي اولاد کي مڪرم بنايو)_ ۽ اهو اعلان، نهايت مبالغي جي ضيغي ۾ آيو آهي، جنهن آدم کي سندس جسم سوڌو باقي مخلو ق کان مٿي وڃي بيهاريو . خداوند ڪريم جي مٿئين فرمان (مان پنهنجي روح مان جڏهن آدم جي جسم ۾ ڦوڪيان ته اوهان سڀئي _ فرشتا_ ان جي اڳيان سجدي ۾ جهڪي پئو) ٻڌڻ کان پوءِ، فرشتا جن کي پنهنجي عبادت ۽ ذات پاڪ جي تقرب تي ناز هو، سي آدم جو صحيح مقام سمجهي نه سگهيا، ۽ کين ضرورت محسوس ٿي ته خداوند ڪريم کان پڇن ته سائين، هي جو اول اوهان جو حڪم هو ته اوهان جي ذات پاڪ کانسواءِ ٻي ڪابه هستي سجدي جي لائق نه آهي، سو حڪم هينئر ڇو ٿو ڦيرايو وڃي، چنانچه انهيءَ سلسلي ۾، رب العزت ۽ فرشتن جي وچ ۾ جا گفتگو هلي، تنهنجو تفصيل قرآن مجيد ۾ ڪيترن ئي جاين تي ملي ٿو . انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته فرشتن کي نه فقط آدم جي مرتبي جو اندازو نه هو، پر کين پنهنجي مقام جي به پوري ڄاڻ ڪين هئي. هوڏانهن، آدم پاڻ کي ”مسجود“ ڏسي قطعا حيران نه ٿيو ۽ نه تعجب ڪاڏائين ـــ ڇو ته الله جي هن نبيءَ تي، الله ۽ غير الله جي سامهون سجدي ٿيڻ جو مفهوم اڳي ئي ظاهر ٿي چڪو هو. سندس فطري ۽ لدني علم مٿس ظاهر ڪيو هو ته اِهو سجدو سندس ”غير الله“ جي حيثيت ۾ نه هو . اتي، آدم ڏٺو ته پاڻ فرشتن جي انتهائي درجي کان گهڻو مٿي ۽ خدا معلوم ڪيترو مٿي هليو ويو، جنهن مقام جي بلنديءَ جي ڄاڻ به قيامت تائين فرشتن کي ڪين پئجي سگهندي . اهڙي اشرف مقام تي پهچڻ کان پوءِ جيڪڏهن انسان ”اَنَا الحَقُ“ جو نعرو بلند ڪيو، ته چندان تعجب جي ڳالهه به ٿي ڇا؟ جتي ذات پاڪ سندس محبوب ٿي چُڪي ۽ پاڻ ذات پاڪ جو محبوب قبوليو ويو، پوءِ جي اتي چيائين ته

”من نمي گويم ‘اَنَا الحق’؛ يار مي گويد بگو،
چون نگويم، چون مرا دلدار مي گويد بگو؛
آنچہ نتوان گفت اندر صومعہ با زاهدان،

ته انهيءَ دعويٰ مان فقط هيءُ ثابت ڪرڻ ٿي گهرياٰئين ته کيس پنهنجي مرتبي جي ڄاڻ آهي.

انساني وجود جي انهن مٿي ڇاڻايلن ٻن جزن ۽ انهن جي حيثيتن کي اڳيان رکڻ بعد، مسلمان صوفين جي وچ ۾ ”وجود“ ۽ ”شهود“ جا اختلاف سمجهڻ کا مشڪل ڳالهه کين ٿيندي . ”وحدة الوجود“ جي سالڪن يڪسوئي اختيار ڪري، تن کي تيسياس ڏيئي، پنهنجون نفساني خواهشون ماري، دنيا جي رنگينين کان اکيون بند ڪري، فقط ”عالم امر“ تي نگاهه رکي، الهه جل ش انہ جي ذات ۽ صفات جي معرفت هٿ ڪرڻ لاءِ، پنهنجي ”روح“ کي وسيلو بڻايو: پوءِ جڏهن الاهي فيض کين حاصل ٿيو، ذات ۽ صفات جون تجليون سندن ”روح“ کي منور ڪنديون رهيون، ته کين ”حقيقت“ جو مشاهدو ماڻڻ نصيب ٿيو ـــ ۽ ائين ٿيڻو به هو؛ چو ته انساني ”روح“ جو سڌو تعلق ”ذات“ پاڪ سان آهي. جڏهن الاهي تجليات ۽ ڪيفيات، براه راست، روح کي حاصل به ٿي ٿي سگهيون، ۽ هيون به ڪنهن تغير يا فنا ٿيڻ کان مٿي، ۽ ”ذات“ پاڪ ۽ ”روح“ جي وچ ۾ بنا ڪنهن ٻئي وسيلي جي ملي به ٿي سگهيون، ته انهن سالڪن پنهنجي انساني جسم کي وساري بلڪه فنا ڪري ڇڏيو؛ چو ته اها ضرورت محسوس نه ڪيائون نه ”جسم“ کي به وسيلو بڻائن. ڀڻائيءَ کين فرمايو آهي هو ته ”گهڙو ڀڳو تان گهوريو، پڇي تان مَ گهڙي “، چو ته گهڙو هڪ اهڙو وسيليو هو، جنهن جي معرفت محبوب تائين پهچڻ محال هوس : تڏهن وري ٿو ڀڻائي نصيحت ڪريس ته ”پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سين، ريءَ وسي لي وڃ؛ پيلو پيري پَڇُ، اَڪَنَبر ڪڻ عميقَ ۾“.

”وجودي“ سالڪن جو سمورو زور ، ”روح“ جي قونن کي مضبوط ۽ پاڪيزه بڻائڻ تي ڇميو رهيو . نتيجو هي نڪتو ته سندن ڪشف جو سفر پنهنجي روح کان شروع ٿيو، ۽ سالڪ ”عالم اءمر“ جو سير ڪندو رهيو. انهيءَ سموريءَ سير ۾، بلڪه منزل تائين، سالڪ جي جسم جو، يا جسماني خواهشات جو، يا جن تڪليفن کان جسم ڪيبائيندو آهي انهن جو، هن سان ڪو به واسطو نه رهيو.

”نَڪو آدم اُتهين، نڪو جسم جان؛
نڪا جزا جاءِ تهين، نا سُرت جو سامان؛
نڪو قدر، نڪو جبر، نا خوشي نا ارمان؛
بيخبريءَ جو بيان، ‘سچل’ ڪندين ڪيترو؟“

حقيقتاً، انهن ”وجودي“ سالڪن پنهنجي جسم کي، ۽ جسم جي ترغيبن کي ”نفس“ ڪري ڪوٺيو ۽ اُن جي مشابهت ڪتي سان ڏنائون، ۽ شروع کان وٺي

www.freepdfpost.blogspot.com

انهيءَ لاءِ پنهنجي دل ۾ نفرت پيدا ڪندا رهيا؛ ڇو ته سندن ڇَوَڙ هو ته اهو نفس کين ”عينيت“ جي مشاهدي کان پري رکندو ايڏو: جيئن سَچَل هڪ هنڌ چيو،

”نفس ميڏي دي اينوين شڪل، جيوين ڪُتا گُذر ڪالا؛
نِت نِت ڪاوي، نِت نِت ڪوڪي، مَنگي نَرم نوالا؛
اسين رانجهو هڪ ٿيوسي، ميان ’سچو‘ ٿيا نفس ميڏي دا منهن ڪالا.“

هوڏانهن ”شهودي“ صوفيءَ، ”ما خلقت هٰذا با طلاً “ جي بنيادي ارشاد کي پنهنجي آڏو رکي، هي اصول قبول ڪيو ته ”عرفان حق“ حاصل ڪرڻ لاءِ روح سان گڏ جسم جي ترقي به ضروري آهي ـــ يعني ”امر“ ۽ ”خلق“، جي ٻئي مظاهرا آهن ”ذات“ ۽ ”قدرت“ جا، تن ۾نهي جو گڏ و گڏ سفر ڪرڻ ضروري آهي، نه ته ”عينيت“ اڏوري رهجي ويندي. سندن انهيءَ مسلڪ جو نتيجو هي نڪتو ته جڏهن سالڪ کي رباني تجليات نصيب ٿيون، ته هن ڏٺو ته ”معبود“ سان گڏ ”عبد“ به آهي: نوراني روشنيءَ ۾ ڪيس خالق ۽ مخلوق جا ٻه وجود نظر آيا.

مطلب ته ”توحيد وجودي“ به عين عرفان آهي، ته ”توحيد شهودي“ به عين عرفان آهي ـــ جنهن کي جيڪا واٽ نصيب ٿئي!

جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون، سچل فقير ”وجودي“ نظريي جو صوفي درويش هو، تنهنڪري سندس ڪلام کي انهيءَ پس منظر ۾ پڙهبو ته سندس روحاني تجليات جو مزو به وٺي سگهبو ـــ ٻيءَ صورت ۾ سندس سلايل گُرَ سمجهڻ نهايت مشڪل آهن.

”تون“ هِي سان ”تون“ هِي ليپين،
”مون“ ليان ”تو“ سان

رسالو

سچل سرمست

(سنڌي ڪلام)

وحدت نامو

اول ساراهه ڪر سبحان جي، موليٰ جو ملڪن؛
مڙيائي محفوظ ڪيا، ڏسو ڏيهه ڏٺين؛

ڪي ڪامل ڪُرسيءَ تي چڙهي، وَه وَه وعظ ڪن؛
ڪي ڪاتب ڪتابن جا، سوين سبق ڏين؛
ڪي مسئلا مسائل ڪيون، نامياڻن نبيرن؛
ڪي پڙهيا پاڻ پروجهه سڃاڻن، پڙهيون پڙهائن؛
ڪي وردن وظيفن ۾ ، شاغل روز رهن؛
ڏسيون وائسيون ورق ڪي، وريون ورائن؛
سِڪَ سچيءَ ڪَون ڪونڪو، سبق سور سِکن؛
مَسُ ڪاريءَ جان مَنَ ڪي، ٿا ڪاري ڪارو ڪَن؛
جو فرمودو واحدَ جو، تاڏي ڪَنُ نه ڪَن؛
“وفِي اَنفُسِكُم اَفَلاَ تُبصِروُن”، هِن ويسَهه نه وسهَن؛
پين مَعنائن ۾، ڪاهَت ڪيَون ڪهَن؛
اِهو فِڪر فائِدو نه ڪري، توڙُون ڪي تَن؛
فڪر ڪَن نه فنا جو، ٿا بقا ڪي نه پُڇَن؛
هي اُتي حيران ٿيا، اوڳا ۾ اَڳَرَن؛
معنيٰ تن جي طرح سان، هڪڙي ٻي ڇوَن؛
پڙهيو سمجهيون علمَ تي، عمل نه آڻن؛
“مَن تَعَلمَ ِ العلم لِلمُنَاظرَه وَالمُكابَرَهُ” اُهي منافق مَرن؛
هينَڙُن مِٺيءَ جي پسِي، ٿا پاڻ ئي لِڪائن؛
آهي آفتاب اَبَر ۾، بَرَ لائق ڪِين لَهَن؛
منجهايو ماڻهن ڪي، ماضين مَذهبن؛
محڪم ماڻهن ڪي ڪيو، تن جي زنجيرن؛
هُون حديثن ڪِينَڪِي، نه ۾ آيتن؛
مجم تن ڪي ڪِين، ٿيو ملا ٿا مَجن؛
سي سوگها سپيئي ڪيا، نامراد نِيَرَن؛
اڪيا اڪين وڌڙا، توڙُون ئي ڏُسُ تن؛
بِرَه جي بَئِبان ڪوُن پاسي اوءِ پَوَن؛
هئي پَسَڻ ڪوُن پري ٿيا، ڪين پَساء پَسَن؛
محبت جي مهراڻ مؤن، جي مُلا چاش چَکَن؛

www.freepdfpost.blogspot.com

ته ڪنز قدوري ڪافيا، لهرن ۾ لوڙهن؛
ڪن سلام صرف ڪي، هوند نَحو نه نَهارن؛
پرڪَ لاءِ تنهن ڳالهه جي، باس نڻا باسن؛
اُهي رهيا اَتهين، مَٿي ڪِين چڙهن؛
ڪيِئي آهي قالَ ۾ ، باتيون بَس نه ڪَن؛
ڪي وڃي رسيا حالَ ڪي، ڪي بينا ٻاڌائن؛
ڪي لَنگهي هليا حال ڪَوَن، نڪي قال ڪهَن؛
ڪي دنيا جي طلب ۾، هنيا حرص هَجن؛
*‘‘طالِبُ الدنيَا مُؤنّث’’، محبت ناهي تَن؛
ڪي ڪوڌيا عقبيٰ جا ٿيا، هنيا لئه حورن؛
*‘‘طالِبُ العُقبيٰ مُخَنث’’، مڙس نه سي چئجن؛
عاشق جي الله جا، سي سائين سيبائن؛
‘‘لاَ مَوجُودَ اِلا الله’’، حاضر ڪيون وتن؛
*‘‘طالِبُ المولیٰ مُذَڪر’’، هن رسايا رمزن؛
بَئِي جهان ڦٽا ڪيو، ٽئا ٽئي جهان وڃَن؛
اَصاوَن ئِي اختيار ڪي، فقر فقيرن؛
*‘‘اَالفَقرُ خَزِينَة مَنِ خَزائِنِ اللهِ، بعضن کي بخشن؛
‘‘اَلفَقيرُ لاَ يَحتاجُ اَلِي اللهِ، ٻيون ڏنائون ٻن،
‘‘اَلفَقرُ فَخري وَالفَقر مِنيّ’’، اِئين آتو عجيبن؛
وَتن ويڳاڻا وِرهه ۾ نيڻين نِنڊ نه ڪَن؛
راتو ڏينهان روحَ ۾، چپ نه ڪو چورن؛
*‘‘مَن عَرَفَ رَبّهه کَلّ لِسانُهه’’، بَڌِي زبان اُنهن؛
نَشي تَن کي ‘‘نانهه’’ ڪيو، مورئون ‘‘مان’’ نه جَوَن؛
*‘‘قُل کُلُّ مِن عِندِاللهِ ’’ اِهو ڪيائون ڪَن؛
‘‘وَالقَد ر خَيرُه وَشَرَه مِنَ اللهِ تَعَاليٰ’’، سڀ اوڌاهون چاڻن؛
مولیٰ جي محبّتَ ۾ ، ڪِيا ٿيا وَتَن؛
سُڌڪا سَيَئِي سوز جا، پنينءَ رات پَرن،
*آديسي اَرمانَ ۾، گهوماٽيا گهُمن؛

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪِين رئَڻَ ڪَوَن اُن جيون، اڪيون اوڪارن؛
‘‘هراَن سِرّي ڪهه بامحبوب دارند، خبر نبود ڪراماً ڪاتبين را’’ سِرّ اهو سانپن؛
هَيهات هَيهاتَ، اِها عادت اُداس؛
پنهنجيءَ پَر ۾ پاڻَ ڪي، ٿا پِرتَئون پَڇائِن؛
نِهائِيءَ ڪوَن نِينهڙو سڪيو ساميڙن؛
مَڇ مَڇايو مَنَ ۾، پاڻ نه پَهر وجهَن؛
عاشقَ مَٿَوُن آگ جي، اولارا ڏين؛
طالب جي ئِي حَق جا، طَلَب نه پِئي چڏِن؛
عينان سندين اوجاريون، اچن اوجاڳن؛
اَنڍي پَهَر عجيبَ ڪي، ڪَنڌَ اونڌي اورن؛
ڪا ساعت هَڏِ نه سزا، اُنهين ري آهِن؛
ظاهِر سي ئي زبان سان، پيو تا ڪين ڪَهَن؛
مامن سان ماڻهن ڪي، سالڪ سمجهائن؛
*صُم بُكم سكوت ۾، اڳيون پئي عامن؛
*‘‘عَينُها باكية و قُلُوبُها ذاكِر’’، اهو ذڪر چَوَن؛
‘‘عَينُهَا تَنَامُ وَلاَ تَنَامُ قُلُوبُهَا’’ دل ظرف دوسَن؛
آئي آڏو عامَ جي، اڳهين ڪا نه ڪَهن؛
‘‘اِنّ اَولِيائِي تَحت قَبَائِي’’، لائق لعل لِڪن؛
‘‘الصّبرُ مفتاحُ الفَرَح’’، صبر صابرن؛
بعضي موحد وحدتي، اهڙا پِي آهن؛
مست ڪئين منصور جان، سوريءَ سِرُ سَڏِن؛
محبت ۾ مخمور ٿيا، ڪامل ڪوڏَ ڪُسَن؛
ڪُرڪَن ڪِنجهن ڪِينڪِي، جڏ پار وِهانءَ وَجَن؛
رتَ منجهاروُن پانهنجي، وضو وِير ڪَرن؛
اِيءَ نماز عشقَ جِي، تهوُن پوءِ پڙهن؛
جي محبت وِڌا مامري، سي ڪيئن مُڙس مُڙَن؛
سوريءَ اُتي صابري، ڪيون چيڄ چڙهن؛
تَحتون تريءَ تي ركيون، صادق سِرُ ڏِين؛

ڪن سِرُ صدقِي دوست تَون، ٻيا ٻهه ڪين پُڇن؛
نِينهن نهوڑيا نڪِٽيان، جنهن پَر ڪاپڑين ؛
هٿِي دردهيون ڪيا، سندي سپرين؛
ڪڏهن اڇا ڪپڑا، ڌار نه ڪنهن ڏيکن؛
منهن ميرا مَٽي ٿيرا، اهڙيون طرحان تن؛
ڪائي تن جي ڪا نڪا، جُڙي لِيڑَ لِگَّن؛
مٽين پيرين برهنه، ايڏا سور سَهَن؛
پرٽيو پروانن جان، ڪاهيو تِتِ پَوَن؛
پَنيڑ باهه عشقَ جي، سپورَن سَڙَن؛
ڪامِي لَهسِي لُوسجي، لائق لعل ٿين؛
آوڑي عام نه اُن کي، جي سينڌائِي سڃٽن،
اَڇو پَون آڙاهَ مِ ، سِرَ جو سانگ نه ڪَن؛
دِڇو ڪنهِن جسِ جهوپڑا، آڏا ڪين اَڏن؛
اوڏَنهن وٽ متان پَوي، گنگهر اِي گهارن؛
ري پِريان تن ڪين ٻيون، ڳالهيون ڪَس لڳِن؛
ڏايا ڦٽ فراقَ جا، تن جي چت چاکن؛
ورهه ويِي وايوڙ ڪيا، رويو رت رئن؛
*"مُو ثُوا قَبلَ اَن تَمُو ثُوا"، ائين مَن مارِن؛
اُهي مرڻ کون اڳي مُئا، "مان" کي ڪين مَڃن؛
دشمن دوستَ هڪ ڪيون، گودڑيا گڏجن؛
ان جي اَکِين اَگم سٽِيا، بوندان بس نه ڪَن؛
سِرُ ڏيو سَنو پرا، وَڻِي وِرهه وَڻن؛
*"تَرکُ الدنيا سُنّة طَلَبُ الَمولیٰ فَرض" هو دِل دَرنِ؛
سويون چڏيون سُکَڑا، گوندَرَ گُذارن؛
جوڳِي جانبَ ڪاٽ ٿيا، مٽل مَستانن؛
اَبتر ڪيائون پاٽ کي، پَسَڻَ لئه پِرين؛
هاءِ وِجايو حالڙو، ويتر ويچارن؛
"هو مشتاق علي لقاءِ الله"، ائين محفوظ رهن؛

ڪي فنا فراق ڪيا، ڪي مليا محبوبن؛
آهِ لقاءُ لطيفَ جو، عيدون عاشقن؛
محبت جي مڪان ڪنؤن، لاهوتي لَنگهن؛
وادِيءَ ۾ وحدتَ جي، دانهه پير ڏَرِن؛
“تون-مان” وچي وچ مون، ته ڪِي پاڻ پَسَن؛
شڪ يقين اُڻي ويو، برابر چَوَن؛
هادي مريد هڪ ٿيو، تفاوت نه ڪن؛
عابد ۽ معبود سو، هڪ نگاهه پَسَن؛
پاڻ پڙهِي پاڻ ٻِهي، پاڻ ئي سجدو ڪن؛
“پاڻ” مڙيوئي “پاڻ” ٿيو، نِوڙي نِوڙَت ڪن؛
پاڻ اُڻي، پاڻ ويهي، پاڻ رموز رکن؛
پُرجهه مڙيوئي “پاڻ” ٿيو، غير نه پَسائن؛
ڪافر مومن هڪ ٿيو، پلا ٿا پائن؛
سوئي فَلَڪ سو ئِي مَلَڪ، سو ئي آدمن؛
سو ئي اَحمد سو ئِي علي، سو ئِي هڪ سَمجهن؛
نانوَ، ڪَنن اَکِين جا، وچون ڇِڻِ وڃَن؛
بازيون بازيگر ڏِسِي، اِنهيءَ پَتِ پُلَن؛
تان اکيون، ڪَن، زبان سي، پوليون ٿيون پولن؛
اسين آهيون آدمي، بيحد مَون بشرن؛
نا ته مِڙيوئِي پاڻ ٿيو، سميع بصير ڏسن؛
عين عليم ڪليم ٿيو، قادر قدرتن؛
هي مڙيون ئي وصفان، اندر آدمن؛
هي مِڙيوئي حق ٿيو، ٻيا باقي چا بچن؛
وصفن انهن ساڻ، اصل آدمي سڏن؛
هِت آدمَ مون الله ٿيو، ٻيا سپ شڪ پَڃن؛
اصل الله مَون آدمي، ثابت صورتن؛
مورتَ صورتَ هڪ ٿئي، ڏسج دل نيڻن؛
سو ئي ڏسڻ وارو، سو منظور مجن؛

خالي ڪا نه جاءِ ٿي، بنا محبوبن؛
سپڪنهن هنڌين سپرين، چا جِي جاءِ خسن؛
ڪائٹين پٽرٽيون پَتَ جون، ڪائٹين دلقا ڪن؛
ڪائٹين جاما زر جا، ڪائٹين پشمينا پَهرن؛
ڪائٹين سَناسِن ۾ ، ڪائٹين مَنجهه مُلن؛
ڪائٹين مُعرڪن ۾، ڪائٹَين مجنهه ڪُنڊن؛
ڪائٹين مَسيتن ۾، ڪائٹين ۾ دائرن؛
ڪائٹين رهن تقويٰ ۾، ڪائٹين ۾ ناچن؛
ڪائٹين تماشن ۾، ڪاڻي ساجن ۾ سيرن؛
"خَلَقَ الاَ شيءَ فَهُوَ عَينُهَا"، منجهه عربيءَ ائين چون؛
پاڻ چوندڙ، پاڻ ٻڌندڙ، پاڻ ئي ۾ ٻولن؛
سموند سرگردان ٿيو، پيو ۾ عَجَبن:
"آءُ اصل پاڻي آهيان، ڪيئن سموند سڏن؛
نانَو متّم ناحقَ جا، رکيا الا جي ڪَن!"
جي رسيا وجي وصالَ کي، سي چؤ رنگ پار پَسَن؛
اوَل ڪفر پوءِ مَجَڻ، پوءِ تان مَنجهه ڪُفرن؛
پر ڪفر مسلماني هڪ ٿِي، مِڙِيوئي مَجن؛
نفيءَ مؤن اثبات ٿيو، پيا سپ "لا" ٿين؛
مرشد ڪامل هادي منهنجو، دائم درازن؛
عارف عبدالحق آهي، صوفي صاف سَيَن؛
هُئي شالَ چراغ سو روز شبان روشن؛
عارف جي اولاد کي، دعا سپ ڪَرِن؛
حيرت ۾ هميشه سي، غازي سپ هُئڻ؛
عشق منجهه الوٽ هُئِن، سپئِي صاحبن؛
تا گهٽين طرحين نانوڙا، مَٿي "نانهه" رکن؛
ڏيو روشن تن جو، تائين قيامتن؛
اُجرائي آفتاب کان، هادي شالَ هُئن؛
اَظهر هُئن دارَين ۾ ، برڪت پنجتن؛

هوئن خليفا غوث جا، سي روشن ڪائنئن هُئن؛
قائم مَسند تن جِي، حُرمت خير سندن؛
”سچو“ سڳ انهن جو، سندن دروازن؛
ڪَلمو چئو نبيءَ تي تا چٿو ڪانءُ چِيَنِ.

****

وحدت

داستان پهريون

1

اَول پيري پَڄُ، جي بَند خيالات جا؛
تَنهِن پچاڻا وَڄُ، حَلاّ جِي حيرتَ ۾.

2

هِيءَ نه واڻَ هُئاءِ جِي، آهي نڪا تَقلِيد؛
تَحقيقاً توحيدَ، آهي راهَه رسُولَ جِي.

3

هِڪُ سَفَر ساعَتَ، ٻيو سَفر سالَ جو؛
پهريون تا راحتَ، پويون تا پوءِ رَهيو.

4

جي تو ادب آهه، تا پَنڌاڻَن پَڌِي وَڌِين؛
ڪَل نهَ پِيڙِءِ ڪاءِ، اُصولِي اِسرار جِي.

5

www.freepdfpost.blogspot.com

پُڻيءَ جَجَ نه جُلُ، مَنجهه تَماشي نه پَوين؛
گهوٽُ ڪَري تون پاڻ کي، ڪَر هَرڪَامان هُلُ،
پولِ نَه ٻئي ڪَنهِن پُلُ، وَڻِجِ حالُ حَلاّجَ جو.

6

پُڻيءَ جَجَ نَه جُل، تون ڪَر پاڻ کي گهوٽُ؛
مَردَ نه هِتَئُون موٽُ، پڻِيءَ لائي جَجڙي.

7

جَڏهن وِهن فڪر ۾، خاصو ڪري خيالُ؛
تَڏهن فرقَ وارا فِي الحالُ، بَندَ بَڏَندءِ وِچَ ۾.

8

حُڪم هَلي ٽئ جَنهِن سان، سو ڪر پيدا پاڻُ؛
صورت سا سچاڻُ، مُنهن ڪَري مورَتَ کي.

9

‘‘تون’’ هي سان ‘‘تون’’ لَپين، ‘‘مان’’ لَپان ‘‘تو’’ سان؛
‘‘تون’’، ‘‘هي’’،‘‘آءٌ’’ سَپِهِين، ‘‘لا’’ ۾ موجودات ٽي.

10

جي تو ڃاتو ‘‘پاڻُ’’ ته ‘‘آءٌ’’ ٻيو ڪو آهيان؛
ڪَندُءِ غَرق گُمان، ڳهلانهيءَ ڳالهه ۾.

11

اَدبُ اَپئي اوٽ، اوٽِ ته اڳاهون ٽِئين؛
مار نغاري چوٽ، عاشِقَ ‘‘اَنَاالحق’’ جِي.

12

جي فِڪر ڪَوُن فارغ ٿيا، ٿيا دنيا ڪان دور؛
هوندا سي حضور، آءُ ته ڳرهيون ڳالهڙيون.

13

بيرنگيءَ مَون رنگُ، پَيسو جو پيدا ٿئو؛
ظاهِرَ ۾ پئو زَنگُ، موسيٰ ۽ فرعونَ جو.

14

تون جا پائين مَوجَ، سا مِڙيائي مِهراڻ ٿي؛
هِي اُنهن جا اوجَ، جَن سَنبت سوريءَ پَار ڏي.

15

دِين ڪُفر دِل دام، ڏج مڙيوئِي موج ۾؛
تنهن ڪان پوءِ حُڪامُ، هَر ڪنهن هَنڌ تنهنجو هَلي.

16

جا ڏي ڪياڙي، سجدو تاڏي نه ٿئي؛
جا ڏي مُهاڙي، سجدو تِت صحيح ٿيو.

17

ظاهر ڪَڪَرُ اَنءِ، مِينهون تو ئِي باطن ۾؛
پاڻَ اوهوئي پانءِ، جنهن وسي سان وَسَ ٿئي.

18

سوزَ گُدازُ ۽ غَمُ، مِڙيوئي معافي ٿيو؛

www.freepdfpost.blogspot.com

ماردَمامين دَمُ، عاشِقَ ‘‘اَناالحقَ’’ جو.

19

جي ادب کان نيڳڻِا، سي ئي ٿيا اللهَ؛
هُن وجايو راهُ، هو هاجي ۾ هڇِي وِيا.

20

تون تا ڪاڻي آنءِ، پاڻُ اَول لَهُه پانهنجو؛
جيلهان ٻِنَي نانءِ، پَئين تيلهان تفاوَت ۾.

21

چاڻُ نَه تفاوتُ، عبَد ءِ اللهَ جو؛
هو آهي اَمرتُ، هِي ٻِي ڏُور نَه اُن ڪَوَن.

22

الله چاڻُ نه هن کي، مِڙيوئِي حَقُ،
ناهي شبهو شَڪُ، جو مَعلوم ٿيو مرشِدَ ڪَوَن.

23

معلوم ٿي مرشدَ ڪَوَن، ٻِي جا ڳُجهِي ڳالهه؛
هِن جِي چاهه مجالَ، ‘‘هو’’ لَيِي ‘‘هُن’’ سين.

(24)

هِي نا مور نه وَڃڻو، ڇئو وجي ڪاڏي؟
‘‘هُو’’ ‘‘هِي’’، هِڪَ ڪري، مورک چَڏِ ماڏي.

(25)

جھڙو پائِيندين، ”پاڻ“ پَنھنجو پاڻھين؛
تِھڙو ئِي ٿيندين، ھُت پِي ساڻ يقين جي.

(26)

جيڪي آھي ھِتِ، ھُت پِي اُھو ئِي اَٿئِي؛
پَڇ اُھا ئي پِتِ، تان تون اھو ئي رَھين.

(27)

جِھڙو آھين تِھڙو ھوندين، فانِي ٿيندين ڇا؟
سُڌ پنھنجي سِرّ جي، ڪامِلَ پِيڙِءِ ڪا؛
ڳالھه نَه سمجھيئي سَا، آوازِ ”اَنَاالحقَ“ جِي.

ڪافي 1

پيو ڪو ڇاڻڻ مَحض گناھ، ھر ڪَنھِن صورت آپ الله.
ڪِڻي گدائِي والا، ڪِڻي شھنشاھ.
دونھان ڏيک متان ڪو پولي، اولي اَبر ماھ.
”وَنَفَختُ فِيهِ مِن رُوحِي“ آھي، سَھِي ڪر ساھ.
”خَلَقَ الاشيَاءَ وَ ھُوَ عَينُھا“، اِھو قول گواھ.
صورت منجھه ”سچوءَ“ جي، پولي پاڻ ئي بيپرواھ.

ڪافي 2

عاشق ڏِسڻ ۾ آيو،محبوب گل سَناسِي؛
عبرت عجب عجائب، اسرار ارنگ عباسِي.
برھي جِي اک بِيني، ڪائي مثال چيني،
توڙي رنگون رنگِينِي، چينيءَ جي مَٽ نه ڪاسي.

گِل آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي،
عاشِق ڏِسڻ کؤن ڪاڻي، رَهندو پتنگ پياسي.
“صورتَ” ۾ جاءِ “دَمَ” جِي، “دَمَ” ريءَ نه “صورتِ” ڪَم جِي،
دَمَ ۾ جا لذت غَمَ جِي، وه واه ڳالهه خاصِي.
ابليس جِي وڏائِي، هَر سانس تي سوائي،
جِيوَڻ ته دَم پلائِي، نه ته تحت نَحس ناسِي.
ثابت “سچل” سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جِنين وساري، تَنِ تَنَ مِٽي اَٽاسِي.

ڪافي 3

هُتِ تان ڪير هُياسِ، ميان وو! هِتِ ٿِي ڪير آيس، نه ڄاڻان!
نانءُ ٻئو هُتِ هو منهنجو، هِتِ ٻئي نانءَ ٿِياس.
اڇڻ نه هو هِت منهنجو، پَر ڪَنهِن تا خواهش ڪَناس.
هُتِ هُيَس معشوقيءَ ۾، هِت عاشِق ٿي آياس.
هَي هَي هُئي هُت ڪا نَڪا، هِت مَنجهه پروڙ پياس.
“سچو” سارو، وو، سَچ ٿيو، وڃَون، آءُ وياس.

ڪافي 4

ميلو ٿيندئي، ميلو ٿيندئي، نينهڙو لايُوَ، جُڙيا جانِي، مون سان ميلو ٿيندئي!
“و هُو مَعَڪُم” چيو وصالون، وري سو وره وسايُو.
“وَنحنُ اَقَربُ” پاڻ اُتيوئي، موڻِي تا بِرهُ بَڃايُو.
“اسين توسان، تون اسان سان”، پاڻَ پِرِين فَرمايُوَ.
زلفان کولَيوَ خيال اسان جي، ڏاڍو ڪو ستم سَهايُوَ.
ڪري اُمارو اڳيون اسان جي، تيرن ساڻ تَپايُوَ.
راند روئڻ جِي سِکِئين “سَچو” ري، ڏاڍو ڪو پور پِرايُوَ!

ڪافي 5

آءٌ تا پيڙس اُتي، جِتِ جاءِ اَدب جِي ناهي.
نادانن ناداني آهي، بيهڻ اُتي بُتي.
وحدت جو پيو باز جتي، مومرغ اَدب جو اُتي.
وهم خيال وڃايا غيري، خيال هڪڙي ڪُتي؛
سر ڪٽايو، سو ڪيئن موتي، ويڙو جو شرط اُتي؛
‘‘سچو’’ سَچ آهي اِهو ئي، وسريءِ نِي پَنج سُتي.

ڪافي 6

نانءُ اِهو ئِي، اهو ئي نانَن وَارو، صورتَ مورتَ سا ئي وو.
اِسم خاني وِچوُن اِسما، اِهو ڏَسُ هادِيءَ جو جانِي، وو.
آهِه تَعجّب اِهو جو، ڪَر لوڪان ذاتِ لِڪائِي، وو.
گاهي خاعتَ گاهي عبادت، سَجدو سَهو سَهائِي، وو.
ٻئي پارون تان ڏئي ڏيکاري، اوڙَڪ خآلق مُنجهائِي، وو.
‘‘سچوءَ’’ سهي ڪَئِي اِها سَپائِي جا بازِي يار بنائِي، وو!

ڪافي 7

آءُ، ادا سالڪَ سهِي ڪر تون طلسمات کي؛
پَڄُ دوئِي تا ڪل پويئي، دور ڪر درجات کي.
سِرّ اهو سارو سڌائج، ڪَن نه ڏي ڪرامات کي؛
ظاهر ٿئين تا ‘‘ذات’’ مون، پر سمجهه تون ته ‘‘صِفات’’ کي.
غازي نه پاننئج غير تون، هن محض موجودات کي؛
سِر سَنڀِج، هِن سِرّ ۾ ڏي مُنهن نه ٻِياٿبات کي؛
اثبات ڪُون اڳيان لنگهي، ڪَر تَم تون طاعات کي.
تون ڪيئن وڃي ويهي رهين، هَي هاءِ حڪايات کي؛
ڳالهين مَنجهوُن تان ڪِين ٿئي، پَڄَ اوٽ عزّيٰ لات کي.
‘‘سچو’’ روئين چو هيترو، بس ڪر هن برساتَ کي؛
تَصديعَ تون چو ٿو 0ئين، محبوب جي محلات کي.

ڪافي 8

ڳالِهه سَهِي ڪَيَم ساري، ٻَڙي جيڏيون، يارَ جي، وو:
پِلو جيڏيون، هوءِ... هوءَ... هوءِ....!
جي مون وسَهو جيڏيون، آءٌ اهو آهيان آري.
پوءِ پَرُوڙڻ پانهنجي، لاتِي خَلقَ خواري.
پاڻَ ڪري ٿو پاڻَ کي، يارُ زوراور زاري.
‘‘سچُو’’ ري سِر پانهنجي، بِرهُ ڪَيائوُن باري.

ڪافي 9

هو سو سَجَڻ مُون، سڻُ، جنهن جي ڪاريڙ مُون ٿي پوٽيون پلٽيون!
‘‘وَهُوَ مَعَكُم اَينَمَا كُنتُم’’، آهي سَندس اُهجاڻ-
جنهن جي ڪارَڻ، مون ٿي فالون وِجهايون!
سَدا مون وٽ سپرين، مُحب ناهي مِهَماڻ-
جنهن جي ڪارَڻ، مون ٿي واٽون پُڇايون!
اَهڙيءَ اوڏائِيءَ ۾، ڪو نه پَيو مُون جاڻُ -
جنهن جي ڪارَڻ، مون ٿي راتيون لَنگهايون!
ه يڏي هوڏي ٿي ڏٺُم، ڪِينَ پَروڙيم پاڻُ-
جنهن جي ڪارَڻ، مون ٿي وِرهون وَسَايون!
پري پُڇُ نه پنڌڙا، ‘‘سَچو’’ تون پاڻ سُجاڻ-
جنهن جي ڪارڻ، مون ٿي ميڙيون سَنباهيون!

ڪافي 10

هيڏي هوڏي نه نِهارِ، ٿُنهنجي ويڑهي سو ته يارو وَسي ٿو!
ساڻُ سدا آهي تان تنهنجي، پِرين نَه آهي بي پارِ.
قُولهي لَهجِ پاڻَ مَون، چو ٿو وَڃين وٽڪارِ.
‘‘وَفِي اَنفُسِكُم اَفَلاَ تُبصرُون’’ وِجهو ڪِيمَ وسارِ.
پِريُنِ نه پُڇِجِ پَنڌڙا، ٿُون ‘‘سچو’’ پاڻُ سَنيارِ.

ڪافي 11

اُهو ويو هاڻي ڪاڏي، جِنهن ”سَچوُ“ سو نانءُ سَڏايو!
مُڪڙيءَ مَنجهوَن، نِي وي ميان، ٿي گُل پيدا، وي ميان،
مُنهُن ڪري بِينو ماڏي.
سُڌ نه پَئِي، نِي وي ميان، طَرفَ اُنهي جي، وي ميان،
جان جُٿو ويو جاڏي.
اهو هلي ٿو، نِي وي ميان، اهو چلي ٿو، وي ميان،
گوشو ڪيو وڃي ڪاڏي!
ڏيهُه ڏاڏاڻو، نِي وي ميان، اگُ ڏنو سي، وي ميان،
پَلَٽَ ڪَئي پَڙ ڏاڏي!
نانءُ ”سچوءَ“ جو، ني وي ميان، ويو اوڏاهين، وي ميان،
طَلَب ويِئي پِي تاڏي.

ڪافي 12

پولِ نَه پئي ڪَنهِن پُڳُ، تون ته آدَم ناهيين.
لِڪو ٿو لاتِيوُن ڪَرين، جيئن باغَ اَندَر بُلبُل.
مَلَڪن ٿي سجدا ڪيا، واه مِٺي تنهنجو مُلُ!
ڪير تَپائي، ڪير ڪُڏائي، شاهه بنا دُلدُلُ.
”سَچَل“ چَوي سَچُ ٿي آئين، ڪونهي تنهنجو ٽُلُ.

ڪافي 13

آهيان آءٌ اِسرارُ، جيڏيون مون ڪي ڪير پانيو ٿيون!
ڪقنُ نَه ڏيان ڪيچَ ڏي، پَنپوروَن بيزارُ.
چَڏي بادشاهِي پانهِنجي، ڪِيڙُم هِتِ شِڪارُ.
آيُسِ هِنَ عالَمَ ۾، باري چاڙهي بارُ.
آٿيو صِدقَ يقين سان، اَديون ڙي اعتبارُ.
نورِي نارِي ناهيان، آهيان رَبُ جبّارُ.

مُرشِدَ ٻانهو نه چَيو، تون ‘‘سچو’’ آهين سَردارُ.

ڪافي 14

پَنهِنجي ذاتِ لِڪائي، ڪِيئن ٻِي ذاتِ سَڏايان!
ظاهِر ڪَريان ذاتِ ڪي، تا هي بُتَ پَڄايان.
مَنصُورِيءَ جي مَوجَ ۾، ٿو ‘‘اَناالحَقُ’’ اَلايان.
واديءَ ۾ وَحدتَ جي گهوري سِرُ گُهمايان.
‘‘اعليٰ اَعظم شانَ’’ جِي نوبَتَ نِيهَن وَڄايان.
ءاهِرُ باطِن هِڪڙو، آءٌ تا حُڪم هَلايان.
‘‘سَچُو’’ سارو سَچُ ٿِيو، حِڪمت هِيءَ چَلايان.

ڪافي 15

اوهِين سَيَئي چو نَه ڇاڻو، نانءُ مَٽِ آهي ڪهڙو!
اِسم اَصَل ڪون وِرهَ وَڌايو، صورتَ هِ يءَ سُڃاڻو.
پاڻِيءَ منجَهون پارو ٿيو پيدا، واءُ عجب ڪوئي واڻو.
شاهُ جهانَ جو ٻانهون ٿِي، ڪَرَ وائيءَ هِنَ وِڪاڻو.
ڏِسي تَماشو اِهو سو سارو، وَتي تان پاڻَ ويڪاڻو.
نانءَ وارو، سُڻو ري سَرتيون، ٿيو هِتِ ڪِيئَن نِماڻو؛
مَستيءَ واري ساکَ نَه سلجي، ‘‘سَچُو’’ تون ٿِيءُ سِياڻو.

ڪافي 16

آهي بي نام و نشان، سِرّ اِنهيءَ جو ناهي امڪان.
طرحين طَرح پوشاڪان پهريئين، ڪُل يَومِ هُوَ فِي شَان.
ظاهِر ذاتِ صفات سهي ڪَر، سِرّي سِرُّه الانسان.
منصوري آهي راهُ اِهوئِي، جوشَ تنهين ۾ آ جولان.
عَرض گداگر يارَ اچي ٿو، نا ته ‘‘سَچُو’’ سارو ئي سلطان.

ڪافي 17

پاڻَ پرين اُهو آهي، متان پينر پولو پانيو.
جَنهن تي آهي تَنهن تي آهي، نانءُ ٻِئي تي ناهي
پاڻُ پَنهنجو سَهِي ڪَيوسين، ڪيچ وڃون ڪِيئَن ڪاهي
هِيئن تَنهن جو اَوهِين نه ڄاڻو، ڇَوءِ تَڏهِن ٻِئو ڇاهي؟
‘‘سَچو’’ سارِي صُورَت اُهائِي، لوڏا لَڪَن جا لاهي.

ڪافي 18

تاڏي مُنهُن نه پِيو، ڏِي مُنهنجو،
جا ڏي لوڪُ لَڏي ڏو.
جيڪو هُنَڏُس جيڏيون، ساڳو آءٌ ڏيو.
پاڻَ ئي پُنهلُ آهيان، ڄاڻو ڪو نَه پِيو.
ظاهِرُ مُنهنجي ذاتِ ڪي، ڪيڃِن پاڻَ ڪِيو.
‘‘سچو’’ سارو سَچُ ڏيو، وِڃوُن وِرهُ وِيو.

ڪافي 19

اُتي پيو وَڃي خيال منهنجو، جتي دَمَ قَدمَ جِي جاءِ نه آءِ.
لا مَڪانَ مَون لَهر لُڏهِي، جَنهن مَڏي سَپ هوءِ هاءِ.
وحدتَ جي درياءَ مَنجهاروُن، تون پِي وَڃِي موجَ مَناءِ
بِرهَ تو تي بادَلُ آندو، ‘‘اَنَاالحق’’ جِي هڪَل سڏاءِ.
قَطرو پاڻُ نَه پانئِج عاشِقَ، ساروئِي تون بَحر سَڏاءِ.
بَئِي جهان هِڪو ڪَر ڄاڻين، جلوو تنهنجو جاءِ بجاءِ.
‘‘سچو’’ آهِين سِرّ سُبحانِي، ظاهِر جو ڏُون نانءُ وِجاءِ.

ڪافي 20

پاڻ کي يارُ نَه ڄاتوم، پِينر پُلِي آهيان.
ڀُڏَيَس پِيائِيءَ مٖ، جو پاڻ نَه سُجاتوم.
موڳائِيءَ جي مونجهَه مٖ، ڏي ورهُ وسايوم.
اُڏَڻُ ويهَڻ ٻلنهنجو، هِي پِينَر ڏي پانيوم.

www.freepdfpost.blogspot.com

خاص مُناري خاڪ جي، سو سَرتيُون سمايوم.
ڏِسَڻ ٻُڌڻ هِڪڙو، هي سِرّو سَلايوم.
“يُنطِقُ” واريءَ رمزَ ۾، هِي سِرُّ سَلايوم.
نالو آدَمَ جو رکي، هِن حيرتَ هلايوم.
نانءُ مَنجَهوُن نانهِه ٿِي، هِت “سچو” ٿي آيوم.

ڪافي 21

ڪَجو اوهين ويساه، سَرتيون، مُنهنجي ڳالهه سَچيءَ تي!
آيو ڪنهِن تا ڳالهه ڪَون؛ شهود ۾ ساه.
لَڏم هِهڙي هوتَ جو، ريجهائي مون راه.
جو ئي هدايت ۾، سو ئِي آهي گُمراهُ.
اَحد اَحمد هِڪڙو، آهي گُمراهُ.
ساڳيون اَڻوَ پاڻ سو، چئو جو اَرواح.
“سچو” سچيءَ ڳالهه ۾، ڪَهڙو ڪَيُم گُناه؟

ڪافي 22

سپڪنهن ويڙهي تون وسين، ڪو نه آهي ٻيو تو ري!
ڇاڻي هِيئن ڇاتوم، تو کي سانوَلَ سجاتوم،
هر جا آهين تون حاضي.
هَر جا حاضر “تون”، موڻِي ڪهڙي آهي “مُون”،
هادِي ڪَڻُ حِجابَ کي.
ڪاڻئين قاضِي ڏئين، ويهِي ناحق فتويٰ ڏئين،
سوريءَ تي منصور جي.
موڻِي ڏئين منصور، ڪَيئِي مُلَن جو مذڪور،
شاهد ڏي بيهين شَرَعَ تي.
“اَنَاالحَق” آوارز هِي، تا سارو تننجو راز،
ظاهِر ڪَيُئي بيهي زمينَ تي.
سرمد تي اَسرارَ، ڪَيءِ عالم تي اِظهار،

www.freepdfpost.blogspot.com

وري وڏُءِ شور شهرَ ڪي.
هي سَپ ڪَم سنداءِ، آهن جاني جاءِ بجاءِ،
جيڪي ڪرين تون سو ڏي.
حاظر ناظر تون، باطن ظاهِر تون،
ڏُنهنجڪو هُل هَنگام هي.
اُپريو آفتابُ، جهَليو تارَن هَڏِ نَه تابُ.
گوشا ويا ڏِي گُم سي.
''سچو'' يَجُ گُمانُ، ڏي حيررتَ مِ حيرانُ،
جو مولا مُون ٻانهون ڏي.

ڪافي 23

آحوال عشق لائي، ''سِرّهُ'' ٻُلائي.
سِسي شيخ عطار جِي، ڏو چوڏئين چَلائي.
ڏُنُو تماشو تيغَ جو، ڪُوپَن ڪَنڌ ڪَپائي.
دينَ ڪُفَر مَؤن نِڪري، ڏو ''اَنَاالحَق'' اَلائي.
واديءَ مِ وحدتَ جي، ڪوڙيين سِرَ گنوائي.
''سَچوءَ'' ڪي تنهِن صفَت مِ، سائين مانَ سڏائي!

ڪافي 24

رانجهو چاڪ ڏي آيو، نه ڇاڻان ڪهڙيءَ ڳالِهه ڪَؤن.
پَڌر وِجهِي پاڻ ڪي، لالَن پاڻ لِڪايو.
بَنگُلي مِ آدمَ جي، ساجَنُ پاڻ سَمايو.
سوئِي چَوندڙ، سوئِي ٻڌندڙ، ڪيائِين ڪو نَه ڪِنايو.
''مَارايتُ شَيئا اِلا ورايتُ الله فِيهِ'' فائِق اِئين فرمايو.
''لَو كَشَفَ الغِطَاء مَا زدتّ يَقِينا''، حيدر هِي رنگُ لايو.
مَاڻهوءَ جي مَظهَر مِ، آڻي سونِيهن نِوايو.
''سچوءَ'' جي صِفَت مِ، الله اِئين اَلايو.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 25

نانؤن حَقّ ڇپايو، پلو جيڏيون، وو ... هوءِ، هوءِ، هوءِ!
هنِيڙي ڪي حيرتَ، يار وي، آهي اُهائِي -
لَهرِين بحَرُ لِڪايو.
هنِيَڙي سان لائين، يار وي، رمز اِها ئي -
ه اديءَ هِيئن سمجهايو.
جان جسم جِي، يار وي، ڏيئي ڏيکاري -
لِڪ لِڪوڻي ڏي آيو.
رنگَ بيرنگَ ۾، يار وي، طرحين طرحين -
يار ”سچوءَ“ رنگ لايو.

وحدت

داستان ٻيون

1
اَول گُمراهي، آهي رباني راه ۾؛
تِنهان پوءِ هَمراهِي، آهي هيءَ هدايت جِي.
2
جي اوّل هِدايَتَ، تَحقِيقاً ڄاڻيج تون،
زياده ضَلالتَ، آهي اُنهينءَ وڃَ ۾.
3
قَدرُ هِدايتَ جو، آهي ۾ ضَلالتَ؛
جي ضَلالتَ نه هُئِي، تا ڪاڻي هدايَت؟
4
جي تو نَه تَجريدَ، تا آئين نَه تَفريدَ ۾؛
ڪاڻي ڏِي توحيدَ، ڪاڻي ببهَڻ تانهِنجو!
5
جِتي ماڻُهن ميڙ آهِه، آءُ تِتي ناهيان؛
سِسِي سنباهِ يان، پُڻِيءَ شاهَ حلاّجَ جي.

www.freepdfpost.blogspot.com

6

جي مَڇِن ٿا آدمِي، سي نَه مَڃان مان،
ڪوئي آهيان آن، جو ٻانهو ڪَنهِن جو نَه ٿيان.

7

پَسِي پَت پُليوس، تا آءُ آدمِي آهيان؛
وڃان جان ويوسِ ، ته ساڻِيو سائِين آهيان.

8

ٻيائِي ٻانَهَپ ڇَڏِ، آءُ تون اَحديَت مِ؛
لَحمؤن دَمَؤن لڏِ، تا پاڪائِي پاڪُ ٿِئي.

9

آڇِپا اَول آهِه ، پوءِ ٿِڪُڻ جو پنڌڙو؛
جڏهن ٿِڪُڻ جاءِ، وڏُ تڏهِن اُن حَد کي.

10

فِراقاءُ فَرقُ، شالَ نه پوي جيڏيون؛
مون کي آهه مَرَڪُ، سَدا سوزُ پِرين جو.

11

جَهڙو ڀانيُمِ ٻاڻ کي، تَهڙو آهِيان اَنءُ؛
باقِي رهيو نانءُ، ”سڃو“ مون صاحِبَ جو.
****

ڪافي 1

ذاتِيءَ مَنجهه ذاتِ ڇُپائي، بازي جا يارَ بنائِي!

www.freepdfpost.blogspot.com

هاديءَ حقيقت حالَ جِي، مون کي ساري سُٹائِي.
سيَکَنهن ۾ سَڃٹِن، نوبت نينهن وڃائِي.
ڪاڻئين ”اَنالحق“ جي، تن چوٽ تَه چَلائِي.
”اَنَا اَحمَد بلا مِيم“، اِها مَعنيٰ مِڙيائِي.
ڪاڻئين مَسِيتن ۾، ٿيو خاصو خدائي.
موٽِي مَڙهين وِچ ۾، تَنهِين مالهان ڦيرائِي.
ڪاڻئين وٽِ نه وارَ جِي، ٿِي ڪاڻئين جُدائِي.
ڪاڻيئن مَٿي تَخت جي، ڪاڻِئين گدائِي.
اندر ٻاهر هڪڙو، آهي صورتَ سَڀائي.
ڳالِهه نَه سَمجهڻ جِهڙِي، پر سَڀا سَمجهائِي:
ڪافِر مومِن هِڪڙو، ”سچو“ ٻوڙجِ ٻِيائِي؛

ڪافي 2

سيَکَنهِن پار، پِرينءَ جو پَرتو، خوابون عينُ ڪلايو؛
وحدتَ مون، وو، ڪَثرتَ ڪِيائين، رَنگيءَ رنگُ رَچايو؛
تو مان جي پَردي مَون ٻاهر، سرتِيُون چو نه سِڏايو؛
طرحين طَرح پوشاڪان پَهري، لالَن پاڻ لِڪايو؛
هِي سڀ حُسن هَاديءَ جو آهي، پِينَر ڪِيمَ پُلايو؛
پاڻ ڳُجهو ڪِيائين پَڌرائِيءَ ۾، هيءُ تَنهِن هنر هَلايو؛
”سَڃيڻَني“ جي صورتَ ۾ تَنهِن، اِهڙي رَمز رلايو.

ڪافي 3

هيڏي هوڏي نه نهار، تنهنجي ويڑهي سو تان يار وَسي ٿو.
ساڻُ سدا آهي تان تنهنجي، پِرين نه آهي ٻي پار.
ڦولهي لَهج پاڻ مَون، چو ٿو وَڃين وٽڪارِ.
پِرينءَ نه پُڇِ پَنڌڙا، تون ”سَچو“ پاڻ سَنيار؛

ڪافي 4

ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اُهو جو مان روز ڏِسان ٿي!
وِيڻِي هُيَڙَس وَاٽ تي، اَچي وسيلو ٿيو؛
ماڙيءَ مَنجهه مَعشوقُ ڏٺوسِين، لالَن پائي لِيو؛
دريءَ مَنجهون ديدَ ڏٺيسُون، لالن پاتو لِيو؛
جَتَن ڪَج جَتَن جو، سگُ سَبب سان ٿِيو؛
صَحِي سُجاتَم سُپُرين، يار يقينؤن ٿيو؛
"خَلَق اَلاشيَاءَ وَ هُوَ عَينُهَا"، شَڪ وڃَون ٻِيو ويو؛
ڪٽِي وڃان آءُ خوشِيءَ سان، سَرتُيون جي سُنهن ڏيو؛
سَير ساروئِي صُورَتين، پاڻَ قرَيبَن ڪيو؛
يَار "سچل" تون صحيح ڪر ڃاڻج، ڪيو خمارن کيو.

ڪافي5

حاجي حَجُ اَجُ ڪيوسي، ڪعَبو مُنهُن محبوبَ جَو.
هاڻ حاصل سَرتيون، اَڪبر حَج ٿيوسي.
ٿِيو قبوليت مُنهنجو، جيڪو عَرضُ ڇَيوسي.
هِيءُ تَنُ طَوافِي ٿيو، وڃُون غيرُ ويوسي.
هاريون ڙي حَرمين ڏي، سَندن نامُ نِيوسي.
اُنِهيءَ ٻاجُهون ناه ڪو، اِهو احرامُ ٻَڌوسي.
اُهو ڪَعبو اُهو قبلو، "سَچو" ڏَسُ ڏيوسي.

ڪافي 6

تو ڪِيئَن وڃايو پاڻُ، ڳولي لَهِج پاڻ کي!
پاڻ وڃايو نَه لَهِين، پَڇي شَڪّ گمان!
آخر گڏيُئي گهَرَ ۾، ميان سوئِي گهَرُ سُجاڻ.
مَڪَڻُ اڪر هِيڪڙو، ميان سوئِي ڪَيرُ سنياڻ.
آهين ناهين آهه سَپوئي، آهه نڪو اُهجاڻ.

چا جي ٿيندو، چا جي لَيندو، صورت وچ سُجاڻ.
”سَچو“ ٿي سَچُ آئيو، ماڳ اِنهِيءَ مِهمانُ.

ڪافي 7

سَڀڪنهن صورتَ ۾ سُپرِيَن، سرتَيون ڏي، ساري ڳالِهه سَلِيائون.
ڏيو ٻاري سَجُ کي، ڪاڏي ڪَيِنَ ڏٺائوُن.
ساڻُ روشِنيءَ سِجَ جي، پُرجهِي سِجُ پَسيائوُن.
وحدتَ ڪثرتَ هِڪڙي، جيئَن مِينهَن ڦُڙيون مورائوُن .
”سَچوءَ“ سندي نانءَ ۾، اِهڙيءَ طَرحَ اُتائون.

ڪافي 8

جيئَن سِجُ آهي پِريشان، سوئي ڳولي سِجَ کي.
مَڇِلِي جيئي آبَ سان، آب پچي تغيان.
تارو پچي نجمَ کي، موجَ پُچي مِهراڻ.
ڦُڙي پُچي مِينهَن کي، شاهُ ڳولي سلطان.
هو مِڙيئِي پاڻَ ٿِيو، ڪير ٿِيا حيران!
”سچوءَ“ جي صفت ۾، اِهو باريءَ ڪيو بيان.

ڪافي 9

صورتَ سَڀ سلطان، پاڻ ڏَسڻ آيو پَنهنجو تَماشو!
ڪاتئين حَنبل، شافِعي، ڪاڏئِين مالِڪ، نعمان؛
ڪاتَئِين پَٽي پوڻيون، ڪاڏَئِين پَڙهي قرآن؛
ڪاڏَئِين اَنَاالحَقُ چَوي، ڪاڏئِين ڦيرائي فَرمان؛
ڪاڏَئِين طفوليّت ۾، ڪاڏَئِين پِيرُ جوان؛
ڪاڏَئِين مِير وزير ٿيو، ڪاڏَئِين ٿِيو دربان.
ڪاڏَئِين احمد بلاميمي، ڪاڏَئِين هَنومان؛
”سچُو“ پيو صَبَر ۾، هوءِ حَيرتَ ۾ حَيران!

ڪافي 10

ٻانهون ٻانءِ مَ ٻاڻُ توهِين مالِڪ مُلڪَ جو!
*“ لاَ خَير فِي عَبدِي” اِهو اَڏُئي اُهجاڻ؛
ٻاڻ ٻُڌڻجو ٻاڦَهين، صورتَ مَنجِهه سُجاڻ؛
تون ئِي جاڦَندڙ سَيَڪِي ميان، ٽِئين ڪِيئَن اَجاڻ؛
اللهُ الله چو چَوين، ٻاڻ ئي الله جاڻ؛
“سَچو” سائِين هِڪڙو، ناهي شَڪّ گمان.

ڪافي 11

آءُ پُڇهون ٻاڻ آهيان،
ڪاڪِيون مُنجان قاصِد ڪاڏي!
اِها صورتَ سَمجهِي ڏِڏِيمَ، ساڻِي ٻِيا ڪيئَن سَنباهِيان.
ڳالِهه پَري هُئي، ٽِي پَئِي اوري، ڪيڏي سي ڪانگ اُڏايان.
مُدعا مَطلب هو مِڙيوئِي، پوڙِيون سي ڪيهُون پَڌايان.
سُڌِ پَئِي مون سِرّ انهيءَ جي، ڪيچ پنپور کي پايان.
“سچوءَ” مَنجهَون ٽيو سَچُ پَيدا، ڪيهون ڪوڙيون ڳالهيون ڳايان!

ڪافي 12

مون سان تون آهين آهين، ڪَڏهن ڪِيئن ڪَڏهن ڪِيئن!
اسان نِماڻن تَؤن سُهَڻا سائِين، هَٿ هَڻَئون متان لاهِين لاهِين.
آءُ ڪَنِيزڪ، تون تان سائين، سَگُهَ نَه تَنهِن سان ڪو ساهِين ساهِين.
ڪَڏهن آرامِي ڪَرين اَسان کي، ڪَڏهن بَڇِين ٿو باهِين باهِين.
ڪَڏهن مَنصُوري دمُ اَناالُحَقّ، ڪَهن ڏسين ٿو ڦاهِين ڦاهِين.
حاضر ناضر آهين اسان سان، ڪِيئَن جَوان تان ناهِين ناهِين.
*اَستَغفِرُالله ڳالِهه اِهائي، جو ڪُجهه مُون سان تون ناهِين ناهِين.
“سچو” جي عاشِقُ آهِين اَسان جو، ٽِڄِ نَه دردَ جون دانهِين دانهِين.

ڪافي 13

www.freepdfpost.blogspot.com

تو ۾ تَندُ تنوار، ٻُڌين نڪِي ٻوڙي، الا!
ڳالَهه اِهائِي ناهي سَلَڻَ جِي، خَرچين سَو لَکَ هزارَ.
ساڻِيَڙَن، ميان، ڪيا هي سَڏڙا، لاهي سَپ مَيارَ.
دم غنيمَت جا هِت آهِن، ڏينهَن دنيا ۾ چار.
‘‘سَچل’’ آکي عِشق مَنجهاروَن، تَگَان تُنهنجِيءَ تار.

ڪافي 14

مَحبوب ڳولي ڏسُ مَنَ ۾، مَنَ ۾ تون، ڏسُ دل ۾ تون.
*واهَ ڪاريگر سازُ بَنايُئي، ‘‘ڪُن فَيَڪُونَ’’ جي ڪُنَ ۾.
بي فائِدو بازار گُهمين ٿو، گُل قَلَ باغَ بَدنَ ۾.
چورِيءَ چورِيءَ سَير ڪَرين ٿو، ٿُنهنجو چاندَ چَمَنَ ۾.
‘‘سَچَلَ’’، سائين صَحي ڪَر جاٿُم، يار گڏيو ڪَکَ پَنَ ۾ .

ڪافي 15

مون ساري سُجاتِي، بازِي بازيگر جِي!
مَستِيءَ مَون مَنصورَ جو، ٿِئين جي جَماعِتي؛
سورهيه با سِجِ تي، تون ڪُسَڻ جِي ڪَاتِي:
غيرُ نَه آڻِج وچَ ۾، آهِين ظاهِر تون ذاتِي؛
مَتان پائِين پاڻ کي، تون ‘‘سَچَو’’ صفاتِي.

ڪافي 16

پاڻُ سُجاڻڻ آيو، ڏِي، سَچَڻ پاڻ سجاڻڻ آيو، ڪَم نه هُيَڙَس ڪو ٻيو!
پاڻَون جاڻِي پاڻ سان، هِت لَون تا لائِڻ آيو.
عَرش مَنجهاروَن اُلَهِي، هِت ورهُ وسائِڻ آيو.
سوليءَ تِي مَنصُور ٿِي، هِت سِرّ سَلائِڻ آيو.
مِصرَ جي بازار ۾، هتِ مُلهه وڪامڻَ آيو.
‘‘سَچو’’ ري سنسارَ ۾، هتِ ٻيو گهمائڻ آيو.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 17

توڙي پُڃيءَ لڳي سارو جَگُ، تان پي چا ٿيو-
ناهي مَحبتا ۾ مَطلبُ.
نَفِي سِرّي خَفي اخفا، توڙي جاري ٿِئي قَلب.
ڳالِهيَن ڪِيئي ڪِين ٿِئي، مَنصوُرِي مَنصَب.
ڪاڻ تماشي ڪِيتَرا، پُڇن پارَ عَرب.
ڪَري ڏيکارين ڪيترو، عالَمَ کي به عَجب.
رَڦلَ نمازان وردَ وَظِيفا، اِهو ڪوڙ ڪَسَب.
دائرا دَعوتَ جا قرِين، ڪَرين تَسخِيرات طَلب.
پاجهَون عِشقَ اللهَ جي، ‘‘سچو’’ ٿِئي نَه سَبَب.

ڪافي 18

چَئو ميان عشقا ڪِيئَن، ٿُون سَوين سيلَ بنائِين ٿو!
يا ٿُون آهِين ذاتِ ديوانو، جو ڪيڏا ناه ٺهائِين ٿو.
ڪاڻين مُلا قاضِي ٿُون، ڪاڻَئِين سَيّد سڏائين ٿو.
ڪاڻَئِين مُغ برهمڻ تون، ڪاڻَئِين پانگ پڌائِين ٿو.
ڪاڻَئِين مُنهن ۾ محراب، ڪاڻَئِين تِلڪ لائِين ٿو.
ڪاڻَئِين تسبيحان تون سورين، ڪاڻَئِين جٽيان پائِين ٿو.
ڪاڻِين پيرين آهِين پيادو، ڪاڻَئِين بَور بچائِين ٿو.
ڪاڻِين منبر واعِظي، ڪاڻَئَين پوٿيون پَڙائِين ٿو.
ڪاڻِين زربفت قبائون، ڪاڻَئِين لِيڑا لڙڪائين ٿو.
ڪاڻَئِين ڏيئي شرعي فتويٰ، ڪاڻَئِين مَنصُور مارائين ٿو.
ڪاڻِين هَنومان ڪوڙائِين، ڪاڻَئِين ڏهيسر ڏَسائِين ٿو.
ڪاڻَئِين ٿِئِين رام يا سيتا، ڪاڻِين لَچمڻ لَکائِين ٿو.
ڪاڻِين نمرود ابراهيم ٿي، ڪيئي بيڪ بنائين ٿو.
ڪاڻَئِين ٿي فرعون يا موسيٰ، سڀ صورت ۾ سَمائين ٿو.

ڪائنِين ٿي بادشاه مُلڪ جو، سارو ديس ڏيائين ٿو.
ڪائنِين ٿئين غرض گداگر، ڪائنِين ٿوليون ٺڪائين ٿو.
ڪائنِين مفتي تون ”خدائي“، ڪائنِين ”اَنَاالحق“ فرمائين ٿو.

حقيقت

داستان پهريون

1

هُو پِي ڪِينَ اَچِيٽو، هِي پِي ڪِينَ وِيو؛
نَفيءَ ۽ اثبات ڪَوَن، پَري خيال پِيو؛
*”سَچو“ سَچُ ٿِيو، پِي ڀانَهپ ٻولِي ناهِ ڪا.

2

”سَچُو“ سَارو سَچُ ٿِيو، مَنجهان ڪَٿرتَ ڪُلُ؛
اَلَف مَوَن آدَم ٿِيو، ڪَري هنگامون هُلُ؛
هندو مؤمِن سو ٿِيو، پول نَه ٻِي ڪَنهِن پُلُ؛
”خَلَق اَلاَشيَاءَ فَهُوَ عَينُهَا“ اِهو آٽ عَمَلُ؛
ٿِجِ گُلابِي گُلُ، مَرُ مارِ نِئِي مَنصُور َجان.

3

قلبِيءَ ۾ نَه قَرارُ، آهي عاشِقَن کي؛
روحِيءَ لَکَ رُلايا، نه نفِيءَ نفع دارُ؛
سِرّيءَ سَوَ وِجايا، خَفِيءَ ڪيا خوارُ؛
اپَرَ اِخفا ناهِ ڪو، طالِبَ کي تَڪرارُ؛
رِيءَ پَروڙٽ پانهنجي، آهِ شيطان شِڪارُ؛
”سَچُو“ هِي سَنسار، سارو پاٽَ سَهِي ڪَرِين.

4

www.freepdfpost.blogspot.com

سائِر مَنجهه سَهسَ، گهيڙا گِهڙَڻ آئِيا؛
ڪوسِرُ سِيٽاهِيو ڪَيي، مانُي ڪَوُن مَسَ؛
‘‘سَچو’’ لَنگهي لَس، شَرط وَچِي پيو شَهه ۾.

5

اَچِي اَوتڙياءُ، گهڙِيس گهوري جِندڙي؛
چَڙهِيسَ ڏَاڍي چَاهَ مَوُن، مَستِي مَوجَ مَٿاءُ؛
تَڙَ لَهِي تِرياءُ، شَرط لنگهي پِيسَ شَهه ۾.

6

جي وَچِي شَهه پِيا، مُشڪل موڻَڻ تن جو؛
چا تانگهه چا تار ۾، بڌِي پَوَن بِيا؛
جي وِچَوُن پاڻ ويا، سي پاڻ ئي پاڻِي ٿِيا.

7

گهِڙَن جي گهِيڙاءُ، تانگهو عِشقُ تَن جو؛
جن کي عشقَ عَلِيل ڪيو، سي ايندِيون اَوَتَڙاءُ؛
جي سُور چَڪَنديُون ساءُ، ميهَرُ سي ماڻِيندِيُون.

8

اَسان پِريَن وِچَ ۾، وَهي ٿو دَرياهُه؛
آهي ڪو نَه اَسان جو، هاديءَ ري هَمراهُ؛
سُپريان ٿَوُن سَاهُه، ‘‘سچوءَ’’ تان صَدقي ڪِيو.

9

ڏاها ڏُوريون پَنَڌُ، مَتان پائين پِريَن جو،
حَبِيباڻو هَنڌُ، وچِي ڏِسِج اَکَڙِين سان.

www.freepdfpost.blogspot.com

10

پِرين مُنهنجا پَارِ، ڪِيئَن هِت ويلا ڪَرين؟
قاصِد قَريبَن ڏي، دوڙَڻُ تو دَرڪار؛
ڏسِي وَرِج سِگهڙو، دوساڻِي دَربار؛
لَڳِي اَٿم لَونءَ جِي، عَجِيبَن سان عَارِ؛
ڏاترَ مُون ڏيکار، صورَتَ سانگِيڙَن جي!

11

اَسان پِريَن وِچَ ۾، دور وهي دَرياءُ؛
ڇُوليُون ڇَران ٿِي ڪري، پِيو وِڇُڻي واءُ؛
سُڻِي آهان آءُ، مِيان هِنَ مُشتَاقَ جُون!

12

اسان پرين وِچ ۾، جَرُ وهي جاري؛
هِڪُ ڪَڙڪو ڪُنَن جو پَوي، پِيون وِيريُون ڏي واري؛
هُت ساجَن جا سارِي، سا دَهلي ڪِينَ دَرياءَ ڪَوُن.

13

مُون تان توڏي موڪلِي، لِکِي ڪِتابَتَ؛
ڏُکَن جي هِنَ ڳالَهڙيءَ، مُنجهائِي مَصلحت؛
ڪِيو فَنا فرض ُنّتَ، سِڪَ تَوهان جيءَ سپريَم.

14

جَري جَري م چئو، جَريو آهي لُوڪُ؛
جو جَرئي لَڏو ٿوڪُ، سو "سَچُو" آهِه نَه سپڪنهن.

ڪافي 1

سالِڪ راهَ سُجاڻِي، پاڻُ نَظَر ۾ آئِين،

www.freepdfpost.blogspot.com

جاءِ نَظَر جِي آهِين اَصلَ ڪَوَن، يارَ يَقِيناً جاڻِي،
پاڻُ وجائِج نُور نَظَر ۾، تَه وسرئِي پِي آکاڻِي،
فنا ڪَوَن اَڳِي بَقا نَه ٿِيندين، جِيئن پارو ۾ پاڻِي،
صورتَ مَنجهان ٿِي پِي صورَتَ، وِڇوَن گرد اُڏاڻِي،
هادِيءَ حقيقَتَ هيءَ سَمجهائِي، ''سَچو'' ساهَه سيبَاڻِي.

ڪافي 2

لَوءُن اَچِي پاڻ لاَيَوَ، ناته مون ڪي ڪَل نه هوئِي؛
اَصلَ لاڪوُن عِشقَ لائِڻ جِي، ڳالِهه اِها خوش آيَوَ،
دَردَ فِراقَ جِي ڏِنيو اَمَانت، اِها سانَولَ سيبايَو،
عَرشَ ڪَرسِيءَ جا ڪِين قبولِي، اُها اسان ڏي هوت هَلاَيوَ،
ڳالِهه پُرجهَڻ جهڙي ناهُئي، پاڻَ سَجَڻَ سَمجهَايَوَ،
ڏينهن اُنَهِيءَ جِي، يارَ ''سَچُوءَ'' ڪون، سچي ڳالِهه سَلايَو .

ڪافي 3

ٿُنهنجو دَردُ اَصلَ ڪَوَن اِختيار ڪيِوسين، ميان،
ٿُنهنجي سُخنَنَ سَچَن اُتي اِعتبار ڪيَوسين، ميان؛
ڪِي ٿا پُڇَن پِرينءَ ڪي، ڪُرسِيءَ يَا عَرشَ اُتي،
ٿُنهنجن اَکِن مَنجهان سُهڻا اِسرار ڏٺوسين، ميان؛
ڪي تا تابع تَجليّ يا شُعلِي نوري يارو،
اسان صورَتَ هِن ۾ تا دِيدارُ ڏٺوسين، ميان؛
تنهنجو حُسن ٻِنَهي جهانين، يار سَجَڻ سَهِي ڪيوسين،
ٿُنهنجي سَچِيءَ ڳالِهه هِنَ تي اِقرار ڪيوسين، ميان؛
هو جو ڪَيَڙَو مون سان، سو پانهنجو وعدو پاڙيو،
سِر ساهُه صدقي صد بار ڪيوسين، ميان؛
''سَچو'' سَگ دروازه آهي، روز اَزلَ ڪَوَن ، ميان،
تو پِيرَ عبدالحَق جو پِيزار ڪيوسين، ميان.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 4

وڃي آکيون ڪاڻي لايُئي، حَال حقِيقتَ جي سان؛
فِڪر اِنهيءَ ۾ ميان ٿِي فنا تون، پاڻُ پَنهنجو پايُئي.
اِهڙيون ڳالهيون سُڻ ري عاشِقَ، سارو سو عشق وڌايُئي؛
محبت وارو دل جي اندر، ڏاڍو ڪو مَڇُ مَچايُئي؛
ڪَنيئي پَلَڪ ۾ پاڻَهي، پُولي ڪَنهن نه پُلايُئي؛
جي ٿِئين عاشِق يار ''سچو'' ري، اِئين سو عِشقُ ڪَمَايُئي.

ڪافي 5

ڪَلَ نَه پَونَدِي ڪائِي، عَجَب جيهي اسرارُ اُنهِيءَ جي؛
هُئي حَلاجَ ذرو سُڌ سِرَ جِي، تَنهِن سِسِي ڪوڏَ ڪَپائي؛
لاهي حجابُ حجابُ وڌائِين، هِيءَ حِرفَتَ يارَ هَلائِي؛
''سَچو'' سوئِي صاحب آهِين، پر سپ ۾ ذات سَمائِي.

ڪافي 6

جِهڙو هيءُ عجائب آهِه، ناهي عجب ٻيو ڪو اِهڙو؛
هيڏي هوڏي نه ڏسين، مُنهُن پاڻِيءَ ۾ پاءِ،
پوءِ تصور هن ۾، پِي بازي ڪا نه بناءِ؛
اکيون پَٽي جي ڏسين، هادي آهي هَرجاءِ؛
''سَچوءَ'' سارو سچُ چيو، هيءَ رمز دل ئي سان لاءِ.

ڪافي 7

اِهو ڏاهيون ڏَس آهِه، سانول اِتي وسي ٿو؛
ڦولهي لَهج پاڻ مؤن، پَري نه پيرا پاءِ؛
دائِم آهي دوستَ جِي، ٿُنهنجي جيءَ ۾ جَاءِ؛
ڪَنهِن جي ڪارڻ ٿِي ڪَرين، هاري ڏِي هاءِ هاءِ؛
سوئِي ڏسندڙ، سو ئِي سُڌندڙ، پاڻ ئِي ڳالهيون ڳاءِ؛
سارا ڏونگر ڏورئين، ڪاکي ڏِي ڪَنهين لاءِ؟

”سَچو“ وڏو ساهَه ڪَوڻ ڪير ڇَوي تا ناءِ!

ڪافي 8

هِي ڇَڏيج هو وٺيج، متان ڪا بيِ ڳالهِه پُڇيج.
ڏُئيءَ واري دامَ ڪَوڻ، پِهريون طالِبَ پاڻ ڪَيِيج،
مُرشِدَ جِينَّن فَرمائِيو، واقف سو تان ڏَسُ وَٺيج،
سِر سَهِي ڪَر پانهنجو، ٻِئا آڏاڻا ڪِيم اَڏيج،
لاري لگُ نَه ڪَنهِن ٻِئي، عَاشِقَ اِنهِيءَ پَنڌ پٽِيج،
ويسَهُه واريءَ واٽ تي، ”سَچو“ ڏي ٿُون سِر سَٽيج.

ڪافي 9

پاڻَهين پاروٺن يارَ، قاصِدُ مون ڏي اَجُ آيو!
اَچَڻَ سَندي اُن جي، اُٿِي ويا آزار،
ٿورو ڪيڏو تَن لايو.
ڏنا دلاسا دل ڪي، رهبر راتَ هزارَ،
سَندن روحَ جو رايو.
هيڏي هوڏي نَه وڃي، اَچج مِ اَعتبار،
محبت مِڙيوئِي مايو.
اَچڻ جا مَحبوبَ ڪَيا، پَڪا قولَ قَرارَ،
”سچو“ تو ڏي هُنُن سَعيو.

ڪافي 10

پَلِي ڪَري آئين، هِت ٿُون گُهرجين يارَ!
هِت ٿُنهنجِي گُهرَ گهٽِي هُئِي، دوست مِنا دلدارَ!
جاڏي تاڏي جَلوو ٿُنهنجو، عَجب ٿُنهنجا چَمڪارَ.
هِي پِي، هو پِي هِڪُ، ديسُ تنهنجو، چَئِين ڪُنڊين چوڏار.
اَچِي ٽئين هِڪُ ”سَچوءَ“ سان، لاهي ٻيائِي بارَ.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 11

عاشِق مَرندا ڪِينڪِي، رهندا ڪِينَ مَڪانَ ۾.
ديواني درياءَ جو، پِيتئون پيالو پُر ڪَري،
اَجر مَنجهه اَمر ٿيا، اُهي گڏيا ڪِينَ جهانَ ۾.
غيبَ ۾ جي غَرق ٿيا، تَن گهاؤ گردَن ۾ لڳا،
بولِي بولن ٿا پِي نڪا، اُهي رَهن ”اَلاَمانَ“ ۾.
ڪيئِي پَڙهندي سالَ ٿيا، روزا نمازون نفَل نِي،
تَن ڪُنَن ڪَلَ ڪانه ڪا، باطون جي بيانَ ۾.
چِين ولايت گهر ڪَري، گهڙِي گهارن ڪِينَڪِي،
پَسَن هادِي حَق کي، رهن ٿا بئبانَ ۾.
هَر دم آهي دم دوستَ ڏي، اُهي سُونهن ٿا سَر انجام ۾،
سو ”سَچوءَ“ کي ئي مليو، هي گُر اچي گِيانَ ۾.

ڪافي 12

ڪِيئن وساري تو ويهون ويهون،
آهِن ڪيهيون اَسان جيون ڳالهيون.
*ساهَه سَنيون تان يادِ ڪَيُون، سي آهِن عجائبَ جيهون جيهون.
ڪهڙيين ڳالهيين عاشِقِ اَسان کي، ڏُک ڏوراپا ٿو ڏيهون ڏيهون.
اِهي عتابَ تون رکين ٿو ڪيها، پَکي اسان جڙي پيهون پيهون.
هِنَ پچاڻون مَتان اَسان تي، ڳالهيُون رکين تون ايهون ايهون.
”سچو“ اسان جو تون، اسين تنهنجا، ڳالهيون ڪرين ٻيون ڪيهون ڪيهون!

ڪافي 13

آءُ ڪانگا ڪَر ڳالِ، پِريان سَندي پارَ جِي، وومِيان.
مون سان ڪَري جي ڪالَهه وئين، اُهي تان وعدا پال.
هِنَ غريب سان ٻِين گڏائِج، بِرهَ ڪِيسَ بيحال.
هيڏي اَچڻ جي هُئِي اُنهن کي، ڪا تان قيل مقال.
ٻاجهه پَويئي وي ٻاروچا، نِج نِماڻي نَال.

ياد ڪَرن تا هُتِ توئي ڪي، وجُهه نَه جيءُ جَنجال.
*“فَاذ ڪُرونِي اَذڪُرڪُم”، پَئين ٿُون ڪيهي خيال.
قولَ پِرينءَ ڪَيا جي توسان، سي سَڀ بَحال.
دل بَڌل آهي توءِ پِريَنءَ جِي، “سچو” ٿُون پاڻُ سَنڀال.

ڪافي 14

پاڻَ پُنهون آءُ آهِيان، اڙي پِينَر پُلِي ناهِيان.
ٿِيو ٿِيون مُنڪِر ڳالِهه اِنهِيءَ ڳَڻن، چو تڏهِن ٻيو چاهِيان؟
ڪيچ پنپور پِي وسَنوَ اسان جي، ڪَهڙي طَرف آءُ ڪاهيان؟
هَرڪو چَوي تا سَهسِين عاشقَ، نانءُ پاڻَ ئِي ٿوَن لاهِيان؛
هِت هُت آهي صورتَ منهنجي، ناهه نه ڪو ٻيو ناهِيان؛
پَنهنجو پاڻَ ئِي سان يارَ “سَچو” ڀِي نِينهُن اِهوئي لايان.

ڪافي 15

مَحبوبُ مِنو آهي مَنَ مِ، معشوق مِنو آهي مَن مِ!
بيفائِدو بازار ڳُهمين چو، اَڏَئي بُلبُل باغَ بَدَن مِ؛
پِيالِيءَ سان ٿو ٻاهر ڳولين، نه ڏَئِي بَرَ بَحرَ ءِ بَنَ مِ؛
چِهرا چورِيءَ چَلِيو ڏسين چو، اَڏَئي سو چاند چَمَنَ مِ؛
زلفَ زَنجِيرَ ڪوَن زاهِدَ پَڪَا، اُهي ظاهر پَرَست ظن مِ؛
عاشِق سَوين اَحوالَ مِ، آکِن اَنَا حَقُ اَنَ مِ؛
سَت زيور سينگارَ ڪَري نِي، دوست آيو درسَن مِ؛
*“ڪُلَ يَوم هُوَ فِي شَانِ”، آيو ورنهَه هر ڪَنهِن ون مِ؛
دلبَرَ ديرو دائم دل تي، چو ديکين دَرين مِ؛
ڪري ٿو آهُون ڪِينَ سُٽي ٿو، اَڏَئي قُدسِي ڪلام ڪَنَ مِ؛
مُرشد ڪامِل سانولُ سُپرين، آيو صاف صَحَن مِ؛
فيض “فاروقِي” فائِقَ بَخشيو، فهماي هِنَ فَنَ مِ.

ڪافي 16

www.freepdfpost.blogspot.com

سِگھَڑي لهج سَنياڻَ، هادي هِنَ جي حالَ جِي؛
ڪوتَهه ڪَريو قالَ کي، آڻي ۾ اَحوالَ؛
سگهو موڪِج سُپرين، توريءَ ڪَيَم ڪَشال؛
فنا ڪَريو فِراقَ کي، ويجهو ڪريو وِصال؛
گهٽا لايَو ڏينهڙا، ماريَس هِنَ مِثَال؛
اَوهان ٻاجهُون سُپرين، هِهڙا ٿِيڙَم حال؛
اَگُڻ هِنَ جي آءُ تون، ''سچوءَ'' مَچ سوال.

ڪافي 17

زاري پينَر زاري، اڳيئون عَجيبَن جي آهي اسان جي!
روز اَزل ڪَوَن عاشقَن جِي، سُوريءَ تي هسواري؛
شاه مَنصور حلاج حُسَينِي، سُوري ڪِيئَن سينگاري.
هِيءُ ٿئي گُم اُهو ٿئي ظاهِر ، چُپ چُپان چوڏاري.
''سچو'' ساهه سِري ڪر صدقي، سَرسُ وٽين سرَ وَداري.

ڪافي 18

ٿو دوسِتيءَ جو دمُ هَٽين، پَر ڪِيئَن ڪُسِي قُهربان ٿئين.
مَهَند مَنصُوريءَ جي ٿُون، مَنجهه مَعرڪي مَردان ٿئين.
وري صحِي ''اَنَاسِرّه'' تَنهِين اسم مَوَن انسان ٿئين.
جي تو پوي سُڌِ سور جي، حيرتَ انهيءَ حيران ٿئين.
نعرو ''اَنَا الحَقُّ'' جو هَڻِي، ٿِي مرد سر ميدان ٿئين.
جي دم سُجاڻين پانهنجو، ٿُون دين، تون ايمان ٿئين.
هِي پَنڌ سو پُرزا ٿئي، جي نينهن جو نيشان ٿئين.
''سچو'' يَڪا يَڪ ٿئين، تون شمع تون پروان ٿئين.

ڪافي 19

مين ماهِي دي لَگِ ماري، ماري آئون ڦِر جياري.
جَوندَيس پيش پِرينءَ جي، حال حَقِيقَت ساري.

جا نالو ونَندي نبِنهَن جَو، تَنهن کي اِيندي شَهَر نِڪاري.
دم نَه رهندي دوستَ ري، شَوقُ سَندو شِڪاري.
مَستَن کي محبَتَ جي، آهي، ڳچِيءَ ۾ ڳاري.
جي اَول ماريو پوءِ جِيارن، تَنين گڏ قَطاري.
چَڱِي ٿِيَڙس چِت ۾، دوستَ ڏَنِي دلداري.
‘‘سچيڏَني’’ کي عِشقَ جِي، صاحِب ڏي سَرداري.

ڪافي 20

عاشِقَ ڪَيئَي اُداسِي، وَه واه ڳالِهه خاصِي.
لَوَن لَوَن منَجهه روز ازل ڪَوَن، آهي ورِهه اَوهان جي واسِي.
‘‘عشق نارءُ احِتَرق’’، سُٹِي اشارتَ، هيءَ دل تان ڪِينَ هِراسِي.
هيڏي هوڏي ڪين وياسي، بات اِها اسان باسِي.
برهَ اوهان جي ڪِيو بيراگِي، ‘‘سچو’’ رنگ سنَاسِي.

ڪافي 21

هُت تا ڪير هُياس، پَلو ميان، ٿِي آيس ڪير - نه ڄاڻان.
نانءُ ٻيو هُت منهنجو، سائين الا، هِت ٻِئي نانءَ ٿياس.
اڇ نَه هو هِت مُنهنجو، سائين الا، پَرَ ڪَنهِن تا خواهش ڪنياس.
هُت هُيَس مَعشوقيءَ ۾، سائين، الا، هِت عاشِق ٿِي آياس.
هَي هَي هُئِي ڪانه ڪا، سائين الا ، هِت مَنجهه پَروڙ پياس.
‘‘سَچو’’ سارو سَچ ٿيو، سائين الا، وڃَوَن آءُ وياس.

داستان ٻيو
حقيقت

1

جي اَچين تا اَڄُ، نَه تَه هِت پُورَن پَچاڙيو؛

www.freepdfpost.blogspot.com

محبَتَ ۾اريو مَڇُ، سِيني مَنجهه ”سَچوءَ“ جي.

2

ڪِيم مَهِينا لاءِ، آءُ پَلا پُلِي آهِيان؛
اَچِي اَکَڙيُون کَٽِي، ”سَچوءَ“ کي سَرچَاءِ؛
جانِي جوڙيَم جاءِ، تو لَگِ اَکَڙيُن ۾.

3

چَشمَن جِيءَ چمَڪارَ، ساهه مُنهنجو سوگهو ڪِيو؛
ويهي واٽَڙيُن تي، رُئان زارو زار،
هوت اَچِيج هيڪار، اَگَٽ آسروند جي.

4

ماڻ ڪريان تان مُشرڪ ٿيان، ڪُچان تان ڪافِر؛
اِنِهيءَ وائيءَ وَرُ، ڪو سَمجهي ”سَچيڏنو“ چوي.

5

رونَٽ کان نه رهن، آيَل اِهي اَکَيُون؛
سپڪنهن ويل وهَن، اَٿن اَثر اوهِيرن جا.

6

لَحظو نَه لاهِين، بارَ مَٿَن بَرسات جا؛
اَکين کي آهِين، اَثَرَ اوهِيرن جا.

7

بادَل وارا بارَ، چشمَن تي چڙهيا؛

رئن زارو زار، اَڻن اَثر اوهيرن جا.

8

آئي نِي مُند مِينهَن، آهي اَکڙين کي؛
رئن راتو ڏينهن، اَڻن اَثر اوهيرن جا.

9

آهِه اِها ئِي تاتِ، اَگم اَکڙين کي؛
ڏينهنَ اَوُن رات، اَڻن اَثر اوهيرن جا.

10

اَگم اَکڙين کي، سدائين آهِين؛
سي ڪِيئَن اوڳائِين، جن کي اَثر اوهيرن جا.

11

اَکين کي اَگمَ، هِن سَدائين سَرتيون؛
گُوندر گڏيون غَمَ، اَڻن اَثر اوهِيرن جا.

12

لايون پِرت پَسن، اَوُن اَگم اَکِين ميڙيا؛
سي تان ڪِيئَن نَه وسَ، جن کي اَثر اوهيرن جا.

13

ڏسن ۾ رئَن، اِها عادت اَکين کي؛
سي سرهِيُون شالَ هُئن، جن کي اَثر اوهِيرن جا.

14

آهي ريجهَه رئڻ، آيَل اَکڙين کي؛
هُئي تَن هُئڻ، جن کي اَٿر اوهيرن جا.

ڪافي 1

آءُ ته ”مان“ ”تون“ وَڃي، يارَ،
ٻِي ڳالهه ڪَر مَ ڪائِي.
ڳُجِهي ڳالهه هاديءَ واري دل تي دائِم،
فراموش ٿِي ٻِي ورونهن وائِي.
بَحَر تي جا لَهَر لَڳي ٿي، اَسان پاڻ بازي اَصل ڪوڻ بَنائِي
آهي هُوءِ حيرَت هَو جِي جِسم تي،
حَرفُ حَقَ جو آهي صورتَ سَپائي.
لَٿو جُهڙُ جو هو نَظَر ۾، ظاهِر ٿيو سِجُ،
ٿِي اَجُ سراسَر سَهائِي.
آهي ”سَچو“ سَچُ تحقيقَ ڄاڻين،
جنَهِن مَست ماريو دمُ خدائِي.

ڪافي 2

سچا سي سخن هاديءَ جا، يارو، اڄ ياد آياسي،
تَنهِن ڏينهَن لاڪُون اڄ تائين، اُهي بَر چشم چاياسي.
ڪَيو تان قولُ سائِين هي، مِيڙن آڏو پَڪو مون سان،
هونداسين دمبَدم توسان، اِنهيءَ وعدي وٺاياسي.
ڏيو هِي تن طَاعَت ۾، گڏيو هِي جان جانان سان،
پَري ڄاڻيجو پائِيءَ کي، لاڙي هِن يارَ لاياسي.
روزا ڪيئي، نفل نِمازان، توڙي سَو ورد وظيفا،
سَپِيئِي لَڳِ ظاهِر آهن، سبق ساڃن پَڙهَاسي.
پِئَو جي خيال خاصي ۾، سُجاڻو پانهنجِي صورتَ،
*ٻڌي ٻولي ڏسي ٿو ڪير، فڪرَ ٻيا سَڀ ڦَلاياسي.
ويٺو مَنجهه بادشهه محلي ٻولي ٿو ڪِئن اُهي ٻولِيُون،

اُهو بادشاهه اُه و بنگلو، نه بي پولي پُلاياسي.
جيڪي ڪيا دوستن مون سان، اُهي ڳڻ تان نَه وسَرن ٿا،
هُئا گڏ جي حبيبن سان، چگا سي دمَ لَنگهاياسي.
*شڪر اَلحمدالِلّٰه ٿو پڙهان لکَ بار شڪرانا،
اُهي پيهي پَکي آيا، جَنِين لءِ پَنڌَ پُڇَاياسي.
“سَچو” سگ آهي دروازي اَزل جي روز سائِن جو،
پَنهنجو سي ڪِيئَن چَڏيندا هي، توڙي عيبن اُناياسي.

ڪافي 3

چوڪَرين ٿو اَرمان، آهِن سوئِي ٿِيندين!
اُتر اُوپَر ڏکڻ، سَر زمِين چا اُهو آسمان.
پاڻُون جاڻِي پيرَ گُهمايَئِي، ٿي صورتَ مِ انسان.
اُتَڻ ويهَڻ جاڻِ اِهوئِي آهي، “ڪُلَّ” يَوم هُوَ فِي شَان”.
“ڪُلُّ شَيءِ يَرجَعُ اِليٰ اَصلِه”، قادرَ ٿيو فرمان؛
هاديءَ حقيقَتَ هِيءَ پُرجهائِي، “سَچو” تون سُلطان.

ڪافي 4

بِرهه جي بازار، جيڪا ڏسَڻ اِيندي -
جيڪا جو ڏسَندِي تجلوّ ٿُنهِنجو، وهَندي سا ڪِين قَرار؛
سودو جا ڪندي سِرَ جو، وِهَندي سا ڪِينَ قَرار؛
چَوسُول اَندر سُرخِيءَ مائِل، تيز گُهمي تلوار؛
جي ڪَنهِن چَمڪو ڏنو ٿُنهنجو، سا سِرُ ڏيندي سَردار؛
“سچو” اِنهيءَ سيرَ مِ، آهي ڪُسَڻَ جي ڪَار.

ڪافي 5

پانهنجا وعدا پاڙيا، سانولَ سائِينءَ!
هو جي ڪِيائون اَصل اسان سان، سي قولَ تَه يارَ وساريا؛
ڏينهن اُهي مون کَوَن تا نه وسِرِن، جي مون گڏ گُذاريا؛

سُخن سَچَائِيءَ يارَ سَجَڻ جا، سي هِنَ ساهہ سنپاريا؛
اُنهن ڪارڻ شَهر بَحر هي، مون تان نِتُ نِهاريا؛
دوستَ ”سَچوءَ“ جا دور هئا جي، سي واليءَ هِت ورايا.

ڪافي 6

جو ڏو ڳولين يار، سو تان تو ۾ آهي!
ڏونگرَ ڪيڏا ڏورئين، ڇَوءَ تون ڪَنِي لاءِ؟
هيڏي هوڏي نه وڃين، پاڻَ ئِي ۾ مُنهن پاءِ؛
دل واري خاني ۾، سَندي جانِبَ جاءِ؛
اِهڙيءَ اوڏائِيءَ جِي، ”سَچو“ ڪَلَ نَه ڪَاءِ.

ڪافي 7

سَل سوداگرَ يارَ، ڏي مِيان، ڪَهڙي ديسؤن آئين آئين؟
ظاهِر ٿِئين ٿُون وو اَچِي زمِينَ تي، ڪَٿِي ڪَٿوريءَ بارَ؛
هَلِي اُلٽهُون وو اَچِي اِتاهِين، هَنجن سو پُوتَئي هَارَ؛
طَرحين طَرحين وو اَچِي ڪَيئَي هِت، صورتَ جا سِينگارَ؛
شاهه آهين وو يا ته گُماشتو، لايَئي ڪَڍِ قَطَارَ؛
اَچِي پِياسي وو سُڻُ ”سَچو“ ڏي، شوقَؤن مَنجهه شُمارَ.

ڪافي 8

جُهليو جَن تي حالُ، اُنَهن کي آءُ ڪِيئن نہ سُجاڻا!
مَڃِن ماضِي ڪينڪِي، نَڪو اِستقبال؛
لِيڪو ناهي لوڪَ ڪَوَن، اُنهن جو احوال؛
جي مُون پُڇِيو جيڏيُون، آهي ورهه وصال؛
ووءِ ووءِ ٻاجهُون تن کي، نَڪو قيل نه قال؛
”سَچوءَ“ سُجاتو تن کي، جن کي عِشقُ ڪَمال.

ڪافي 9

مُون کي عِبرتَ آهي، اَهڙي حالَ جي،
هاريون حيرتَ آهي اِنهيءَ ڳالِهه جِي:
ڪاڻَئِين ڏاڍو، ڪاڻَئِين هيڻو، ڪاڻَئِين جوڙ جَڙيا ٿو پائي؛
ڪاڻَئِين ڪوري، ڪاڻَئِين موچِي، ڪاڻَئِين سيد سَڏائي؛
ڪاڻَئِين تارڪُ، ڪاڻَئِين سارقُ، ڪاڻَئِين مُک مِلائي.
ڪاڻَئِين شاهي، ڪاڻَئِين سپاهِي، ڪاڻَئِين حُڪم هَلائي؛
ڪاڻَئِين ڪَافِر، ڪاڻَئِين مؤمِن، ڪاڻَئِين سوريءَ سِرُ هَلائي؛
ڪاڻَئِين گُسائين، ڪاڻَئِين سَنياسِي، ڪاڻَئِين بُتَ بَنائي؛
ڪاڻَئِين سامِي، ڪاڻَئِين اِنعامِي، ڪاڻَئِين تِلڪ لَڳائِي؛
ڪاڻَئِين قادر، ڪاڻَئِين نادر، ڪاڻَئِين ”سَچو“ نانءُ سُڏائي!

ڪافي 10

پِريَن سان پَتِ پَري، ڏي جيڏيون، مُنهنجِي!
دعا ڪَريجو جيڏيون، وري سو هوتُ وري؛
ڏونگر مُون ڏورائِيو، سَندي ذوق ذري؛
سَهي سُجاتم پاڻ ڪؤن، پُنهون ناهي پَري؛
تو ڪِئَن سَري سُپرين، توريءَ مون نا سريءَ.

ڪافي 11

وڻِي خَبَر خاطو آيو، خَير صَلاحَ جي مُون ڏي؛
پارِ پنهورَ جي اُڃ صُبحاڻي، تان هو ڏٽِن ڪي سَعيو؛
طَرفِ ٿُنهنجِي آهِه اَصلَ ڪَؤن، روحَ سندن جو رايو.
نِينهَن جي نيايَن جَڏُ اسان ڪي، محبَن ساڻ ملايو.
ٿِيان قربانِي آءُ تَنِين تَؤن جَن تان نِينهُن نِباهيو.
اِيندئِي اُهي جن جي ڪارڻ، ويڻي تو ورهه وسايو.
پيو پِرينءَ وٽِ هاڻي ٿُنهنجو، ”سَچو“ ڏي پَنڌُ سَجايو.

ڪافي 12

جَن لائِي توڙ نِباهِي، آءُ صَدقي وڃان تَن تَوُن!
شَابس آهي اَکَڙين کي، جن وٹِي دل ورائي.
پَلِي پاڃِي پِريَن ڏُنهن، اَجُ اَسان ڏي آئِي.
راتو ڏينهان آهي ئي، واتِ اُنهَن جي وائِي.
ڏيهاڙي ڏسَڻ سان، مَحبت آگ مَڃائِي.
ووءِ ووءِ وائِي واتَ ۾، ''سچوءَ'' آهي سَدائِي.

ڪافي 13

سُهڻي سَجَڻَ سان نِينهڙو لايوسي!
وردَ پَڙهِيَم ٿي وڃَ ۾، اَديون ڏي، آڏو عِشق آيوسي.
سَپ وساريئين ڳالِهيون ڏسڻ سان، اديون ڏي، ڏايو پُور پرايوسي.
بَن وجهِي ٻيون ڳالَهڙيون، اديون ڏي، ڳَلِيءَ ڳَلِيءَ يارُ ڳايوسي.
اول وقت عَجِيب جي، اديون ڏي، اِنَهيءَ ڳُهورَ گهايوسي.
''سَچوءَ'' سَوَ مبارڪان، اديون ڏي، چاهَوُن سِرَ تي چايوسي.

ڪافي 14

شور بدن کوُن حال، پچيج وڃي پوءِ هوءِ ۾.
مجلس وڃج اُن جي، تان ڏسي خاص خيال.
اَگهه لَهج اُن جي، تان تو وڻ ڦَڻ آهي وصال.
ورقَ وسارج وڃَ جا، تا فارغ ڏئين في الحاد.
عقل اُڇلج آبَ ۾، تا بِرهُ ڪَرئي بيحال.
جي تون وسهين ويسلا، هي ''سچوءَ'' سَڃ سوال.

ڪافي 15

ساري ڏيهُه نَه ڏي ڏي،
پانهنجِي دِل سَمجهه سَنڀالين.
ڳالهه پُڇين جي پِرينءَ جي، حَرف حالَئي جا هِي ڏي.
اُڇل نَه نِڪر پِتَر جان، نِينهُن پاڻَ ڀِئِ سان ني ڏي.

هاريُون اِنهيءَ حالَ جو، قُرب سُجاڻن کي ڏي.
پاڻهين آهِن پَڌرا، ‘‘سچو’’ سالِکَ سي ڏي.

کافي 16

ٿُنهنجي حُسن ماريا، سوريءَ سي سنپاريا، اِنهيءَ ڳالهه ڳاريا،
هزارين هزار!
اُهي پارَ آيا، نِيزن جي نِوايا، نيئي سِر سَلايا،
تنهين تو اگهار.
جَنهِين موج آئي، تَنهين سُڌِ سَپائِي، کيهي ڳالهه کائي،
لنگهيا شهسوار.
کمر جا بَڌائون، وري نا چوڙيائون، نَئِي سِر ڏنائون،
لاڻائون مَيَار.
مَڇَ هَٿ هَٿي سي، اِها ڳالِهه ڳٽي سي، تَريءَ سِر کٽي سي،
کيائون نِڀار.
جن موجن چڙهيا سي، لَهَرن لُڙهيا سي، ‘‘اَنَالحَقُ’’ پڙهيا سي،
کِنيا هِن خُمار.
هِي نعرو هنيائون، اَنَاالحَقءُ’’ پَڙهيائون، نَئِي سِر سَلياڻون،
ٿيا گم غبار.
مَي جا پتائون، هي سِهرا ڳُتائون، وڏي وکَ وڌائون،
پاڙيائون قَرار.
پهلوانَ پاسي، نه ٿيندا کَڏهان سي، اِها بات باسي،
هَليا حُڪمدار.
مُلڪان مُلکَ ۾، مَلکَ ءِ فَلکَ ۾، سُٽو سپ خَلقَ ۾،
پَئِي هيءَ پَچَارَ.
منجهؤن حُبَ هَلياسي، مَاري چوٽَ چلياسي، وڃي رنگ رَلياسي،
تَنهِين هِي تَنوار.
اِها اعتباري، سوري جَن سواري، عجب خوش خُماري،
کُڻن جِي قَطارَ.

نَشانا کوڙيائون، مُنهن نا مُوڙيائون، ٻِئي هَٿَ ٻڌائون،
ڪُڻا قُربدار.
ٿِي مَرڪور مَستِي، ڪيئَن گُم هَستِي، هَنيائِين دوسَتِي،
تپش جِي ٽَرار.
ٿي شِبليءَ شابس آءِ، سُرن جي سَراپاءِ، ڏيکيائين لِڳين لاءِ،
وجود دوءن وسار.
مُلا سو قاضي، ڪڙي ڪيائون بازي، منجهن گنوءِ غازي،
ڪڙا ها جونجهار.
هنيئين پير جَنهن تي، ڏنئين سِرُ پِي تنهن تي، نه سُڌ هي سپن تي،
ٽِئين سَچُ سچار.
”سچو“ سِکَ تَنهِين جي، جذب جاءِ جَنهِين جي، نه پرواهه ڪنهين جي،
رکي نِي سنپار.
وڍي سِر ڀچاٽون، اَنَا الحَق“ واٽون، اهو سِر سُڄاٽون،
آٽيو اعتبار.
هنيائين هَڪل هيءَ، وئي تان شڪل هيءَ، نه حاجت عقل هيءَ،
جَليا جلوه دار.
ڏنئون مُنهن مَتاري، نه ڪاڏي نهاري، سٽيو سِر سچاري،
دليون دوستدار.
سچي ڳالهه ڪيائين، نه ڪوڙي چيائين، نَباهي نينهن نيائين،
ڪارڻ هڪ نظار.
باهِن مِ وڌائون، پوءِ لهرين لوڙهيائون، اَنَاالحق“ ٻُڌائون،
ٿِي هَي هي هونگار.
پِي بغداد سارو، مڙيو بَهت پارو، منجهن نَر نعرو،
هٽي هوشدار.
”سچو“ عشق ايندئي، اچي ڏاڻ ڏيندئي، ”من وما“ نيند ئي،
ڪندئي گل بهار.

ڪافي 17

www.freepdfpost.blogspot.com

هٿون پيتو مون تان پير مُغان جي، جام شرابون شوري.
دَور کارائي دل کي ٿو، چشمان کيف ڪَکوري ؛
اصل کؤن منصور جو اُنهيءَ، کاڻيو ڪنڌ ڪوري؛
نشي منجهه نواز ٿي، گهوريون هي سر گهوري؛
جنهن ساقيءَ سُرڪُ پياريو، آءُ ڪيئن پُڃان تنهن جي ٿوري؛
پِنهان ڪيائين پاڻ کي، چِت ‘‘سچوءَ’’ جو چوري.

ڪافي 18

مون کي آهن ياد، مِٺيون تنهنجيون ڳالهيون ڳالهيون!
هي نماڻي ڏوهن هاڻِي، دوست پهچائين داد؛
پرين پنهنجي پار جو، عشق ڪرين امداد؛
‘‘سچو’’ آهي اوهان جو، تَنهن جي دوست ڪريو دل شاد.

ڪافي 19

مين ماري، محبت تنهنجي، ميان!
ورتم دگ درد جو، تنهن سپڪا واٽ وساري؛
گِلا ءِ غيبت جي، سِر تي ڪنيم کاري؛
چنڊ اُپري آئيو، ويئي سپ اَنڌاري؛
مِڙني مِٺِياڻن ۾، نِيهن ڪئي نِرواري.

ڪافي 20

جا چوڻ جيهي ناهه، سا ئي ڪيئن چوان؟
گُجهي آهي گِلهڙي، ڪنهن کَل نه آهي ڪاءِ؛
اوڏي ناهي پَروڙ کي، ويجهي نه ويساهه؛
هُئڙي سُڌ حلاج کي، تنهن سِسي ڪوڌ ڪپاءِ؛
پوڻ آهي اونهن ۾، جتي هوءِ هواءِ؛
‘‘سچو’’ سِرّ نه سَلڻ جو، سو تان سپ منجهاءِ.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 21

جنهن دل تي آهي جوش، سا دل سورن سان سنرِي.
آءُ هڏ گهوري اُن تؤن، جنهن تي جوش خروش؛
ڳالهه ڳرهٽ ڪهڙي، خلق اڳيؤن خاموش؛
اثر اهي عشق جا، اول وجائي هوش؛
سالڪ سُک نه سرها، گوندر ڏي ڪن گوش؛
*“خَلَقَ الانسَانَ عَلي صُورتِہٖ” بادشاهي پوش؛
“سچو” سوريءَ وڇٽا جي، مَي مٍ ڏيا مدهوش.

بِسم اللہ الرّحمٰن الرّ َحِيم

داستان پهريون
سسئي

(1)

ناهي ويچاريءَ وَسُ، جو ڪَري ماڻ پَئِي رَهي؛
ڪَنهِين چَن نه چڏيوم، سندو گورَنِ گسُ؛
ڏونگر منجهان ڏَسُ، پوندم هوت پنهونءَ جو.

(2)

وَيُم لالَنُ لوءِ، هِيءَ اَڌاسِي ننڊ مٍ؛
پُلِيءَ هيئن نه پانئيو، پيو پر وڙُٽُ پوءِ؛
هوتُ وَڌِم جي هوءِ، تا سُک گُذاريون ڏينهڙا.

(3)

منهن ڏيئي آيام، جبل جهاڳڻ ڪيچ جا؛

طعنا تهمتَ لوڪ جا، سِر چَگّا چايام؛
پَت پَلِيءَ پايام، سِهرا سُور پريَنِ جا.

(4)

هيءَ نِماڻِي نال، سنگت نِجو ساڻيو!
ايندي پُڻيءَ اُن جي، جيهي تيهي حال؛
هِن ڳولينڊڙ جي ڳالهه، ڪا هئي هوتياڻِنِ ۾؟

(5)

رُئڻ زار و زار، راتو ڏينهان آهه مون؛
ڪوڙي ڪان قريبُ ويو، هِنيڙي مَنجهه هزار؛
هن گوليءَ جي گُفتار، ڪا پُڌيَوَ ٻاروچن ۾؟
وڃڻ ذوق ضرور، هِن ڪاهِل آهي ڪيچ ڏي؛
ڏسان شال اکين سان، هوتاڻو حُضُور؛
منهنجو ڪو مَذڪور، پُڌوَ ٻاروچن ۾؟

(7)

سرتيون سڪ سبيل، اَندر منجهه عجيب جِي؛
راتو ڏينهان ڏي ڪريان، زاريون منجهان زِيلَ؛
هن ڪميڻيءَ قِيلَ، ڪا هئي هوتياڻن ۾؟

(8)

پَرين ڏيئي پور، ويا ويچاريءَ کي؛
تنهن دنيا جو دُور ڪيو، سپو شوق شعور؛
هن مُئيءَ جو مذڪور، ڪو پُڌوَ ٻاروچن ۾؟

www.freepdfpost.blogspot.com

(9)

رِيءَ ڪر تنهن گولي، آهيان آرياڻيءَ جي؛
جو ڏنائون ڏِيل ڪي، سو جهليم ۾ جهولي؛
هن ٻانهيءَ جي ٻولي، ڪا ٻُڌيوَ ٻاروچن ۾؟

(10)

ساريون پچي ساڻَ، سنديون ڪيچن خبرون؛
هيڏي اڇ جي هئي، ڪيچَيڙن ڪي ڪا ته؛
منهنجي پي مَصلحات، ڪا ٻُڌيوَ ٻاروچن ۾؟

(11)

لَکين ڏيئي لَت، پاڻ ئي ڪريان پڌرو؛
سارو وندر وُوڙيان، جيڏيون ڪارڻ جت؛
منهنجي ڪا مَصلِحَتَ، هُئي هوتياڻِن ۾؟

(12)

ڪري ساڻ سوال، ته ڪيچن جي ڪا ڪَل ڏيو؛
جا چڏيائون چَپرين، مونڻ تنهن مجال؛
هَي هَي آرياڻيءَ ري، ههڙا ٿيڙم حال؛
سندي هِن سنپال، ڪا هئي هوتياڻِن ۾؟

(13)

راتو ڏينهان رَت، اوتڻ آيم اُن ري؛
آيل عشق عليل ۾، شال نه پوي قَطُ؛
جبل سپ جهاڳي وڃي، جيڏيون ڏسان جَتُ؛
هِن مُئيءَ جو مَتُ، پوي مذڪور پِرين ۾.

(14)

اَثر ڪيو اَفسوس، مُئيءَ جي مِرُن کي؛
جُودَ تنهين جي جوش، سارو روح رتيون ڪيو.

(15)

گوندر گذاريام، سي تان پلا ڏينهڙا؛
سپڪنهن ساعت سپرين، ڏي صحي ساريام؛
هي ڪشالا ڪاريام، ساعت هڪ سمهڻ جي.

ڪافي 1

ڏونگر آهي ني ڏَسُ، ميان، هاريون منهنجي هوت جو.
هلان ته هلڻ نه ڏئي، ناهه ويچاريءَ جو وَس؛
راتيون رهڻ روهَه ۾، ڪاڪِيون آهي ڪس؛
ڪِيَڙو عشق عجيب جي، هنيڙي منجهه هَنبَسُ؛
آهي عجيبن جي، ‘‘سچو’’ سِڪ سَرس.

ڪافي 2

منهنجو پانڌيڙا پرينءَ کي، ڏيج هي نياپو -
ڏيئي باهه پنپور کي، هيءَ ڪيچ ڪندي ڪاپو؛
اَصل لاڪُون آهي، منهنجو ساڻن سياپو؛
آهي اوهان جو سپرين، هن چوريءَ تي چاپو؛
منهجو محبوبن کي پيو ڏيج نه ڏورايو؛
سدا آهين ‘‘سچوءَ’’ کي، تون جيءَ جو جياپو.

ڪافي 3

پري ڏين نه شال، پرين پاڙيچا پرڏيهي!
ساڻن ڏين نه سنگتي، هَي هَي ههڙي حال،
جَتن ڪِيڙم جيڏيون، جتن سان مون جال،
دوستن بنا ديس ۾، جيئڻ منجهه جنجال،
ڪنهن در ڏيان دانهڙي، هو جي ڪُهي ويڙم ڪال،

ڪوڙين ڪَيَڙم ڪيترا، اُنهن ڪاڻ ڪشال،
سي ئي ‘‘سچوءَ’’ آئيا، جن لَڳ وجهايم فال.

ڪافي 4

پينر هي پنپور، اَسين ڇڏي وينداسون!
وس نه آهيان پانهنجي، پلو ميان، پورن ڪِيڙَو پور،
- هِت رتي نه رهنداسون.
جاءِ عقل جي ناهه ڪا، پلو ميان، عشق ڏيکاريو هت زور،
- اُهي وڃي ويندا سون.
پورهيو ڪَنديَس پِرَ جو، پلو ميان، چَڏي ٻيو تَڪ تورُ،
- اَسين جا ڪِي جِيندا سون.
ڪاڪِيُون وَجي ڪيچَ ۾، پلو ميان، لاهي هِنئين جو هورُ،
- ڏُکَ ڏوراپا ڏيندا سوُن.
‘‘سَچو’’ ڏٺي سَجَڻَن، پلو ميان، شوقَ مَچايو شورُ،
- تَن جي پکي پَهندا سُون.

ڪافي 5

آهي ويچاري ڪا وَس، ميان، توکي معلوم مِڙيوئي!
ويڻِي آهيان واٽ تي، گولِي ڪَجو گسَ، ميان.
سارو وِندرُ ووڙيان، ڏاها ڏُنهِنجي ڏَس، ميان.
ماڻهو شهَر پنپور، رُوح نه اَچَن رَسِ، ميان.
‘‘سَچو’’ پوءِ پِرينَ ڪوٺن، آهي پَنپوران بَسِ، ميان.

ڪافي 6

ڳوٺ ساري جون ڳَلِيون ڳَلِيوُن، وو، نِتُ ڏِسَڻ مون کي آئيون.
رَت روئڻ کون اُهي اَکڙِيُون، ڪين سي جهَلَجَن جَهليون جَهليون.
ڪيچنَڙيون جوُن وَري قَطارُون، هيڏي ٻُڌيونسين هَلِيون هَلِيون.
سي نه وسرَن ڳالهيون اُهي، يارَ سَجَڻ جي تو سَلِيون سَلِيون.

چاڑھيئي اَسان تي دردَ فِراقَ جون، چُوھه ڏاڍي مَؤن چَلِيون چَلِيون.
روز اَزل ڪَون ڪَيوَ ”سَچوءَ“ سان، يارَ پَلا، ڪيئِي پَلِيون پَلِيون.

ڪافي 7

هوت اچج ھ ت ھاڻين، پنھنجا ڏک ڏَسيندیس، ميان.
دوست اوھانجِڙي آھيان، ميان، سائين لگِ سُجاڻين،
ـــــ پاڻ گولِيَن گڏيندیس، ميان.
تون تان صاحب سُپرين، ميان، ھيءَ نانءَ نماڻي،
ـــــ توکي سائين سڏيندیس، ميان.
پَکا پَکن سامھان، ميان، آرياڻي مون آڻي،
ـــــ توکي اوڏا اڏيندیس، ميان.
پَکا پَکن سامھان، ميان، آرياڻي مون آڻي،
ـــــ توکي اوڏا اڏيندیس، ميان.
پُڻيءَ لڳِس تانھنجي، ميان، حُبَ مَنجھوءن ھوتياڻي،
ـــــ آءُ ڪا ٻندُ ڇڏيندیس، ميان!
”سچو“ اُتي سپرين، ميان، ٻنبڻن مان پاڻي،
ـــــ ڏک ڏوراپا ڏيندیس، ميان

ڪافي 8

ھوتَ ٻرين ھڪواري، مُون کي اچي مِل، ميان!
ڏونگر ڏورَڻُ مؤن نه ٽئي، ميان الا، آءُ اوري تون آري.
ڳچيءَ پائي ڪپڑو، ميان الا، زور ڪريندیس زاري.
جا اوھانجڙي ڪوڻجي، ميان الا، سا تو ڪيئَن وساري؟
ھيجؤن ڪنيم سر تي، ميان الا، بارُ برھه جو باري.
ويڻي ڏسان واڻڙي، ميان الا، مونجھه اَوھان جي ماري.
”سچوءَ“ سندو سچڻا، ميان الا، ٿيو فراقُ فراري.

ڪافي 9

آيَس آءُ ڪي اُوڏِي، جهاڳيا مون تان جبل جالَ!
جي مون وِسَهو جيڏيون، آهيان ڪيڇِن جي آءُ ڪوڏِي.
حُبّ جنهن ڪي هوت جي درد نه ٻئي ڪَنهِن ڏوڏي.
ڪيئَن ڪريان آءُ ڪاڪيون، هوتُ منهنجو سو هوڏي.
دَردُ جنهين ڪي دوست جو، لَڪَن سَا نا لوڏِي.
سيڻن خاطر سُڻ ”سچو“ ڙي، گاهُه ڪَنديس ٻَڌي گوڏِي.

ڪافي 10

وِيَڙا جي وڻڪار، اجا وري ايناسي!
ڪي ڏينهن پهچڻ ڪيچ ۾، قصد ڪندا ڪوهيار،
ـــــ اسين ڪاڏي نه ويناسي.
پوءِ منهن رکي جيڏيون، پاڻُون جاڻِي هِن پار،
ـــــ اَسين ڪاڏي نه ڏيناسين.
آيا جاڻي سپرين جيءَ نِي پيڙو جار،
ـــــ نيهن نيبَهُه نيناسي.
هاڻي ”سچو“ مون ڪؤن وسري، ڪَتڻ واري ڪار،
ـــــ اسين جا ڪِي جيناسي.

ڪافي 11

اُهي ڪهڙي طرف ويام ، آءُ ڳوٺ رَهيِس سَپ ڳولي!
عشق ته عاشق جا، ميان، اَڳهين ڏي ٻڌام،
- هاڻي ڏوليءَ مَون سو ڏولي.
ڪوڪان چڙهي ڪوهَه تي، ميان، ڪيڇَڙيون ڪيام،
- هاڻي چوليءَ مَون سو چولي.
ڏورينڊي مون ڏونگرين، ميان، سرتيون سال ڏيام،
ـــــ هاڻي رمز لڏي مون رولي.
”سچلَ“ آءُ تان ناهيان، ميان، ساري سُڌ پِيام،
ـــــ اِتي پاڻ ٻاروچل ٻولي.

ڪافي 12

واٽ وندر جي ڪو ڏَسي، وو ڏَسي، مون کي جيڏيون!
سپريان جي ساٿ جا، آهيون سو عاشق اَسي وو اَسي.
سُڌ تنهن کي سُور جي، ڇام پنهون جا پَسي وو پَسي.
وهان ڪيئن پنپور ۾، خانُ ويو دل گَسي وو گَسي.
پِريان سندي پار ڏَهون، مانَ ڪو رهبر رَسي وو رَسي.
هيڪند ٿيان جي هَوت سان، هينڙَڙو منهنجو هَسِي وو هَسي.
سِر ”سچوءَ“ جي سانوڻ وانگر، بِرهه جو بادل وسي وو وَسي.

ڪافي 13

ناهه ويچاريءَ جو وس نِي، توکي معلوم مِڙيوئي، ميان!
آهي هِن ڪميڻيءَ کي ، ميان، ڏونگر سندو ڏَس نِي.
چڏي ڏونگر ڏاکڙو، ميان، ويڑهي اسان جي وَس، نِي
حالُ هِن جو هيڻو، ميان، پاڻ پنهون اَچي پَس، ني.
پاروچاڻي جاتِ ۾، ميان، تون سانول آهين سَرس، نِي.

ڪافي 14

مون وٽ هو مهمان ، پلو جيڏيون، اَجا ڪالهه قافلو!
اَٿم اونارن جو، ميان، آيل ڙي اَرمان.
ڏئي ڏُکيءَ کي ويا، سورن جو سامان.
جتن سندِي جات لءِ، هَي هَي هيءَ حيران.
ڪندي وڃي ڪيچ ۾، هيءَ برهه جو به بيان.

ڪافي15

صدقي صدقي هي سِر، ميان، آهي ڪوهيارل تؤن صدقي!
ڪافَ ڪشالا ڪيچ جا، ظاهر بُجهَن ٿا زِرُ، ميان.

جبل گهايا جوش مؤن، گهائي ڪِيَڙُوَ گهِرُ، ميان.
محبت جي ميدان ۾، گهيڙ ڏسي وڃي گهِڙُ، ميان.
ويهڻ مون کي وِهُه ٿيو، ترسان هَڏِ نه تِرُ، ميان.
جيڏيون جانب جت لءِ پَئي پَئي وَتي هِيءَ بِرُ،ميان.
حبيباڻِي هنج ۾، ڪِيهَ ڪري وڃي ڪِرُ، ميان.
''سچو'' سچيءَ سڪ مَون، فاقو ڏسِي نا ڦِرُ، ميان.

ڪافي 16

يار توسان منهنجي زاري، آهي سَوَ لَک واري، ميان!
وندر جي وٽن ۾، واجهه وجهي ويچاري،
ـــ سا تان محبت ماري.
هي تا حال حقير جو، اَچي ڏس آري،
ـــ ڪَنيُم برهه باري.
اَزل لاڪُون آهي ئي، يار توسان منهنجي ياري،
ـــ پاتم ڳچيءَ ڳاري.
سور ٿُنهنجا سپرين، چُڪِيءَ کي چوڏاري،
ـــ وجهج گهوٽ نه گهاري.
آهي هَٿِ حبيب جي، ڳالهه ''سچوءَ'' جي ساري،
ـــ ڪندا نِي پوئواري.

ڪافي 17

پورهيت پاڻيءَ ديوئِي، خان پاروچا ٿُنهنجي!
حاضر خدمت اَچِي اوهان جي، حال چونديس روئي؛
ساڻي اسان جي سُڌ لهڻ لءِ، ڪڏهن نه مُڪو ڪوئي؛
قولُ ڪيو هوءِ هوت اسان سان، سائين پورو ڪر سوئي،
ڪيئَن وساري وهان اوهان کي، ڪَئِي تا هڏي توئي؛
طوطي جي ڳچيءَ سَوَ سَلامن، ''سچوءَ'' مُڪا پُڻ پُوئي.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 18

هوت ذَهون هاڻي آيُون، امن ڏي خوشخبران جي!
اَچِي اڏيون اوڏڻيون، جاءِ ٿُنهِنجَڙيءَ جايون.
چڏي شهر پنپور کي، پير وري ايڏنهن پايون.
ٿيون جِيارن جيڏيون، اِهي ويچاريءَ کي وايون.
‘‘سچوءَ’’ سَنديون دانهڙِيون، دوست وري ورنايون.

ڪافي 19

ڙي جيڏيون ، هاڻي هوت ويا جي، وو، سي موڻي مانَ اچن!
دعا ڪريجو جيڏيون، پَري نه هوتَ وجن؛
سِگها موڻَن پوئتي، اچي ويڙهي هِن وسن؛
وجي ڪيچ وڻن ۾، پورهيائِت پُڄَن؛
ڪيچي ڪميڻيءَ جي هُت، ڪَچي شال نه ڪَن؛
‘‘سچو’’ اَصلوُن آهي، سرتيون سَگ سندن.

ڪافي 20

يارَ ساڻيو، ڙي ميان، يار پانڌيو ڙي ميان....
پلو ڙي ميان، ڪيچن جي، وو، ڪَلَ مون کي ڪائي ڏيجو.
هيءَ نماڻي، وو، وَر وڪاڻي ميان، نال نباهي نيجو.
ڪيم وساريو مُئي نه ماريو، ميان، چوري تان مَ چڏيجو.
ڏيو دلاَسا ڪڏهن ايندا، ميان، لوڪوُن تان نه لڏيجو.
آءُ اوهانجِڙي اصل آهيان، گولِي ساڻ گڏيجو.
جنهن ويلي، وو، هلو اِتاهون، ‘‘سچو’’ نانءُ سَڏيجو.

www.freepdfpost.blogspot.com

سسئي

(1)
ڪوڙيين قرباني، ٿيان هوت پنهونءَ تان،
ساهه سِري صدقي ڪريان، سندن مهماني،
هي جوپن جواني، ٿي اَجائي گذري.

(2)
جبل جالون جال، سو مون ڏورڻ نه ٿئي،
وڃڻ وڻ وڻڪار جا، ڪافڻ ڪوهَه ڪشال،
هي مون ڏسي حال، ٻاروچو ٻاجهه ڪري.

(3)
ٻاجهه ٻاروچا ڪر، مون ڏَرُ ٿيليو نه ٿي،
ويچاريءَ جي ور، ڪر بلوچا بَئبان ۾.

(4)
اَچج آري ڇام، ڪو مُنهن موڙهيءَ جو ڪرين،
مون ڪَؤن مير مُدامَ، هي ٿرٿيليو نه ٿئي.

(5)
آءُ تون پنهون يار، ڏسي حال حقير جو،
هن نماڻيءَ نِڪار، هي ٿر ٿيليو نه ٿئي.

(6)
هِن دم آري آءُ، ناهيم حال هلڻ جو،
*مون نماڻِيءَ ڪانءُ، جي ٿرٿيليو نه ٿئي.

(7)
ڏيهه سندو ٿيو ڏور، رهبر ٿيءُ رُجُن ۾،
مون ويچاريءَ مُور، هي ٿر ٿيليو نه ٿئي.

(8)
چپر تا مَ چڏين، آءُ هوتياڻي جَتَ ۾،
هن ڪميڻيءَ ڪَڏين، هي ٿر ٿيليو نه ٿئي.

(9)
جي هئي ڪميڻيءَ ڪَل، تا صبح ويندو ساڻڙو،
تان مون تنهن مهل، پُرزا پُرزا پاڻُ ڪيو.

(10)
هَڻان ويل ويام، ڪاڪِيون هاڻي ڪيئن ڪريان؟
ٿيلَڙ ٿَر ٿِيام، هاڻي هوتياڻِن لءِ.

(11)
هَي هَي ڪارڙ هوت، ڏونگر ڏورڙ آئيا،
ميان تائين موتَ، ووءِ ووءِ تان نه وساريان.

(12)
ووءِ ووءِ تان مَ وسار، متان ماڻ ڪري وهين،
ٿيو پَرُ تنهين پار، جاتي پيو ناهِي ڪي.

(13)
ڪيم وساري ويهُه، ووءِ ووءِ ڪر وندر ۾،

پڇڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پاڙي پيهُه،
ڏيم ڏٽيءَ جو ڏيهه، حاصل ٿئي جت سين.

(14)

متان وهين ماڻ ۾، مرڇهه جلديءَ جُل،
هتي ويهه نه، هل تان ڪِي پڇين پنڌ ڪي.

(15)

ويهُه نه وساريج، متان ماڻ ڪري وهين،
قولُ اُهو پاڙيج، هو جو ڪِيڙئي هوت سان.

ڪافي 1

ويجها شال رهن، ميان، ڏور لايا جن ڏينهڙا!
سگها منهنجي سپرين، پکي مان پَهن،
وڃا طالع تَن جا، جَن جي راڄ رهن،
هِن منهنجي حال جي، سِگهَڙي سُڌ لهن،
طعنا ڏيو تَن جا، ڏاهيون سپ ڏَهن،
”سچو“ صدقي تن تَوُن، جي ٿا ڪيڇ ڪهن.

ڪافي2

ڙي جيڏيون ، آءُ تان ٻيو نه ڪندي،
منهنجو پيڇ پنهل سان آهي!
آءُ جنهين جي آهيان، سو تان مِهَر نه لاهي!
ڪيو ڪميڻيءَ هوت سڃڻ سان، سگُهُ سِياپو ساهي.
هٿ وڃي پَئِي هوت جي، وس نماڻيءَ ناهي.
سوال ”سچوءَ“ جو اهو آهي، نِينهُن سَندن نيباهي.

ڪافي3

هوندي سپ پَرسائن ساڻ، جيڏيون،
هِيءَ پورهيو بَندي وجي ڪيچ ڪندي.
ڪالهه ڪالهوڻي سپرين، اجا مون وٽ مهمان.
لڳي ڪافَن ڪيچ جي، پُرزا ڪندين پاڻ.
اُڻن اونارَن ٿَوُن، آءُ ڪاڪيون ڏي قربان.
هٽي ويَڙو نڪري، ٻاروچو مون ٻاڻ.
ويهڻ مون کي وِهُه ٿيو، چِينڪ ڪيڙس چاڻ.
"سچو" سوز فراق جو، ڏئي ويَڙم ڏاڻ.

ڪافي 4

پينر هيئن نه پايون، ته هوتَ ڪندا هِهڙي!
عشق تا آتش جهڙو، لالن وجن لايون.
ڏيندين ٻاروچن ريءَ، پنپور کي باهيُون.
سَرتِن سُڌ نه سور جي، هي نتَ وجن ٿا تايُون.
ڏِئون ڏين ٿيون ڏِيلَ کي، سنديون جتن جايُون.
"سچو" وجن ساڏَڙو، چُپ چُپاتِيون چايُون.

ڪافي 5

آءُ اگڻ منهنجي آري، توکي صاحب ساريان ٿي!
وندر جي نِي وڻن ۾،ميان اَلا ، هوتَ مِلِج هڪ واري،
ـــــ توکي گهڻو نهاريان ٿي.
پرين وَڙوُن، وو، پانهنجي، ميان الا، دوست ڏيو دلداري،
ـــــ سارو ڏينهن سَنيهاريان ٿي.
دوست اوهان جي، وو، درد سان ميان الا، ڳچيءَ پائي ڳاري؛
ـــــ سارو روهه رئاريان ٿي.
ڪڏهن ايندين، وو، تون پرين، ميان اَلا، "سچوءَ" ڪج ستاري،
ـــــ هت هنجون ني هاريان ٿي.

ڪافي 6

مون کي هوتن هاڻي، ڪوئي پنهنجو ڪيو!
جَت گهٽا ٻيا جگ ۾ سائين، منهنجو هوت آرياڻي،
ـــــ ڪنديس ڪونه ٻيو.
لکين بُڇن پرينءَ کي آءُ تا ڪير نماڻي،
ـــــ سندن نيهن ٿيو.
جيهي تيهي در دوستن جي، عاشق هيءَ اگهاڻي،
ـــــ سارو ڪم ٿيو.
ڪيائون ڪناري پانهنجي، هيءَ تا پاڻون جائي،
ـــــ جڏو جيءُ جِيو.
پرين ڪيو پانهنجو، سچو سَگُ سجائي،
ـــــ وڇوڻ ورهُه ويو.

ڪافي7

پرين نه ڇڏج ٻئي پار، ساريو تنهنجيون ڳالهيون رُئان آءُ!
اَگڙ آسَروندَ جي، والي ايندين ڪهڙي وار؟
ماري هِن مشتاق کي، ڪانڌ نه وڃ ڪوهيار.
آهين جنهن تون آسرو، سا ويچاري نه وسار.
نماڻيءَ جي نِڇهُري، آءُ گهڙي هڪ گهار.
ڪيئي ‘‘سچوءَ’’ سان وعدا، سي پرور لءِ تون پار.

ڪافي 8

شال اوڏاهون ايندا، وڻي خاصيون خبران، خبران!
مون هن نماڻيءَ کي اجا دلاسا ڏيندا،
پرين پاڻهين پاڻ سان، هيءَ گولِي گڏيندا.
محبت ڪڏهن ڪينکي، هيءَ چَپَر چڏيندا،
جيڪي اڳيون پويون، بديون سپ بخشيندا.
پَکا پَکن سامهون، آڻي اوڏا اَڏيندا،
باجهه پريا باجهه مؤن، ڪري ‘‘سچو’’ سڏيندا.

ڪافي 9

نٽي وڃي ڳالهه ڪا ٻي، ڏي جيڏيون، مون کي نٽي وڃي!
آءُ نه ڪنديس، وي، اهڙي، پلو ميان،
ڪيچن جا مون سان ڪي.
اَوهان مِڙن ۾، وي، مست جو ٿيڙس،
پيالو عشق جو پي.
اوهين مڙيئَي، وي. عقل واريون،
آءُ جو بيراڳڻ ٿي.
“سچوءَ” پچاڻا، وي، سپرين، پلو ميان،
ڪوه ڪنديس هِت ڪي.

ڪافي 10

اصل اسانجِڙو آهي، ننگ ٻاروچل توتي!
ڇڏڻ مناسب ناهي، ننگ ٻاروچل توتي!
هيءَ ڪنيزڪ ملهه خريدڻ، سگ نٽي ڪو ساهي.
ذرڙو جنهن کي ذوق تنهنجي جو، چپر تنهن کي ڇاهي.
جيئن هلائين تيئن هلان ٿي، ڏور وڏي ٿو ڏاهي.
هيءَ پاڃاڻي پرين سان پرتيوَ، باب سنديو توڙي ناهي.
جيهي تيهي يار اوهان جي، ڇڏڻ لائق ناهي،
ٿرين برين يار ٽڪيءَ کي، رس ڪوهيارل ڪاهي.
ساهه “سچوءَ” جو درد تنهنجي ڏانهن، هَڏ نه آسرو لاهي.

ڪافي 11

حال هلڻ جو مون ناهي، آءُ تان ڪيڇ پهچان ڪيئن؟
ناتو نماڻيءَ جو، اَصل توسان آهي،
- هيءَ هوت نه چڏج هيئن.
تون تان صاحب سپرين، سگ نڻي ڪو ساهي،
- ڪر جاني وڻيئي جيئن.
پسي حال حقير جو، آءُ ڪوهيارل ڪاهي،
- ڪر ''سچو'' پنهنجي سيئن.

ڪافي 12

متان ڏوراپو ڪو ڏيو، ڏي ساڻيو!
هيءَ ڪنيز ڪ مُلهه خريدڻ، ڪين هڻون مون ڏيو،
حرف اسان تي آهه اصل جو، وقت ويسرَ ۾ ويو.
پلِيءِ پائي مَديون، پيش پنهونءَ جي هي پيو.
''سچو'' ڪوڻي پانهنجو، پاڻ قربن ڪيو.

ڪافي 13

اديون ڏي آهيان، پانهي سا پاروچن جي!
ڏکيا سکيا ڏينهڙا، شال لالن ساڻ لنگهايان.
هنيڙي کي هن جيڏيون، ڪهڙا سور سلايان.
وندر سنديءَ واٽ تي، چاهَوَن سِر چَلايان.
ويهان آءُ ڪيئن ويسلِي، ويندا چو نه ورايان.
ڪيهي پئي تان ڪيڇ ڏٽن ڏي، ''سچو'' ميڙ سنڀايان!

ڪافي 14

ويهي آءُڪوهَ ڪندي، جيڏيون ڏي پنپور ۾!
چونديس حال حبيب کي، ڳچيءَ پائي گندي.
ڪُڻي سا ڪيڏي وجي، جا برهه تنهنجي بندي.

جيهي تيهي حال آهيان، ”سچو“ صاحب سندي.

ڪافي 15

چڏي هوتَ حُجتّ، ميان ڙي، ٿيس آءُ نانءِ نماڻي!
اچي مون کي ڪينڪي، چڏي لوڪ لذت، ميان.
وڏو آهي مامري، مون کي تان محبت، ميان.
ويا نِڏر کان نڪري، اوڻي رات اَچڻ، ميان.
سُورَ ٿُنهنجا سپرين، رُڳائِي راحَت، ميان.
مون کي ٿيلَڻ آئيا، بيرن سان بَربَت، ميان.
”سچو“ سِڪ اوهان جي، واڳيو مٍ وحدت، ميان.

ڪافي 16

پانهي پاروچل جي آهيان، وي آهيان!
پريان سندي پار ڏنهُن، آسرو هڏ نه لاهيان، وي لاهيان.
صورت وارا سپرين، آءُ نِماڻي چاهيان، وي چاهيان.
هوُ تان سائين، آءُ تان گولِي، سَگُ نه ساڻن ساهيان، وي ساهيان.
ڏينهن لنگهيم هِت ڪيترا، ڪيچ وڃن ڏي ڪاهيان، وي ڪاهيان.
هُئڻ ”سچوءَ“ جو آهي تنهين سان، اُنهن پاجهون ناهيان، وي ناهيان.

ڪافي 17

ڙي جيڏيون هاڻي شال ٿئي، منهنجو پاڙو پرينءَ سان!
مان مُئِي تان گهورِي، جاني شال جِئي.
هِنَ تان پُورُ پِرائيو، هاريون هوتَ وِئي.
پاروچي ڪا پاجهه پَئي، هِيءَ تا نال نِئي.
سارو مطلب مون ٿِئو، پُڻِيءَ هوت پِئي.
شال ”سچوءَ“ کي سُپرين، ڏوراپو نه ڏئي.

ڪافي 18

آءُ ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پِرينءَ سان، ڙي جيڏيون!

جيهِي تيهِي يارَ سڃڻ جي، چڱِي توڙي مَندي.
آءُ تَنِين جِي آهيان، بِرهَه جَنِين جِي بَندي.
چونديَس حالُ حبيب کي، ڪِچيءَ پاتي گندي.
اَڻ مُلِهه پانهي آهي، سَپ کوء سائِن سندي.
”سچو“ ساريائي دلڙي، رَمز ٿئين جي رِندي.

ڪافي 19

ڙي جيڏيون، آءُ تان حالُ پُنهل سان ڪندي!
اصل لاکون آهيان سائين، بَلوچاڻي بَرِي.
وَسُ ناهم وارَ جو سائين، آهيان سائِن سَندي.
ڪَندي وِجي ڪيچ ۾، دانهون سي دردمَندي.
سُڌ لهندا سي وري، بِرهَه جَنين جي نِي بَندي.
”سچو“ اَڳِئون سڃڻين، ڪِچيءَ پائي گندي.

ڪافي 20

سارو ڏينهن روان ري، هيس جيڪي هوت پنهونءَ سان وعد.
پُڌڻ وارو ناهه ڪو، جنهن کي حال چوان، ري.
قاصد اچي ڪو اوڏاهون، پيرين تَنهن پَوان، ري.
ڏکايو تان ڏيل کي، اَديون اڃ اوهان، ري.
اُنهن ياجهون سَرتيون، نِت نِت سورَ نوان، ري.
ماريوُن محبوبن جي، طلب ناهي توهان، ري.
غرض نه رکجان لوڪ جو، هِڪُ سائين هُئڻ سُوان، ري.
”سچو“ ياجهون سوزَ جي، ٻيون لاتيون ڪين لَوان، ري.

داستان ٿيون

سسئي

www.freepdfpost.blogspot.com

(1)

ڏکن مَنجهان سُک، مُون تا لَڏا جيڏيون؛
ڏورينديِ کي ڏُک، سُونهان ٿيڙا سَڃڻان.

(2)

هَن سَهانگا سُک، جي ساري عالم آئيا؛
ڏور مهانگا ڏک، جي ورتا وِرهه وارئين.

(3)

سينڌيون جي سُکن، تنين گوندر گهوريا،
ڏنم ڪاڻ ڏکن، هي سِرُ سارو سَٽِ مِ.

(4)

سُکيون ڪوه پُڇن، سنديون ڏکن خبران؟
سي هِن وهانءِ وڃن، ڏِيل ڏکايل جن جا.

(5)

ڏکيون پُڇن ڏک، سکيون پڇن سکڙا؛
هن کي حاصل جو ٿيو، جيڪي منجهان جُکَ؛
نيهن وارن جي نُکَ، لڳي لوريءَ وارئين.

(6)

گوندر ڪيئن گهوريان، جنهن ڪيَس سينڌي سڃڻين،
جان تِڪ پئي توريان، تان ڏک موچارا سُک ڪَوَن.

(7)

جي گوندر گوشِ نه ڪن، ڪُهه پيون سي سرتيون،
جَن سنگت ساڻ سُکن، سي پاڻُون هوتَ پري ڪيون.

(8)

گوندر گهمي جي لهان، تان سُک سَوين ساڙيان؛
آءُ پُڻ ڪيئن پاڙيان، ڏک سکن سان سرتيون.

(9)

جنين گوندر گوشُ” آءُ گهٽو تَنِ نهاريان؛
جال اُنهن ۾ جوش، سدا آهي سرتيون.

(10)

جي سارو پُڇان لوڪ، تا گوندر وارو نه لهان؛
ههڙو پَلو ٿوڪُ، ڪهين پاڳ پرائيو.

(11)

گوندر ڏينهن گذار، جان تون جئين جِندڙا،
سوئي عهد پار، جوئي ڪَيُي پرينءَ سان.

(12)

سُکن واريون سَوءَ، ڪا ڪا ورهُ وارِئِ؛
ترت انهيءَ کان تَوءَ، پڳيون آتڻ واريون.

(13)

آتڻ واريون آئيون، ٿيون آتَڻُ اُجارين؛
جي گوندر گذارين، آتَڻُ تن اُوَک ٿيو.

(14)

سارو لوڪ سُکن، پوءِ رهايو پرينءَ کوئن؛
ڏسو واهَ ڏکن، هوتُ وهاريو هنج ۾!

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 1

سرتيون منهنجو ساهه، هاڙهي سي هوت وڻي ويا!
ڪونه ڪميڻيءَ جو ٿئي، هاديءَ ري همراهه.
پينر شهر پنپور ۾، آڻيندن الله.
هَنڌئُون جنهين هوت ويا، روئي چمان سو راهه.
پرڏيهي تي ناهه ڪو، وريتيون ويساهه.
آهي رفيق رُجن ۾، سندو سوزِ سپاهه.
ناهيم ٻئي ڪنهن لوڪ جو، پاڙيجون پرواهه.
معاف ”سچوءَ“ کي سي ڪندا، جيڪو ڏوهه گراهه.

ڪافي 2

اَچي ڪونه ايڏاهون، ماڻهو شهر پنپور ۾!
منهن ڪري اُنهينءَ پار ڏي، ميان، ويڻي ڪيم اَلاهُون.
ڏسي حال حقير جو، ميان، اَچن مانَ اَڳاهُون.
ڪو پَلُ پاڃائيءَ ڪؤن ، پَري ٿي نه پَراهُون.
ڏَر ڏَڪائي آهيان، ميان، پَکا اَڏج اوراهُون.
سُڻِي موت ”سچوءَ“ جون، ميان، آرياڻي آهُون.

ڪافي 3

وڻي ٻاروچي ٻولي، سدا تان ساهه منهنجي ڪي.
هُئي پناه ۾ يار سڃڻ جي، ٻاروچي جي ٿولِي.
ٻاروچاڻي ذات جي، گولن جي آهيان گولِي.
ڪاڪيون ويندس ڪيچ ڏي، ڏونگر پايان ڏولِي.
”سچو“ سامَ اُنهيءَ جي، آهيان عيين اولِي.

ڪافي 4

ڪي ايندا، هيڏي ايندا، اَلو، وهنيان ٻاروچا؟
ساڻي مون کي سڃ جؤ، دوست دلاسو ڪو ڏيندا؛
هوندا ڪي مون وٽ هميشه، وري ڪي پوئتي ويندا؛

هيڪَندَ شهر پنپور ۾، ساڻ ٿَڪيءَ اچي ٿيندا؛
ٻاروچا سي ٻاجهه پَئِي، آءُ چَگي ڪي چِيندا؛
سورَ ”سچوءَ“ جا سرتيون، نال پنهنجي ڪي نِيندا؟

ڪافي 5

اڙي جيڏيون، مون کي چوٿيون پِرينءَ ڏنهُن جهليو!
ويهان ڪيئن پنپور ۾، جو روح اُنهن سان رليو.
ساڻُن ٿيندس سنگتي، جو هوت هاڙي ڏي هليو.
پِريان سندي پارَ ڏنهن، پاڙيچُون نا پَليو.
سڄڻ سارو پانهنجو، سِرّ ”سچوءَ“ کي سَليو.

ڪافي 6

پانڌي، دلاسو ڏي مون، ايندا آرياڻي ڪي اوڏا!
آڏيءَ رات جو، وو، ڪيائون سانڀاهو، حال ڪيا تَن هي مون،
- ويا تا تِرڪي توڏا.
ڪيو قبول، وو، پنهونءَ ڪارڻ، ڏک سوين نِي سي مون،
- لَڪ ڏئي لک لوڏا.
محبت ڪوڻ تان مُنهن نه موڙيان، پرزا ٿيان هِت جي مون،
- گسي وجن توڙي گوڏا.
سر تان صدقي، وو، آهه ”سچوءَ“ جو، ڪا ڪيون چَون هِت ڪي مون،
درد ڏيندو سو توڏا.

ڪافي 7

آءُ وڃان تو ٿوڻ گهوري گهوري، ميان!
ڏونگر رهيس ڏاکڙا، تنهنجي ڪارڻ ڏوري ڏوري.
تو ٽڪائِي، وي، آهيان، اَچج آرياڻيءَ تون اوري اوري.

پلا هن پنپور ۾، نه رهنديس توري توري.
مون کي وڏو مون پرين، جهڙڪ اوهانجڙيءَ جهوري جهوري.
”سچوءَ“ جو ني سُپرين، هنيڙو نيو هوري هوري.

ڪافي 8

پيو ڪير حامي منهنجو ٿيندو، لَکي پاروچَلَ پاجهون!
دردمنديءَ جي دل انهيءَ کي، پاڻُون دلاسو ڏيندو.
ڪين ڇڏيندو ڇپرين، سوئي نال نِماڻِي نيندو.
اَکڙين سان سَپيئي ڏسنديون، اَگُڻ آرياڻيءَ سو ايندو.
پاڻ ٻُهنجو يار پيارل، ساڻ غريبِ گڏيندو.
ڏنگاين ڏي ڪين ڏسندو، بديون تان بخشيندو.
مِهَر پنهنجيءَ ساڻ ڪنهن ڏاڙي، ”سچو“ سو نانءُ سَڏيندو.

ڪافي 9

آءُ ويندي پُنهل جي پار، ميان، ٿَڪِس ڪِين ٿَرن ۾!
مون مَن گڏي گوندرين، ڪيچي ٿِيمَ قرار.
ذات جتن جي جيڏيون، جيءُ وڏو آهي جار.
ڪندي وڃي ڪيچ ڏي، ڪنِيزاڻِي ڪار.
آهي ڪاڻ قريب جي، وڃڻ مون وڻڪار.
پُرڻ اٿم پنڌ ۾، دوست پُڃِيءَ درڪار.
سارو ڪم ”سچوءَ“ جو آهي، اُنهن جي اِختيار.

ڪافي 10

اڄ اهو ساڳِي مون سجاتو آهي، ٻَڙيون، پاروچو!
اصل لاڪُون آهي اُنهن سان، هن نماڻيءَ جو ناتو.
اچي ڏنڻ اوچتو، پيڇُ جَنهن مُون سان پاتو.
قِريس ڦيريدار جان، ڇاڻ نه مون هيئن ڇاتو.
لڏو لحظي هڪ ۾، اديون ڏي اوراتو.
صدقو ”سچو“ تَنهِن اُتون، عشق جنَهِن سان تو لاتو.

ڪافي 11

وڃي ڏيهه پرين، ڏي ساڻيو، منهنجو ڏيجو سنيهو!
اوهان ٻاجهون سُپرين، ڏکيا ڏينهن لنگهن.
ويڻا ڏسون وانڍيُون، اگڙ مانَ اچن.
ڪونه ورندي ٿو ڏئي، وندر جي پي وجن.
ڏکيا اُهي ڏينهڙا، جي پاسي کان پرين.
پينر شهر پنهور ۾، شال پيرو ڪن.
ويچاريءَ نه وساريو، جا لڳي ساڻ لَکن.
جيهو تيهو آهي ئي، ”سچو“ سڳ سندن.

ڪافي 12

ڪيچن جي ڪَڍِ ڪاهِ متان ويهين ڪِين وساري!
ڏسنديءَ ڏونگر چوٽِئين، بَلوچاڻي باه.
ڦولج پاڻ فقير ٿي، وندر جي وڃراه.
ساري شهر پنهور جا، لاڳاپا سپ لاهِ.
متان ويهين ماڻ ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهِ.
عرض وڃي ڪر روبرو، ٻيا ساڻي ڪِيم سَنياهِ.
ٻانهي ٿج ٻروچ جي، ڪو تون سَگُ نه ساهِ.
روح رهي هِت هوت ريءَ، ”سچو“ ڪنهن نه صلاح.

ڪافي 13

ٻيو ڪير پڇي ٿو حال منهنجو، خان ٻاروچل ٻاجهون!
تو ريءَ آهيان يار سڃڻ، ميان اُداسي اَهنجو.
جَنهن ڪَنهن سان پيڇ پاتوسين، غرض رکي سو نه ڪنهن جو.
خيال اسان ڏي آهي جنهن جو، آءُ پِي سو آهيان تنهنجو.
اَسان ڄاتو صحيح سُجاتو، عاشق آهين توُن اَسان جو.
دروُن پيهي پاڻ پُڇندو، آهين ”سچو“ توُن ڪِي سَهنجو.

ڪافي 14

اَڳڙيُن اِسرارُ، مون کي ڪوجو ڪيو، ميان!
اُنهن تان ڏيکاريو، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار.
تِنهِين ڏهاڙي ڪيو، برهَه بي اختيار.
ڏونگر ٿو ڏورائي، چشمن جو چمڪار.
نازنيٹن جو سَرتيون، ووڙائي وٹڪار.
سوز سڃڻ جو سَرتيون، ‘‘سچوءَ’’ کي سينگار.

ڪافي 15

يار پُنهلَ پيغامي، ڪڏهن مُکو ڪونه مون ڏي!
روز اَزل ڳَوڻ يارَ اوهان کي، منهنجو ساهه سلامِي.
اَوهين نه ايندؤ، اَسين ايندا‌سي، اِها اَسان جي اَنجامي.
پِرين ڏسجو وَڙَ پنهنجي ڏي، آهن عيب اسان ۾.
جان جُنِي، جان ڪِي، ٿيندي نه طلب تمامي.
ڳالهيون اوهان جون پارُ پارن، ويندیون سي ڪين وسامي.
ڏيئِي اسان کي قُٽ فراق جا، ٽئين تون يار آرامي.
دَرَ اوهان جِي يارَ ‘‘سچوءَ’’ تان، مَجِي آهي غلامي.

ڪافي 16

پوءِ هت ڪيئن ڪندي، پاجهون يار جي آءُ!
پيرين پَوندي پِرينءَ جي، ڳچيءَ پائي گندي.
وُهي ٿي واڪا ڪيون، نيٹن مَنجهَوَن نَي.
سپ پَر سَندين آهيان، چَگي توڙي مَندي.
دل ‘‘سچوءَ’’ جي سرتيون، برهَه تَهِين جِي بندي.

ڪافي 17

آءُ وري تون تان ويهُه، سڃڻ آءُ تان تنهنجڙي آهيان!
آهون عاشق جون سُٹي، ڇڏ پرين پَرڏيهُه.

پکي پاڇيائين جي ميان، آءُ پرين تون پيهُه.
اَصل لاکون آهي ئي، هِي ڏاها تنهنجڙو ڏيهه.
‘‘سچو’’ جو ئي سپرين، آءُ ساري ساڻيهه.

کافي 18

گولن جي آءُ گولِي، خان ٻاروچا تنهنجي!
آءُ نه ڪنديس ڪڏهين، ٻانهپ ريءَ ٻولِي.
سُڌ اڇي لهه سِگهَڙي، آهيان سا عين اونِي.
هِن ڏُهارڻ جهڙي ڪا، لهندين ڳوٺن مون مس ڳولِي.
نانءُ سائينءَ جي يار سڃڻ ڙي، ڪر ‘‘سچوءَ’’ سان سولِي.

کافي 19

ساڻ سلامت آيو، پکي ٻاروچل جو.
ڏينهن فراق جا لنگهيا اسان تؤن، واليءَ ورق ورايو.
وَڙَ پنهنجي ڏي ٻاڻ ڏنائون، ويڙهو هي يار وسايو.
ميرا لاهي اڇا ڪيا سي، هوتن تان نينهن نباهيو.
ڏيو مبارڪون سڀئي ‘‘سچوءَ’’ کي، جو سورن اڇ سِڏايو.

داستان چوٿون

سسئي

(1)

مَتان وسارين، ووءِ ڪَر وندرَ ۾؛
جي گوندر گذارين، سي تو ڇگا ڏينهرا.

(2)

چگو گوندر غَمُ، جي مون پچو جيڏيون؛
مَنجهه ڪشالي ڪَمُ، آهي وِرهَه وارئين.

(3)
گوندر آهي غَرضُ، جي مُون سُٹو سَرتيون؛
فنا سپ فَرضُ، ڪري سو سُنَّتَ سين.

(4)
گوندر جن گُذاريو، ڪاڏَون سي لَهان؟
هڪڙي رات رهان، وجي وِرِهه وارئين
(5)
گوندر جَن گُذاريو، ڪاڏَون لهان سي؟
حال پنهنجو هي، وجي ڏَسيان ڏکَن وارئين.

(6)
گوندر جن گذاريو، آءُ تَنِين گولي؛
هِنيَڙي ۾ هولي، هوندي ڏکن وارئين.

(7)
گوندر جِن گذاريو، سُورَ پُڇَن سي ئي؛
پِرهه جِي پيِئي، تَنين مَٿي ماڻَڙي.

(8)
گوندر جن گذاريو، پيهي سي پُڇان؛
اُنهن لَگِ لُڇان، گهٹو آءُ اُباڻِڪِي.

(9)
گوندر جن گذاريو، آءُ پکي تن پيهي؛

وڃائنُن ويهي، وڃان واسُ وِرِهه جو.

(10)

گوندر جن گذاريو، آءُ تِنين گهوري؛
سدا مون جهوري، آهي ورهه وارئين.

(11)

گوندر جن گذاريو، مُنهن تَنِين مَشعلَ،
ڪا مون پوي ڪِلّ، اُنهن جي افسوس جي.

(12)

گوندر جن گذاريو، مُنهن تَنِين مَهتاب،
سنديون نيهَن نواب، آهن ورهه واريون.

ڪافي 1

آڏو مانَ اَچن، وو، ڏسي منهنجو حال - پَلو!
هو جي ڪيڏم ڪاف مِ، ڪاڪِيون، تان رهبر واڻ رسن.
خبران ڏکن سنديون، اڳيون پاڻ پچن.
پاروچان پاجهه پئي، چگي آءُ چون.
پنڌَ ڪريندي پرينءَ ڏي، مَرُ پُرزا پيرَ ٿين.
‘‘سچو’’ پنهنجي ساڻ سان، نماڻي به نِينَ.

ڪافي 2

آءُ پانِهين جي سا پانهي، آهيان عيبدار، ميان!
عمر سڄيائي ڪوڙ ڪمايَم، بخش اُهو مون کي جاني.
روز اَزل کوُن اَبد تائين، آهي ڳچيءَ منهنجي ڳاني.
ڏوهه ڏنگايون ڏس نه منهنجيون، محب ڪرين مهرباني.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪيئن ”سچوءَ“ جي دل سا دلبر، دوست ڪَيَو ديواني.

ڪافي 3

مون کي نال نئين، ني، اِهو ڪيچِيَڙن جو قافلو، ميان!
اَگُڻ شال، نِي، اهو سپرينءَ جو ساڻڙو،ميان!
پڻيءَ هوت پنهونءَ جي، ميان، هلڻ سان هنئين، ني.
پُڃاڻان پرين جي، ميان، جِند ڪيئن جيئين، نِي.
وڏي ٻاجهه ٻروچ کي، ميان، اُتي چوَن اِئين، نِي.
”سچو“ چون سُڌير ٿي، ٻلو، پوندي مَهِر مِئين، ني.

ڪافي 4

مانَ اچن اُهي ڪائُون، مُئي ويا جي ماري!
سپريان ريءَ سرتيون، آهيان اُباڻي آئُون،
ـــــ ويهان سي ڪيئن وساري.
پِرين ڏِس، وو، پاڻ ڏي، ميان، آهيان ڏهارڻ آئون،
ـــــ نِيندا سي نال قطاري.
اچي اسان وٽ سپرين، ميان، اديون ري شال اُوڏاهون،
ـــــ مانَ ڪو ڏينهن گذاري.
آيا قاصد ڪيچ جا، ميان، ائين سو مون کي اُتائون،
ـــــ يارُ سڃڻ توکي ساري.
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، ميان، جَتَ ويا هُئم جائون،
ـــــ تائون سا نِتُ نهاري.
هاري تو سان هوءِ جي، ميان، ڪي جي قول ڪيائون،
ـــــ پرين اُهي سپ پاري.
ويهين وساري وو اِنهين، هيءَ نِڪار چيَائون،
ـــــ ”سچو“ دوست سنِياري.

ڪافي 5

ڏايو جدائيءَ جَلُ، ميان، ووءِ، ووءِ، ووءِ،
ـــ مون وٽُون هوتَ مَ هَلُ.
اَچي ويهُه اَکِن ۾، پاسي ٿيءُ نه پَلُ.
ڪيچ وٽن ڪم ڪهڙو، ڳالهه سانول اِها مَلُ.
مئي کان منهنجا پرين، چوريءَ يار نه چَلُ.
ڪري ڪشَالا ڪاف ۾ ليم ڪوهيارل.
''سچوءَ'' جي ئي ساهه سان، هُيا سڀي رلمَل.

ڪافي 6

ڪندي سا ڪيئن قرار، جيڏيون،
جنهن جو جيئڙو جَتَن سان!
وِرهه وارن کي سرتيون، ويجهو آهي وٽڪار.
بَڙيون، ٻاروچَل جو، نيهُن لڳم نروار.
محبت ڳِڏي نه لَڀي، خرچين لک هزارُ.
ڏسنديس اکڙين سان، ڪاکيون ڙي ڪوهيار.
ڇڏي لاڳاپا لوڪ جا، عشق ڪيم اِختيار.
سدا آهي ''سچوءَ'' کي، پينر برهه بهار.

ڪافي 7

هلان پنهل تو ساڻ، ساڻ هلي تنهنجي گولي گذاريندس.
چُلي پِيَس چَپرين، سَگُ ته توئي ساڻ.
ڪوجهي ڪاري هان تنهنجي، پنهل پاڻ سجاڻ.
تو ري تورينڊؤ ڪيترو، محبت وارو مارڻ.
توڙ نباهج تون ڏٽي، سهڻا ''سچل'' ساڻ.

ڪافي 8

ڳالهيون ڳُڻَ تنهنجا يار سَڄڻ، مون کي روز رئارن ٿا!

سِرَ تي سوز فراق جا، باري چاڙهيئي بار، سچڻ،
ـــ ايڏانهن نيڻ نهارن ٿا.
منهنجو اندر اَڏَ ڪيو، جانب تنهنجي جارَ، سچڻ،
ـــ مون کي ماڻا تنهنجا مارن ٿا.
پرين پاڙج پانهنجا، جي ڪَيَڙءِ قول قرار، سچڻ،
ـــ منهنجو جيءَ جيارن ٿا.
ماڻهو شهر پنيور جا، مِهڻا لَک هزار، سچڻ،
ـــ مون کي ڏيهَه ڪَوڻ ڏيارن ٿا.
قاصد چون، وو، ڪيچ جا، تو هُت سار سنيار، سچڻ،
ـــ تو کي ”سچو“ پاڻ سنيارن ٿا.

ڪافي 9

ڪنهن کي حال چوان هي، اَديون ڙي، واويلا، وو!
ڏيرن ڏيئي چڏيا، موڙِي سور نوان هي.
مهڻا محبوبن جا، ڏنا پاڻ اوهان هي.
سُڪَن اُتي سرتيون، ڏيان نه سور سنوان هي.

ڪافي 10

مون کي دوست ڏنيون دلداريون،
جِيسَ آءُ تان، ني، وو جيڏيون!
ٻاجهه ٻاروچا تو پوي، سُڻِي ضعيفِ جون زاريون.
سئين سپيئي سچڻن، عاجزِ جون آرِيون.
لڻا فلڪ فراق جا، آءُ تا گڏ گذاريون.
توکي تان تِرَ جيترو، وار نه وساريون.
سي ئي ”سچو“ آئيا، جن لءِ جُهونگاريون.

ڪافي 11

مون کي محب ويو ماري، ڪنهن در ڏيان هيءَ دانهڙي!

سوزَ تُنهنجو سُپرين، ڪوڪان ٿو ڪاري.
هوت نماڻيءَ هِنَ کي، ويهَه نه وساري.
نيو پورهيت پاڻ سان، پنهنجي ڪَيَ قطاري.
ويو پاروچو نڪري، عاشق هيءَ آزاري.
راتو ڏينهان سُپرين، ''سچو'' سَڳ سنپاري.

ڪافي 12

مون کي آڏر ڏي، ميان، سُهڻا ساٿيڙا، ڙي!
وڃي چَئج پرينءَ کي، حال منهنجو هي.
پريان سندي پار ڏهُون، قاصد اَچن ڪي.
وعدا پاڙج پنهنجا، جاني ڪِيَڙِ جي.
هو جي ڪَيَو ڳالهڙيون، ساهه نه وسرن سي.
''سچو'' سرنگت پانهنجي، نانوَ ڏڻيءَ جي ني.

ڪافي 13

ڏونگر چو ٿو ڏکائين، پير پيادِيُن جا، ميان!
پنڌ ڪَرن جي هوت پنهونءَ ڏي، تَن چو ورهَه رهائين.
اِهو ڏوراپو ٿيندءِ اوڏاهين، چو طالِبَ ٿو ترسائين.
هيئن تو گهرجي عاشقن سان، ميان ڪا مدد ڪرائين.
ڪَر ڪو ٿورو سڳ ''سچوءَ'' سان، مُحبَن ساڻُ مِلائين.

www.freepdfpost.blogspot.com

”سسئي“

(1)
ڪيڇَؤن آيو قافلو، مون ڪَر پُڇيائون؛
ڪَرم ڪيائون، هن مون نِماڻِيءَ تي.

(2)
ڪيڇَؤن اچي قافلو، مون وٽ ٿيو مِهمان؛
”سچل“ ساري ساڻ جو، هو آرياڻي اڳوان؛
مولىٰ مهربان، نِڌر نماڻيءَ تي ٿيو.

(3)
ڪيڇَؤن آيو قافلو، رات موچاريءَ روءِ؛
مڙيوئي خوشبوءِ، ٿيو سارو شهر پنهور جو.

(4)
ڪيڇَؤن آيو قافلو، ڪڻي ڪٿوريءَ بار؛
هر ڪَنهن هَنڌ هُبڪارَ، ڪِيئين سارو شهر پنهور جو.

(5)
ڪيڇَؤن آيو قافلو، روءِ موچاريءَ رات؛
سنديءَ جَتَن جاتِ، واسيو شهر پنهور کي.

(6)
ڪيڇَؤن آيو قافلو، ڪڻي عطر عنبيرُ؛
تنهن سَرهائيءَ تاثير، ڪيو ساري شهر پنهور کي.

(7)

ڪيڇؤن آيو قافلو، ڪٿوري ڪٽي؛
تنهن جي هُب هَٽي، واسيو شهر پنپور ڪي.

(8)

ڪيڇؤن آيو قافلو، خوب ٿيس خوشحال؛
ڇگو ٿِيَڻُم حالُ، پَسَڻ ساڻ پرينءَ جي.

(9)

ڪيڇؤن آيو قافلو، پِيرَڻُ منجهه پنپور؛
هيءَ ڪميڻي ڪمزور، پر پرينءَ پنهنجو وڻُ ڪيو.

(10)

ڪيڇيڻن مون ڪالهه، دم دم دلاسا ڏنا؛
هَي هَي منهنجي حال، جي ويهي هِت وساريان.

(11)

شال نه وسرِين هوتَ، پيو سپو مون وسري؛
مون ڪي تائين موت، هئين اڪڻين ۾.

(12)

ويُم نڪري قافلو، آءُ مٿي راهه رهي؛
پاروچا پَهي، هِت ٿي وڻهُه وسائيان.

(13)

ويم نڪري قافلو، هاڻي ڪيئن ڪريان؟

وينِي ڏک ڏريان، پرين ريءَ پرڏيهه ۾.

(14)

ويم نڪري قافلو، ڏايو ڏيئي ڏک؛
وينِي ساريان سُک، جو هيڪَندَ هيس هوت سان.

(15)

ويم نڪري قافلو، ڪائي نه پيئي ڪَلّ؛
سيني اَندر سَلّ، اَٿم آريءَ جام جا.

(16)

ويم نڪري قافلو، اَديون آڏيءَ رات؛
پاروچاٽي ذات، ڏسان شال اَکين سان.

(17)

ويم نڪري قافلو، ڪَل نه مون پيئي؛
حال سندم هيئي، مانَ پُڏي پاروچو وري.

(18)

ويم نڪري قافلو، آءُ مٿي راهه رهياس؛
جيڏيون آءُ جِياس، جي مُنهن پاروچي ڏسان.

(19)

ويم نڪري قافلو، آيل، چُپ چُپات؛
پاروچاٽي ذات" مانَ مون سين ڪو وڙ ڪري.

(20)

ويم نڪري قافلو، آءُ پيرين پيادي؛
ٽئي مُون شادي، جي منهن ٻاروچي ڏسان.

(21)
ويم نڪري قافلو، آءُ پُڻ ڪٽان پيرَ؛
ڏک ڏيئي ويا ڏيرَ، مانَ ٻاروچو ٻاجهه ڪري.

(22)
ويڻي ورهه وسائيان، ڪاندَ، اچي لهه ڪَلّ؛
جانِي تنهنجي جَلّ، منهنجو اَندر اڌ ڪيو.

(23)
منهنجو اَندر اڌ ڪيو، فَنا هِن فراق؛
مري ٿي مُشتاق، ڪا ڪر ور ولهيءَ جي.

ڪافي 1

مون ڏي واگ ورائيندا، سرتوين، سِگهَڙا ٻيلڙا ڪوهيار!
پَکا پَکن سامهون، اوري آڻي اَڏيندا.
پينر هن پنپور جا، وري پاڻ وسائيندا.
سپيئي ڏسنديون سرتيون، روندي هوت ڪلائيندا.
پاڇياڻيءَ جا پاٽهين، پکا پاڻ پُڇائيندا.
سور ”سچو“، ڏي، هوت سان، هِيءَ غريب گڏائيندا.

ڪافي 2

آءُ هَلي ڏس حال، منهنجو ٻاروچل ڏي، ميان!
راتو ڏينهان روح ۾، تنهنجو خاص خيالُ.
اَوهان ٻاجهُون سُپرين، ساعت پايان سالُ.

مون تا نماڻيءَ سان، ڪر پلائي پالُ.
سارڻُ سِکَڻُ اَن جو، مون کي ملِڪِ آئون مالُ.
مرشد سارو مَڃيو، ''سچوءَ'' جو به سوالُ.

ڪافي 3

پُڇون ڪِينَ پِرن، ميان، حال منهنجي جون خبران،
ساڻيو ڏي، پانڌيو ڏي!
آهي ٻاجهه ٻروچ کي، مٺي معذورن، ميان.
ساهه سِکي ٿو جن لءِ، سي مون کي سارن، ميان.
هِن دم دلاسا ڏنا، سرتيون مون ساڻِن، ميان.
تون هِت ڪهڙيءَ ڳالهه ۾، تو هُت ياد ڪَرن، ميان.
تون جنين جي آسري، سي تو ڪٽي ڇڏنِ، ميان.
''سچو'' سَنگت پانهنجي، مانَ غريبَ گڏنِ، ميان.

ڪافي 4

ڪيچي ويڙم ڪالهَه، آءُ ٿي ورهه وسايان!
مانَ نماڻيءَ هِن جِي، سِگهِي لَهَن سنيال.
پِيَنر آهي پَنپورَ ۾، جِيَڻ منجهه جنجال.
جَن لءِ ڏونگر ڏوريان، سي ئي ڏسان شالَ.
آءُ پيادي نه پُڄان، ڏاڍا ڪافَ ڪشالَ.
مون جِياريو جيڏيون، سَندن خوابَ خيالَ.
ساڻ ''سَچوءَ'' ڪَنِ سُپرين، پلائيءَ جا پالَ

ڪافي 5

ٻاروچي لَوَن لائِي، وو مِيان، ڪوهياري لوَن لا ئِي!
ڳالهه نه ڳڑهڻ جهڙي، ڏاڍي سُورَ سَلائي.
سرتيون مون سان سورَ ۾، پينر ڪا نا پائِي.

هِيرَ وٹي سا هانوَ کي، ڏانهُن عَجِيبن آئِي.
سِر ڏيوٽ سڃڻ کي، ”سچو“ آهي سَڃائِي.

ڪافي 6

اُهي ڪاڪيون ڪوهيارا، اَڄُ اَگڻ منهنجي آيا!
پيهي پاٽهي آئيا، جَن ڏور ٿي ڏَسايو؛
هَٿُن جَنِين هنيڙو، اَديون مون ٿي ڳَسايو؛
جَن جي ڪارڻ جيڏيون، مون ٿي پانڌي پُڇايا.
هُيس جَنِين ڪاڻِ آءُ، آيَل اُبائون؛
دل ۾ درد منديءَ جي، وڏو ورهُه وڏائون؛
پوڻيون پَڌايَم جَن لءِ، اُهي مَوليٰ مِلايا.
وعدا پانهنجا سرتيون، اُهي پاٽهي پاڙيائون؛
نِماڻيءَ جي نجهري، اَچي پَڪا اَڌيائون؛
اُنهن ڪارڻ ڪاڪِيون، مون ٿي وِرهه وَسايا.
ڪَرم ڪيائون پانهنجو، هاڻي حال ڏسي هيئي؛
وائِي فلڪ فراق جي، هاڻي وڇَوڻ ئي ويئي؛
”سچو“ گڏيو سَڃَڻا، جنهن ٿي ڪانگ اُڏايا.

ڪافي 7

مُکا دلاسا ڏيئي، ري سڃڻ مُون ڏي!
دوستن دلداريون ڏنيون، حال ڏسي تان هيئي.
پَسي عيب اسان جا، مِهَر پنهونءَ کي پيئي.
وريو ورق وصال جو، وائي هِجر جي ويئي.
ماريون ملاقات جا، وس ڪيا هم ڪيئي.
”سچو“ سي ئي آئيا، جيءَ گُهريا هم جيئي.

ڪافي 8

آهي منهنجو سَگُ، تان پُنهل توئي ساڻ!
آءُ اوري تون وچ نه پري، ساهه وڃي وچ ساڻ.
هوت جي ني هلڻ جو، ڪونه پيم اُهياڻ.
چُلي پيس چپرين، سَگَ پنهل تنهنجي ساڻ.
لڳو آهي دل کي، ٻاروچل تنهنجو ٻاڻ.
سِر ”سچوءَ“ جو يار اَوهان تَوڻ، ڪوڙين ٿئي قُرباڻ.

ڪافي 9

جنهن جي آهيان عشق اندوهي، تنهن ٻاروچي کي ٻاجهه پوي!
آءُ حال چونديس روئي، تَنهن ڪوهيارل کي ڪَهَل پوي!
سا نه چڏيجو چپرين، جا لَعَلن تو سان لوئي.
پِريان سَندي پار ڏنهُن، قاصِد اچي ڪوئي.
سوئي ايندم سُپرين، جانب جيءَ جو جوئي.
پورهيو ڪنديس پرينءَ جو، ڳچيءَ پائي اوئي.
سَمَر ٿيڙيم سُڄ جا، حُبّ َ تو ئي سان هوئي.
اکيون عجيبن ڏي، بيٺيون جُهڙ جهوئي.
”سچو“ سَگ اوهان جو، پور وڌا جنهن پُوئي.

ڪافي 10

آءُ اوهان تَون گهوري، اَڙي ڪيچيو، ساڻ نيجو؟
راتو ڏيهان روح کي، آهي اوهان جي جهوري - اڙي ڪيچيو!
دائِم وڌيَوَ دل کي، هِن ڏکَن جي ڏوري - اڙي ڪيچيو!
ويهان ويهَڻ نه ٿي، ڏاڍي سا لايَوَ لوري - اڙي ڪيچيو!
ڪرڻ مناسب ناهي تان، ساڻ ضَعِيفن زوري - اڙي ڪيچيو!

ڪافي 11

مون کي هيئن نه چَڏِ چَڏ، ميان، اڙي پلو پُنَهل يار!
پرين پاڇياڻي پانهنجي، گولِي گولِن گڏ، ميان.
تون تا صاحب سُپرين، هيءَ ڏهارڻ ڏڏ، ميان.

آءُ اوهان جي آهيان، هُوُن هڏ، ميان.
ٿُنهنجي صاحب سُپرين، شال نه سِکان سڏ، ميان.
جايون جانبَ پانهنجيون، اکڑين ۾ اَڏ، ميان.

ڪافي 12

ڪندي، آءُ ڪوهُه رهِي رهِي، جيڏيون هِت هوتَن ريءَ.
اَندر ورهه وڻاٽ ڪيَا، لَوُن لَوُن مَنجهه لَهِي لَهِي.
چڏي شَهر پنپور کي، ويندِيَس ڪيچ ڪَهِي ڪَهِي.
ڪونهي مُنهنجو ڪوهيارلَ ريءَ، سرتيون هِت سَهِي سَهِي.
قول پاڙيندو نِي پانهنجا، پاروچَل بَهِي بَهِي.
"سَچو" گڏيم ساڻَ جا، پَنڌن مَنجهه پَهِي پَهِي.

ڪافي 13

آءُ ڪِي تان اوڏي آئِي، جهاڳيا مون سي جَبل جالَ.
سَل ڙي ساڻِي، "ڪيچُ ڪاڻي ٿيو"،
ڪَلَ الله لَگِ ڏي تون ڪائِي.
اوني ادا ڙي بُڌيئي ڪا، وري ورڻ جِي هيڏي وائي.
شهر پنپور ڏي پيرو ڪندا ڪو، ڏاڍي اسان سان هوتَ لائي.
اگڻ تنهنجي، سڻ "سچو" ڙي، ميان، جانِي اَچي ٿو رات جائي.

ڪافي 14

پانَهڻ ڙي پَرڏِهي، ناهي ايذائِڻُ توکي:
ناهي واجب پَرڏيهي، ادا، اِيذائڻ توکي!
ڏيندءِ ڏوراپو يار اسان جو، وڻ توئي جي ويهي.
پير ڦيهين ٿو نِتُ نماڻيءَ جا، ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي!
هيءُ اميد، وو، هِئي نه تو ڏنهن، جبل ڪيئي مون سان جيهي.
جيهي ڪندين ڪوهَه! اسان سان، ڳالهه ڪنديس هُت تيهي.

”سچو“ سڃاتو سنگ تو ئي ڪي، آهي عادت تو ايهي.

ڪافي 15

حيلا ڪيم هزارين، مانَ ٽِڪَن مون وٽ رات.
ڪَرهه قطاري هليا، بودا پلاٽي پِرپات.
آءُ سُتي هو هُليا، توڏن جي ڪيؤن تات.
سورَ ڏنائون سوڪڙيون، ڏک ڏنائون ڏات.
پرين ساري موڪلِي، ڏانهن ”سچو“ سوغات.

داستان ڇهون

سسئي

(1)

سون ڪان ٽئي نه پنڌ، آري ڇام اَڇيج تون؛
هاڻي ڏي مون هنڌ، پاڻ ئي ڏاري سُپرين.

(2)

آريءَ جي اَڇڻ جو، روز نهاريان راهُ؛
آڏيديس اللهُ، مون سِرُ صدقي ڪيو.

(3)

آري اَڇين شالَ، نماڻيءَ جي نِجهُري؛
هِي مون ڏسي حالَ، ڪرين غور غريب جو.

(4)

گهٽا ڏينهن ٽيا، مون ڏوريندي ڏونگرين؛
جي مون سڏ ڪيا، سي پُڌي پاروچا ورين.

(5)

ڀڏي ڀاروچا ورين، هِنَ عاجز جون آهُون؛
درد پَري دانهُون، ڪري ٿِي ڪافن ۾.

(6)
جي مُنهن ڀاروچي ڏسان، تا سَڀَئي ٿِينَم سُکَ؛
ڏور ٿين مون ڏکَ، پَسَڙ ساڻ پرينءَ جي.

(7)
ڪر ڀاروچا ڀاجهه، هِن مون نماڻيءَ تي؛
ويڻي وجهان واجهه، اوهان جي اَچڻ لاءِ.

(8)
مون هَڻان پيئي، ڏوهُه نه مڙن ڪو ڏيان؛
حال چوان هيئِي هَلي هوتياڻِن کي.

(9)
هن ڏکيءَ کان ڏيرَ، وجهي وِڻِ وڏي ويا؛
پُڇِي لهان پيرَ، آيَل اونارن جا.

(10)
اڻي ويا اونارَ، ڪٽي ساڻ سيلَ جو؛
هاڻي اَديون آئِياَ، ڏورڻ مون ڏونگار؛
ٻيا پي هوت هزار، منهنجو پيچ پُنهونءَ سان.

(11)
منهنجو پيچ پنهونءَ سان ، اَزل لاڪون آهه؛
هاڻي ويهڻ چاهه، پِينَرُ هن پنپور ۾؟

(12)

ڪريان ڪوه پنپور ۾، پنهونءَ پُڃاڻاءُ.
سوز چَڪايو ساءُ، ويهَڻ مون وهُه ٿيو.

(13)

ڪريان ڪوه پنپور ۾، ور بنا ويهي؛
جيهي جي تيهي، آءُ تان سندن آهيان.

(14)

ڪريان ڪوه پنپنور ۾، پُڃاڻا پرين؛
وارُ نه سي ويهَن ، جَنِين مَٿي مامرو.

(15)

ڪوهُ ڪريان پنپور ۾، هاريُون بِنا هوت؛
مون تان تائين موت، ووءِ ووءِ هَڏِ نه وسري.

(16)

گولِن گڏ گذرانُ، ڪاڪِيون، ڪنديس ڪيچ ۾؛
آريءَ ٿئي اَرمان، مانَ ڏسي حالُ حقِير جو.

(17)

چگي پنهونءَ چِت، سدا آهي سَرتيون؛
هوت بنا مون هِت، ڪريان ڪوهُ پنپور ڪي؟

(18)

شالَ نه وسرين تون، لوڪ سَپوئي وسري؛
مطلب اِهو مون، جو پاڻُون پَري نه ڪرين.

(19)

ورَ مَ وساريج، هيءَ تان سنديَو آهِه؛
وجي ڪيچ وٽن ۾، هيءَ سڏر ساريج؛
تيتَر مَ ماريج، جيتر توکي نه مِڙان.

(20)

ساري شَهر پنپور جي، چڏي لوڪ لذت؛
تو ريءَ ڏئي ڪونه ڪو، ماڻهو عام عِزت؛
ٿئي ساهه صِحَت، جي پيهَر پاروچا اَچين.

(21)

ڪيو ڪميڻيءَ ڪَچُ، جو سُتِي سَويلي رهي؛
اُنهيءَ جي افسوس سين، ڪيو محَبت مَچ؛
پنهون جامَ پَرچُ، ناميا نِماڻيءَ سان.

(22)

ٿيون هِن هَٿاءُ، ڪيئي مُورائون مَنديُون؛
پنهون ڏسي پاڻ ڏي، آسَڻ منهنجي آءُ؛
سانول تو ريءَ ساءُ، اَچي ماڻهن ڪِين پنپور جي

(23)

پُنهون پُنهون ٿي ڪريان، آءُ پڻ پنهون پاڻ؛
اَديون ٿِيس اَڄاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.

(24)

جان پروڙيم پاڻ کي، تا آءُ پنهون آهيان؛
*ڪنهن طَرف ڪاهيان، جو طَرف مِڙئي ”ٿُم“ ٿيا.

(25)

پيهي پروڙيم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان؛
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هيءُ پَڙلاءُ پيوم؛
صحيح ڪن ڪيوم، ته غير گمان اُٿي ويا.

(26)

”سچو“ ڪج صَبرُ، مٿي خيال ڪڙو رهين،
ڪِينو ۽ ڪِبر، پري ڪرين پاڻ ڪؤن.

(27)

جَڏَ ڏني چُٽڪي، سورن سَرسُ سُميرَ ۾؛
سا سَچلي ”سچيڏنو“ چوي، چُوهه منجهون چٽڪي؛
جا لڪَن منجهه لُٽڪي، تنهن سان حمايت هوت جي.

ڪافي 1

ڪيچيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون منهنجو جيئڙو جِهجي ٿو!
پريان سندي پار ڏُنهن، الله اوٽي آڻ.
چڏي شهر پنپور کي، هاڙهي ويندي هاڻ.
روئڻ کَؤن جهلن سي ئي، رَئن اَکڙيون اُکاڻ.
جيءُ وڏائون جار ۾، ٻاروچاڻي ٻاڻ.
سِگهو ايندو سُپرين، پينر منهنجي پاڻ.
”سچو“ آءُ تان آهيان، پريان جي پَرياڻ.

ڪافي 2

اوڏانهون جي اَچن، ڙي جيڏيون، اُنهن آءُ ڪيئن نه سجاڻان!

پريان سندي پر جيون، ڪيهون ڳالهيون ڪن.
مون هن نماڻيءَ کي، دلاسا ڏا ڏين.
ساهه منهنجو سرتيون، نيو نياپن.
هي بُت بيراڳي ڪيو، ڪاڪيون ڪيڇيڙن.
''سچو'' چو نه سُڌيرُ ڏين، تو هُت پاڻ پچن.

ڪافي 3

پڇي پاهڻ ڏي پاسي، متان ڏاڍو ڏک پويئي!
پنهونءَ سندي پار ڏي، اسين تان پنڌ پياسي،
ـــــ ترس اهو مانَ ڏئيئَي
چو ڏو سمهين پير مُئيءَ جا، اڳهين نيهن نياسي،
ـــــ ڏک ويا ڏير ڏئي.
سڏ ڏي ڏونگر حال ''سچوءَ'' جو، وندرجي اسين وياسي،
- چَگيان پاڻ ئي هوت چوي ئي.

ڪافي 4

دوست دلاسو ڏجي، ڏاها ڏکوين.
اَول لائي پوءِ نه چنجي، پرت نباهي نِجي.
پُرجهي ڏسج پرين پانهنجو، هيئن نه ڪا پُل ڪجي.
ڳالهيون تنهنجيون يار پاروچا، راتو ڏينهان هِن هِجي.
ورهَ وارن سان ڏهاڙي، ڏک پائي اَچي ڏجي.
قاصد ايڏنهن جا چَون اِئين مون، هوت اِيندءِ اَڄ اِجهي.
ڏنگاين ڪارڙ هوت اوهان جي، ''سچو'' فالان ويڏو وجهي.

ڪافي 5

وندر آءُ ويندياس، وڃي اهو سوز سڃڙ جو - وڃي اهو پور پرينءَ جو!
پيرن اُتي پِرَ جي، ڳوڙها ڳاڙيندياس.
ڪاڙ ڪوهيارلَ ڪاڪيون، جهولا جهليندياس.

آهُن ۽ دانهن سان، ڪَرڳل ڳاڙيندياس.
ٻاجهون ٻاروچل جي، ساڻيهُه سارينديـاس.
پنهون وٽي تان پاڻ سان، اَديون آڻيندياس.
پاڻ پنهنجو پورَ مؤن چُنجن چاڙهيندياس.
سِر پَنهنجو سرتيون، گهوريون گهورينديـاس.
وٽي مَهار مَيَن جِي، لوءِ ڏي لاڙيندياس.
"سچو" ٻاجهون سوز جي، ٻيا ورق وارينديـاس.

ڪافي 6

مون کي ميڙين الله، سِگهو آڻي الله وو ميان ٻاروچا!
اُنهن ڪارڻ ڪاڪيون، وجهان وچاڻا،
سانول پنهنجو سرتيون سَوَ مِ سُجاڻا.
ٻيهر شهر پنپور مِ آڻين الاهِي،
پيرين پئي تن کي ٿيون پاڻ ئي صلاحي.
اوڏنهُن آڏيءَ رات جا ڪانگل اڏايان،
جي پَري آهيان تن ڪَوَن تان پِي سندين سڏايان.
ڪڏهن مُکو ڪونه ڪو پرين پيغامي،
اَصل لاڪوڻ اُن جو آهي ساهُه رت سلامي.
ڪڏهن ايندم سُپرين، ٿي پوٽيون پٽايان،
"سَچو" سوالن سان اُهي ويندا ورايان.

ڪافي 7

جي وٽي حُب وجن، ڙي، اُنهن کي ڪيئن نه سُجاڻا!
چڏي لاڳاپا لوڪ جا، پِريان پنڌ پون.
ڏونگر سي ڏورينديون، حب جن کي مَن.
آيل عاشقن جون، ڪوڪان پيڙم ڪَن.
اَديون هن ارواح کي، تاسِف ڏنو تَن.
"سچو" صدقي اُن تان، جي وٽي درد وجن.

ڪافي 8

متان ڏوراپو ڪو ڏيو، ڏي ساڻيو، مون کي!
هيءَ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، ڪيئن مَڻون مون ڏيو.
حَرف اسان تي آهي اَصل ڪوڻ، ويسر ۾ ويو.
”سچوءَ“ ڪوڻي پانهنجو، پاڻ قربَن ڪيو.

ڪافي 9

منهنجو سگُهُ نَه سِياپو، ڪاڪيون ڪيچ ڏڻين سان!
هِتَوُن هَلِي اُتَهن، آءُ نه ڪنديس، ڏي، ڪاپو.
پانهي خان پروچ جِي، ڏِيسَ لاهي لاڳاپو.
شال نه ڏکيءَ کي ڏين، ڪنهن ڏوهُن ڏوراپو.
جيڏيون هِنَ مُئيءَ جو، آهي جانب جياپو.
”سچو“ سڄڻ سان ڪندو، منهنجو مولىٰ ميلاپو.

ڪافي 10

يار ٻيلي ڏي، متان مون کي هِت ڇڏين!
هِيءَ نماڻي عشق اوهان سان،
هِيءَ محب ٻيلي ڏي، پاڻُ غريب سان گڏين.
ڪنهن در ڏينديَس دانهڙي،
پيارا پرين ٻيلي ڏي، آڻي پَکا اوري اَڏين.
لَهه ”سچوءَ“ جي، وو، سُڌ سڄڻ سائين،
ساجهر سويلي ڏي، يار ايندين تون ڪَڏين.

ڪافي 11

ڪنهن لَگِ ڏونگر ڏوريان، جيڏيون ڏي،
محب آهي منهنجي مَن، ميان.
*”وفِي اَنفُسِكُم اَفَلاَ تُبصِرونَ“، ڪاڪيون ڪَجو هي ڪن.

اسين توِ سان، پَري ٿُون ڦولين، اولانيا هي اچن.
پاڻ سنپالج پانهنجو، پرين اِئين چَون.
اِهڙْيءَ اوڏائيءَ ۾، ورهِي مِينهن وَسن.
”سچو“ سي ئي پَري پيا، جُدا ڇاتو جَن.

ڪافي 12

مون کي ماريو مونجهاري، ووءِ ووءِ،
سانگِي مون سي ئي ڪيا.
سوزُ تنهنجو سُپرين، هِت ڪوڪان ٿو ڪاري.
اُنهيءَ ٻاجهُون سرتيون، هيءَ گوندرَ گُذاري.
ڏاڍي ذات جتن جِي، جي عاشقن ويا اَزاري.
وندر جي وڻن ۾، ٿي ڪيچي نهاري.
”سچو“ سپرينءَ کي، تون ويهُه نه وساري.

ڪافي 13

گولي مانَ سڏين، اُنهن جي نِي آهيان، جيڏيون ڙي!
پکا پکن سامهون، اوري مانَ اَڏين.
آريجا عاجِز کي، چَپَر تان نه چڏين.
ٻاروچا تا ٻاجهه پئي، گولي ساڻ گڏين.
هُونِ هميشه مون پِرين، لحظي تان نه لڏين.
اَصل لاڪون آهيان، هِيئن آئون هَڏين.
اٽمُلهِه ٻانهي آهيان، ”سچو“ پاڻ سَندين.

ڪافي 14

هِتوُن اُٿي تنهنجا هوتَ ويا، تون تان پي نه ڪوشش ڪَرين!
پيرَ پُڻِن تون رهِ ڪٽي، پُڌيون سي ڳالهيون ڪرين.
توکي تان ترسائِيو، پاڇياڻي، پَنڌَ پَرئين.
اُٿي ڪر پنڌ پهاڙ جا، متان تون پوئتي ورين.

‘‘سچو’’ پُڇج سُپرين، ميان، متان تون تان ڦرين.

ڪافي 15

پنهنجو ڪيو، هي تان پنهنجو ڪيو، مون کي يار پنهل ڪُوٽي!
دوست گڏيو دلجاءِ ٿي، وڇوڻ سارو وڇوڙو ويو.
آڏر ٿي ارواح کي، جڏيون ڙي، منهنجو جيئڙو جيو.
رهجي اچي يار سان، ڏاهيون ڙي، اهو ڏسَڙو ڏيو.
اَگُڻ آسَروند جي اچي، ميان، لالن پاتو لِيو.
ساهه ‘‘سچوءَ’’ جو سرتيون، نيٽن سندي ناز نِيو.

ڪافي 16

ٻانهن جي آءُ ٻانهي آهيان، ٻاروچي جي ذات جي!
ڪِيم جهلو مون جيڏيون، دوسنَ جي ديوانِي آهيان.
آءُ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، شاهَن جي ڪا شانِي آهيان؟
اُڻن اوڻارن تَوُن، ڪوڙين آءُ قُربانِي آهيان.
جي مون پُڇيو جيڏيون، سورن ۾ سامانِي آهيان.
پُڇو ‘‘سچوءَ’’ ڪوُن سرتيون، محبن جي مستانِي آهيان.

ڪافي 17

تو ريءَ ڳالهيون ڪنهن سان ڪنديِئَ، آءُ وَر واڳ ورائي!
واٽ نه وندر جي لهان، وڌيس مونجهَه مُنجهائي.
سِڪَ تنهنجي سُپرين، ڏونگر ٿي ڏورائي.
هيڪاندي هيءَ حَبَ ۾، ويڻي ورهه وسائي.
طعنن شهر پنپور جي، وڌم تَنُ تپائي.
جيهو تيهو سُپرين، ‘‘سچو’’ سنَدُوَ سڏائي.

ڪافي 18

ٻاروچا پَئيوَ ٻاجهه، چَپَر مون کي هيئن نه چڏيجو!

www.freepdfpost.blogspot.com

مهرَ نه لاهيو مون پرين، مَڻان هِن محتاجَ.
آهي هن عاجِز جي، تو تي لالَن لاجَ.
هِيءَ پُڻِيءَ پئي تنهنجي، مَنجهَوَن ساري راجَ.
ڳچِيءَ پائي ڪَپڑو، اُت ڪريان ايلاجَ.
پورهيو ڪنديَس پرت جو، هَڻين ڪنديس هاجَ
گهوريان گهوٽ اوهان تان، سپ مَڏيون ۽ ماجَ.
اوهان جي ته اَچَڻ لءِ، ''سچو'' وجهي ڏو واجهَه.

ڪافي 19

هيءَ نماڻِي نالِ، نِجو، ادا ڏي، اوڻيو!
هي ڪميڻي ڪُوڙي، بِرهَ ڪئِي بيحال.
پُڻِيءَ اِيندي اُنهن جي، جيهي تيهي حال.
پرين نيندا پاڻ سان، پلا پنهنجي پال.
اوهان پاجهون سپرين، جيئڻ آهي جنجال.
پاروچا تان بلجهَه پئَي، ''سچو'' سگ سنپال.

ڪافي 20

پاروچا ميان، هيئن نه چڏيو، هيءَ نيو نِماڻي ساڻ!
سُڌ تَهين کي سوز انهِيءَ جي، جنهن لڳو پاروچاڻو پاڻ.
پانهي گولي تانهن جِي، پنهون پانُ سجاڻُ.
پرين ڏسج پاڻ ڏي، آهيان آءُ اَجاڻ.
بخش ''سچوءَ'' کي سپرين، سندو نِينهَن نياڻ.

داستان ستون

سسئي

(1)

توڙي مارِ نه مُون، سُڻ منهنجا سُپرم؛

www.freepdfpost.blogspot.com

مون کي گُهرجين تون، لوڪُ رُڻو ئِي گهوريو.

(2)

عُمر اَجائِي گذري، وهِي آيَم هِيءَ؛
آءُ سڀَاجها سُپرين، پَروَرَ ڪارڻ پِيءُ؛
جِيئڻُ ڪونهي جِيّ َ، ڪا وَرَ ويچاريءَ وَر ڪيو.

(3)

عُمر اَجائِي گُذري، اَچا ٿيا اِظهار؛
زاريون ڪِيو سُپرم، رُئان زار و زار؛
مَڻِم آهي مَيارَ، هوتَنِ حَرَف نه هيڪڙو.

(4)

عمر اَجائِي گُذري، ڪارن مَٿيو رنگُ؛
مون نهارڻُ نه ٿئي، سانوَلَ سارو سَنگُ؛
هِن نِماڻِيءَ جو نَنگُ، آهِه اَوهان تي سُپرين.

(5)

عمر اَجائي گذري، ڪَئِي جوبنَّ جاڙَ؛
بالا هِنِ بِلورَ جا، چئَنِي طرفين چاڙَ؛
باروچَل جي باڙَ، مون کي روهين روليو.

(6)

عمر اَجائِي گُذري، هوتَ نه گڏيَس آن؛
اَهڙي ئِي اَحوال جِي، ووءِ ووءِ آهي مان؛
ٿئي نه ميلو جان، تان ساهُه نه وڃي سَرتَيون.

(7)

www.freepdfpost.blogspot.com

عمر اَجائِي گُذري، هِهڙو ٿِيَڻُم حالُ؛
ڪنَهِن سٽايان سرتيون، اندر جو اَحوالُ؛
آرياڻِي الحالُ، ڪندو غور غَريبِ جو.

(8)

مَٿي راهَه رَنجُورِ، ويچاري واڪا ڪَري؛
سِگهِي ويندي نِڪري ، هوتِياڻين حضور؛
موٽي هَڏِ نه مُور، پَسَڻ ريءَ پِرينءَ جي.

(9)

جان مون مِلان هوتَ، تيسين تائين نه مَران؛
مادر تائين موتَ، اِهو اَڻَم آسرو.

(10)

وندر جي وڻَن ۾، ڪَري واڪا ويچاري؛
جا مَحبوبن مارِي، ٿُنهِنجو موڻَڻ مَسَ ٿئي.

(11)

وندر جي ئِي وڻَن ۾، زور ڪَري زاري؛
چڏي ويا چَپَرين، ڏوبِڻ هِيءَ ڏاري؛
هِڪ واچوڙا واڻَ تي، بِي وسي ٿِي واري؛
بِرهُه آهي باري، هَي هوتياڻِ جو.

(12)

وندر جي ئي وڻن ۾، زور ڪَري زاريُون؛
نِيلا نِيرَ اَڪين مان، هاڙهي ويس هاريُون؛
اَديون آريءَ چام جا، ويا روڏا رئاريو؛
هِنَ مُئيءَ کي ماريو، هوت وجن ٿا نِڪريا.

(13)

وڃي ڪيڇ وڃڻ ۾، ٿئَن ڪوهيارَل قَرارِ؛
يا ڪٽِي مُئِيءَ کي مارِ، يا پِرين ٻي تون ٻاڻ سان.

(14)

وڃي ڪيڇ وڃَڻ ۾، ٿِئين سانول سُکِ؛
هيءَ ڏکوئي ڏکِ، وجهي گوندر ۾ وَئين.

(15)

وڃي ڪيڇ وڃڻ ۾، تون خاصا ٿين خوشحالُ؛
هِتِ هِيءُ نِماڻِيءَ حالُ، مانَ وَري ڪو وَڙُ ڪَرين.

(16)

وڃي ڪيڇَ وڃڻ ۾، ڪامل ٿِئين قَرارِ؛
ويچارِي مَ وسار، جا اَجهي آهي آنهِنجي.

(17)

وڃي ڪيڇ وڃڻ ۾، ٿئين جانب جاءِ؛
هُو جي اوري ڪيڇَ ڪَوڻ، سي مون لَکَ لنگهاءِ؛
پنهنجو ٻاڻ ٻساءِ ، نا ته ٿي دوست دمُ ڏيان.

(18)

ڪاڪون ڪيڇ وڃڻ مُوڻ، هِيرَ اچي جا هِيّ َ؛
پاڙيجون! سان پِيّ َ، هِنَ مون کي اَڄ ملائيو.

(19)

ڪاڪيون ڪيچ وڃَن ڏنهُن، هي هي جو واءُ وريو؛
سندو ساهَه سَريو، مطلب سارو مَنَ جو.

(20)
ڪاڪيون ڪيچ وڃن ڏنهُن، وري واءُ وريوم؛
سارو ڪاجُ سَريوم، جڏ هاڻي گڏيسَ هوت ڪي.

(21)
هو جا ڪيچ وڃن ڪي، وڃي لَڳِي واءِ؛
سا وري شهر پنپور ۾، اچي سرد هواءِ؛
جانب تنهن جاءِ، سا جيءَ اُنهيءَ سان هلي.

(22)
هو جو ڪيچَ وڃن مَؤن، اَچِي واءُ ورِي؛
سو مون ڪي محبوبن جِي، ڏئي خبر ڪَرِي؛
وڃان تا مَ مَري، جان ٻاروچي مُنهُن ڏسان.

(23)
هو جو ڪيچ وڃن مُؤن، وَريو اَچِي واءُ؛
ماريون تَنهن مٿاءُ، هِيءُ سِرُ ڪريان صدقي.

(24)
هو جو ڪيچ وڃَن مَؤن، واءُ ته آڻي واسُ؛
هِيءُ سِرُ سارو ساسُ، ڪوڙين قرباني ڪَريان.

(25)
هُو جا ڪيچ وڃن مَؤن، هاريون اَچي هِيرَ؛
ٿئي صحت مَنجهه سَريرَ، ڏور وڃن مون ڏکڙا.

www.freepdfpost.blogspot.com

(26)

هو جا ڪيچ وڃِن مَؤن، هاريون هِير اَچي؛
تَنهِن سان مَنُ مچي، محبت ۾ محبوب جي.

(27)

هو جا ڪيچ وڃَن مَؤن، اَچي ۽يرَ هَلِي؛
سا پينر آهي پَلِي، جنهن سان ساهُه سُڌير ٿئي.

(28)

هو جا ڪيچ وڃن مَؤن، ٿي هِير اَچي هاڻي؛
تَنهِن آرياڻي آئي جَڻُ مون سان اَڄ ملائيو.

(29)

هو جا ڪيچ وڃن مَؤن، اَچي هِيرَ هلي؛
تَنهِن ساري ڳالهه سَلِي، پِريان سندي پارَ جي.

(30)

هو جا ڪيچ وڃن مَوءن، لڳي تيز تَنوارَ؛
سندي پِريان پارَ، تَنهِن ڏَنا دلاسا دل ڪي.

ڪافي 1

نِينهَن نِهوڙي آهيان، هاڻي جيڏيون ڪا ڏَي وڃان!
پنڌ پري ٿيو پِرينءَ جو، عشق اُلارو اڃان.
ڪَتڻ وڃڻ نه ٿئي، چرخو ڦيرائي پَڃان.
پِريَن نائُون پَڻ ۾، عشق سنديون سي ڇڃان.
موڃڻ واري ڪڏهين ، ‘‘سڃو’’ نه مَصلحت مَڃان.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 2

هئان ٻاروچي نال، وو نال، پَلَڪُ نه پري پِرينءَ ڪَوَن!
ورهيه ويڙهم گذري، هَي هَي ههڙي حال، وو حال.
ساڃَن تنهنجي سوز جي، ڪريان ڪنهن سان ڳالهه، وو ڳالهه.
ٿي گذاريان ڏينهڙا، تنهنجي خاص خيال، وو خيال.
پُڻيءَ لڳِل پانهنجي، پرهون سائي پال، وو پال.
ساهه ”سچوءَ“ جو صدقي، آهي اُتون آل، وو آل.

ڪافي 3

گولِيءَ جي گفتار، ٻُڌيَوَ ٻاروچَن ۾ ڪا!
ڪُتا ڪانَ قريب جا، هِنِيڙَي منجهه هَزار.
آءُ پيادي نا پُڃان، سارو ساڻ سُوار.
اُنهن ڪارڻ آئيو، رئڻ زارو زار.
لڌم پير پنهونءَ جو، منجهوَن گرد غبار.
اچي شال پنپور ۾، ٻاروچو ٻيهار.
پاڻوَن ٻانهي پانهنجي، دوست نه ڪجو ڏار.
ڪَن ”سچوءَ“ ڏي سچ جِي، مَجهَوَن نِينهَن نهار.

ڪافي 4

يار لڳِي آءُ هَلندي تو سان، وو،
رهنديس ڪِيئن پنپور ۾.
پاءِ رڪاب پرينءَ جي، هَي هَي هاريون هوسان.
پائي مَنڊڙا پورَ مَوَن، راهن تي روسان.
اَوهان ٻاجهون سپرين، چاهي مُنهنجو لوءِ سان.
سورن سهرا سِرَ تي، پارئون تنهنجي پوسان.
”سچو“ ساعَتَ نه رهي، دم ٻاجهون دوسان.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 5

گولَن جي آءُ گولي، ٻاروچاڻي ذات جي!
سمجهي سگهان ڪينڪي، ٻاروچي جي ٻولِي.
عبث آءُ پي ناهيان، ڳالهه ڪَيَس ڪنهن ڳولي.
ڪري ڪوهيارل ويو، هنيڙي اندر هولي.
روئي اُنهن واسطي، ڇِڪَ ڪيم هيءَ چولي،
‘‘سچو’’ صدقي تَن تَوُن، جِندُ جَنهِين هِت گهولي.

ڪافي 6

اڙي اَلو اَلو، منهنجي يار سَجَڻ جو، ساڻ سلامت آئيو!
اَڄُ سي اَگڻ آئِيا، مون جِن لءِ وِرهه وسايو.
اُهي گڏ مسافر هِنِ گڏيا، مون جن لءِ پَنڌِ پُچايو.
ڏيئي دلاسا دل کي، تن ريهي روح رچايو.
حال ٻائي اَچي سي ٿيا، جن تان چيڪ لايو.
وريتيون وصالَ جو، هاڻ واليءَ ورق ورايو.
‘‘سچوءَ’’ کي ڙي سرتيون، اهو موليٰ مُحب مِلايو.

ڪافي 7

سنديَو سار سنڀال، يار مون کي آهي، منهنجا ميان!
مون هوُن ڏورڻ نه ٿيا، الا، آهن ڪاف ڪَشال.
اَوهان ٻاجهون سُپرين، جيڻ منجهه جنجال.
ڪريو فنا فراق کي، وجهان واجهه وصال.
ٻاجهه ٻاروچا تو پوي، ههڙا ٿيڙم حال.
راتو ڏينهان روح ۾، جَکان لاءِ جمال.
سِڪ ‘‘سچوءَ’’ کي سُپرين آهي جِيّ َ ۾ تنهنجي جال.

ڪافي 8

تون آءُ ڙي قاصد آءُ، ميان، ڪا خبر ڏيهوُن کِيئَن جي!

پرين سندي پار جو، ڪو لهي اَڄ سماءُ، ميان.
منهنجو ٿئي هِت ڪينڪي، ٻاجهؤن هوت هلاءُ، ميان.
ملڻ ٻاجهون دوست جي، ڪندو ورهه وڏاءُ، ميان.
“سچو” سمجهين ڪينڪي، اهو اَٿئي ڪو لقاءُ، ميان.

ڪافي 9

آءُ تان صدقي اُن تؤن، جي آيا پُنهل جي پار!
مُکم نياپا نينهن جَا، هوتن تنهن هزارَ.
محبت محبوبن جي ڪئي، هنيڑي ۾ هُشڪار.
وڃي ڏسنديس اَکڑين سان، وڻ سندا وٽڪار.
سِڪ “سچوءَ” کي سرتيون، ڪيا اندر ۾ الغار.

ڪافي 10

اوڏنهن آئين ڪانگل اَدا، لئون تون چگّي اَڄ لات ڪا،
ڪِي هُت هئي محبوب کي، مشتاق جي مصلحات ڪا؟
هيڏي اَڇڻ جي ڪا هُين، ڏي تون مون کي تسلات ڪا،
مون هن نماڻيءَ وٽ اُهي، رهندا اَچي هِت رات ڪا؟
پي تان هوندي هيڻي ادا، ظاهر نه جهڙيم ذات ڪا،
پيغام مون ڏنهن پرت جا، ساڻي آندوَ سوغات ڪا!
شب روز عاشق رئڻ ڇاڻن نه هَڏ پي بات ڪا،
جاني جدائيءَ جيهڙي، آهي نه پي آفات ڪا!
هيڪڙ هئڻ جي هوت سان، سئين ڪندم ساعات ڪا،
دلبر ٻاجهون هڪدم ؟سچو”، ٻيهي اُها برسات ڪا؟

ڪافي 11

عشق اَول آزمائي، ڪاڪيون ڪيچن جو، ميان!

سِر تي سهج، وو، سور سڻاٽا، ٻاروچو ٻولائي.
صحيح ملندم هوت حقاني، رانولُ مون رولائي.
عاشق صادق سڻ ”سچيڏنا“، پول ڪنهن ٻولائي.

ڪافي 12

سانول، سوين ڳُڻ تنهنجا ڏي ساريان!
هُرن منهنجي هنيڙي اندر، سي تا ڪيئن وساريان.
واڻان اچڻ جون، وو، تانهنجون ويڻي سي نت نهاريان.
اوهان ٻاجهون سُپرين، گوندر ڏينهن گذاريان.
جُهري جهوريءَ ۾ ٻيو، هنيڙو ني هيڪاريان.
”سچو“ سگ در تنهنجي جو، تنهن جي ڪيَ قطاريان.

ڪافي 13

ڪنهن کي حال چوان هي، اَديون ڏي، واءِ ويلا جو!
ڏيرن ڏيئي چڏيا، موڻي سور نوان - هي حال چوان!
مهڻا محبوبن جا، ڏنا ٻاڻ اوهان - هي حال چوان!
”سچو“ سِرواڻن کي، وڃي پيرين پوان - هي حال چوان!

ڪافي 14

عشق تنهنجي ماري آهيان، آءُ اَچي ڏي دوست دلاسو دل کي!
سگهه نه ساريان پنڌ ڪرڻ جي، پلو ميان.
ڪيچ وڻن ڏي ڪيئن ڪاهيان!
آءٌ تان ٻانهي تون تان سائين، سَگ نه ٻيو ڪو ساهيان!
ڪم اچي جي هي سر تنهنجي، ميان، تان ٻي نابِر ناهيان!
آءٌ اَڻ سونهين سونهين ناهيان، ڪاڏي ڪر هَل ڪاهيان!
هوت ڪرين ٿو ههڙيون، ميان، آسَر هَڏ نه لاهيان!
اَگڻ آءُ تون يار پيارا، سپ پلايون ڏي پانيان!
ورهه اوهان جي ڪيئي ولوڻيا، ”سچو“ چوي آءٌ چاهيان!

ڪافي 15

دل ناهي سا منهنجي وس، ڇڏيون، ڪيئن ڪريان!
انهن اَکڙين کي، ناهي ڏسڻ ڪوُن بس،
ـــ ڇڏيون، ڪيئن ڪريان!
اصل لاڪون آهيان، پاڙيچون پر وس،
ـــ ڇڏيون، ڪيئن ڪريان!
ڪاڪيون آهي نه عام سان، روح منهنجڙ ور وس،
ـــ ڇڏيون، ڪيئن ڪريان!
ٻاجهون ويڙهي دوست جي، ٻي ڳالهه نه لڳي ڪس،
ـــ ڇڏيون، ڪيئن ڪريان!
ساهه ”سچوءَ“ جو سرتيون، دوست وٺي ڪيو وس،
ـــ ڇڏيون، ڪيئن ڪريان!

داستان انون

سسئي

(1)
مارڳُ مٿاهون ٿيو، مارڳ چڙهي ڪيرَ؟
سا پُڇي ساڻ سويرَ، جائِي مارڳَ تي مري.

(2)
جي تون مارڳَ تي مرين، وڏا طالع تو،
سانول ساڳي سو، مٿان تو هٿ ڏئي.

(3)
مَلهِي مارڳ مرُ، تان تون تنين جي ٽئين؛

جبل هار نه جرُ، ارتو اَکَڙين مون.

(4)

مارڳ جي مُئينءَ، ڏڻ هُئينءَ هوتياڻين هنج ۾؛
وڃي ڪيڇ سُڻينءَ، تان ويچاريءَ وسُ ڪيو.

(5)

مارڳ مرن جي، ور تنين کي ويجهڙو؛
هَي هَي هوتن کي، ڏئي ارمان انهن جو.

(6)

مارڳ مرڻ آهه، گهوريو جيڻ جيڏيون؛
پير نه پوئيون پاءِ، عاشقَ مرُ اڳي ڏئين.

(7)

مارڳ آهه مرڻ، جيڏيون هن جيڻ کون؛
وس ويچاريءَ ايترو، ڪوڪان ڪاڏ ڪرڻ؛
پاروچا پُرڻ، ڏيو ڪم ڪوهيار جو.

(8)

مارڳ مران شال، دعا ڪريجو جيڏيون،
هوت ههڙي حال، مانَ مڏان مون هڏ ڏئي.

(9)

مڏي راهه رئان گهڻو، ڪا مون لهن ڪل؛
ماڙيون سپ محل، ويڻي وِرهه وسائيان.

(10)
مٿي راهه رئان گهٽو، آءٌ اوٺارن ڪاڻ؛
هاريون ايندم هاڻ، ڏک ڪيندم ڏيل مون.

(11)
مٿي راهه رئان گهٽو، آءٌ تنهن لَعلَن لَگِ؛
جَتَ ٻيا پي جَگِ، منهنجو پيچ پنهونءَ سين.

(12)
مٿي راهه رئان گهٽو، ڪارڙ ڪيچيڙن؛
سِگها شال اچن، ڪَرن غور غريب جو.

(13)
مٿي راهه رئان گهٽو، ڪارڙ ڪوهياري؛
مُئيءَ کي ماري، وچ م منهنجا سُپرين.

(14)
سچو ٻَڌي سندرو، لَکين ڪندي لوچَ؛
ٻَڙيون لگِ بروچ، مٿي راهه رئان گهٽو.

(15)
اديون آريچن جي، ڪا فوٽ پونديم ڪل؛
ڪارڙ ڪوهيارل، مٿي راهه رئان گهٽو.

(16)
هُو سياڻا سُپرين، عاجز هيءَ اَڃاڻ؛
آءٌ ڪوهياري ڪاڻ، مٿي راهه رئان گهٽو.

(17)
هوندي هوتياڻن جي، هيءَ ويچاري وگِ؛
آءٌ تنهن لاڻن لَگِ، مٿي راهه رئان گهٽو.

(18)
اندر آگ عشق جي، ويو ٻاروچو ٻاري؛
ڪارڻ ڪوهياري، مٿي راهه رئان گهٽو.

(19)
ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڏَکيءَ مون نه ڏين؛
جيڏيون ڪاڻ جتن، مٿي راهه رئان گهٽو.

(20)
ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهن مون نه ڪيا؛
وڻون هوت ويا، ڪٽي ساڻ سويل جو.

(21)
ڪاف ڪشالا ڪيترا، پڇن مون نه هَٿاءُ؛
اَڄ آرياڻي آءُ، ڏي وسيلو وڃڪار ۾.

(22)
ڪاف ڪشالا ڪيترا، پري آهن پنڌ؛
رويون ڇُمان رند، آيل اونارن جا.

(23)
ڪاف ڪشالا ڪيترا، مارگ آهه منزل؛

آهه ڪوهيارل ڪل، نامِيا نماڻِن جي.

(24)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، هزارين فرسنگ؛
نهاري ڏي ننگ، ڪر ور ويچاريءَ جي.

(25)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪوڙين آهن ڪوهه؛
مون ڪؤن جهاڳڻ نه ڏين، رُڪؤن ڏاڍا روهه؛
تنهنجي پُڃان توهه، نا ته ناهم حال هلڻ جو.

(26)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، آهن جال جبل؛
لهه ڪميڻيءَ ڪَلّ، ٻاروچا ٻاجهه ڪري.

(27)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، دفّت اؤن تصديع؛
اَچي پَهچج پِيّ، مون هن نماڻيءَ تي.

(28)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهن ڪين ڪيام؛
سلهاڙي ساڻ سان، ڪٽي هوت ويام؛
ووڙڻ وڻ پيام، قسمت سانگي ڪيچ جا.

(29)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، مارگ مٿاهون؛
چوريءَ کي چپرين، چڏي وئين چاهون؟

توکي ڪري سپرين، دردمند دانهون؛
تون اچ آڳاهون، نا ته ٿي دوست دم ڏيان!

(30)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، جِتَ جانارن جايون؛
غفائن غارن ۾، اُت بيحد بلايون؛
مانديءَ کي مارڻ لءِ، نڪتيون نِنايون؛
مون سِر تي سهايون، سپ آريءَ سندي عشق ۾.

(31)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، بَر وڃا بئبان؛
لانگها هِڪُ لَکَن جا، ٻيا ڪوهن ۾ ڪُهدان؛
اڳيان ڏينَم ڪينڪي، هلڻ هي حيوان؛
آءُ آرياڻي اَڳوان، ٿرُ نه مون ٿيلهيو ٿئي.

(32)

ڪشالي مؤن ڪمُ، ٿوري ڏينهن مؤن ٿئي؛
سوز گداز ۽ غم، رهبر ٿيندو راهه ۾.

(33)

قدر منجهه ڪشال، مون تان لڏو جيڏيون؛
وڏي وِڇ وصال، يڪسان يڪايڪ ڪوڻ.

(34)

موڻي آيس ماڻ ۾، تان ڪيو شوق شڪار؛
هَي هن نماڻيءَ کي، ووڙڻ ٿيو وڻڪار؛

طلب سين تڪرار، ڪشالي مؤن ڪم ٿيو.

ڪافي 1

پرؤن تان پِريَن، جيڏيون، اچن اهي اولانيا.
تيلهان ترسين تار ۾، جيلهان محبت ناهي من.
ڪيئن چانگار چِڙن جي، ڪوڙي پيڙءِ ڪن؟
سڪ سچي جن ساهه کي، سي تارؤن نا ترسن.
ڪين اسان کؤن آنهنجون، ڳالهيون ٿيون وسرن.
آءُ اسان جي پار ڏي، ٻيون تا ڏيئي ٻَن.
عشق ‘‘سچو’’ جَن آهيئي، سي تان رؤءِ رَسَن.

ڪافي 2

ڪاڪيون مون ڏي ڪالهه، دلبر لِکيا دلاسا!
اِيندا اَگُڻ سي تانهنجي، جَن لءِ سِکينءَ ڏي سال.
هاريون! هجر فراق جو، واريو ورق وصال.
سَرهو ٿيڙو ساهُه مون، لاڙؤن ڪُل ڪَشال
ڪَرم ڪيائون پانهنجو، مُنهنجي نِي چا هي مجال.
تِرُ نه ماندو تون ٿئِين، لَهندءِ ‘‘سَچو’’ سنيال.

ڪافي 3

ديواني هِن جي دل ڪَيَو: ڪو دوست دلاسو ڏيو!
تو ٻاجهَون سارول سائين، ڇئو ڪير ڪو پڇندو ٻيو؟
تو هون الاجي ڪيئن سائين، سو واعدو وسري ويو؟
گُهرجي سعيو تنَهن جو گهٽو، جو پيش اوهان جي پيو.
ڪنهن کي ڏيان هِيءَ دانهڙي، هَي بِرهه بيراڳي ڪيو.
هَي هَي نِي ههڙو حالڙو، اَي يار تان توريءَ ٿيو.
هِيءُ ساهه منهنجي سَريرمؤن، هَي تان تنهنجي نازن نِيو.
نِجهري نِماڻيءَ جي اَچي، هڪ ڏينهن پاءِ لالن لِيو.

ڪيو ڪالهه هادي قول تو، مَڙني اڳيان مون سان اِهو.
هوندس ”سچو“ تو ساڻ آءٌ، تو پِير ُعبدالحق ُ چيو.

ڪافي 4

عشق اَکين نيئي لايو، مَستانن محبوبن سان!
سِر مٿي مون سَرتيون، وِرهي مينهن وسايو.
البت ويندیس اوڏهين، پَلُ پاڙيچون نه پايو.
آءٌ ڪيئن ويهان ماڻ ڪري، سورن هت سِجهايو.
جا سِيبايَوَ سرَتيون، ڳالهه اُهائي ڳايو.
حاصل آهه حبيب جو، ”سچوءَ“ تي سڀ سايو.

ڪافي 5

مون کي مِهڻا ڏئي، مَرُ ڪا پاروُن پِرينءَ جي!
هيءُ تا حبيبن ري، پيالا زهر ڏِي پئي.
ڏوڙو ڏک مون پرائيو، هَي دوست جي وئي.
روز پرينءَ جي پار ڏي، مون کي نينهن ڏو نئي.
سارو ئي ڪم ”سچو“ ڏيو ، پُڻيءَ دوست جي پِئي.

ڪافي 6

پائي ڏوهه پنهنجي پاند ۾، آءٌ دوست تو در آئيان!
راتو ڏينهان پنهنجي روح ۾، تنهنجا سوين ڳڻ ڳائيان.
ڏٺ ڏوراپو پُڌي، آءٌ پلؤ توکي پائيان.
زاريَون ضعيفيءَ مؤن ڪري، م پرين تو کي پر چائيان.
جا تو پڻي پيزار جي، سا کهه لِڳن کي لائيان.
سڀ ڳالهه پنهنجي سِرَ جي، تو کي ”سچو“ سمجهائيان.

ڪافي 7

وڃي شال ڏسان پنهون، تنهنجو ڪيچ واليءَ وسايو!
اَديون اوڻارن کي، آيل، رتيءَ منجهه رسان.
ڪاڪيون ڪوهيارل کي، آيل، پُڃي شال پسان.
وندر جي واٽن تي، آيل، گوڏن پر گسان.
هاريون هوتياڻن جي، آيل، ويڙهي منجهه وسان.
وڃي ڪيچ وٽن ۾، آيل، هوتن ساڻ هسان.
‘‘سچو’’ سپيرين سان، آيل، ڪنديس چاهه چَسان.

ڪافي 8

ٿيون ورڻ جون وايون، يار سانگيڙي جون!
هٿ پانڌيءَ جي، پاروڻ پرينءَ جي، اهي سي خبران آيون.
ڪُونجان هزارين ڪيچ وٽن ڏهون، اسان ڏي يار اُڏايون.
اَگڻ اُهوئي اسان پرين جو، شل جدا نه هونديون جايون.
ڪيئي ڪتابتان پنهنجي اَچڻ جون، مون ڏي سي هوت هلايون.
ناهن ڳالهيون هي ڳرهَڻ جهڙيون، ‘‘سچو’’ ري سوز سَلايون.

ڪافي 9

هاڻي ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهه، هاريون، پنهنجي حال جي!
پرين نيندا پاڻ سان، پينر، پنهنجي پال.
ڪرڻ عرض عجيب کي، منهنجي چاهي مجال.
ڪندي پورهيو ڪيچ ۾، جي نين نماڻي نال.

ڪافي 10

منهنجي ساهه سڃڻ کي ساريو،
مون کي ڳالهه تنهين جي ڳاريو، هوءِ هوءِ هوءِ!
اَديون آرياڻن جي، وڃي توڙن تونگِ ٻتواريو.
مون من گڏي گوندرين، ڪيچي ڪيچ قراريو.
ههڙن هوتاڻن کي، وريتيون نه وساريو.
جيءُ سَچوءَ جو سرتيون، سندن عشق اُجاريو.

ڪافي 11

چَپرَ تا نه چڏيندين، پلوڙي، پنهل يار!
پاڻ سجاڻي پانهنجو، گولي ساڻ گڏيندين.
اگڙ آسروند جي، آرياڻي تو ايندين.
اهو اٿم آسرو، نال نماڻي نِيندين.
پڪا پڪن سامهون، اوري شال اڏيندين.
سڪ ۽ سور ”سچو“ کي، بلوچا، بخشيندين.

ڪافي 12

گهوريو هي ته پنپور، مون سگ ٻاروچن سان!
مَرَڪُ تان معذور کي، سندو هوتن هور.
راتيان رئان وڏ ڦڙا ، ڏينهن سار وئي ڏور.
آهي آرياڻيءَ جو، ديوانيءَ کي دور.
سچو ڳالهه اُنهيءَ جي، شوق مچايو شور.

ڪافي 13

ديس اسان جڙي آيو، ٻاروچو - مولا سو آڻ ملايو!
اَچڻ ٻاروچي جي ڪل نه آن کي، تيلهان ٿيون ورهه وسايو.
ويڙهي اوهان جي وسي ٻاروچو، پري چو پنڌ پچايو؟
اگڙ اوهان جي آهي سدائين، گهوري تان پاڻ گهمايو.
آءٌ نماڻي عَيبن هاڻِي، پاڻَ پريِءَ پرچايو.
پنڌُ ويڻي يار ”سچوءَ“ جو، ڪيو سو هوتَ سَجايو.

ڪافي 14

اَچن ٿا پرين اَچن ٿا، سِل ڪي ساڻي، اَچن ٿا؟
طرف اسان جي هين تياري، پَهَه اچا ڪي پَچن ٿا؟
اديون آتش عشق جا، من ۾ مچ مچن ٿا.

www.freepdfpost.blogspot.com

پسڻَ ڪارڻ پرينءَ جي، نينهَن وارا هِت نَچَن ٿا.
”سچو“ سُورهيه ڪيترا، رنگ انهيءَ ۾ رچن ٿا.

ڪافي 15

اها ڳالهه سچڻ تنهنجي ڪنهن سان آءٌ تان ڪريان؟
اوهان ٻاجهون سپرين، ويڻي هِت ڏکڙا ڏريان.
هي سِرُ سارو ساهه سان، آڏو تنهنجي دوست ڏريان.
وِرهَه اوهان جي هت وساريا، پاڇاڻن کي پنڌڙا پَريان.
دوست اوهان ريءَ ديس انهيءَ ۾، سورن جا ٿي سڏڪا پريان.
”سچو“ چوي سپرين، تنهنجي صورت ريءَ ويڻي سور تريان.

ڪافي 16

منهنجو هوت پنهونءَ سان نينهڙو لڳو!
پَرو پيڙم پاڻ مون، پينر ڙي منهنجو پول پڳو.
پيائيءَ جو بند پيو، ڪاڪِيون ٽوڙيو عشقَ ٽڳو.
مون کي اوڏنهن آئيو، سرتيون سندو وِرهه وڳو.
پرين ”سچو“ آهي پاڻ سان، جيئن سُئيءَ منجهه سڳو.

داستان نائون

سسئي

(1)

باري برهه بلوچ جو، رڳوئِي راحت؛
ساريان سا ساعت، جا هيڪَندَ هُيَس هوت سان.

www.freepdfpost.blogspot.com

(2)

باري برهه بلوچ جو، آهِه مَٹِم مَحڪُم؛
سندو دوستيءَ دمُ، ڇڏيان نه ڇن ڪهين.

(3)

باري برهه بلوچ جو، آهِه نسورو نورُ؛
راتو ڏينهان روح ۾، مُحبَن جو مَذڪور،
وڃڻ آهه ضرور، ڪاڪِيون ڪيڇيڙن ڏي.

(4)

باري برهه بلوچ جو، هِيڻِين جو همراهه؛
روح مَنجهارون راهه، ڪاڪِيون ڏسي ڪيچ جو.

(5)

باري برهه بلوچ جو، سَدا مُون شامل؛
ڪيچ ڏڻي ڪامل، مون ڪي پورَ پَسائِيو.

(6)

باري برهه بلوچ جو، اونداهيءَ اوجَرُ؛
ساڻي آهه سَيَر، سو نه ڇڏيندو چَيَرين.

(7)

باري برهه بلوچ جو، اديون سِر آيوم؛
چاهُون چُمي تنهن کي، چشمن تي چايوم؛
وِرهه وسايوم، نِينهُن پنهنجي نِجهري.

(8)

باري برهه بلوچ جو، تَنَ کي تَقويت؛
سنديءَ سورَ صَفَت، پُڃين نه پَر ڪَهِين.

(9)

باري برهه بلوچ جو، هارِيون هِدايَتَ؛
ڪَندو ڪفايَتَ، پاڻون ڄاڻِي پَنڌ ۾.

(10)

باري برهه بلوچ جو، سارو سعادَتَ؛
هيڻن حمايتَ، ڪاڪِيون آهي ڪاف ۾.

(11)

پِريان سَندي پارَ ڏي، پَنڌُ عجائِبُ آهه؛
گهوري سِرُ گُهماءِ، مٿي در دوسَن جي.

(12)

پَنڌُ عجائِبِ پِرينءَ جو، سَندو پيرَن ناءِ؛
هِنئين ساڻ هَلاءِ، پاڻ پَنهنجو پِرينءَ ڏي.

(13)

پنڌ عجائب پرينءَ جو، آهه هلڻ سان حال؛
نڪا قيل مقال، پي نا جُڙي اُتهين.

(14)

پنڌ عجائب پرينءَ جو، خاصو ساڻ خيال؛
فِڪر سان في الحال، وڃي پسندينءَ پرينءَ کي.

(15)

پنڌ عجائب پرينءَ جو، سِسِي پيرَ ڪرڻ؛
اِنهينءَ ڏيان ڏرڻ، آهي قدم ڪيڇ ڏي.

(16)

پنڌ عجائب پرينءَ جو، ”مان“ سان ڪين هلي؛
سائِي چاهه چَلي، جنهن ”مان“ ڇڏي وچ ۾.

(17)

پنڌ عجائب پرينءَ جو، هلڻ هڪ نظر؛
پاڙيچي ڪنهن پَرَ، اهو خيال ڪڙو رهي.

(18)

پُڻيءَ هوت پنهونءَ جي، هيءَ ويچاري ويندي؛
سڃڻن نه سينڌي، آءٌ تان آهيان جيڏيون.

(19)

پُڻيءَ هوت پنهونءَ جي، هيءَ ويندي ويچاري؛
ضعَيفه زاري، ڪندي در دوستن جي.

(20)

پُڻيءَ هوت پنهونءَ جي، هاڙهي ڪي هلنديون،
سور وڃي سَلنديون، ڪشَالا ڪافن جا.

(21)

پُڻيءَ هوت پنهونءَ جي، هاڙهي هلنديون سي،
جَتَن اُتون جي، سَرُ ڪريندیون صدقي.

www.freepdfpost.blogspot.com

(22)

روئي هارج رَتُ، هَي هَي هوتياڻِن لءِ؛
تنهن پوءِ جيڪس جتُ، مٿان تو هٿ ڏئي.

(23)

راهين هارج رَتُ، ڪاڪي ڪيچيڙن لءِ؛
هو جو ڏونگر ڏاکڙو، ماري پُڇج مَتُ؛
ڏاڏيون مهڻان مِير جون، جهلي ڪج جَهَتُ؛
ته پاڻون چاڙي جَتُ، ٿئي رفيق رُجُن ۾.

(24)

اُهي زورئون زور، جي تو محبت من ۾،
ڏونگر ڏوريون ڏور، ههڙن هوتياڻن لءِ.

(25)

هَنجون رَتُ هاريج، تان روهن کي رهسو ٿئي؛
وار نه وساريج، ههڙن هوتياڻِن کي.

(26)

هاريون نه هارين، اَرتو اَکڙين مَوءِن؛
تون ڪيئن وسارين، ههڙن هوتياڻِن کي؟

(27)

آهي روح رتِي، مون سين مؤن پِريَن جي؛
هڻان لَڪَ لَتِي، ههڙن هوتياڻن لءِ.

(28)

www.freepdfpost.blogspot.com

آهي ڪا نه اَڻَڪَ، آيل عِشق وارئين؛
هٽان لتي لَڪَ، ههڙن هوتياڻن لءِ.

(29)

وڻڻيندي وڻڪار، پَڌي سَندرو سچ جو؛
پنڌ اَڳانگا پَبَ جا، قابو نه ڪوهيار؛
آهي رئَڻ زارو زار، ه هڙن هوتياڻن لءِ.

(30)

گولِن گڏ گڏيان، پاڻ پنهنجو ڪيچ ۾؛
پَلَوءِ تان نه ڇڏيان، هَهڙن هوتياڻن جو.

(31)

گولِئين گڏيندي، پاڻُ ڪميڻي ڪيچ ۾؛
ڪنهن چَنِ نه ڇڏيندي، هَهِڙِن هوتياڻن کي.

(32)

گولئين گڏينداس، پورهئي ڪارڻ پاڻ کي؛
پنهنجي تان پرينءَ کي، ‘‘سائين’’ سَڏيندياس؛
ڪنهن چَنِ نه ڇڏيندياس، هِهڙن هوتياڻن کي.

(33)

هارِيون ٿيس نه هيئن، جو ننڊ نماڻيءَ نه ڪَئي؛
ٿيان پيرايو تَن جِي، جَت ويڙم جيئن؛
ڪاڪِيون ڏي آءٌ ڪيئن، هِهڙو هوتُ وساريان؟

(34)

سَوين ڳُڻَ سندانَ، مان ٿِي ساريان سَرتيون؛

www.freepdfpost.blogspot.com

سِگھا ٿيندا سُپرين، مون ڏي مهربان؛
ويهان ڪيئن ماڻ ڪري، جيءَ مٿي جَولانَ؛
آءٌ ڪيڏن ۾ اَرمانَ، هَهڙو هوتُ وساريان؟

(35)

موڻِي انڊُم شال، ٻاروچو ٻاجهَه ٻئي؛
اَڏَم آريچن ري، جيئَڻ منجهه جَنجالَ؛
هَي هَي منهنجي حال، ههڙو هوت وساريان.

(36)

جان جان يَڪايَڪ نه ٿيان، تان تان ماڻ نه مُون؛
“چِرا” ۽ “چون”، برابرَ بي چُون ٿئي.

ڪافي 1

پُڇيون ڪي پِريَن، حالَ منهنجي جِيُون خبران، ساڻيو ڏي!
ساهه سِڪي ٿو جن کي، مون کي ڪِي سارِن؟
هِنِ دم دلاسا ڏَنا، سَرتيون ساڻيڙنِ.
تون هِت ڪهڙيءَ ڳالهه ۾، هو هُت ياد ڪَرِن.
آهين جَنين جي آسري، سي تو ڪاءِ چَڏَن.
“سچو” سَنگتِ پانهنجي، مانَ غريبِ گڏِنِ.

ڪافي 2

پَسَڻَ ڪارڻ پِرينءَ جي، ڪيا اَگم اَکڙيَن!
مِلَڻ لءِ محبوب جي، ٿيون راتو ڏينهن وسَن.
جهُورَ نه لَهي جهُڙَ جِي، ٿي ڪڏهين ويڳاڻن.
سدا ساوڻ تَن کي، بوندان بس نه ڪن.
“سچو” سُپرين لءِ ٿيون، جهوريءَ منجهه جهِجَن.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 3

بِرهه بيراگي ڪيو ڙي جيڏيون، مون کي درد ديوانو ڪيو!
پُڇو ڪيم طبيب ٻيا، مون کي نِينهَن سو نِيو.
هاريون اَچي اوچتو، پُور پِريَن جو پِيو.
اَندوهه عشق عجيب جو آهي، ڏُکِيءَ کي نِي ڏيو.
جو اَمُرَ اوراٽو ڏُنو، سو تان ساڻِي ٿيو.
سَرتيون ٻاجهؤن سوز جي، آهي جُنِ گاڏون جِيو.
راتو ڏينهان روحَ کي، خيال ڪيو هِن کِيو.
"سچو" باقِي سَچُ ٿيو، غير وڃؤن تان ويو.

ڪافي 4

ٿيون وَرَڻَ جِيون وايُون، يار سانگيڙي جون!
هَٿ پانڌِن جي پاروُن پرين جي، اِهي سي خبران آيون.
ڪونجان هزارين ڪيچ وٽن ڏَنهُن، اُهي سي دوست اُڏايون.
اگڻ اهو ئِي اسان پرين جو، جدا نه هوندين جايُون.
ڪئِي ڪتابتان پنهنجي اَچڻ جون، مون ڏي هوت هَلايون.
ناهِن ڳالهيون هي ڳرهَڻ جهڙيون، "سچو" سي سوز سلايون.

ڪافي 5

گهٽا وڃي ڏينهڙا لايا، يارَ پياري، ميان!
آءُ ڙي پانڌي ڪَلَ، ڪائِي ڏي، هُئن اَچڻ جا سعيا؟
اُنهن ڪارڻ راتو ڏيهان، مون ڏي وِرهه وسايا.
ڏينهن اِنهيءَ ڏي ڏسان ڏهاڙيون، هُن ڏي ڪانگ اُڏايا.
يار مسافر مولیٰ مهر سان، ساڻ غريب گڏايا.
ٿورا تَن جا "سچو" سنيارين، جي اِجهي جَون اَڄ آيا.

ڪافي 6

حال منهنجو ڪونه هو، جيڏيون ڙي، پنهنجو ڪرم ڪيائون!

www.freepdfpost.blogspot.com

معاف ڪيائون مندیون، ڏوهَن ڏي نه ڏنائون.
جيڪو حال اَحوال هو سائين، پاڻون واڻ پُڇيائون.
پاڻ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريب گڏيائون.
”سچوءَ“ کي ڪيئي سرتيون، ٿي دلاسا ڏنائون.

ڪافي 7

گهوري گهوري گهوري، وو ميان، جند سَجَڻ تو تان گهوري!
راتو ڏينهان، وو، آهي اوهان جي، سائين، جهوري جهوري.
ڳچيءَ وِڌيَوَ عجب جيهي، سهڻا، ڏوري ڏوري.
تَندُ نه ڇاڻان، وو، ڪنهين هيءَ، سُهڻا، چوري چوري.
دل ڪيسائي، وو، لُٽ نِيتِيائِي، حاڪم، زوري زوري.
اول آسانِي ڳالهه ٿي پوءِ ڪيڙءِ، سائين، ڳوري ڳوري.
”سچوءَ“ لايو سَچَ منجهاروٺ، لالن، لوري لوري.

ڪافي 8

ڙي جيڏيون، هاڻي گهوريو هوتن ري، سارو شهر پنپور!
لاهيندا، وو، لُطف مان، ميان، هن ڏکيءَ ڪوٺ ڏور.
هي هالاڻي اَن جي، شعلو وڏڙو شور.
منت نه منهنجي موٽيا، زاري آهي نه زور.
درسن ساڻ دفعي ٿيندو، سندو هنيڙي هور.
”سچو“ سندين راهه تي، هڪ جفا ٻيو جور.

ڪافي 9

اَڄ هوتن ريءَ هِت هاڻ، ٻيا ڪير لهن مون ساران!
قاصد ڪيچ وٽن ڏَنهُن، آڻتَ سِگهڙو آڻ،
ـــ ٿي روز وجهايان ڦاران.
وِجهان وڃاڻا ڪيترا، قريين جي ڪاڻ،

ـــ يار ملن شل ياران.
آيون اِنهيءَ پار ڏهون، اديون ڪُرڪاڙ،
ـــ ڪونجن جون پِي قطاران.
سَنجهي صبح سرتيون، ميان پاروچي جي پاڙ،
ـــ آهِن ”سچو“ کي سنپاران.

ڪافي 10

ڏک وڏو وئين ڏيئي ڏيئي، وو، يار سڃڙ اَڄ مون کي!
اوهان پاجهون يار پيارل، حال اسان جِڙو هيئي هيئي.
پرين ڏسيجو وڙ پانهنجي ڏي، اسان هٿن جي پيئي پيئي.
ياد ڪريجو ڏينهن اُهي ئي، ڳالهيون ڪيوَ گڏ ڪيئي ڪيئي.
هو جي ڪيون ڳالهيون توئي سڃاڻ، نينهن ”سچوءَ“ ري سيئي سيئي.

ڪافي 11

ڪالهه، اَسان تون ڪيون ڪيون، يار سڃڙ، ڳجهيون ڳالهيون!
ٿين پراڻيون ڪينڪي، نِت سي آهن نَيون نَيون.
رهيون آهن روح ۾، چڳيون اوهان جي چَيون چَيون.
ڪين وسرن ساهَ ڪوڻ، اُهي تان پاڙڻ پَيون پَيون.
مٿيون ڳالهيون تانهنجيون، هن ”سچوءَ“ ساهَ سَنيون سَنيون.

ڪافي 12

تون ته پاڻهي ٿو سائين جاڻي،
ڪيهو حال چوان تو کي هاڻي!
دل ديواني ڪِي اسان جي، مُحب اَوهان جي ماڻي.
ڏوهن ڏي ڏس ڪين اسان جي، سائين تون پاڻ سجاڻي.
دردمنديءَ جي دل تو ئي سان، اکِن اَڙائي آڻي.
ڪڏهن اسان وٽ ايندين دلبر، ويڻي وجهان ويجاڻي.
سوال ”سچوءَ“ جو آهي اهو ئي، تنهنجو عشق شال اُڪاڻي.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 13

آءُ آرياڻي اوري، آءٌ دامن لڳڙي آهيان!
سِرُ پنهنجو سُپرين، گهَرون آيَس گهوري.
هِيءَ ڪميڻي ڪينڪِي، ڏونگر سگهي ڏوري.
ڪا جا تَندُ طلب جِي، چِتِ وئين تون چوري.
نيو پاڇياڻي پاڻ سان، تِرُ نہ رهي تو ري.
‘‘سچو’’ سَگ اَوهان جو، ڪيئن پُڄي تنهنجي ٿوري؟

ڪافي 14

ڏِس ڪهڙين ڦيريون پائي، اِهو لِڪ لِڪوڻِي يارُ سڃڻ!
غمزي هن غيرت ڇِي، جو عشق لَکَن سان لائي.
عِلم عقل ويو اڏري، عين عشق جي آئي.
طَبل ٻيا سپ تم ٿيا، جڏهن نوبتَ نِيهُن وڄائي.
نحو صرف ويو وسري، جاتي پاڻ خيال ڪُپائي.
رَمز پنهنجي راز جي، ٿو ‘‘سچوءَ’’ کي سمجهائي.

ڪافي 15

اڙي مهر پَئي، مون کي يار سَڃڻُ، دارون ڪو دل جو ڏئي!
قدر پيو مون کي ڪاڪيون، نِي وو وو، ويڇن وِئي.
اَثر منهنجي درد جو اديون، شال طبيبن ڇِئي.
ورهيه ويڑا گذري، هِن عاشق آهون ڪِئي.
وِرِهه وهايم جيڏيون، پوئتان پُرجهڻ ڪِئي.
پُڪي ڏين جي ٻاجهه جِي، تان جِيءُ ‘‘سچوءَ’’ جو جِئي.

ڪافي 16

آهِه علاجُ نه ڪوئِي، هِن اَکن ماري آهيان!
ڪنهن کي سَليان سَرتيون، حال اِهو روئِي.

قَڪِيون پُڪيون لکين هزارين، ڪيون طبَيبان توئِي.
ناحَق بَڌين پَٽِيون، ڪل نه حاذقَ هوئِي.
ويڇ وڻِي وڃ واٽ اِهائي، سنولُ اِيندم سوئِي.
دست سچڙ جي دارون آهي، ”سچو“ يار سيَوئي.

ڪافي 17

نِينهُن ڏادِي سان لايوسي، آءٌ تان هاڻي ڪيئن ڪريان؟
عشق سَوَلو سَرتيون، هُت سَيَر پايوسي.
جو ڏنائون جيڏيون، سو تان پَلاءِ پايوسي.
پُڇِي اَسان جا پَڪڙا، اِديون اَجهو آيوسي.
پِينَر شهر پنپور جي، هِت طعنن تايوسي.
سوئِي ”سچو“ سِر تي، هاڻي چُمي چايوسي.

ڪافي 18

منهنجو هينڙو هوتن ساڻ، ڪهڙي ڪريان پِي آءٌ تان ڳالهڙي!
وندرُ سنديءَ واٽ تي، پُرزا ڪنديَس پاڻُ.
اَڇِي لڳو مون اوچتو، پاروچي جو پاڻُ.
دعا ڪريجو جيڏيون، شرالَ موٽي مُئيءَ جو ماڻُ.
ويڙو درد فراقَ جو، ڏيئِي ڏکيءَ کي ڏاڻُ.
اگڙ ايندو تانهنجي، ”سچو“ سو سَرواڻُ.

ڪافي 19

ڪالهه اَسان وٽ ويهِي ويهِي، وو يار سچڙ، ڪيَوَ ڳالهيون!
سي نه وسرن ساهه منهنجي کي،
ڳالهه ڪريان پِي ڪيهِي ڪيهِي!
پِهَر پاروچا پاجهَه پَئِي تون،
آءُ پکي هِن پيهِي پيهِي!

ڈينهن ۾ ٽي چار دوست اسان جِي،
رَمزُن سان دل ريهِي ريهِي!
هُج هميشه يارَ اسان وٽ،
پِرين نه ٿِج پَرڈيهِي ڈيهِي!
ڪيو بيراڳِي ڈينهن تنهن لاڪوُن،
دوست ‘‘سچوءَ’’ جي ويهِي ويهِي.

ڪافي 20

يار چگِي تو تان مون سان لائي، ڏِي دلبر، لائِي!
دوست دلاسي جي دردمندن ڈي، مُج ڪتابَتَ ڪائِي.
تنهنجي اَچڻ جي يار پرين ڏِي، هِتِ وري ٽي وائِي وائِي.
جا وڻيوَ دل پنهنجيءَ ڪي، ڪيو سانول سائِي سائِي.
خبر خوشيءَ جي پاروُن اوهان جي، اَج اسان وٽ آئِي آئِي.
حال ڈسي ڪري يارَ ‘‘سچوءَ’’ سان، ٿيءُ اَچي ڈکَ پائِي پائِي.

ڪافي 21

اِجهي آيا، ڪِلي گڏيا سي، ج
ن جي ڪارڙ پانڌي پُڇياسي!
فلڪ فِراقي ڈينهن ڈُهيلا، اُهي سي ئي وسري ويا سي.
پاڻوُن جاڻي، سي پيهي آيا، جن جي ڪارڙ ڇِلا ڪياسي.
اَسان پانيو تان آرام ٿيو سي، ناز نيڻن جي ناگهه نِياسي.
جيئن وڻي ڪين تيئن ڪرن سي، وس پِرين جي وڃي پياسي.
ويڑهي اسان جي ‘‘سچو’’ آيا سي، طرف جنهين جي قاصد ڪِياسي.

ڪافي 22

متان تون مون کي ڇڏين،
سُونهان ڙي سڃڻ جا!
محبوبن سان نانءَ ڏڻيءَ جي، نيئي غريب کي گڏين.
نڏو ڇاڻان ڏينهن اُهو ئي، ٿيندو الاجي ڪڏين.
جڏهن تون حاضُر ٿئين حضورين،
نانءُ "سچو" ڪري سڏين.

ڪافي 23

ڪاڻ اچڻ تنهنجي ڪندي آءٌ، هِتِ حيلا هزارين وي!
پرچ پرين ڏِس پاڻ ڏي، بِرهه اوهان جي بندي آءٌ،
- وري مان نهارين وي.
پَرچِي اگڻ آءُ تون، پايان ڄڃيءَ منجهه گندي آءٌ،
- يار گڏ گذارين وي.
جيهي تيهي هوت اَوهان جي، چگي سا توڙي مندي آءٌ،
- سا تون چو ٿو وسارين وي.
اَوهان ٻاجهون سُپرين، نيٽوَن وهايان ندي آءٌ،
- پيو "سچو" پنارين وي.

ڪافي 24

آهي صبح انجام، پرين، تنهنجي پَلا پار ڏي!
اَسان کنيو تان تنهنجو، سِرَ تي ڪُل ڪمامُ.
دانهون ڪري درد مؤن، بِرهُه نه ڪر بدنامُ.
جي تون پُڇين ڳالهڙي، طلب نه ڪَج تمامُ.
اگڻ اچن ٿا تانهنجي، عاشق ڪر آرامُ.
"سچو" سَيو تانهنجو، ڪَيوسي قبول ڪلامُ.

ڪافي 25

ناهي ويچاري سا وَس، هِيءَ تا بيوس آهي، ميان!

پِرين پنهنجي پارَ جو ڏاها ڪو پَهُه ڏَس،
- تنهنجي ڪَس، نِي، آهي، ميان.
اَول آخر آهي ئِي، رانول منهنجِي رَس،
- تنهنجي وس، نِي، آهي، ميان!
اَوه ان ياجهُون سُپرين، ڳالهيون نه اَچن ڪَس،
- روحَ رَس نه آهي، ميان.
پُجَاڻا پِرين جي، آهي پنپورَ ڪوڻ بَس،
- سو تان چَس نه آهي، ميان.
ساڻ ‘‘سچوءَ’’ تون سُپرين، هوتَ ڳالهائِج هَس،
- پيو ڪو جَس نه آهي، ميان.

ڪافي 26

هوتَ اسان وٽ اِيندا، وڃِي نال پِي نِيندا!
سَوَ دلاسا سَرتيون، هِنَ ڏُکِيءَ کي ڏيندا،
- گولِي پاڻ گڏيندا.
پَکا پاڇياڻِن جي، اوڏا آڻِ اَڏيندا.
- چوري تان نه چڏيندا.
جانچي ڏسجو جيڏيون، هِڪُ ڏُکِيءَ سان ڏيندا،
- وري پوءِ نه ويندا.
پَسِي حال حقير جو، بَديون تن بخشيندا،
- ‘‘سچو’’ نانوءُ سڏيندا.

ڪافي 27

جِي آڻِن، پِلي آئين، ڪيچي ڏُنُوَ ڪالهَه ڪاڻي!
سِگهو سِگهو تون ڏيج سَنيها، ڏينهن گهٽا چو لائين.
ڏورا لائين ڏو هِن ڏُکيءَ تي، پير اگڙ جو تون پائين.
پاڻُ توئِي ڏوڻ ڪريان قرباني، جو ڳالهه سڃڙ جي ڏو ڳائين.
طَرفوڻ تنهنجي هِيءَ نماڻِي، سَپ پلاڻِي ڏِي پائين.
ڏيهُه سڃڙ جو ڏَسيون ڏهاڙيون، ‘‘سچو’’ ڏو ڪانگَ اُڏائين.

www.freepdfpost.blogspot.com

داستان ڏهون

سسئي

(1)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، مان ٿي اَگُڻُ نهاريان؛
ساريو سُپرين ڪي.، هنجون آءٌ هاريان؛
گوندر گذاريان، هَي هَي سارا ڏينهڙا!

(2)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، پوءِ ٿي اَگُڻ نهاريام،
ڪين لهان سي ڪاٿئين، وڏيءَ ويلَ ويام؛
وڃي ٿاڪِ ٿيام، ڪاڪيون ڪيچ وڻن ۾.

(3)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، تنگ اُنن تاڻي؛
هوتن ريءَ هاڻي، اَگُڻ نِهاري نه سگهان.

(4)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، اَجا مون وڃاءُ؛
پرينءَ پُڃاڻاءُ، اَگُڻ ڏسي نه سگهان.

(5)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، جاتِ اَولِي جَتَ،
هَي هَي هڻان هٿ، اَگُڻ ڏسي نه سگهان.

(6)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، تون ٿي اَگُڻ نهاريين؛

www.freepdfpost.blogspot.com

پَڑي پاروچن لءِ، رت هنجون هاريين؛
ساريون سنپاريين، پاروچاڻِي جاتِ کي.

(7)

ويئَي ڪيچيڙا ڪالهه، تون اَڄ ٿي پيرَ نِهارئين؛
هو لنگهي لَڪَ سنوان ٿيا، تو هِتِ هڻڙا حال؛
ڪندئِي سارَ سنپالَ، وڃي ڪيچ وڃن ۾.

(8)

ڪري ڏمرُ ڏير، اُٿي آڏيءَ رات ويا؛
تون ڪٽين وقت صبوح جي، پيرائِنِ جان پير؛
هوڏُڪيو ساڻُ سوير، وڃي ڪيچَ وڃن ۾.

(9)

جانُ جانُ ٿِيَڙسِ جاڳ، تان ساڻَ سَويلو لَڏيو؛
اَرتو اوتي اَکيون، موٽيون ڏسِي ماڳ؛
وَرُ وَرائي واڳَ، مانَ نماڻيءَ جي نِجهُري!

(10)

اَگڻ ساڳِي اوءِ، پَرَ ڪيچن کي ڪاٿون لهان؟
ڏيئي ڦَٽ فَراق جا، پورهيتَ چڏيون پوءِ؛
هاڻي راهُن مَٿي روءِ، سڏُ ڪريندي ساڻ کي.

(11)

وڃي ڪيچَ وڃن ۾، مَنَ ڪَرن نماڻي ياد؛
اَندوهُون آزاد، ڪندا ڪميڻيءَ کي.

(12)

وڃي ڪيڇ وڃڻ ۾، يادِ ڪَرن مُون مانَ؛
اِنهيءَ ۾ اَرمانَ، ساهه وڃي ٿو سرتوين.

(13)

وڃي ڪيڇ وڃڻ ۾، مانَ پُڇن پورهيت؛
ته هُئي نماڻي هِتِ، پاڻيءَ ڏوئِي پانهنجي.

(14)

وڃي ڪيڇ ونن ۾، مانَ پورهيات پُڇَن؛
اِئين پاڻ چون، ته ويچاري ويجهي ڪريو.

(15)

وڃي ڪيڇ وڃڻ ۾، ڪنهن ساعت سنپارين؛
مانَ وري نهارين، پينر شهر پنهِر ڏي.

(16)

وڃي ڪيڇ وڃڻ ۾، پُڇُ ٿيندي پورهيت؛
جَتُ منهنجو جِتِ، آءٌ اُت گولي ٿي گذاريان.

(17)

ڪري پورهيائتِ پانهنجي، مانَ وڃي نانءَ سڏين؛
گولِنِ گڏُ گڏين، ڪَنَ پاڻيءَ ڏوئِي پانهنجي.

(18)

پورهيت ڄام پنهونءَ جي، اَصَلَ ڪَوَن آئين؛
تون گولِن سندي گولڙي، هو سندءِ ٿيا سائين؛
ڪايو ڪمائين ڪُلو ساري ڪيڇ جو.

(19)

پورهيات پنهونءَ جي، هيءَ اَصل لاکون آهِه؛
ٿِي ڪاپائِتَ ڪيچ ۾ ، ويندي لالن لاءِ؛
ساهه نه اچن ساءِ، هي ماڻهو شهر پنهور جا.

(20)

هيءَ پورهيائِتِ پنهونءَ جي، اَصَلَ ڪَوَن آهي؛
سَڳ نه ڪا ساهي، ٻَڙيون، ٻلووچَن سين!

(21)

چوٽ چڙهي چانگارَ، ڪندي ڪيچيڙن ڪي؛
پوندي ڪَن قريب جي، گولِيءَ جِي گفتار؛
پاروچا پيهارَ، ڪندا پيرو شهر پنهور ۾.

(22)

ڪوهِ چڙهي ڪوهيارلَ ڪي، ڪا جا ڪُڪ ڪيام؛
ڳوڙِها جي ڳَلَن تَوَن، ڳڙَن جيئن ڳاريام؛
اِهي سڏڙا ”سچيڏنو“ چوي، پاروچَلَ پُڏام؛
گورنرَ غَمَ ويام، جڏهن ٿيس هيڪاندي هوت سان!

ڪافي 1

آءُ ڪانگا ڪا ڪر، مون سان هَر هَر پيو ڪر، ڙي،
- مِنِي ڳالهه پِرينءَ جي!
ڏاها ڏَنوءِ ڪِي وڃِي، اُهي پرين ڪهڙيءَ پَر، ڙي؟
ڪِي حال پچيائون هِن جو، ڪا ڪندا ويچاريءَ وَر، ڙي؟
مُحبن جي ميلاپ جِي، ڪا ڪندين پيٽِي پَر، ڙي؟
آءٌ توئِي توُن صَدقي، هوئين دوساڻي دَر، ڙي.
پِريان سندي پار جِي، آهي سِڪ ”سچوءَ“ ڪي سَرِ، ڙي.

ڪافي 2

ڪالهه قاصِدَ اوڏاهون آيا: چي، جاني اِيندءِ اَڄ جائِي!
اَسين تان اوڏانهون اڄ آيا سي، هُئن اَڇڻ جا سَعيا،
- ڪيڇ هُئِي هيءَ وائِي.
سِڪين ساري جن کي، وو ميان، والِيءَ پوءِ وَرايا،
- اَچي ٿيندءِ ڏک پائي.
ڏينهن گهٽا تو هوت پنهونءَ ري، وِرهِي مينهن وسايا،
- آئِي اُڏاهون واڌائِي.
اِجهي اِيندءِ سپرين، وو ميان، ڏينهن گهٽا جنَ لايَا،
- ڪَلَ نه پوندءِ ڪائِي.
"سچو" سِڪندي سال ٿيا، وو ميان، ڏکيا مون ڏينهن لَنگهايا،
- وڃي هِيءَ عُمر اَجائِي.

ڪافي 3

ڙي ساڻيو، منهنجي يار جِي، ڪا ڳالهه اَچِي مون سان ڪَريو!
آهي آرامِي يار اسان جو، پُڇي سا ووءِ ووءِ وَرِيو؟
جي هيڪَندَ ٿِيان هوت سان، تا ڪاج سَپو مون سَرِيو.
ٻيهَرَ مون سان ڪيڇ ڏي، ڪي و کان به ٿي چو نه پَرِيو!
ڏوٺ ڏوراپو يار سڇڻ تي، مَتان ڪو پانڌِ يَو ڏَريو.
سوز "سچوءَ" جو سَگ سُٽَڻَ سان، ڳوڙها سو ڳاري ڳَريو.

ڪافي 4

وڃي پَڪا پُڇائيج، تون ساڻي ڙي، سڇڻ يار جا!
هِي تان حال حقِيرِ جو، وڃي سارو سڏائيج.
هِي نياپو نينهن جو ، وڃي پانڌي پَهُچائيج.
پاند ڳچيءَ ۾ يار کي، پاروڻ مون پائيج.
ٻِهَر ٻاروچا وري، وو، اَچي وِرِهِه وسائيج.

‘‘سچوءَ’’ ڏي ڪوڻ، سُپرينءَ ڪِي چگو چوائيج.

ڪافي 5

مون کي نيڻ ٿا نين، هَر هَر حبيب ڏي!
دلَ جوش ۾ خروش، اکيون روز رت رُئن.
شُڪر آهي خداءِ جو، ڏِيدان ديدار ڪَرَن.
پاروٗن يار لکَ هزار، مون کي مِيهَٽا ڏيَن.
سِرَ تي ‘‘سچوءَ’’ سپ سَهايا، پينر پِلي چون.

ڪافي 6

رهَبر اِئين چون، اَج اگڙ تنهنجي اِيندا!
تُون ڪيئن وسارين تَن کي، جي تو گهٽو پُچَن.
در تنهنجي دوست اُهي ئي، اج ٿا اِجهي اَچَن.
پَکا پانورَ کَٽِي ڪري، اوڏا تنهنجي اَڏن.
‘‘سچوءَ’’ سندي حال جِي، ساري خبر لَهَن.

ڪافي 7

داروُن نه پيو ڏئين، آهي طبيبُ عشق منهنجو!
دپليون دارونءَ سنديون، موٽِي نال چو نِئين؟
ڳالهه اِهائي عاشقن جِي، هيءَ لاءِ سان هِنئين.
اوڏنهُن اولانپو آئِيو، چو ويجَ ڏي وئين؟
رَک ‘‘سچو’’ ڏي سوز سيني ۾، تان تون سچو ٿئين.

ڪافي 8

ياد اُهي مون کي آيُون، ڪيَئي ڳجهون جي ڳالهڙيون!
اَوهان جي به اَچڻ جون، ٿيون وري هِت وايون.
دردمنديءَ جي دل کي دلبر، ورهُه وڃين ڪيئن لايون؟

www.freepdfpost.blogspot.com

نانءُ سائينءَ جي سهٹا سائين، چِتُ نه وڃ مون تان چايون.
آءُ ته ڏينهڙا گڏ گُذاريون، هِت ويڻا ورهُه وسايون.
ڏوهَن ”سچوءَ“ جي ڏي نه ڏسو، جو هِت ٿا سَندوَ سڏايون.

ڪافي 9

دوستَ کي دانهون سُٹي، مَنَ مِهَر کا مون ڏنهُن پوي!
دردمندن جي دَرَ اُتي، ٿو ڪانگ لاکِيٹو لَوي.
پيغامَ پرين پارَ جا، چَشمن اُتي ويهو چَوي.
عاشق آهي اُڪندیو گهٹو، ٿو راند روئڻ جي روَي.
سِرَ پَرِ اسين ايڏنهن اَچون، يا ڪي اوري ايندءُ اوهي؟
؟سچو“ سَدا سِکَ سوز کَوَن، پيو ماڻُ محبت جو مَوي.

ڪافي 10

مُحبن مُکَا مون ڏي وري، اڃ ڏوڻ ڏوراپا ڏَئِي!
سُٹي سَنِيها يارَ جا، پولي پَتيُم پانهون پَئِي.
دل ديري ڏي دوست جي، وهندو اِنهيءَ ويلي وئِي.
مون کي وساريو ڪيئن اَٹئي، مون پرت توئي سان پئِي.
تنهنجي اسان جي وڃَوَن، ڏس ڏينهن ويا گذري ڪَئي.
مون تان ڪيون تو ساڻ جي، سانيڇ ”سچو“ ڳالهيون سَئِي.

ڪافي 11

اَجُ اَگَڻِ اِجهي آيَم، پَرديسي گڏيم، ميان!
پيهِي پکي آئيا، لَنؤ جنِين سان لايَم.
ڪوڙين قاصِد ڪيترا، هوتن پار هَلايَم.
پُڇِيم جَن لءِ پَنڌڙا، سي واليءَ پوءِ ورايَم.
اُنهن ڪارڻ سرتيون، سِرَ تي سورَ سهايَم.
سيئَي ”سچو“ آئيا، جَن لءِ ڪانگَ اُڏايَم.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 12

ناهي ڏوراپو ڪو ڏيڻ اوهان کي، يار تو سان مُنهنجي زاري!
روز اَزل ڪَوَن چاڙهيئِي اسان تي، بارُ برهه جو بارِي.
جا ٿي صاحب ساريان، يار اوهان جي ياري.
راتو ڏيهان ڳالهه اَوهان جِي، پِي وائِي مون ته وساري.
درد منديءَ سان، ڪنهن ڏينهن دلبر، ڪر ڪا وروهَن واري.
حال آحوالَ جِي آهي اَوهان کي، سُڌ ”سچوءَ“ جي ساري.

ڪافي 13

آءُ تنهنجي، سارو عالم چاڻي، يار چگّي تو تان لائِي، وو.
گهوريو پرين پرديس اوهان تَوءِن، ڪَر اَچڻ جِي وائِي، وو.
اَندر اَسان جي يار سچڻ وي، سَندِ يَوَ سِڪ سَمائِي، وو.
طرف اسان جي شالَ اوهان جي، ٿِئي ورڻ جِي وائِي، وو.
مِهڻا ڏئي ٿو لوڪ مِڙيوئِي، دوست تو تَوَن دل چائِي، وو.
شالَ ”سچوءَ“ جِي يار پيارا، لهين تان سُڌ سَپائِي، وو.

ڪافي 14

اُهي اگّڻ منهنجي آيا وو، جَن ڪاڻ سي پِيرَ پُڇايَم ٿي!
پَڪي اَسان جي پيهِي آيا، ڏينهن گهڻا جن لايا، وو،
- جن ڪاڻ سي پوٿيون پَڻايم ٿي.
جن لءِ روز نهاريم راهان، مولا سي محب ملايا، وو،
- جن ڪاڻ سي ساڻِي سَنڀايم ٿي.
هِنَ غريب کي گڏ نِيَڻ جا، ڪيا سي سچڻ سَعيا، وو،
- جن ڪاڻ سي ڪانگ اُڏايم ٿي.
ڏينهن فِراقِي لَنگهيا اسان تَوَن، روئندا دوست کِلايا، وو،
- جن ڪاڻ سي ڏکڙا لنگهايم ٿي.
رهيا آهن روح منهنجي تي، فائِقَ جا فرمايا، وو،
- جن عشق جا سبق پَڙهايم ٿي.

دل ‘‘سچيڏني’’ جي تي اَصلوئن، هاديءَ حُڪَم هَلايا، وو،
- جن ڪاڻ سي وِرهه وسايم ٿي.

ڪافي 15

آءٌ ٻانهِي تُون سائين، وي، پاتم پاندُ ڳچيءَ ۾ ڪپڑو!
طرفَوُن تنهنجي يار پيارل، ڪانگ اَچن مَن ڪَائِين، وو.
نانوُ مولا جي مهرَ پَوَئي ڪا، ٿورا مون تي لائِين، وو.
روز ازل ڪَوُن تنهنجڑي آهيان، غير نه مون کي پائِين، وو.
هڪڑي ساعت اڳُڻ ‘‘سچوءَ’’ جي، پير مُبارڪ پائِين، وو.

ڪافي 16

ڪڏهن اَلاجي ايندين، پيهي پُڇڻ پنهون يارَ!
پاڻ پنهنجو پاڻِهي، ساڻ غريب گڏيندين.
پَکا پَکن سامُهان، اوري شالَ اَڏيندين.
اِهو اَٿم آسرو، چَپَر تان نه چَڏيندين.
سگ پانهنجي درجو، ‘‘سچو’’ نانوُ سَڏيندين.

ڪافي 17

اِهي ڏوراپا ڏيئي، موڻِي مُکا يار مون ڏي!
هوءَ جا ڳالهڑي ڪالهه ڪئي سون، ڪيئن وسري تو ويئي.
اَسان ٻاجهون، سُڻ ڙي سائين، ڏينهن گذاريَوَ ڪيئِي.
ڪهڙن ڳالهين ۾ تون تان آهين، پِرت منهنجي تو سان پيئِي.
چَئِي مُنجين ٿو هَڻِ پاندن جي، ته حال اسان هِتِ هيئِي.
ڏوهه ڪُناهه، وُو، تنهنجا بَخَشا، ‘‘سچو’’ ڙي، يارَ سَپيئِي.

ڪافي 18

مون کي مُرڪڻ سان تون، ڪِيئن ماري وئين!
ڪَيئِي پُڄندي پانهنجي، موڻِي ڏوراپو ٿو مون کي ڏِئين.
آءٌ اِيلازڙ دوست توئِي کي، يارَ وڃي اِتي ياڪِي ٿِئين.
آءٌ مُئِي تان گهوري جانِي، سدائين سو تون تان جِئين!
ڪهڙيين ڳالهيين بار سڃڻ وي، هِيءَ نماڻِي نال نه نِئين.
آهي ‘‘سچو’’ جئن يار توئِي سان، هُج تنهن سان تون پِي تِئين.

ڪافي 19

آءُ وري تون تان ويهُه، سڃڻ، آءٌ تان تنهنجِڙي آهيان!
آهون عاشقن جون سُٹي، چَڏِ پرين تون پَر ڏيهُه.
پَکَن ٻاٻاڻن ۾، آءُ پِرين تون پيهُه.
اَصل لاڪون آهي، هِيءُ ڏاها ڏُنهنجو ڏيهُه.
‘‘سچو’’ چوي، سُپرين، آءُ سارءِ ساڻيهُه.

ڪافي 20

گهوري جانيءَ ري جدائِي، گڏُ گهاريون، هوءِ هوءِ هوءِ!
معلوم توکي پرين، سائين سا ڳالهه سپائِي.
شالَ ڪَنن سان نه سُڻان، تنهنجي وڃڻ جي وائِي!
تو سان ڇنڻ ڪارڻ تان، يار نه مون لَڙهه لائي.
پَن وڇوڙي جي شاهِي، دلبرَ، وَر سان گڏ گدائِي.
ساڻ ‘‘سچوءَ’’، هو ميان سُپرين، سائين تون گڏ سدائِي.

ڪافي 21

وڃي ڪا مِنت ڪري، منهنجي يار کي، وو!
هو سدائين سان مُون، پرين نه وڃ پَري.
حال نماڻيءَ جو ڏسي، وري سو پوءِ وري.

www.freepdfpost.blogspot.com

وٹي ڪا دامن دوستَ جِي، اکيون تان آب پَري.
ساريو تو ڪي سپرين، هِت مَريضِ مَري.
رُسَڻ نه تن سان، جن ريءَ ”سچو“ نه ساهه سَري.

ڪافي 22

اهي ٻڙيون، ٻاروچا، اَڄ اَگُڻ ٿُنهنجي ايندا!
هيءَ شريڪتَ ڪا ڪندي، اَڙي سرتيون، سائن ساڻ،
ناهيان ثانياڻِي تن جي، جا پُر جهي ڏُنُم پاڻ،
ـــ ٻانهي ڪري پانهنجِي، اُهي صاحب سڏيندا.
اُڇي ويڻي تانهنجيون، هن واتيون ورونهان،
ڏين سَپِيئي سرتيون، مون کي لَکين ٿيون لوهان،
ـــ اِهو اَٿم آسرو، گولِي گڏ پِي گڏيندا.
ڪِيَنُ جون مون کي خبران، آڻي پاڻڏيءَ پهچايون،
هيون هوتن سنديون، هيڏي وَرڻ جون وايون،
ـــ ”سچو“ جن جو آهين، سي چَن نه چڏيندا.

ڪافي 23

لَڇِي هَلاڪِي هاڻِي، دوست وسي مُنهنجي ويڙهي!
ڪوٹي ڪَيَو پانهنجي، پرين پاڻُون جاڻِي.
ناحق اوتيم هوت ريءَ، پِنبڙين مان پاڻِي.
سي ئِي آيا هُيَسِ جنين لاءِ، جيڏيون ڙي، جوڳياڻِي.
وٹي ويهاريَوُن ويجهڙو، ”سچو“ سو سَگُ سُجاڻِي.

داستان يارهون

سسئي

(1)

اَڻ مُلهِي آهيان، ٻانهي ٻاروچن جي؛

سڀ ڇَپَرُ ڇايان، آهُن ۽ دانهُن سين.

(2)

هَي وڃي هي قافلو، ڇُپاتِي ڇَايُون؛
مُنهن ڏئي آيون، آهُون دانهون عِشقَ جون.

(3)

رات لهي ويا ريڇُ، نماڻيءَ کان نڪري؛
ڪاڪيون هاڻي ڪيئن ڪريان، جو ڪاڏي ٽيڙم ڪيڇَ؛
پَر َپيو پنهونءَ سان ٻيڇُ، سو اتي رهڻ نه ڏئي.

(4)

سَهي جانُ نه سُتينءَ، جو ڪُڙڪ ٻُڌي ڪُڙڪِي وڃين؛
ڇِڻيان ڇانگنِ جون ٻُڌي، تون ڪُوڙي ڪين اُٿينءَ؛
غافل هَڏِ ڪُٿينءَ، سيِ پَرِ ”سڃيڏنو“ چوي.

(5)

پاندين ڪوُن پُڇي، ٿي پَهَه پرينءَ جا پيڇرا؛
سَهِلي ”سڃيڏنو“ چوي، هيءَ لالَن لاءِ لُڇي؛
ڪنهن سان ڪين ڪُڇي، اَڻس ووءِ ووءِ وائِي وات ۾.

(6)

ڇاڙهيون لاهِيون ڇُنج جِيون، ڪوڙين آهِن ڪوهَه؛
ڏئي مهڻان محبت وارئين، ڇَپَرُ ڏاڍي ڇوهُه؛
ناگهه نِسَتِ نينهن کي، ٿا رئارن روهَه؛
اَچي منجهه اَندوهَه، مَتان تون ماندي ٽِئين.

(7)

www.freepdfpost.blogspot.com

لاکون لاکين لَکّ َ، نبيڑ نه ٿيا؛
ڪوڙين آهِن ڪيترا، راهُن اُتي رکّ؛
هَي هَي ڪارڙ حقّ، هِي سارو ڏونگر ڏوريان.

(8)

روئِي هاريان رَتَ، ووءِ ووءِ واڻَڙين تي؛
جيڏيون ڪارڙ جَتَ، سارو وندر وروڙيان.

(9)

اَچج آرياڙِي، تون وري شهر پنپور ۾؛
اَن ڙي اَکَڙين مؤن، ٿو پَرڙِ وهي پاڙِي؛
هوت اَچِي هاڙِي، هيءَ نالائقِ نوازيو.

(10)

هوت نه چڏيو هِتِ، نِيو پورهيت پاڙ سان؛
تو ريءَ ٻي ڪا چِتِ، ڪانهي ڪميڙيءَ کي.

(11)

عمر اَجائي گذري، ڪارڙ مِڻي رُوءِ؛
خام منهنجي خوءِ، ڪَر وَر ويچاريءَ جِي.

(12)

جَتَ موچاري جاتِ، چگّي جاتِ جَتن جِي؛
وائِي تن جِي وات، سدا اَڻم سرتيون.

(13)

پورهيائِت پنهونءَ جي، آهي اَصل ڪوڻ هِيّ؛
جيڏيون جَتَن ريّ، ويڻي وِرهُه وسائيان.

(14)

آهي ڪونه غرض، محبوبن کي منهنجو؛
ڏيڻ سِرُ فرضُ، ”سچو“ سندن سَٽِ ۾.

(15)

لُوهي لاغرضي، سُپرين جِي سارَ؛
مارڻ لءِ مُشتاق جي، آهي محبن کي مرضي؛
سِر ڏيڻ تنهن سَٽِ ۾، آهي فقيرن فرضِي؛
ڪڏهان ڪو قرضي، ”سچوءَ“ نازڪَ تنهنجي نانءَ جو.

(16)

پيس تنهنجي پيچ، پنهون ڪين ڇڏيج مون؛
پانهي ڪري پانهنجي، وڃي پانيڙ کي ويچ؛
مَر ڪميڙي ڪيچ، پورهيو پانِهن جان ڪري.

(17)

روئِي ڏنو رنگ، ڪو جو ڪامِڙِ ڪوهَه کي؛
سو شَمّہ شَفق سان ٿيو، سُرخيان سارو سنگ؛
منهنجو نينهن نِسنَگ، پيو سمورو سُڪوتَ ۾.

(18)

اُٿي ڪمر بِندَ لوچِ ته لَهين سُپرين؛
هوتاڻِن جو هنڌُ، ڏسين اَکڑينِ سان.

(19)

مِلي مارگِ جي مرين، ٿئي قدر ڪيچيڙن؛
ٿورو وڏو تَنِ، تنهنجي اَچڻ جو ٿئي.

(20)

مَهَرَمَ لاهِه مٹام، آءُ اوهان جي آهيان؛
جي ڪامِل سَڏَ ڪيَام، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين.

(21)

ٻانيڙ جِي ٻاڪار، ٻُڌي ٻاروچو آئيو؛
ورَ وسارج ڪينڪي، جا واقف نه وٽڪارَ؛
سِگهڙي لهج سنيار، سائينءَ لڳ ”سچو“ چوي.

(22)

سَرواٽن مون ساڻ، پَلوئن پَلاڙِي ڪَئي؛
جن جا ڳايو جوش ڪي، آءُ اُتن ڏِباڻ؛
ٻاروچاڻو ٻاڻُ، تڏهن لوئن لوئن منجهه لڳِي ويو.

(23)

پِينَر هِن پنيور ۾، منهنجو ڪارِ نه ڪمُ؛
اَٿم آريءَ چام سان، دوستيءَ وارو دمُ؛
ماڻهن ليکي غمُ، پر سُک ”سچو“ ٿو پاڻئيان.

(24)

ڪيچيڙن مون ڪالهه، اَجا وڙ ڏاڪيا؛
اُن ڪارڻ ڪاڪيون، ڪنديس ڪافَ ڪَشال؛
هَي هَ ي هِن جي حال، جو ههڙا هوت وساريان.

(25)

عمر اجائِي گذري، هَي هَي ههڙي حالَ؛
تائين اَڄ نه مون ٿِئي، سَندي هوت سنڀال؛
مون کان پُڇن ڪينڪي، ڪافَن جا ڪَشالَ؛
پنهنجي قربَ ڪمالَ، ڪا وَ ر ويچاريءَ جِي ڪريو.

(26)

عمر اجائي گذري، ههڙا حال ٿيام؛
چُپ چپاتيءَ سرتيون، ونڊون هوت ويام؛
هو جي ڏونگر ڏاکڙا، ڦولڻ سَپ پيام؛
اَڄ صبح ايندام، ڪندا ور ويچاريءَ جِي.

(27)

وندر ۾ وِيهان، ڦولن پيون پرينءَ کي؛
نالِ جَنين نيهان، هوت تَنين جي هنجَ ۾.

(28)

پَرڻُ هوت پنهونءَ کي، آڻي عشق ڪيو؛
"سچو" سَگ ٿيو، ههڙن هوتياڻِن سين.

(29)

مِهر مَ مٿان لاهه، مون تان نماڻيءَ ٿوڻ؛
هِيءَ ڏکوئي ڏاهه، اَڻ مُلهه آهي آنهنجي.

(30)

مَهرَ مَ لاهه مٿام، آءٌ اوهان جي آهيان؛
جي ڪامل سَڏ ڪيام، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين.

(31)

جيهي تيهي حال سين، پاڻُ وجهڻ مون پنڌ؛
روئي پَوڻ رند، پڻيءَ ڇام پنهونءَ جي.

(32)

هَي هوتا تو سندي، آوڙڻ جهڙي ناهيان؛
حال پسي مون هي، مان نماڻي نال نئين.

(33)

ساڻُ سويلو سرتيون، وڏيءَ ويل ويوم؛
وندر جي وڻن ۾، ڦولن هوتُ پيوم؛
ٿيلهڻ ٿر ٿيوم، هاڻي هوتياڻِن لءِ.

ڪافي 1

مون کي تنهنجي آهه، اَچڻ جو وڏو آسرو!
جوڙي ڇڏيم، وو، جائيون، ميان اَلا، لؤن لؤن ۾ تو لاءِ!
اَگڻ آسروند جي، ميان اَلا، پير مبارڪُ پاءِ.
جڏهن ڪڏهن ٿو ڏسان، ميان اَلا، تو کي جاءِ بجاءِ.
ڪين جُڙي ٻيو جِيءَ ۾، ميان اَلا، ٿُنهنجي سِڪ سواءِ.
ٿو گذاري گوندرين، ميان اَلا، ‘‘سچو’’ ٿُنهنجي ساءِ.

ڪافي 2

اَديون ڙي اَڄ آهِه ، اَسان مُحبن جو ميلو!
دلبر سِڪندي ڏينهن ٿيا، سُپيريان جي ساءِ.
فَنا ڪيائون فراق کي، ٻُڌو جاءِ جاءِ.
ڏک لنگهيا سُک آئيا، لڳڙي ٽڌڙي واءِ.
جنهن ساعت گڏيا سُپرين، سا ‘‘سچو’’ ساعت سهاءِ.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 3

لڳيءَ دل جو دارون، ناهِه ڪو ڏولڻ پيارا!
عشق جون واڻان، ٻَرن لاڻان، تنهن مَؤن نڪرن درد جون چاڻان،
- پوءِ ٿيون پَون هي پَچارا.
عاشق ٿا ڪن درد جون دانهان، عشقَ منجهاروءِن اِهي آهان،
- رُئن اُهي زارو زار.
آءٌ تان ٻانهي ، تون تان سائين، پاندُ ڳچيءَ وچ پَلوءِ پائِين،
- اچڻ جا ڪر قول قرارا.
ڳالهيون مون سان تو جي ڪيون، مور نه مون کي وسري سي ويون،
- دم دم تنهنجِي ياد آ يارا.
هيڪر مون کي جانِي جياريو، ڳالهِن تنهنجن ڳُجهن ڳاريو،
- وصل جا ڪر وري وارا.
"سچو" تون تان ڏِيءُ نه ماندو، پِرين تنهنجو الله آندو،
- سَجَنَ سان ڪر الغارا.

ڪافي 4

ماريو هوتَ اَلا، ڪنهن در ڏْيان دانهڙي، پلو لو!
ڪاڪيون، ڪڏْهن ڪينکي، منهنجي مِنت مَجن ، اَلا.
پُڻيءَ پيس جَن جي، سي پِي سورَ سَجَن، الا.
دعا ڪَريجو جيڏْيون، پِيرو تان نه پَجن، اَلا.
اهو اَڻم آسرو، ڏْيندا آب اُجَن، اَلا.
"سچو" سهمي ڪينکي، روحُ ته ڪانءُ رُجَن، اَلا.

ڪافي 5

هُتئون هوتُ هَلي، ڏْي، دوست دلاسو ڏْيندو!
وجهج ڪم ڪريم تي، پي ڳولِج ڪامَ ڳلِي،

www.freepdfpost.blogspot.com

- پاڻهين پُڻيءَ تو ايندو.
پَکا پَکن سامهان، تنهنجي ماڳ مِلي،
- اوڏا آڻي اَڏيندو.
اَچڻ سندي اُن جي، ويندو روحُ رَلِي،
- ٿورو ٿوريائيءَ ٿيندو.
جا ڪُجهي هوتن مَنَ ۾، سا ساڻِن ڳالهه سَلِي،
- پُنهل پاڻ سان نِيندو.
مِهرَ پنهنجيءَ سان تون پرين، اِنهي پَت پَلِي.
ڏي ''سچو'' نانءُ سڏيندو.

ڪافي 6

ذري ذري ڪَن چَشمان چُور، نِين اسان کي ٿيون وَهلور!
تَن مَن سپ تاج ڪَرن ٿيون، ديدن جو آهي هِي دستور.
خوني وتَن خيال پنهنجي سان، ڪَسِن شهزادن شَعور.
ناز نياز سان هِڪي واري، چاڙهن سولِيءَ تي مَنصوُر.
ساڻ ڏسڻ جي مشتاقن سان، ڪَيفِي ڏاڍو ڪَن ڪَلوُر.
''سچو'' ڪير ويچارو آهي، وجهن ڦيري دل، ڪَرن فَتُور.

ڪافي 7

پاڻِهي پئيوَ سُڌ سورن جي، وو، عِشق لڳيو جي اَديون!
ساري خبر وڃي تَن ڪوُن پُڇجو، جي ورهِه سڃڻ جي وِيون.
ڪين لِکن سي لوڪَ اڳيون، جي آهِن ڏَکَن جون ڏَتيون.
مُحب مسافِر ٿيا جَنين جا، ڪُوڪان اُهي لَک ڪنديون.
وِرهَه ولوٽيا جي، وهنديون تَن جي، نيڻُون نِير جون نديون.
پاروُن پِرين جي سڏو سپيئِي، لوڪُ پَلِي ڏي بَديون.
اڳيون پويون سپ معافي ڪيون، تنهن محب ''سچوءَ'' جون مَديون.

ڪافي 8

www.freepdfpost.blogspot.com

اوري آڻ سي اوري، ڙي الله، جنين ڪاڻِ سِکيَس سال!
ڏسُ نه مون کي ڪو ڏئي، ڏيهَه رهيس آءٌ تان ڏوري.
واڻَ جنهين کؤن لنگهيا، گهوري هِيءَ جندڙي گهوري.
هيڪند تون ڪر هوت جي، ساڻ ڏَکيءَ ڪنهن ڏوري.
ساهه ”سچو“ جو تنهن ڏهاڙي، ويا چاڪَ وجهي چِتُ چوري.

ڪافي 9

ڏينهن پُڄاڻؤن آئين، پِلي آئين ڙي يارَ مُنهنجا!
اَگڻ اسان جي هوتَ ٻاروچا، پيرَ جي اَڄ پائين - پِلِي پائين.
پَري اَسان کؤن يار پرين ڙي، ڏينهن چو لائين - ڪيئن لائين.
ڏوهَ ڏنگايون يار سڃڻ ڙي، ڪيئن پُلِيءَ ڏنهن پانئين - چو پانئين.
هيئن نه گُهرجي يار توکي، چِتُ چُڪيءَ تؤن ڏو چائين، ڪيئن چائين.
عَرش ڪرسيءَ تون اُتاهين، مَن ”سچوءَ“ جي تون مائين - پِلي مائين.

ڪافي 10

ڏُنهنجي پاندي پيغامَن، اَلا، منهنجو جيءُ جياريو!
هِي تان تَنُ توان ڪيو، اَڙي ساڻِي سَلامَن.
تو تَؤن آءٌ قربان ڏيان، ڏنهن آئين سَلامَن.
تو تَؤن آءٌ قربان ڏيان، ڏنهن آئين عجيبن.
مَنهنجو چِت چَريو ڪيو، هِن نينهَن جي نياپن.
دردمنديءَ جي دل کي، ڪيو قابو ڪلامَن.
ڪيائون ياد حقير کي، اُسرئي ايامن.
ڪَيئَون مِهرؤن پانهنجي، گوشُ ڏي غلامن.
مُنهنجو وِرهُه وڌايو، ان جي اَنجامن.
جيهو تيهو آهي ئي ”سچو“ سگ سندن.

ڪافي 11

ڪري سانگ پِرين وري آيم اُهي، ديس اَساڏڙي، اَلو اَلو!

www.freepdfpost.blogspot.com

وري وطن آئيا، پينر ٹيڙم پَلو پَلو.
پيَن اڳيؤن پيشوا، هاريون مون سان هَلو هَلو.
اَصلَ لاڪؤن آهي اُنهن سان، روح منهنجي جو رَلو رَلو.
اُنهن ٻاجهُون ناهِه ڪو، ڳولڻ مون کي ڳَلو ڳَلو.
سِر سڃڻ جو لوڪ کي، ساهيڙيون نه سَلو سَلو.
''سچو'' سچيءَ سِڪ ۾، شال نہ پوندو ولو وَلو.

ڪافي 12

ناهي هِنَ درد جو دارون، تو ئِي وٽ يارَ طبَيبا!
تِرُ تفاوت درد نه ڏيندءِ، چوڑين جا سِرَ سَراروُن.
سوز گداز، نِي وي، غم فراقان، لائن ٿا قول قطاروُن.
دوا دردَ جِي يار ''سچوءَ'' جي، هِن تان ساهِه سنپاروُن.

ڪافي 13

منهنجو شرم سَپوئِي آهي، جيڏيون تان پِير مُغان تي!
وري ڏنائون پاڻ ڏي پاڻهين، نا ته هئا حالَ اسان هي
اُهي پاڙيائون پاڻِهي پانهنجا، هو جي قول ڪيائون ڪي
جَن پيارو پُر پيالو، شالَ ساقي جِيَن سي.
سَدا اُهي وسَن اَسان وٽ، جانِي جِيءَ جا جي.
سِرّ ''سچوءَ'' کي ڏسَيو ڏيهاڙيون، پنهنجي يار هَٿُون ڏي.

ڪافي 14

ڏنِي ڏيکاري، ڏي ميان، صورتَ سُپرينءَ جِي.
حَسن حُسين جي ڪارڻ، زاري، ڏي زاري.
ورتَم ساري لوڪَ ڪؤن، پينر ڏي بيزاري.
مَحبت هُت ڪندا حال جي، هيءَ سڃڻ کي ساري.
هِت هُت ڪندا ڪاڪيون، اُهي مون سان موچاري.
''سچوءَ'' سدائين گُهرجي، يارن جي ياري.

ڪافي 15

ڏيئي مون ڏيڪاري، لَڙي وريو ويو در تؤن دلبر!
ڏُنُم اَکِڑين سان، هوءِ هوءِ حسن هزاري.
وسُ نه هِن جو ڪو هُيو، هوشُ نئين هَسواري.
دينَ ڪفر اسلام کوڻ، بِرهَه ڪئِي بيزاري.
ڪنهن در ڏيان آءٌ دانهڙي، مونجهه اِنهيءَ مون ماري.
سوز سَفيران لايون، هِن چُڪيءَ کي چوڌاري.
حاجت هن جِي نه هُئي، جا قاتِل فوجِ تراري.
گهٽيءَ مدت کان پوءِ اَچي، دوست ڏني دلداري.
باسيائون تان بِرهه جي، ميان ‘‘سچوءَ’’ کي سَرداري.

ڪافي 16

پرين اوهان کوڻ پوءِ، هِت راتيون رهنديس ڪا؟
پُڻيءَ اِيندي تانهنجي، لالَ وري هِن لوءِ،
ـــ پوءِ سورَ سهنديس ڪا؟
واعدا ويڙا وسري، هوتَ ڪَيَو جي هوءِ،
ـــ ٻئي ٻول ٻَهنديس ڪا؟
پِرين تنهنجي پار ڏنهن، قاصِد اچي ڪوءِ،
ـــ وري هِت ويهنديس ڪا؟
سچو سِڪَ اوهان جي، هنيڙي ۾ هوءِ هوءِ،
- ٻئي ٺاهَ ٺهنديس ڪا؟

ڪافي 17

مون عيب اَپارَ، سَڄَڻ تُنهنجي ٻارهڙي آهيان!
ٻانِهن جي آءٌ ٻانِهي آهيان، ساري سپ ڄمارَ.
هُئان هميشہ هوتَ سان، شالَ نه ٿيان ڏارَ.
هِي سِر صَدقي تو ٿؤن، سِسي ساڻ ڪپارَ
اوچَڻ ڪنديس اَکيون، پٿر ڪنديس وارَ
پاڻُ تو ئي تَؤن صَدقي، سسي ساڻ ڪپارَ.
ساهَه ‘‘سچوءَ’’ جو سوگهو ڪِيڙو، رکي ياراڻو يارَ.

ڪافي 18

سو ڏاڍن جو آهي ڏيهُه، جاتي نِينهڙو وو نيڻن لايو!
جاتي پُهچ نه پَکيءَ جي ميان، سو سيڻن جو ساڻيهُه.
جي ٿِي وڃان در دوستن جي، ميان، ڇُمان پيرن کيهُه.
جي ڪونيو ڪُهن سُپرين، ميان، وڃي پَکڙي تَن جي پيهُه.
‘‘سچو’’ عاشقُ جي آهين، ميان، وايوڙين وڃي ويهُه.

ڪافي 19

پلو، آءٌ تان يارَ سڃڻ جِي، ٻانهِي گولِي آهيان!
آءٌ نماڻِي عيبَن هاڻي، ڏوهَن ۾ آءٌ تان اولِي آهيان.
جيهِي تيهِي آهيان، ڏي جيڏيون، جانب جِي آءٌ تا جهولِي آهيان.
پَلپَل پُڇَن حال مُنهجڙو، ڳالهه انهيءَ تان ڳولِي آهيان.
هيڏي هوڏي نه وڃان، مُحبن جي آءٌ تان ٿولِي آهيان.
ڏِسُ ‘‘سچوءَ’’ ڏي سُپرين، نا ته چَڙَ هِت چولِي آهيان.

ڪافي 20

اَديون اُهي اَڄ آيا، ڏيهُه جَنين لءِ ٿي ڏوريان!

www.freepdfpost.blogspot.com

ڈيو مبارڪ سرتيون مون کي، مولا سي مُحب مِلايا،
ـــــ چرخو ڪيهو آءُ چوريان؟
در بيهي سي، وو، آئيا، سائين اَلا، جَن لءِ مون وِرهہ وسايا،
ـــــ پاڻُ مَڻائنَن گهوريان!
پَرڏيهه ويا ها، وو، مون پرين، واليءَ سي پوءِ پرايا،
ـــــ تَڪَ ڪيها ٻيا توريان؟
”سچو“ اتي، وو، دوستُ گڏيو سي، ڏينهن گهڻا جَنهين لايا،
ـــــ وندر ڪنهن لءِ ووڙيان.

ڪافي 21

پينر ڙي بيوس، وڃي آءٌ پَئيان!
وس نه آهيان پانهنجي، واڪو ڪَيمُ بيوسَ،
ـــــ مين ديوانڙي ڏَيئَان.
لوڪُ ساروئِي سرتيون، روحَ نه اَچي رَس،
ـــــ حالَؤن هُڻ مين ڳئيان.
مَچُ ڏايو مون سِر آئيو، ڪوئِي نه اَچي ڪَس،
ـــــ قابو عِشق ڪَئيان.
بِرهه واري باتِ ڪؤن، ”سچو“ نه ڪَري بَس،
ـــــ مِهڻا ڏَيَن سَنئيان.

جهولڻو

(سسئي ۽ پنهونءَ بابت)

(1)
سرتيون سپ ڏِيَس صلاحِي،
هو تان راهَه وڻي پيا راهِي،

www.freepdfpost.blogspot.com

چوٿينءَ ڪَيَ تَنِين جي ڪاهِي،
ڏونگر ڪِيم ڏَسائجِ ڏاهِي،
حَبَ ۾ ڪونه ڪَندُ ئِي همراهِي،
تڏهن چَپ ڪرڻ تو چاهِي،
پَر هو اِهو امر اِلاهِي:
ٻيا سپ ويهُه تون وهَم وساري.

(2)

چي ڏي، مون سان مُور مَ ٿيو مَصلحاتِي.
ثابت سِڪَ رهي ڪا ساتِي،
هاريون هي جا آهي حياتِي،
تن کي روهه رسان ڏِي راتِي،
پائِيندِيس جَهر تَتِي جَهنگ جهاتِي،
چا جي چڃِي پوي مون چاتِي،
ڪنديس وڏڙ سَنديَن ويلا تِي،
اِينديس ساڻ وڃي پَڏُ پاتِي:
ڏسنديُونءَ هوت مِڙئِي هِڪواري.

(3)

جي ڏي، ويهُه وسار وجَڻ جي وائِي،
تو سان لَعلَن جنهن لَوَن لائِي،
ڏُنهنجِي دل کيڏَن تَنهُن تائي،
سو اڄ جاڏَ ڪري ويوءِ جائِي،
ڏيئي ڪَن ٻُڌج تون ٻائِي،
ٻوهن پاس نه ٻوڙج ٻاهِي،
سُرت صلاحَ تون سَمجهج سائِي،
اِها ڳالهه اَمرَ ۾ آئِي:
ڏونگُر ڏُورُون ڀِئِ ڏَهڪاري.

www.freepdfpost.blogspot.com

(4)

آيَل، اَڻَ مُلهِي جا آهي،
سا ڪيئن سَگَ سڃڻ سان ساهي،
ٻيو تا ڏاهه نه هرگز ڏاهي،
ڏاڍن ساڻُ سپ شَريڪتَ ناهي،
جا پَئي سپ لاڳاپا لاهي،
چَڙَر چوهه اَڳيانئُس چاهي،
ڪيچن ڪَيَ اُها مَرُ ڪَاهي،
ڪٽنڊِي گام ته پُڄندي ڪاهي:
محض اُنهيءَ کي مَيرُ نه ماري.

(5)

چي ڏي، رَهَه رَوين ڏِي روڙي،
اَڏو پِينگ ٻُجهي ڏي پَوڙي،
هيبَت هول هراست هَوڙي،
ڪامِڻ ناهِين اسان کي ڪوڙي،
ڏُون تَنهن ديس مَ وَڃَج ڊَوڙي،
پَرڏيهيءَ جي پُڻِ مَ پوڙي،
ڏَرَ ۾ ترسَ اَڏئي ڏَڪ ڏُورِي:
هِتِ تا ڪا نَه گهڙي هِڪ گهاري.

(6)

آن دل آرياڻيءَ سان اَڏڪِي،
مان جا ريجهَه اَديون تَنهن وڃ ڪِي،
هَي هَي گُهوري تا هِنَ گهڏَڪِي،
رهنديَس ڪِين هَجَر ۾ هَڏِڪي،
جانبَ ڪاڻ نَه جا ڳَيَس جهڏ ڪِي،

www.freepdfpost.blogspot.com

پڃيءَ ويلَ وڃان مَرُ لَٽڪِي،
ڪنهن جي فَهم نه هَٽڪا ڦَٽڪِي،
هاڻي سِر توڙين مون سَٽڪِي:
هِنَ کي ڪا مَ هَلڻَ ڪوڻ ڪاري.

(7)

چي ڙي، سپ پَر سُجَ جُلي ٿِي جاڻِي،
پُرجهِجِ پَبَ نه اَٿيئي پاڻِي،
وسهج تو دل جَنهن سان واڻِي،
سَسئي سو تان ٿِيُئي نه سائي،
ناحق تانگهه تنهين ڏي تاڻِي،
چو ڪيءَ خواب ڪٽِي تو ڪاڻِي،
ڪِئن ٿِي آبُ اَکين ۾ آڻِي،
حِيلا ڪَر مَ هلڻَ جا هاڻي:
پُڇندينءَ بام سِمِي بَرُ باري.

(8)

جيڏيون جبَل چَوڻيون جيئِي،
ساجُهر سَنگَ لتاڙيان سيئِي،
گهوريان گهوٽ بِنا گهرُ هيئِي،
سائِي وَسَ وَڻانئُم ويئِي،
رهندَمُ رُوح نه هِت تَن ريئي،
ويڑم دوست دلاسا ڏيئِي،
هِيءَ تان پَلَؤ پُنهونءَ جي پيئِي،
هُن تان ڪامِڻَ ڪِيڑس ڪيئِيْ:
نِياڻِئُنس وَرُ وَڻي ويساري.

www.freepdfpost.blogspot.com

(9)

چي ڙي، گهورين ڪاڻ جنين جي گهڙا،
اَٽئي تَن اَڙانگا اَرڙا،
آڏو ٿاڪُ نه ڏيندءِ ڏَرڙا،
ڏيندءِ زور مَٿي تو ڏرڙا،
بيدل بَس ڪَرائيندءِ بَرڙا،
اوجهڙ ڪوهَه اَٽئي سي ڪَرڙا:
سَگهندينءَ نارِ نه وَرُ نِهاري.

(10)

ثابت ڳالهه ستڻ هِ يءَ ساري،
جبل واڻ نه جيڏيون جاري،
پَرَ پِي برِهه جنهين سان باري،
سا هَڏِ ماڏي مور نه مَاري،
چا جي وَرّ وِنگا وَيَ واري،
تا پِي دردمنديءَ دَهڏاري،
توڙي ڪوهه ڪري ڏو ڪاري،
ڪندو پاڻ پنهون پوئوري:
تا پڻ سَرسُ سِڪائِي ساري.

(11)

جيڏيُن ڪَيَس وراڻِين جوڙي،
هُت ڏو روهُه رڙندا روڙي،
تَنهن جو تابُ نه سگهندي توڙي،
اَڏو مِير مَيائِي موڙي،

www.freepdfpost.blogspot.com

رائو ريگَ ڏَرَن ڪوٺن ڏوڙي،
سگھندينءَ پيرُ نه ڪَرڳُل ڪوڙي،
تون تان لعلُ لَهين ڪِيئن ووڙي،
ڪَنهن جِي ڪَامَ ڪَمر ڇَڏْ ڇوڙي:
ٻيا ڏِي ماڳ مِروُن ڇوڏاري.

(12)

جيڏيون جَتُ مُنهنجو آهي جاڻِن،
آءٌ تان ويندِيَس اَڄ ڏَنهن تائِين،
آهيان ٻانهي اُن جي آن ٻِين،
پاڻُون گھٽ ٻينرَ ڏِي پائِين،
آن کي ٻَلَؤ ڳچيءَ ۾ پائِين،
دَ مُ دَ مُ ذُرس ڪريج دُعائين،
مون کي سَڄَڻ ميڙين سائِين،
ڪيچيڙن کي ٻَهچان ڪائِين:
ٻِرهه جِي باهه ٻَهون ويا ٻاري.

(13)

جي ڏي، آڏو لَسَ بَگھيڙ ڪَن لوڙا،
ڏَن ڪوٺن ڪَنَ ٻَئي ڏين ٻوڙا،
چوهوَن ڇَپُر ڇڻي ڏو ڇوڙا،
تاتي ڏاڪَ ڏَڪَر جا ڏوڙا،
سَهمناڪَ سُنڌا سي سوڙها،
ڏيوَن مارَ مَٽي ڏين موڙا،
سي ئِي ڏُرت ڏورَڙ جا ڏوڙا،
ڏينيو ڏنگَ هَڏَن ڏا ڏوڙا،
آهِن هاڙي مَنجهه هَزاري.

www.freepdfpost.blogspot.com

(14)

چي ڙي، چا جي مَستُ مِرون هنئن مارا،
جُرڙين نانگَ جُرَن چوڏارا،
سي ئي ورهه اڳيون ويچارا،
هٽندا شينهَن ڏسي شوڪارا،
هو جي هاڙي مَنجهه هاڪارا،
سَرتيون سَنگ نهاريان سارا،
ڪيا جُڪ جانب جي جيءَ جارا:
وَرَ سان ڪا نه ايندي ڪا واري.

(15)

چي ڙي، هُيَڙَئِي جِيّ جَتَن جِي ڪا،
توکي سَمجهه پيئِي چؤ سا ڪا،
ويَڙَ ئِي نارِ نهوڙي ناقا،
ڏونگر ڪين اَٽئي ڪي ڏاڪا،
لُوهي لَس وجهندئِي لاڪا،
چِپُون چُوهه لنگهندينءَ جهاڪا،
آڏو فَلَڪ فِڪِر آهِن فاقا،
ونگُن وِچ واسِينگَن واڪا:
هُت تو پَيُ وِجهي پاتاري.

(16)

ڪاڪيون ڪا مَ ٽِڪي هُت ڪانِي،
جاڏي جَتَ وڻِي ويس جانِي،
سورج آهي نه تن جو ثانِي،
تاڏي ٿُرتُ وڃان آءٌ تانِي،
چا جي پَبَ نه هوندس پانِي،
چَيَر چوهه اَڳِيانئُس چا نِي،

توڙي بِرهه وِجايس بانِي،
لوچون ڪِين ڪنديَس سالانِي:
اِهو عَرض اَڻو اِظهاري.

(17)

جَلَدؤن جَت وڃِي ويئي جوري،
پوري چو نه پِرينءَ ٿَنهن پوري،
گاذر هاڻ مَحَل گهر گهوري،
ڏونگر ڏرَڙَ سَگهِين ڪِيئن ڏوري،
عاجِز عام ٿيندئِي هِت اوري،
ڏَرَ جي پنڌ نه ڏَڪِيئن ڏوري،
تن کي توڙَ سَري ڏِي توري،
وِجهه مَ جِيّ ُ پَلا ڪَنهن جهوري:
مَرَنديءَ گامَ ڪنيو ڪوڪاري.

(18)

چي ڙي، بيحد ڪِيم ڪِهو ٻيون بانيون،
چو ڏيون لَسَ لوايو لاتِيون،
ڪَنهن کي ڪَنڌ نه اِيندِيون ڪاتِيون،
رهنديَس روز نه اِتي راتِيون،
ويندِيَس سِڪ سَجَڻ جِي ساتِيون،
ڏاتَرُ ڏِس جو ڏينڌُ م ڏاتِيون،
پائيندس جالَ جَبَل ۾ جهَاتِيون،
مُحبن هَس اِهي مَصلحاتون:
هَلِي آ مَردِ ساڻ اُماري.

www.freepdfpost.blogspot.com

(19)

ڪامِڙ مِنَڊ ڪَريون ڪَنهن ڪيهِي،
سي جَتَ جاڙ ڪري ويَئِي جيهِي،
ڪِيَڙي پُرجهه نه تو پَب پيهي،
ڪا ڪَر ڪاهه تَنِين پُڻ تيهي،
تون تان نِينهَن نوري نيهي،
ووڙج وَرُ مَ وِرچج ويهِي،
ڪيائين دُرس ديوانِي ويهِي،
اَولّ عِشق نِشانِي اِيهِي:
تَڙڦَڙ راتِ ڏينهان تڪراري.

(20)

ڪيچن ڪَيَ لڳِي هوءَ ڪَهڪي،
پهرين پُور ڏَڪر سان ڏَهڪي،
ڪامِڙ ڪوهه ڏسِي نا ڏهڪي،
اُتي روحَ نه تنهن جي رَهڪي،
توڙي پير ڦِڏَس پَب ڦهڪي،
تان پِي نار نه بلڪل نَهڪي،
توڙون ڪِين تنهنجي هَڏ ڏَهڪي،
اَوجان عاشق اهڙي اَهڪي:
ڏونگر سپ وڏائين ڏاري.

(21)

توڙي جَهڪَ جَهَڪي ڪَئي جهولي،

ٻي تان ٻولي هَڏ نه ٻولي،
ڦيريون ڏئي، ٻرين کي ڦولي،
چوهُون پاڻ ڇَپَر کي چولي،
گورَن رَند ڏسِي سِرُ گهولي،
ڳڙَ ڳڙ ڳوڙها ڳاريو ڳولي،
ڏونگر ڏرڙ ڏکوئِي ڏولي،
قادر شال قريبَن کولي:
کندو گام ڌَکَر ڪَوڻ ٽاري.

(22)

پهريون کانءُ پهاڙَ پُڇِيائين،
هِت کي وينا هوت هَنڌائين؟
هَر هَر توکي سُرت سڌائين،
کي هئا رات توئِي وڃ سائين؟
ڪَرڳل الله لَگ اَلائين،
ٻيو هَڏ سور نه سَنگ سليائين،
مون کي مُحبن ساڻ مِلائين:
عاشِقِ هَي هَي ويا آزاري.

(23)

پوءِ تا ٽيڙس جبل جوابِي،
ٻنيءَ ليلَ لنگهيا بشتابِي،
ساگِين سارو ساڻ ثوابِي،
سي سپ هُئڙا گُل گُلابي،
وڃندا وِيڙا رات ربابِي،
اَصلؤ اَڙينگ هئا اَعرابِي،
تو سان ڪِيائون خام خرابِي،
اوني عين هئا عاذابِي:

هتؤن ڪاهه آڙاهه اَنڌاري.

(24)

ڏونگر ڏَسُ ڇُڪيءَ چَڏ ڏيئي،
تو وٽ رات تنين ڪا پيئي؟
آهه هي وَسَ تنين ڪؤن ويئي،
ڪِي تان لنگهيو ساڻ سنجهيئي؟
هاڻي حال سِٽِ مون هيئي،
ويَڙس ڏک وڏو هي ڏيئي،
هُو هُئا ڏايا سُپرين سيئي،
جانب آهن منهنجا جيئي:
ماري آهه ويا آتاري.

(25)

حَجر چَيَس آهي هنِيڙي هاري،
جي تون محبوبن جي ماري،
آهي عشق سَندُءِ آزاري،
وجهج ڇَلِ ڇڇيءَ ڪا ڇاري،
مون کي تِر نه ڪج تَڪراري،
پُڻِن ڪاهه نه ٿيءُ قراري،
اَٽئي بِرهه بلوچي باري،
يڪدِل ڪائنئن مَنگجِ ياري:
ويند ئِي عشق نه هڏَا اوتاري.

(26)

ڏونگر ڏيرن ڏي ڏَس ڪو ئِي،
آوڙي روحَ نه ٻيو رسُ ڪو ئِي،
ناهي ويچاريءَ جو وَسُ ڪو ئِي،

www.freepdfpost.blogspot.com

لاهي ڪو نه ٻيو ڪَسُ ڪو ئِي،
ناهي جانبَ جو جَسُ ڪو ئِي،
ڪُڻِي غَم ڏِسِي ڪَسڪو ئِي،
خاطِر منجهه نه پيس خس ڪوئِي،
وڻي درد ڦِري ڏس ڪو ئِي:
بيڻِي عِشق منجهوءِن اوساري.

(27)

چُڪي چوٽ وڍِي ورچاڻي،
وِيڑا وِرهه تو ئي سان واڻي،
آندي عِشق تڏهن اورهاڻي،
ڪُنڊ ڪيڇ وڃج ڪنڌ ڪاڻي،
پيَڏُئي زهر مَنجهؤن گُهٽ گهاڻي،
ٿوڪي آندو عشق آڻاڻي،
ڳولج ڄامُ پنهونءَ گهِر گهاڻي،
هَي هَي لَعلَن ويو لوهاڻي:
هُئڙي جن جي هِيءَ آجهاري.

(28)

هَي هَي ماري عشق اَميران،
وڻِي وِرهه وَڪيلِ وَزيران،
توڙؤن هِيئن لِکيون تقديران،
بانِهن هٿ ٿيون تقصيران،
ڏاڍيون عشق سنديون تڙپيڑان،
پُڻِيءَ منهنجي بِرهه بَهيران،
هَلَن هُٽ نَڪي تدبيران،
مون سان سندين سوز سفيران:
ورڏُئَي ورهُ ڪنهين وَڻجاري.

www.freepdfpost.blogspot.com

(29)

اَول بابين برهه پَڙهيائين،
تنهن پوءِ سورن منڌ سَڏيائين،
سَسئي ساڻُ فَراق ڦَڏيائين،
اَصلوڻ ڪيچن ساڻ ڪَڏيائين،
جَڏان جيءَ ۾ جال جَڏيائين،
تيلهان مٿي روهَه رَڏيائين،
مَحبت منجهه مريض مَڙهيائين،
توڙون غير خيالَ تَڏيائين:
پيئي هَٿ بِرهه هاڪاري.

(30)

هِيءَ دل لالَنُ وِيڙسُ لُٽي،
وِدسُ ٻاڻَ پروچَ جِي ٻُٽي،
وَرَڪوڻ شالَ فقير نه ڦُٽي،
ڏُنگر ڏُک چَريءَ کي چُٽي،
ڪيائين ڪيچن منزل ڪُٽي،
آنديُس عِشق گهٽيري گُهٽي،
مٿو پيرَ ڪرايون ڪُٽي:
هَي هَي ڪيو ڇِي سَا هونگاري.

(31)

وَرَ جا وِرهه پياريَس وَڻِي،
توڙي سسئي سورنَ سَڻِي،
تَنهين دل ڏانهن نه مُحبن مَڻِي،

چوکو عشق نه آهي چَڻِي،
سُورن سوز کِلڻ کَؤن کَتِي،
مُحبت کانءُ نه گهايل گهَڻِي،
سسئي سوزَ فِراق جي ڦَٽِي،
پائين پَبُ پَٽولا پَٽِي:
روئي ڦوڙائِي جان ڦوهاري.

(32)

لونِي بَک مٿي لَتِي،
ٻوڙي تيزَ منجهاروٗن تَتِي،
محبت مَنِ تنهين جي مَتِي،
وڃِي ڪيچ ورهه مون وَتِي،
گهوري گامَ گهٽيري گهتِي،
ڏکَ جي چِتِ هنيائونس چَتِي،
روئي ريتِ تنهين سپ رَتِي،
ڇاٽي پَبَ سَپو هڪَ پَٽِي:
عاشِق عِشق منجهوٗن اُچنگاري.

(33)

هَرٽيوُن ڪِيرُ پيارڻ آيس،
ڪِرهَڙَ دانهن ڪري سپَ کانيسَ،
ڪوڪن ساڻ چَپَر سپ چانيَس،
ڏُنگر ڏکَ منجهاروٗن گهايَس،
چُلنگيون عشقَ ڏکن پُٽ لايَس،
ڳالهيون ڪيچ ڪيچيڙن ڳايَس،
بَر کي بِرهون بازرر پايَس:
حِجَر ڳاريَس ساڻ هو ڪاري.

(34)

ھَ ي هَي هوتُ ڪري وِيس هولِي،
تنهن محبت ٻاروچي جِي ٻولِي،
ڏونگر حُبّوَن ٻائين ڏولِي،
ڪوهيارَل جِي ٻانِهي گولِي،
ساڻي پَب پِرينءَ جِي ڦولِي،
تَنهن تا جانبَ تان جِند گهولِي،
روئي ڪيائين چَپَر چولِي،
سَنگ جِي راهه ڪيائونس سولِي:
نيندس ڪيچي نالِ قطاري.

(35)

منجهوَن نِيهن هنيائين نعرو،
سُٹَندي سير سڙي ويو سارو،
مَن ۾ محبت وِڌس مارو،
ڪيائين واري اُتي وارو،
اَندروَن عشق ڏِنس اوٻارو،
ڏيئِي مَڻي سَنگ سَرارو،
ڪائين مانَ ڏسان ڪو هيارو،
محبت ريءَ آهي مُنهن ڪارو:
“سچيڏنا” ڪو نه سنياري.

(36)

مڻي روهه چيائين روئي،
هيءَ ڪَلَ ڪوهيارلَ ڏئي ڪوئِي،
عاشِق تنهنجي عشق اندوهِي،
لڳِي لالَن تا لَڙهه تو ئِي،
ٿوڙوَن سُورَ وِڌائين پوئِي،

ساڻِي ٿيُس ”سڃيڏنا“ سو ئِي،
جانبُ آهيس جِيءَ جو جو ئِي،
قادِرُ گڏُ تَنهين سان ڪاري.

(37)

هيءَ جا هنيڙي ٿي حيرانِي،
محبت مادُ ڪَئي مَستانِي،
دلبر ڪاڻ هُوءِ ديواني،
باقِي نِيهُن رهيُس نِيشانِي،
ڪيَڙي فوج فِراق جي فانِي،
ڪيائين ساهه سَريُر قرباني،
گڏبُس شالَ جَبَل ۾ جانِي،
ٿيندُس رَحم اُتُس رحمانِي:
آئِي هيڻُن نِينهن نغاري.

(38)

محبت محبوبن جي ماري،
ڪا جا باهه پاروچَلَ پاري،
ڳالهين ڪيچيڙن جي ڳاري،
ڪيائين جانِبَ تَوُن جِندُ واري،
منجهوُن ذوقَ چيائين زاري،
هيءَ دل آهي سڃڻ تَوُن واري،
ڪُوڪان ڪوهه ڪري ڪوهياري،
توڙي وِرِهه ڪئي ويچاري:
راتيان ڏينهان گهنگهر گهاري.

(39)

مٿي روهه ڏسو سا رَمڪِي،

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪا جا عِشقَ چَڪايَس چَمڪِي،
ڏسِي سُڄَ نه دم پِر دهمڪي،
محبت مُور نه ڪامِڙ ڪَم ڪِي،
گوندر وِچ ڪُڏاري غَمڪِي،
هاديءَ جانبَ سان نئين جَمڪِي،
تنهن تانگهه نه تِر هڪُ تَمڪِي،
مٿس وَڃُ وِرِهه جي چَمڪِي.
تنهن جي شور وِڏي شوڪاري.

(40)

چڙهندي چُنج نه عاشق اَڙڪِي،
ڪا جا فوجَ مٿائنس ڪڙڪِي،
لڱِي لعلَ پُڻيءَ سا لڙڪِي،
لَڱِيس باهه بِرهه جِي پڙڪِي،
جوهَر جوشَ سَجَڙ جي جَهڙڪِي،
رنجيءَ روهه اُتَؤن جا رَڙڪِي،
سارو سَنگُ پيو سَپ سڙڪِي،
ڏَڪرُ سپ پيو تان ڏَڙڪِي.
اهڙو سوز هلِي سينگاري.

(41)

جانَبَ ڪاڙِ ڇڏيائين جايُون،
فوجان عِشقَ اَڳيانئُس آيُون،
ڪلاّن ڪوهَه سَنديَسِ ڪَهڪايُون،
سيئي وِرهه وِساريُس وايُون،
وڃي خاڪَ لِڳَن ڪي لايُون،
تنهن جي سوزَ ڇَپَر سپ چايُون،
روئِي روهِ ڏنائين رايُون،

پيان پب چڑهي جَڙ پايون:
اهڙو عشق هَلي اختياري.

(42)

چَپَرُ ڪانه ڇڏي سا چوري،
جنهن تان گهوٽَ اَتَؤن جِندُ گهوري،
جا ڪِي پورَ پرين جي پوري،
هيڪلَ هوتُ نَهاري هوري،
گولي تَنين جنين ڏَر ڏوري،
لُؤن لُؤن قابو لڳيس لوري،
هُئڙس جهورَ برابر جهوري،
تنهِن جي هٿ سڃڙ جي ڏوري:
اِنهيءَ ڳالهه وڌِي سا ڳاري.

(43)

آهي ريءَ عجيب اُبائون،
اَچي شالَ ڪوهيارل ڪائُون،
جنهن سان لوحِ لڏيون هُم لائُون،
هَي هَي جَت وڃي ويا جائُون،
تنهن تان ڏَس پُڇي ڏِي تائُون،
ننڊر هيءَ جا نال نه نِيائُون،
تنهن جِيون زِيلان هُت سُيائُون،
هِهڙُس ڏونگر حال ڏٺائُون:
ويچاري ڏِي تونگِ تنواري.

(44)

موڻي چاهه پرينءَ جي چائِي،
تَنهن ڪا ڳالهه محبت جي ڳائِي،
چَپَر سَپ ڪيائين چائِي،

ڏاڍيءَ تِکَ تَنهين جي تائِي،
”ويجهي آيس“ هُئڙس وائِي،
روئِي روهه ڏنائين رائِي،
گهِڻِن منجهه قلم ڳُهمائِي،
تان تان اوڏي وَسئون آئِي:
آيُس مُحبُ اڳِيون منهن ٻاري.

(45)

ڪُونجن هَٽ مُڪائين روئِي،
دانهن ڏوگهه منجهاروٗن ڏيئِي،
سا تان ڪَنِ سَڄَڻ جي پيئِي،
اُٿي هليا هوت هَنڌ يئِي،
جانبَ جِيءَ گُهريا هَسِ جيئِي،
آيس سَڄَڻ پاڻَ سنجهيئِي،
جن جي ڪاڻ ويچاري ويئِي،
وڃي ڪيچ اُها ڳَل پيئِي:
پنهون پِريَن گڏيو غم ٽاري.

(46)

سسئي چامُ پنهون هڪُ هو تان،
ڪامِڻ جانب ڳولِيو جو تان،
ساڳِي پاڻ پنهون هِئي سو تان،
پِڇي هيءَ ڳِجهارت ڪو تان،
چاجي ڪاڻ ڪَرين ٿِي ووءِ تان،
چَٻِيَ ڳولي ٿي سا چو تان،
”سچو“ دَست دوئِيءَ کان ڏوتان،
ساڃَڻُ ڪيئن صَحِي ڪَيو تو تان:
پَر جي عشق اَڃِي اوجاري.

www.freepdfpost.blogspot.com

(47)

آهي ‘‘كُل شيءِ’’ سو هادي،
‘‘خلَقَ الاَشياءَ’’ كَوَن آبادي،
‘‘وَهُوَ عَينُها’’ ڄِي آزادي،
واندِي غير كَنُون هيءَ وادي،
لَڄا شكَ شُبها ڄِي شادي،
‘‘سِرّي سِرّه’’ ڄِي اِمدادي،
جنهن كي سَمجهه تنهين كي تَعدي،
سو ئِي مَرد نه آهي مادي،
سَڀ وڃ صورتَ يارَ پياري.

(48)

پنهنجِي پاڻَ كري ٿو وائِي،
تنهن تان ڳالهه اها ڳالهائِي،
كافر مؤمن صورَتَ سائِي،
انهيءَ رمَز ڏنائين رائِي،
جانب ڏسُ ڏنو هي جائِي،
‘‘فاَ ينَمَا تُوَ لوّا’’ آيتَ آئِي،
ڄِيَڙو اَڄُ بَهاني پائِي،
اَحمد وحيّ هِكو هِك هئائِي:
‘‘احمدُ ’’اَحدُ هُئا اِسراري.

(49)

‘‘عَرفْتُ رَبِّي بِرَبِّي’’ آيت آئِي،
نوبت ‘‘اَنَا الحَقّ’’ وڃائِي،
‘‘اَعظَمُ شَانِيْ’’ رَمز رلائِي،
كَيَڙي ‘‘لَوْ كَشَفَ’’ اُجرائِي،

''يَسمَعُ يُبصِرُ'' آهي هِ ڪڙائِي،
''بِلامِيم اَحمدُ'' اِها وائِي،
''اِنّي اَنَاالله'' آگاهِي،
هُئڙي صُورت هِڪ سپائِي،
سوئِي بندو سو مولائِي،
سو ئِي هيڻ سو بالائِي:
عالَم اَلله مون اِظهاري.

(50)

ظاهِر سِجُ ته سپڪنهن جائِين،
هيءَ پِي رَمز تون دل سان لائِين،
تون تان آئينو ٿي آئِين،
پنهنجو پاڻ ئِي مِ مُنهن پائِين،
''مَين'' کي چوڻ ته ٿِيو ين ''سائِين''،
پولو مور نه هن مِ پائِين،
توکي صَحِي سَچ سُٹائِين،
ڪا شَي ناهي بِنا حق ڪائِين،
''ڪُلُ شَيءِ ناطقءَ بالحق'' ڳالهه اِهائي ڳائِين:
هَر جا پاڻ غَنِي گُفتاري.

بِسم الله الرَّحمانِ الرّحِيمِ

نوري

داستان پهريون

(1)

تون سَمو سردار، آءٌ ميئي مهاڻي آهيان؛
تنهنجيءَ شفقت مِهر جو، آهي ڪونه شُمارُ؛
گنديءَ گاندَ ر گهر کان، ڪيو ساري عالم عارُ؛
مڻي تَنهن مَدارُ، تو ساريءَ ڪينجهر رکيو.

www.freepdfpost.blogspot.com

(2)

تون سَمو سائين، آءٌ ميئي مُهاڻي آهيان؛
مون لَڄ رهائين، جو پَليءِ لڳيس تانهنجي.

(3)

آءٌ ميئي مُهاڻِي، تون سَمو ساري سَرّ جو؛
قرب منهنجو ڪهڙو، ڄاڻيو ٿو ڄاڻِي؛
ڪاري سر ڪنيم ٿي، ڇڇيءَ ڪِڪيءَ هاڻِي؛
راجا تنهنجي راز سان، ٿيس راڻنِ جي راڻِي؛
تو سَما سِيباڻِي، نه ته هيس بيهودي بچڑي.

(4)

ڪلسا ڪلوري، ڪِنَ ڪالورا ڪينجهرين؛
پيهي وڃي پَن ۾، ڪَنِ ٻُڪين ٻُوري؛
روز تِني ڪي راوَ ڏٺهن، ٿيا چانور آئون چُوري؛
جي هيون اڏو ٻَنڌ ۾، سي ڪن ڪپڑا قصوري؛
هيڻ مَٿي تَن ٿي، ڏيکيون سالان سموري؛
واسِيا وتَن ويسَ ۾، هُيَن ڪُهنبي ڪَٿُورِي؛
ڇڇيءَ ڪِڪيءَ تارِ جي، سي اَپَر عَطوري؛
ٿِي مُلڪين مشهوري، سَمي جي سُهاڳ جِي.

(5)

پيرَ آئون مُنهن نِيرا، پاڻيءَ پوندا جَنِ هئا؛
سي اڄ ٻَڌيو وتن سِرَ تي، ڇاهه منجهؤن ڇِيرا؛
ماڻِڪَ موتي مُنهَن تي، هٿ تَنهين هِيرا؛
ڪاتَ سپيئي ڪِيرا، سُگهَڙَ سَمي ڄامَ جا.

(6)

وَهين وَهل لَپيُون، ٿي پيٺَ پاريا تنِ پانهنجا؛
ڏنيون ڏُٺ ڏُپ جون، ٿي جهپَيرن جَهپيوُن؛
ڪِڪيءَ خاطِر ڏُپيريون، ڏُپن منجهه ڏُپيوُن؛
جي ڪائِن پَبڑِ پَپيون، سي جُوريءَ تي چَريون ٿيون.

(7)

جي جهاڳيون وتَن جَهاڳَ، ميئون ڪارڙِ قوتَ جي؛
سي اعليٰ درجي آنديون، سَمي جي سُهاڳَ؛
مَنچر مَها وچ ۾، ڪَن رنگيليون راڳَ؛
هُئا حال جنين جا هِهڙا، تن تي پِلي ڪيا پاڳَ؛
ڪينجهُر بن ڪنڌين جِي، ٿي هٺ اُنهن جي واڳَ؛
هِيرا ۽ ياقوت پيا، اَڇ اُنهن وٽ اَجهاڳَ؛
پيا پِي لَکين لاڳَ، تنهن ڏُلين کي ڏيئي ڇڏيا.

(8)

بيحد پِگوڑيون، هُين دولِ نه ڪنهن دونديون؛
ناپي ڏُٺ آئون ڏُپَ جون، ڪن خرارين کوڑيون؛
پُوريءَ ڦَرها ڦَريون، اچن ملاحيون موڑيون؛
جوڑون سپ جوڑيون، جامَ تماچيءَ تن جون.

(9)

دولِ نه ڪنهن دونديون، پَر هُيون سَمي جي سهاڳَ تي؛
ڪينجهر سنديَ ڪنڌئين، ڪَنَ ٿوريون آئون ٿونديون؛
ڇِڪَ جيهون چونديون، ٿو جام وهاري وَٽِ ۾.

(10)

هُيون لڳين ليڑيون، مُنهن نه موچاريون؛
سي ٿو جام وهاري وَٽِ ۾، ڪري ملاحن ميڑيون؛

www.freepdfpost.blogspot.com

ٿو پڳيون جوڙائي ڏئي، پَهڳڙ تَن ٻيڙيون؛
وٽن ماڻڪ موتئين، تنهن ڪوٺ جهڙيون ۽ جهيڙيون؛
توڙي اِهڙيون اَويڙيون، ته پي سَمي ڇام سُهاڻِيون.

(11)

جَن ٿي پالِيا پيٺَ، ڪُمنَ ڪالورَن سان؛
سي تا تيل قَليلَ سان، ٿيون مَلائِن ميٺَ،
ڇام جواهِر جي ڪري، ٿو اُنهن پارِ اُميٺ،
ڪَئي لاڪِيڙي ليٺَ، سَمي مير مُهاڻن ڏي.

(12)

هئا وڏا جَن تي ويلَ، ٿي قوت مِلُين ڪين ڪِي؛
خاصين سي خوراڪن تي، تان ڪَن مُهاڻيون ميلَ؛
مِڙي جُهڙي پاڻ ۾، ڪن سيلابين سيلَ؛
پوءِ لاٿا ڇام لُطف سان، زبونِن تَوَن ذيلَ؛
تن سري تيلَ قُليلَ، اَڄ عطر گاڏَنَ اوتيا.

(13)

جَنهين اَڏوہِنڊِ، هُئي عُمر سَپائِي اِهڙي؛
سي سَمي جي سهاڳ تي، آيون. ڏاڍي اَنڊِ؛
تنين جي طولان جيون، پيون هاڪان هنڊوهنڊِ؛
ڏُلِيون ڏوليين جَڙهيون، پيرين پَوَن نه پنڊِ؛
سَپ اَندامين سَنڊِ، جَڙيون جواهِر ۾.

(14)

چولِيون جَن چِڪِ هُيون، اَڄ ٿيون لالين لائُو؛
جُتيون جَڙائُو، پايون وتَن پيرَ ۾.

(15)

نوريءَ نادر ڄامَ ڪي، ڪي ڇَڪايون ڇانيون؛
تنهن ڪي ڏُسڻ سان ڏياريون، ڪنهن ڦِڪَل ڦيرانيون؛
وڻان سو وانيون، ٿو ڏئي ڏهاڙي اُن ڪي.

(16)

هون مَڪَ هِڪَ ٿُرارُ، چار ٿُرارا موتِئين؛
ٻئهن برابر نه ڏيان، توڙي ڏين جال جَوهارُ؛
جو پَلِءِ پِيڙو ڇڙو، مهاڻِيءَ مَٽيارُ؛
تنهين مَرُ ڪينجهرَ پَرِ قرارُ، جنهن ڄارو ڄام ڪُلهي ڪنيو.

(17)

تارازيءَ جِي توري، مَڪ موتِن تي نه ڏيان؛
ٻيٽا ٽيٽا نه وڻان، ٿوري نه ٿوري؛
گهوري آءٌ گهوري، جو ڄارو ڄام ڪُلهي ڪنيو.

(18)

مَڪَ برابر نه ڪريان، ماڻِڪَ موتِنِ ساڻُ؛
سَمو ڄام سُجاڻُ، جنهن ڄارو ڄام ڪُلهي ڪيو.

نوري
داستان ٻيو

(1)

مَٿي جَن مُوڙا، هئا ڄارين گندئين گودڙئين،
ٻئنسر ٻئينان زر جا، تن جهاپا اَئون جُهوڙا؛
جَن ٻانهين ڪُلهين ڪِين هو، تَن چُوٽ تائين چوڙا؛
سمي جي سهاڳ سان، تن ننگن نپوڙا؛

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪوڙيون ۽ ڪوڙا، سچا سمي سڀ ڪيا.

(2)

رنگ ڪاري رُويون، هيون مڙني مَلاحَن جِيون؛
سي ڪنيون ڪارَن ۾ اَچن، دَرا ۽ دُويون؛
جِت بيحد بدبُويون، اُت الله عطر اوتيا.

(3)

هڪ دَرا پي دُوءِ، پيون گوجان مارنِ گانگڻيون؛
تَن مون ڪِيءَ جِي اَچي، برابر بدبوءِ؛
اچي مُشڪ عطر جي، اَڄ منجهانئن خوشبوءِ؛
رنگ سوني جِيءَ رُوءِ، صورت انهين سُوهڻي.

(4)

منهن مِٺِيءَ ميريون هيون، بيهوديون بچڑيُون؛
گِهڙ گِهڙ نوريءَ گِهنگِرو، چِمِ چِمِ ڏيون چيريُون؛
سمي پاڻ سهاڳ ڏئِي، هِي جي هُنَ هيريون؛
لوهاڻيون لوريون، بلوسَ لڳي سون ڏيون.

(5)

پارس لڳي سون ڏيون، لُوهاڻيون لوريون؛
جَهلَ جُهڳن ڪي ڪانه ڪا، وَريون ۽ ويريون؛
مَحلين رَهن مَير جي، مهاڻيون ميريون؛
سمي ڏٺا سُهاڳ ڪي، سَهجَ ۽ سيريون؛
ڪوجهِن مان سهڻيون ڏيون، جهٽ پَٽ جَهپيريون؛
تماچيءَ تيريون، ڪينجهر جون ڪِنيون ڪڍِي.

(6)

www.freepdfpost.blogspot.com

مُنهن مِٽيءَ ميرا، هئا بيهودا بچڑا،
سمي جي سهاڳ تي، ٽيا گاندَر گُنيرا؛
ڏسو ڏهاڙي ڏئي، ٿو در تنين ديرا؛
ساجُهر سويرا، ٽا کائِن طعام خوشيءَ سان.

(7)

تَرکو جَن تَريون، ٻيا ڪونئر ڪُڙهيون ڪَچ ۾؛
تَن اَڄ لَڙهان لَڙکن موتئين، ٻيون سنديون سون سريون؛
زيور اَئون پازيب ٻئا، زريبان زريون؛
ڪينجهر ٻئي پريون اُنهن کي انعام ٽيون.

(8)

جَنين ڏُوءِ دَرا، ڪَچين ڪُمَ ۽ ڪُوٽيون؛
سي مٽي پيرين بَرهنه، هئا گانَدرَ سَيُ گرا؛
اُهي پاهان پاڻ پَرا، ٽيا سَمي جي سُهاڳ سان.

(9)

جي ڪونئر پَرن ڪُمّ َ، تن ناتو ناپي سان هئو؛
تَرِن جا تن تار ۾، ٽي رَوان ڪِيا رُمّ؛
پوءِ اچي تماچِيءَ جام جي، ٻئي در تنين جي ڏُمّ؛
جي هئا گو شائت گُمّ، سي پَلِءِ لڳي پَدرا ٽيا.

(10)

ٻِهہَ ڏوڏا جَن ڏاڄُ، قوت جنين ڪُمَ ڪوٽيون؛
انهن جو اَحتياج، ٿو تماچي ڪيڏو ڪيي.

www.freepdfpost.blogspot.com

(11)

نه ڪنهن رُوءِ نه رنگ، هئا بيهوا بُڇڙا؛
اڄ پڻ انهن جي ٿيا پيرن هيٺ پَلنگ
مِياڻيون معافي ٿيون، نه اَبوابَ نه اَنگَ؛
پَٽُ اوڍين اَڙينگ، سي سَمي جي سُهاڳ تي.

(12)

پوءِ ڪِيُون لَسَ پَلا، ٿي مُهاڻن ماريا؛
لَکَ هزارين حاڪمين، ٿي ڪاڏا تن ڪَلا؛
ڪُڙهِيون جن ڪَنڌن تي، سي ٿيا لڳِي پاڳ پَلا؛
دمڙي ٽَي نه دَستَ ۾، هَئا ٺهريَل ڪين ٺَلا؛
اَڄ مَيئن جي گهر مالَ جا، ٿيا ٿَمّ ٿَلا؛
پَر هُيڙي اکڙين ۾، ڪا جا مِيِيَ ڪَلا؛
ڪينجُهر گُهمن لاڏڪِيون، ڪَيون رسَ رَلا؛
اَڳلا جي سَڳلا، سَمي نانوَ سُڃاڻبا.

(13)

حَريران ۽ حُلا ڏنا ڇام ته ڇارِنِ وارئين؛
جي هيون اَڏوڻڏن ۾، ٽَن چوڻِيون چُوڪُلا؛
ڪينجُهر سَنديءَ جاءِ تي، تن بنايا بَنگلا؛
اَڳلا جي سڳلا، تا سَمي نانو سُڃاڻبا.

(14)

ڪينجُهر سنديءَ ڪَنڌئين، رهن پريون جي پَيُور؛
تن ميئن مٿي آئيا، سالو ۽ سالُور؛
ڇڙهيو سا جَوڏول ۾، ٿي حُڪم هلائي حُور؛
راتو ڏينهان راءَ جا، ٿيا مَلاحِين مَذڪور؛
سي حاضر منجهه حضور، وهن تماڇِيءَ ڇامَ جي.

(15)

تون سَمو سرتاجُ، آءٌ ميئي مُهاڻي آهيان؛
لاڻُئي پنهنجي لُطفَ سان، اسان ڪؤن اَحتياجُ؛
ڪينجهر سارو تو ڪيو، مون ميَي سندو محتاجُ؛
تنهنجو مون ڏنهن راج، مون ڪيهي ڪاڻ ڪُڙم جِي.

(16)

لانگوٽيون لاشون هيِون وَهَه وَهَلَ جي وچ ۾؛
سي پَلِءِ لڳي پوءِ ڇامَ جي، ٽيون خوراڪين خاشيون؛
لَعلَن ياقوتن جون، وَڻن ڪِينهن ڪَماشيون؛
جن پاسا هِريل پَنِ تي، تَن فرشين فَراشون؛
تا پِي تماچيءَ ڪي، ڪن طرحين تلاشون؛
روءِ هيون راشون، پَر سمي ڇام سُهاڻيون.

(17)

هئا خامَ خسِيسَ، ڪينجهُر سنديءَ ڪَنڊئين،
سي مورائو مَڇيءَ جا، هَمہ ڪُلّ حَريصَ،
تڏيون تنؤريون تن ڪي، پاڻاريون سپ پِيسَ؛
جڏهن ٿِي تماچيءَ جِي، ميئَن سان مجليسَ؛
سي سون رُپي سرسا ٿيا، لڻن هڪٻئي جي هيسَ؛
واتين ڪري ٿو اُن جِي، هر هر ڇامُ حديثَ؛
مهر آئون شفقت جي، ڏئي اُنهن ڪي آسِيسَ؛
تَن سان ڪير ڪَريندو ريسَ، جي سَمي ڇام سُهاڻيون.

(18)

جن واتين وَهُه وهَلَ، بانس آئِي ٿي بُڇڙي؛

www.freepdfpost.blogspot.com

تَن ويهاري وَتِ ۾، ڪيا شاهه شُغل؛
اُهي چڙهيا پالڪئين، آهي سَپ سَهَل؛
جتي جَهيرن جهوپڙيون، ٿيا ماڙيون تِتِ مَحَل؛
سمو ڇامُ اَنگَلَ، اَچيو اُنهن سان ڪَري.

(19)

ڇڇيءَ جِي هُئي چَتَ، ٿي آئِي عام خلقَ کي؛
وَهِه وڃائي وَهَه ۾، ميئي مڃائي نه مَٽ؛
نورِي ڇام تماچيءَ سان، ڪِلي چڙهِي هُئي ڪَتَ؛
سرلاڇو سَرپَٽ، مَلاحِڙ مَشرو ڏيکيا.

(20)

جنِين ڦاٽوڙيون هيون، گندين گودڙيُون؛
تَن پيريون بافتن جيُون، جُنگ ڏئِي جوڙيُن؛
اُڇيلو اُنهن ڏي وجهي، سون رُپو روڙيُون؛
پانوَ پاسي ميي جي، قَناتان ڪوڙيُون؛
گهوڙا ۽ گهوڙيون، ٿو ويٺو ڏيهاڙيُون ڏئي.

نوري
داستان ٽيون

(1)

نوريءَ ڪيو نازُ، ٿِي ريجهائي راوَ کي؛
نِت نِت ڇام نيازُ، ٿو اَچيو اُنهن جو ڪري.

(2)

تون تماچي ڇامُ، آءٌ مِيئي مُهاڙِي آهيان؛
ڏنو تو آرامُ، ڪينجهر بِن ڪنڌيُن کي.

www.freepdfpost.blogspot.com

(3)

تنوَ جي طنَابَ، اڄ ڪُتي ڪينجهر ڪنڌئين؛
ناد وڃن ٿا نادِري، ٻيا پِي رودَ رَبابَ؛
جِتي ڪِڪيءَ ڪوڙَ هئا، قيماتِت ڪبابَ؛
وَتن مُهاڻا مستَ ٿيا، ماڇي بي مهابَ؛
تَن تَوُن سپ حسابَ، مورائِين معاف ٿيا.

(4)

پَلَئه مون پاتوءِ، تون راجا لَڄَ رَهائيين؛
سَما سُجاتوءِ، ڪاملَ پنهنجي قُرب ڪي.

(5)

ڏُٹُ جَنين ڏوڏا، پَهرڙ پاڻوڙا تَنين؛
پِيڻا وَجن تن جا، گپَ اندر گوڏا؛
سو پَڌَن جي پِينگهُن ۾، تن لالُ ڏئي لوڏا؛
اُهي آڏيون اوڏا، ٿو وير وهاري وَڻ ۾.

(6)

ڪوجهيون رنگ ڪاريون، منهن نه موچاريون اُهي؛
سي ڪِيو ڪالورن جِيون، سر ڪَڻَن ڪاريون؛
ڪيئي ڪڍي اُن جيون، ٿو تماچي آريون؛
سي اَڄ شالون ڏِکِن سِرَ تي، ڪُلهين ڪِيناريون؛
زور چڏي زاريون، ٿو تماچي تَنِ ڪي ڪري.

(7)

لاڏ ڪيون لاڏ لُڌَن، ڪينجهر سنديءَ ڪَنڌئين؛

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪاريون ٿِيون ڪُڏَّن، سَمي جي سهاڳ تي.

(8)

ڏُلين کي ڏولئين، جام تماچيءَ چاڙهيو؛
لَعلان زمردَ تَن ڏئي، ٿو جواهِر جهولئين؛
زريءَ ڪَلاباتَ جا، تَن چِڪَم تي چولئين؛
چٽڪائي چولئين، هيرا لَکان لَکنئين.

(9)

هئا لانگوٽِيا لُول، ڪوجها ڪنهين نه ڪَم جا؛
تَڏي مَڏي ڪانَ تَن، سي ڪَن جَهروڪين جُهولَ،
فَرشَ فُروشَ اَئون غاليچا، ٿو ڏئي تَنين کي طُولَ؛
مَڏيون مال ڏسي اُهي، غمزا هٽن غُولَ؛
قَدرُ تَن کي ڪهڙو ، جي آهن اولَجَلُولَ؛
پيا اِهڙي منجهه اَلولَ، تِن جاريون جار وسايا.

(10)

ڪوئنئر جَن ڪُڙهيون، هُيون هميشه هٿ ۾؛
سي لوڙهن جي لَڙهه لءِ، ٿي لُڙئي منجهه لُڙهيون؛
جُهڪِن جَهل نه اُن جي، ڪونتلَن ڪُڙهيون؛
کي وَتَن چيڪ چُڙهيون، کي تازي طَويلن ۾.

(11)

هُيون لَسَ لانگوٽيون، پاٽيءَ پوندي جن جيُون؛
تَن مِياٽيون معافِي ٿيون، پِي چَر سَپا چوٽيُون،
اُن جون ڪٽي ڪيتريون، جام سَمو ٽوٽيُون؛
جوِ ميئون ريجهايئِ راوَ کي،
ماٽن سان موٽيون؛

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪَريون جي ڪوٽيون، ته پِي پيون پلئه جامَ جي.

(12)

ٽي پُڻ هُوءِ هُپيون، پورهيو ڪَندي پَن ۾؛
لَيڙَ نه جن لِڳَن تي ٻاهين ڪنَين ٻُڌيون؛
پَلئه لڳِي پوءِ جامَ جي، ڇيهن ڪانءُ ڇُڏيون؛
اُنهن لانگوٽِنِ لُڌيون، ٽي مُهران لَعلان لاڏَ سين.

(13)

بيهودا بي آب هئا، اڳي ڪينجُهرَ ڪنڌئين؛
پَلئه لڳِي پوءِ جام جي، ٽيا تنهن جا جوڙَ جوابَ؛
پِيا سَپ حرفَ حسابَ، مَلاحَن معافِي ٽيا.

(14)

پيرين اُگهاڙي جي گُهميون، تن لڳِيون سَوّ سُتيون؛
ساڻ جڙاوَ جُتيون، ٽي ڏنيون تماچيءَ تن ڪي.

(15)

مُهاڻيءَ مَرڪُ، جان تماچي طُريلُ ٽيو؛
مَٽي ميَي گلابَ جو، ٽو اوتَي پاڻ عرقُ؛
ڪيائين ڪونه فَرَقُ، پاڻُ ڳڏيائين گاندرين.

(16)

جَنِ مَون بُڇڙي باسَ، آئِي ٽي عامَ ڪي؛
تن سان سَمي جامَ جا، ٽيا ايڏائي اِخلاصَ؛
ٽي عامَ نه ڏٺو جن ڏي، سي ٽيا خاصاً خاصُ؛
عطر عَنبير ڪچور جا، اُهي وَڳِين ڏَين واسَ؛

www.freepdfpost.blogspot.com

لَکين ڪن لباسَ، زريءَ اَئون زَربافَ جا.

(17)

تون سمو سُلطان، آءُ ميئي مهاڻي آهيان؛
تون مون ڏُنهن مِهربانُ، مون ڪيهي ڪاڻ ڪُڙم جِي.

(18)

ڪَيو ڪالوڙا، ٿي آندئون اَتوبَنڌ مِ؛
جن پيرين لِتَر ڪونه هو، سي ڪن جڙائو جوڙا؛
تن مُهران سون سَمو ڏئي، پيا رُپي جا روڙا؛
ڏينهن مِ ڏوڙا، ٿئا سَمي جي سُهاڳَ سان.

(19)

ٿِي لانگوٽين لوڙ، پيو ڏويو ساريءَ ڏَنڌَ مِ؛
ناپي ءِ ڏُٽ ڏَپَ جا، آڻيو ڪَنِ اَروڙَ؛
تتي مُشڪ عطر ٿيا، هئا جِتِ ڪِکيءَ جا ڪوڙَ؛
سي ڪن ڪِينارئين ڪپڑا، پيا جواهِرَ جوڙ؛
مَٿي بَنڌي موڙ، گِهڙيو تماچِي تَن مِ.

نوري
داستان چوٿون

(1)

مَڪَ برابر نه ڏيان، توڙي پَرين موتئين ماڙِ؛
جو مون ڪميڻيءَ ڪاڻ، چارو چامَ ڪُلهي ڪنيو.

www.freepdfpost.blogspot.com

(2)

چامَ ڪنيو چارو، مُرڪي مَلاحن جو؛
تيلهان مَڪَ مٿي موتِن جي، ڏيان ٽِيڻو ٽُرارو؛
سڀ ڪينجهُر ڪنارو، مُهاڻن معافي ٿيو.

(3)

موتي مٿي مَڪَ جي، وڻان نه ٻِيڻا؛
پِي برابر نه ڪريان، جي ٻيڻا ڪِي ٽِيڻا؛
اَسين تا هِيڻا، پَر چارو چام ڪُلهي ڪنيو.

(4)

مَڪَ موتين تي نه ڏيان، توڙي هُئن پاتون پاتِ؛
ڪوجهِي مان ڪَم ذات، پَر چارو چامَ ڪُلهي ڪنيو.

(5)

هئا ٽولاڪين ٽوڻَ، پر نادر چام نوازيا؛
جَن ناپا لوڙهه ڪَلور ٻيا، ٿي ڦَڪيائون ڦوڻَ؛
سي اڄ ڪِيا وَڻَن خمارَ مِ؛ اَنئِي پَهَر اَلوڻَ؛
ڪِينجهُر ٻِن ڪنڌيُن مِ، ٿيا لانگوٽيا لَک لوڻَ؛
پِينگهين اَئون سُک آسَٽين، ڪَن جَهيرا جُهوڻَ؛
هِڪُ ڪُلهين ڪونئر سئيل ڪَن، ٻيا منهن لائِن منهن سُوڻ؛
ڇڇِيءَ هاڻن ڇوڻَ، ڪِون مَرد مِياڻيون.

(6)

جن ٿي ڦَڪيا ڦُٽ، ٿيا ڪُلين قيمَن هيروان؛
اَڄ تَن دُشالا سِرَ تي، ٻيون شالون ٻڌَن ٻُڻَ؛
زمرد اَئون ياقوت جِي، ٿي لَعلين هيرين لُڻَ؛
سَمي سڀ معافِي ڪئِي، تَن سائِن تان سَڻ ڪُڻ؛

www.freepdfpost.blogspot.com

لَٹا ڏِيل اُنهن تَون، ٻي ڪُلّي ٿِين چَر چُٽَ؛
عيبَ ڏسِي عامَن جا، ڪيائين ڪان اُپَٽَ؛
اُنهن جامُ اڪُٽَ، موتي ماڙِڪ ٿو ڏئي.

(7)

هيڏ مٿي پوتِي، هئي ماڳين مهاڙِنِ ڪي؛
پاڙيءَ پوندي تَن هُئي، جِڪَ جيهي چوتِي؛
اَڄ گاندر سِر گلابَ جي، ٻي عطر عنبر اوتِي؛
مُنهن لَڳُس موتِي، تان جهولي ٿِي جواهِرَ ۾.

(8)

چارو چام ڪڍي، ٿو مُرڪيو مَلاحن جو؛
زريءَ اَئون زرباد لَئي، ٿِي چُڳير چٽَي؛
سَهجَون سون رُپا ڏِئي، ماڙِڪَ مِيي مَڙي؛
خِيما خوب قناتان، هيجَون تِت هَڙي؛
ڳاڙاتي نه ڳڙي، ڏي جالَ جواهرَ تَنِ ڪي.

(9)

تماچِي طُرا، ٿو سڏيون ٻڌائي اُن ڪي؛
سي شوق وَتَن شِڪار تي، ڪنيون زور زُرا؛
ڪُڏائِينِ ڪُرا سي ٻنهي ڪِينجهر ڪَنڌئين.

(10)

راتو ڏينهان ڏِبِ، هو مَرَڪُ مَلاحن جو،
ٿي ٻوڙيون وَهَه وَهل ۾، ڪِئِي جَهٻيرن جهِبَ؛
هو روز جَنين جي ربَ، سي اَڄ ڪُلين حلون هيروان.

(11)

www.freepdfpost.blogspot.com

مُهاڻِيءَ جي من ۾، نه هو ڪِيرَبُ گاءُ؛
نيڻن سان نازَ ڪري، ريجهايائين راءُ؛
سَمو سَپِني کانءُ، وٺي وَيٺي پاڻ سان.
پَلئي لڳِي آهيان، آهيان اَياڻي،
سمي سُجَاڻِي، ڄارو ڄارو ڪُلي ڪنيو.

(13)

هُئِي ويٺي بازر وچ ۾، هُئا هٿ ڪِڪِيءَ هاڻَس؛
درَن ڪاڻ دُبَن ۾، ٿي پَنَ وِڌا پاڻَسِ؛
هُئي مُهاڻِي ماڻَسِ، پر هِن سان ڪَرم ڪَريم ڪيو.

(14)

ٻيون ٻِي چار ڄُري هَليون، ٻُڌي دعوا دانايُون:
"هلي ته ڪِڪيءِ کوڙ سان، ڳچ ڪِي ڳالهايُون؛
مضمون ڇا هي مَلاح جو، جنهن سان راءُ ڪٽي رايُون!"
نوريءَ اَڳِيون نازَ مون، جڏهن ڇِڻِ اکيون ڇايُون؛
تڏهِن سُهمجي سايون، ٻوليندين ٻاتِيون ٿيُون.

(15)

لَٿو لانگوٽين جي، پَکي ڄامُ ڄُلِي؛
مَنهِن مَنَهِن ٻيون مَسندان جُهڳِي پاس جُهلِي؛
ماڻِڪَ ۽ موتئين، ڇولِي ڇولِ ڇُلِي؛
ڪِينجهُر سپ ڪُلِي، جَڙ اَصليءَ کَوڻ اَهڙو هئو.

(16)

فارغ ٿِيَن نه فِراقَ کَون، ويجها ڪين وصالَ؛
گُم ٿِيَڙ کَوڻ گم ٿِيا، نِڪا سُرت سَنپال؛
اتي قِيل نه قال، "سچو" صُمّ بُڪُمُ ٿيا.

www.freepdfpost.blogspot.com

بِسم الله الرّحمٰن الرّحِيم

مارئي

داستان پهريون

(1)

ساريَم اَڄ سَنگهارَ، جن ڏٺي مون ڏينهن ٿيا؛
سي لَکَ لَنگهي پيهِي ويا، پانورَ منجهه پَنهوار؛
هَٿِي وينا پَکڙا، هُتِ سُکِ ٿي اُجَڙوارَ؛
جنَ جي ساه سنپارَ، سي اَڄ پَنهوارَ پَري ٿِيا.

(2)

پَنهوارن پيغامَ، جيڪَر مُکا تَڏهين؛
پَر مون کان اَڄ پَري ٿيا، ويڙهيچا وريامَ؛
تيلهان مون ڏي نه آيا، ڏنهن سنگهارَن سلامَ؛
هئا ملير مُدامَ، پر ڪو سانگِن اَچي سانگُ پيو.

(3)

تڏهن مُکئون جيڪَر، مون ڏي خاصا خابَرو؛
لَهَڻ سُڌِ سَنگهارِ جِي، نَکو پاندي پڻيائون؛
پَرَ پَري شايد پنهوارَ ويا، جو سُڌ نه لَڌائُون؛
پَکا پانوَر ڪَنڌئين، نئين هيجوڻ هَنيائُون؛
ڇڏي مُلڪ ملير ويا، هُن تَرِ تيلهائُون؛
ائين اُتائُون، ته هِت ڏَرُ ڏريجو ناهه ڪو.

(4)

ڪڏهين ڏيهه ڏنامِ، ٿي ساعَتَ ساعَتَ سومرا!

www.freepdfpost.blogspot.com

مارو ڪالھه ملير ۾، پَر پَري اَڄ پيامِ؛
آھِن ڪِينَ اُنھن ريءَ، اَکڙيون ۾ آرامَ؛
سَدا وتن سِکنديون، پَر سانيڻ سُوَر ٿيامِ؛
سي پُڻ ڪيڻ وِيامِ، جَن سان گِرھيمِ ڳالھڙيون.

(5)

جي ھوند اُتيئي، ھئا ماروئڙا ملير ۾،
سُڌ لڏائون سِگھڙي، حال ٻُڌي ھيئِي؛
پَر ڏَر چڙھي ويئي، جيڪُسِ وَسئن ويڙھيچن جي.

(6)

اَجا ڪالھُون ڪالھَه، ھُيس مارن گڏ ملير ۾؛
سي ڏينھن وِيڙا گذري، جَڏ منجھه خوابَ خيالَ،
اڄ پرئين ڪنڈئين پکڙا، جوڙي ويٺا جالَ؛
جن جي ساھَ سنپال، سي اڄ پنھوارَ پري ٿِيا.

(7)

ھِيءَ وَس ڇڏيائون، ھُن وَسِ ويا واھَٽِين؛
پَکا پانورَ ڪَنڈئين، نَئين عُمَر اَڏيائُون؛
پَڏي اوريان پَکڙا، وڃي ھُنَ ڏَر ھَنيائُون؛
پانوَرَ سَنديون ڪَنڈيون، وڃي اُتي واسيائُون؛
ڇڏي مُلڪ ملير جو، ويا ڏَريچا تائُون؛
اُڪنڊ جن آئون، سي اَڄ پنھوارَ پَري ٿيا.

(8)

ٿيا پنھوارَ پري، آءٌ ڪنِ کي ڏوراپا ڏيان؟
اُنھن ٻاجھوُن مارُئي، ڏِي مِلِڻ ھِت مَري؛
نئين قَبرَ ڪَري، ڪو اوڏي اباڻَن کي.

www.freepdfpost.blogspot.com

(9)

جي پيڪَن پوءِ پيامِ، سي تا ڏکيا ڏينهڙا؛
هِيئن نه پائڻُ کا هُيَمِ، تا کي هيئن ڪندامِ؛
پَرَ وڃِي ٿرِ ٿيام، سي سُڌ لَهندڙ سومرا!

(10)

پري ڏينهن پيانِ، جيڪُس سانگِن کو سانگُ پيو؛
پکا پانورَ ڪَنڌئين، ٿرؤن ڏور ٿيان؛
هوند ڏوراپا ڏيان، پَرَ پَنهوار پري ٿيا!

(11)

پَري ٿيم پنهوارَ، جَن وري وَرَڻُ، ٿيو؛
ڏيان ڏوراپا ڪَن کي، ٿيا سِهج ڪاڻِ سنگهارَ؛
عُمَر اُبِائون اَهِ مون، جو دم تَنهنئون ڏارَ؛
اُهي اُجَڙوارَ، مانَ مَلائي مُون ڏٽِي!

(12)

پَرئين ڏَر پنهوارَ، جيڪُس وڏو، ڇِڻُ ڪري ويا؛
ڪڏهن ايندم اوڏڙا، سومرا سنگهارَ؛
رڻُ ڇڏي ريڍار، مَن ڪَرن مهڙ ملير ڏي!

(13)

پانورَ پاس پيا، وڏا ڏوڻِن ڏينهَڙا؛
ڏانهر وڃي ڏَرَ ۾، ڏَريچا ٿيا؛
لنگهي ملڪ مَلير جو، ويڙهيچا ويا؛
عُمَر ايڏي پَنڌ تي، ڪنهِين سانگ نِيا؛

www.freepdfpost.blogspot.com

قادر شال ڪِيا، مون کي ويجها واهَٹِين!

(14)

اَڻم سارَ سَندين، پَرَ اَج پنهوار پَري ٿِيا؛
مشڪل موڙڻ تَن جو، جي هي لَڪَ لنگهِين؛
وري هيج ورينِ، جي سانگِنِ ڪو سانگ پيو.

(15)

جي لويُون يَڪي لوءِ، ڪڏهن اِيندا ها آجڙي؛
اَج هڻي پَکا پانورين، عُمَر ويڻا اوءِ؛
تَن پنهوارن پوءِ، موڙِي اَچڻ نه ڏيو.

(16)

جي هُوند اُنهِين جاءِ، هئا اَباڻا اوڏڙا،
ته هِنَئون اَڳي وَسَ ڪِيا، تَن منهنجي اَچڻ لاءِ؛
پَرَ اَتَن عِتاب نه آءِ، جي ڏوري ڏَر چَڙهِي ويا.

(17)

جي اوڏا هوند هيام، ماروئڙا ملير ۾؛
ته پڻ پيغام فراقَ جا، مارُنِ ڏَنهُن مُڪامِ؛
پَرَ پَرئين ڏَرِ ڏيامِ، ناهِ عِتاب اُنهِن تي.

(18)

لنگهي مُلڪ مَلِير جو، ويا پَرئين ڏيهِ پنهوار؛
تَن موڙي اَچڻ جِي نه ڪئِي، اَي سومرا سردار؛
هاڻي ساريو هِتِ سَنگهار، ڳچَ هِنيانءَ ڳريو پَون.

www.freepdfpost.blogspot.com

(19)

چاهُون چَڏيائون، نه چاٽان مُلڪ مليرِ جو؛
پَڪا پانوَرَ ڪَنڌئين، نَئين عُمَر اَڏيائون؛
اَڻَئِي پَهَر اُباٽِڪِي، اُنهِنِ ري آئون؛
ڪو موٽي ڪائُون، مَنَ ماڻهو مُلڪَ مليرِ جو!

(20)

اَڄ نه حوضين هُوءِ، مارو نانهِه مليرِ ۾؛
ايندا هئا اَجڙي، ڪَليُون ڪَنيو ڪُوهِه؛
جيڪُس مِيان پَرَ جُوءِ، اُهي ويا ويچارا واهَٽِين.

(21)

عُمَر اَباڻي پارَ جي، فانِي ڪَيَس فِراق؛
جي هُئا ريجاٽين رَهاڪَ، تَنِ ڏَرِ وجي ٽاٽا ڪيا.

(22)

ٿي گڏ ڪَيُم گُزرانُ، جَنِين جهانگِينَڙَن سان؛
ڪاڻي اَڄ اُهي ٿِيا، سومرا سُڃاڻُ؛
ڪاڻي پيس آءٌ اَڇِي، آهِه اِهوئِي اَرمانُ؛
حَيرتَ ۾ حيرانُ، آءٌ اِنِهينءَ تان آهيان!

(23)

مُون جاليو سان جَنِ، موٽِي تَن نه پُڇيو؛
حالَ هِنَ جون خَبران، پيون هُوندن ڪَنِ؛
پَڪا پانوَرَ ڪنڌئين، توڙِ هنيان اَڄ تَنَ؛
ڏيان ڏوراپا ڪَنِ، جو سَنگهار ئِي ساڻيهه ٿيا.

(24)

www.freepdfpost.blogspot.com

جيڪس سنگهارَنِ، اُهو ڏيهه وڃِي ويو؛
وري هيڄ وَرَن، جي سانگِنِ ڪو سانگُ پيو.

(25)

جيڪُس سَنگهارَن، وري وَرَڻ نه ڏيو؛
عُمَر اَباڻَن، هُو اَڄ ڏيهُ وڃِي وَيو.

(26)

ويجهائِيءَ لَئه وِجهُلان، سَنديءَ اَباڻَن؛
اُهي هميشہ هُئن، جي سُڌ لَهن سپ حالَ جِي.

(27)

ڏينهن اُتي جا ڪي، اَڄ اَڇي مون ياد پيا؛
پَهُون پنهوران جون، صبح ويلي سي؛
اُٿيا اَچن آبَ لءِ، مٿي اَنهه اُهي؛
هئا اُڏلَ جهانگِي جي، تَن سانگن ڪو سانگِ پيو.

(28)

آريُون اَباڻَن ري، ٻِئا تان ڪٽندم ڪير؟
هي جي ڳَهَه ڳِچِيءَ جا، ظالمَ پانيان زيرِ؛
سَنگهارنِ ساويرِ، مِلان شال مليرِ!

(29)

ايندم اَباڻا، ڏُورِ لايا جَن ڏينهڙا؛
ڪير سَهندم سومرا، ري مارئڙن ماڻا؟
هاڻي نه ڃاڻان، ته ڪا موڃِي ملنديس مارئين.

---

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 1

سومرا سائين توکي، وو، ڳالهيون چونديَس آءٌ حالَ جون، هوءِ هوءِ!
عمر اباڻي پارَ ڏي، ڪِرڙ ڪوريا ڪي، وو،
ڪوڪَڙ چونديان ڪانڊَ سان، پٽ چڙهي پيڪي، وو.
سِگَّرَ ڪِيَن سڏڙا، سَئين جا سيڪي، وو

(2)

جاليم جن سان ٿي وو، تا مارو ڪيڙ وِيا؛
- هوءِ هوءِ حالڙو ڪنهن سان ڳهيان!
پَڪا پٽي اُتهون ويا، پَرئين پنڌِ ڪٽِي.
راتو ڏِينهان روح کي اوڏنهن گُهرَ گهِڻي.
گهڙي جا هِت گهاريان، سا ويڙهيچن نه وَڻِي.
جهليان شالَ وڇِي اُن پَنهنجن جِي به پَڻِي.
مون من ماندو مارئين، ڇاڻي هڪ ڏٽِي.
پڪا پانوَر ڪنڌئين، هو وينا حالَ هڻِي.
جدائيءَ ڪَون جهانگيڙن جي منهنجِي بابِ بڻِي.
‘‘سچو’’ سنگهارن جا هِت ويڻِي ڳڻ ڳڻِي.

(3)

ڪانگل ڏج سنيهڙا، مان ويراڳڻ آهيان!
اوهان ٻاجهُون آءٌ گهٽيري، مَحلَن مٍ مُسجان.
قسمت قيِ الماء جي ايرادي آهيان.
چانور چا چورمان، اَڇِن نِتِ نوان.
ڏَونرا پُسيون ڏيهَه جا، ساريون هِت رئان.
زهر پيالا سوز جا، اوتيون آءٌ پيان.
اوهان ٻاجهون سپرين، مَران آءٌ ڪِي جيان!
ڏَڪَن ڪارڻ ڏيهَه مٍ، نِپايَس اَوهان.
‘‘سچو’’ اَڪڙين مَؤن، ميان، هاري رتُ رئان!

www.freepdfpost.blogspot.com

(4)

متان منڌ مارُن ٿَون، وهين آسرو لاهي!
بَنڌُ تُنهنجي بابَ ۾، اَصلَ ڪوڻ آهي.
سَگُ اسان جو سومَرا، ڇِنَڻ جيهو ناهي.
پِرين نِيندا پاڻ سان، سگِر ڏي ساهي.
نَيَر َ هِي جي نِينهَن جا ڪير سگهي لاهي.
رکج منهن مليز ڏي، ٺاه نه پِيو ٺاهي.

(5)

وري آءُ وطن، منهنجا ساريون نيڻَ سِکَن،
- موٽ سلامت سپرين!
اکڙيون اوهيرا ڪَري، واٽ ڏسيو وجهلَن.
پِريَن پرديس لاءِ، جهوريءَ نيڻ جهِڄَنِ.
عمر اَباڻي پارَ ڏي، وڃون ٿيون چمڪَن.
ميڙائي جا مَينهَڙا، ويجهو شال وَسَن.
الله آندا مون پرين، دارون درد مندن.
"سڃل" سِکَ سبيل ٿِي، پارئون جا پِريَ.

(6)

مون تا چيو تو اڳهين، نه تون دل ڦاساءِ!
آهون دانهون چو ڪَرين، سَبَر سيڻَ سَنداءِ.
ڪُڇ ڪنهين سان ڪينڪي، بولِي بي نه بڌاءِ.
وِڇڙيا گڏُ گڏي پِرين، ڪو والي ورق وراءِ.
ٿوري گهڻي ڏينهڙين، ڪندءِ ماڙ خداءِ.
سانگِي ويڙا سانگ تي، پنهنجي سانگِ سُڻاءِ.

پلٹؤن ڇاڻِي پريت مؤن، ڪوهه ڪَرين هاءِ هاءِ.
”سچو“ سُپرينءَ لاءِ، ڪوڙين ڪانگ اُڏاءِ.
تو پئي ساريو جن کي، تن پِي سِکَ سنڌياءِ

مارئي
داستان پيو

(1)
عمر اَباڻن ۾، لَڏَم لائون لالڙئين؛
ڪُهه موتِي مالَهڙئين هارَ گهوريا هِن حالَ تَون.

(2)
جو ڏاڏاڻو ڏيہُ، مُونهؤن مور نه وسري؛
سو ڏاتَرَ لَئه ڏيکار مُون، سومرا ساڻيہُ؛
ريءَ پنهوارن پَڏريہُ، هِيءُ مِڙيوئِي پائيان.

(3)
ڏيهه ڏاڏاڻي، شل سِگهي ويندیس سومرا؛
مون کي ماروئڙن ۾، ڇڏ عمر اُماڻي؛
ڏينهن ڳُذري ڏکَ ۾، ٿو ڇاڻيندڙ ڇاڻي؛
سُکَ ڏکَ سنديون ڳالهڙيون، وڃي اوريان اَباڻي؛
نه ته لهندڙ سِگهڙا، الله اهي آڻي!
جو هُن بِنا هاڻي، گهڙي هِت نه گهاريان.

(4)
وَس نه وساريامِ، سُرها وَڻَ ساڻيهہ جا؛
اُهي هيڪَند ڏينهڙا، ٿي گڏجِي گذاريام؛

ياد ڪيون سي ڪيترو، سانگِي سنپارياڻِ؛
اوڏنهن اُڏاريام، ڪَلّ َ لَهَڻ لَئه ڪانگڙا.

(5)

جهڙي هُيس مَلير ۽، جي هِت ٿيان تِهڙي،
پَرَ ڳالهه ڪَريان ڪهڙي، جو قابو رهيسِ ڪوڻَ ۽.

(6)

هُيس ڪير ملير ۽، هِت ٿِي آيَسِ ڪيرَ؟
جيڪُس پيڙَمَ پيرَ، فقط لَگِ فِراقَ جي.

(7)

ڪاڻي آءُ هُياس، ڪاڻي آيَس سومرا؟
هُتان هلِي هِتِ اَچي ، پورَن مِنجهه پياس؛
هنجن هابُ ڪِياسِ، وڇوڙي جي ڏينهڙي.

(8)

شال نه رهن ڏورِ، هُئن اَباڻا اوڏڙا!
ميان تَن ريءَ مورِ مون هِت جالُ نه ٽُئي.

(9)

ڏوڻِي ڏورئون ڏورِ، عمر اَڄ مون کي ٿيا؛
سُمهڻ جاڳڻ سورِ، مون گذارَڻ آئيو.

(10)

جڏهن آءُ ڇاياسِ، ڪنهن وَڻِي وِهَ جي نه ڏني!
جڏهن سامایاسِ، تڏهن آيَس اوراتَن ۽.

www.freepdfpost.blogspot.com

(11)

هي سامائِجڙ گهوريو، جنهن بت ڪَيو بيروُن؛
وڃي شَلَ ويڙهيون، ڏِسان ڏوٿيَڙن جون.

(12)

ڏٺي ڏوٿيڙَن کي، گهٽا ڏينهن ٿيا؛
جالڙُ جُدائِيءَ ۾، جيڪي پَلَڪ پئا؛
سي وڃاند ويا، سارا سنگهارن ري.

(13)

هُت ٿا لوءِ لُڇَن، سُڃِي ڳالهيون سومرا؛
پيهي ڪِئن نه پُڇن، جي هُئن اَباڻا اوڏڙا!

(14)

پاڙو پاڙي ساڙُ، شَلَ هُئان اَباڻن جي؛
پکي تَن جي پاڙُ، آءٌ تا سُکيو پائِيان.

(15)

مون کي رَبّ ُ رکي، شل پَردي ساڻ پناه ۾!
ته هئان منجهه پکي، عُمَر اَباڻَن جِي.

(16)

پَردي منجهه پناهَ، مون کي رَبّ َ رکيج!
اُڪنڊ هِن اَرواحَ، آهي اَباڻَن جِي.

(17)

ڏِسي کيڏَ کَڃِي، ويا ماروئَڙا ملير مَون:
پَکا پانوَر ڪنڊئين، وينا جالَ هڃِي؛

اڳي پنهوارن پاڻ ۾، ٿي اِها ڳالِهه ڳٽي؛
هِت رَتِي رهَڻ ناهِ ڪا، ڇاڻي هِڪُ ڏٽِي؛
جا عادت زور ظلم جِي، هيءَ حَمير وَڙِي؛
رَعيت جي رَنجڻ جِي، ٿيس گُهر گهڙِي؛
هاڻ بَرسَر هِيءَ بَڙِي، سنگهارن تي سومرا.

(18)
پَلَڪ نه ٿيان پاسي، شَل عمر اَباڻَن کَؤن!
گَڏُ گڏين ها سي، سپن سان سي سمورا.

(19)
ڪاڏي اَڄ رهي، آءٌ ڪاڏي اَباڻان؟
هاڻي نه ڇاڻان، ته ڪا موڻي مِلندس مارئين.

(20)
اَجا نه آيا، سنگهارا ساڻيهه جا؛
ڏينهن جَهجها لايا، پانورَ پنهوارن پاڻ ۾.

(21)
جيڪس نه آيا، سنگهارا ساڻيهه تي!
نه ته ڪيتن خابرو، تَڏڙهئين هَلايا؛
تن ڏينهن وڏا لايا، وڃِي پانورَ ڪنڌئين.

(22)
وڃن تا مَ پري، شل اَباڻَن اوڏي هُئان!
جو سُڌِ لَهَن مون سِگهڙي، ذري منجهه ذري؛
اکيون آب پَري، ٿي ويجهائيءَ لئه وجُهلان.

www.freepdfpost.blogspot.com

(23)

بيوسِي آهيان، هِن ماڙن ۾، ماروا!
وِساري ويهي رهيؤ، ڇڻ منجهانئِوَ ناهِيان؛
لالچ نه لاهه، پَسَڻ پَنهوارَن جِي.

(24)

موٽِي شال اَچن، ماروئڙا ته مَليرَ ۾!
اَچڻ سندي تا ان جي، ڪَر پوي مون ڪن؛
تا سپيئي سُک ٿين، گوندر وچن گڏُي.

(25)

ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هَٿ مُنجان مارُئين؟
ته وساري ويهي رهيو، حال ڀڏي هيئي؛
مِڙي اَچو مون گهرين، آهيو جهانگيڙا جيئي؛
جي آهيو اتي ئِي، تا لهو سُڌِ سنگهار جِي.

(26)

موٽي ماروئڙن، سُڌ نه لڌي ساهَ جي؛
لاهي ڇڏيو دل ڪوڻ، اَديون اَباڻن؛
ڪنهن ڳُڻون سنگهارن، جيڪُسِ ويڙسِ وِسري.

(27)

ڪي ڏينهن هُيس قرار، مارُن گڏ مليرَ ۾؛
درد نه هو ڪو دِل ڪي، هُيسِ مِڙَن ۾ مختيار؛
رِيءَ اَباڻن آرِ، هاڻي ڪنديَس ڪَن سان.

(28)

اَڄ ساريم سنگهاري، جَنَم لنگهايَم جَن سان؛
هيءَ وڇوڙي تَن جي، ميان هِت ماري؛
عمر سپا مون سانگئين، ٿِي گڏجي گذاري؛
منهنجي پار پنهوارَ جي، آهي تاڪون تياري؛
هاڻ لکي منجان مارئين، هيءَ حقيقت ساري؛
ڏِينهن هيترا ڏوٿيو، ڪِيئن اوهان وِساري؟
جيڪُس ڏُرئون هُئِي ڏاري، تيلهان ويَڙَوَ وِسري!

(29)

منهنجي مَن ميان، هِن ڳالهيون ماروئڙن جون؛
ڏُٹ ڏاڏاڻي ڏَيهه جو، وجي خوشِئون هُت ڪِيان؛
ڪائِي ساعت سومرا، جهانگِن ري نه جِيان؛
وجي ٿر ٿِيان، شَلَ سَنگت سنگهارن جي.

(30)

ويجها جڏهن هُئام، ماروئڙا ته مليرِ؛
تڏهن ڳالهه احوال جي، تَن ڪَنين ڪين وڌام.
هاڻ وڃِي ٿرِ ٿيام، اُهي سڌ لهندڙ سومرا.

(31)

ٿيا پنهوار پَري، آءٌ ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي؟
وَهندو شالَ وصالَ جو، ڪو پڻ واءُ وري،
نَئي گڏ ڪري، سو مون کي ماروئڙن سان.

ڪافي 1

مارن ڏي آءٌ وڃان وڃان! هادِي اَللهَ، الو پِلو!
لاوان لهنديس ڪيت پنهنجي سان،
سرتيون ٿيندیون مون جَڃان جَڃان.

ڪَڊِ بندياڻي بند مؤن، ڪُرف ڪڙا ٿِي پَڃان پَڃان.
واڻَ جنهين کؤن سانگِي ايندا، سائِي واڻ مان وڃان وڃان.
”سچو“ سائِل آهي اوهان جو، سِرُ سائينءَ اڳيون سَڃان سَڃان.

ڪافي 2

لَڃايان نه لوئِي، وو، عمر آنديم جا اوڏانهون!
جا تا ملڪَ مليز ڏنهن، قاصِد اَچي ڪوئِي، وو.
سارو سنگهارنَ ڏي، حال منجان روئِي، وو.
وجهان ٻَرندِيءَ باه ۾، شالون پَٽ سپوئِي، وو.
ڪٿِي ڪَنيَم ڪِيئن جي، اَڏوٻَڏ جا هوئِي، وو.
آنديم ڪٽِي ڪوهَ تؤن، آب پَري اوئِي، وو.
پِيَڙ ڪاڙ پنهوار جي، ڪَلي مُون تان ڏوئِي، وو.
اهڙي اڳي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪِيڙي توئِي، وو.
مون سان مدد ني ڪندو، ”سَچو“ صاحب سوئِي، وو.

ڪافي 3

غم ۾ ڪِيئن نه گذاريان، اَديون، تن وچؤن مون کي ڏينهن پيا!
ميان مُلڪَ مليز ڏي، ڪنيو نيڙ نِهاريان.
پَڪا پنهوارن جا، ساعِت ساعِت سنپاريان.
راتيان ڏينهان روح ۾، ساهيڑين کي ساريان.
وَسُ جي هو ڪو منهنجو، گڏ هُنِ پاڻ قطاريان.
پَٽ پنهنجِي پاڻهين، پنهوارن سان پاڙيان.
ياد ڪيو سي ڳالهيون، پنهنجو پاڻ ٿي ڳاريان.
موڪل ڏينم مٽين مِڙان، گهڙي هِت نه گهاريان.
بَڪَر ٻاٻاڻن جا، چَهرائِيءَ سان چاريان.
جي مون روحَ رڳن ۾، ويڑهيچا نه وساريان.
جا لوئِي آنديَم لوءِ ڏنهن، عمر شال اُجاريان.

www.freepdfpost.blogspot.com

حال پَسي هيءُ پانهنجو، ماروئڙن لڳ ماريان.
پَٽَ پَٽيهَرَ گُهوريا، طولَ پايان تلواريان.
ڪَر لَهَڻ لَئه ڪانگڑا، اوڏنهن روز اڏاريان.
”سچو“ سنگهارن ڪَوڻ، هِي سِر هڏ نه واريان.

ڪافي 4

وينا منهنجيون ڇالهيون ڪن، هُت ماروئڙا به ملير ۾!
عمر آنديئي مارئِي، تاسف ڏيئي تَن.
سَدا آهِن سومرا، مارو منهنجي مَن.
مون جيڏيون ملير ۾، چانگن پاسِ چَڙن.
چڏي پانور ڪنڌيون، مَنَهيون اوري اَڏن.
”سچوءَ“ جي سَريرَ ۾، ويڑهيچا ٿا وسن.

ڪافي 5

شالَ نه وِسارين، مارو مون کي، شالَ نه وِسارين،
ـــ درد جنين جو آهي دل کي!
اَنئِي پَهر اوڏهون، نيڻَ ٿا نهارين.
پَهون پنوهَرَ پانهنجا ويجها وهارين.
جوڙُ اسان جا جهوپڑا، ماڙيون ٿيون مارين.
هر دم طلب جون تن ۾ تارون تنوارين.
سنگهارن طلب جون ساه کي ڇالهيون ٿيون ڇارين.
”سچو“ سارين جن کي، سي پِي تو سارين.

مارئي
داستان ٿيون
(1)

www.freepdfpost.blogspot.com

جهانِگيڙن لَئه جِيءُ، هِت عمر آهه اُباڻڪو؛
نَئِي گڏائج اُن سان، حال پنهنجو تا هيءٌ؛
سانگيڙن ۾ سيءُ، آهه اَجا توڙِي تانهنجو.

(2)

ڪونه وري آيو، ماڻهو مُلڪَ مليز جو؛
جو ڪِيئن جون ڏُئي خبران، ساڻِي سَوايو؛
ڏورائيءَ ڏوڻِن جي، هيءَ مون کي مُنجهايو؛
ميان ماروئڙن جي، هِت طعنن تپايو؛
ڪر سومرا سايو، ته وڃان ويڙهيچن ڏي.

(3)

قاصد آيو ڪونڪو، ۽ ڪونه لکيائون خط؛
جيڪُس هُيس ڪينڪي، ريگستانِن رَتُ؛
پنهوارن پاهَتُ، تيلهان مون سان نه رکيو.

(4)

قاصِد آيو ڪونه، ريگستاني راجَ ڏهُون؛
جو تو مون کي تارِ ڪيو، سومرا ۾ سونَ -
ليهه پتو روحَ کي، هُت هَي هَي جيڪس هو نه!
چيهون هِتي چو رهِ، ٿيان اَهڙن عتابن سان.

(5)

پنهوارن پيغامَ، اَج ڏُئِي مُکا مُون مَٽين؛
"ڪڏهن آيا ڪينڪِي، تو ڏُنهن هِت سلام؛
"ڪائِي اتي محفوظُ ٿئين، طرحين طرحين طعامَ؛
"پيرُون چوندِيئي پَتَ جا، ٿي ڪڏهِن لاڙيو لامَ"؛
"ڏسي عيش انعام، اج اُهي ويلان ويڙهي وسري!"

(6)

پَري ٿين نه شالَ، هُئن اوڏائِي اَجَڙِي!
اُتي ويڻي اُن جا، اَٿم خَواب خيالَ؛
سدا سانگيڙن جِي، مون کي ساه سنڀال؛
هِت مون ههڙا حال، هُت عَتاب اُنهن جا.

(7)

عمر مون ڏي آئيا، اَباڻئون عتابَ:
“ٿيئن اتي تون مارُئي، کائِي خوش کبابَ”؛
هِت مون اکيون پنهنجيون، جهيلون روئِي آب”؛
جهوريَس هِن جواب، ويڙهيچن وساريو.

(8)

مُنجن هِيئَن چَيون، مون ڏي مارو سومرا:
“وڃي عمر ساڻ تو، ڳالهيون کالهه کيون؛
“سي پُڻ پنهوارن ۾، پَڌر هِت پيون؛
“اِهي پَچارون تانهنجون، ويڙهيڇوئن نه ويون؛
“کيتن هاڻ کنيون، پکيُون ملک ملير مَون.”

(9)

کو نئين نِياپو، منهنجو ماروئڙن ڏي؛
“مون ڏي اَوهان موکليو، ڏيئي ڏوراپو؛
“ته لوئِي لاهِي سِر کَيُئي سونَ رُپي چاپو؛
“مون کوڻ وسري کين ويو،
آهي جهڻ اُهو جهاپو؛
“اِينديَس سِگهي ايڏهين، لاهي لاڳاپو؛
“مولِيٰ ميلاپو، کندو سِگهڙو سنگهارن سان.”

(10)

آءٌ پُڻ چا ته چوان، موڻِي ماروئڙن کي!
”هَي هُئي هِن جي حال جِي، ناهي ڪَلّ اَوهان“:
هِت اُنهن ري سومرا، نِتُ نِتُ سورَ نوان؛
پَکي شالَ پهان، مان وڃي پنهوارن جي.

(11)

ڪٽي ساڻ ڪٿِي، جا آنديم مُلڪَ ملير ڏنهن؛
سا اَڄ توڙي تا سِر ٿوڻ، لَحظو ڪين لٿِي؛
لوئِيءَ سنديءَ لڄَ ڪَوڻ، مون ڏيکيا ٻڌَ نه ٿي؛
هِت سُورن آهه سَٽي، اَئين ٿيون ڏوراپا ڏيو!

(12)

ايڏانهين اِينڊياس، ڪنهن مهل موچاريءَ ماروئا!
جا لوئِي آنديَم لوءِ ڏنهن، سا چن نه چڏيندياسِ؛
توڙي ٿَهباران ٿِئي، ته بِه مور نه مٽيندياسِ؛
اَچي ڏوٿيڙن کي، اَجا ڏوراپا ڏيندياسِ؛
ته ڪيئن وساري ويهي رهيو، ٿوراهِين ٿيندياسِ؛
مَنَهيون مَنَهن سان اِتي، آڻي اَڏيندياسِ؛
ڳالهيون ڳِرهِيندياس، سرتن سان ساڻيهه ۾.

(13)

الله اَباڻن سان، مون کي گڏُ ڪرئين!
جي ويا ٿَر پَرئين، سي موڻي آڻ ملير ۾.

(14)

عمر اَباڻن ري، آءٌ تان ڪوڇِهي آهيان؛
هيءَ لوئِي نه لاهيان، جا آهه نِشانِي اُن جِي.

www.freepdfpost.blogspot.com

(15)

جا اَباڻن ڏني، سا لوئِي هَڏ نه لاهيان،
ڪندِيس ڪين ڪِني، وڻي ويندِيس ويڙهه ڏي.

(16)

عمر ڏيهه اَباڻي، مون چگا ڏينهن گُذاريا؛
هِت اَچِي هاڻي، پيو هِنيڙو هَلاڪَت ۾.

(17)

عمر اَباڻؤن وِچڑي، ڪنهن اعراضي آندياس؛
وڃي خوشيؤن ڪائيندياس، پَڪا پيرون پانهنجا.

(18)

ڪائِي پَلَڪ پَري، شال عمر اَباڻؤن نه ڏيان!
ذري منجهه ذري، هُئَن پچندڙ حال جا.

(19)

جڏهن هُيس اَباڻين، محل نه ماڙيُون مون ڏٺا؛
لَئي ۽ لاڻين، هيون پيهيون پنهوارن جون.

(20)

قَتِي ڦوڙائي، آءٌ مِيان ماروئڙن جي؛
ڏنيون مون کي تو هتي، آهن ماڙيون جوڙائي؛
ويهان وچ نه اُنهين، پُڙو پوڙائي؛
هِن هنڌن ۾ سومرا، ڏو لکيو لوڙائي،
جنهن آندم ٿوڙائي ، پکن مَؤن ته پنهوار جي.

www.freepdfpost.blogspot.com

(21)

ريگستاني راجَ جِي، آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهِي!
ڪَن پَچارون پاڻ ۾، سي واريءَ تي ويهي
ته ”ايندي ماروئين مارئِي، شل پَکن ۾ پيهي“؛
اُڪنڊَ مون ميلاپ جِي، آهه جهانگن کي جيهي؛
منهنجي تن تيهِي، آهي سِڪ سنگهارن جِي.

(22)

مان اُنهن کي ساريان، هو بِي سارن مون؛
جي راضي ٿئين ٿُون، ڏي موڪل ماروئڙن ڏي!

(23)

مان اَباڻن ساريان ، هُت اَباڻا سارين،
واڻان نِهارين، منهنجي اَڇڻ سنديون

ڪافي 1

پَلپَل پونمَ پُور، عمر تن ماروئڙن جا.
دمدم منهنجي دل ۾، مارُن جا مذڪُور:
ـــــ سرتيون سورن جا.
سانگيڙن کي سدا مان سارايان، هنِيڙي هرنم هُور،
ـــــ پل پل پنهوارن جا.
منِ مَچائي ”سچو“ ويو سانگِي، دونهن جا دستور،
ـــــ خاصَن کورن جا.

www.freepdfpost.blogspot.com

ڪافي 2

پاڙيچون نِي پِرين جو، مون کي پُور اڃ نِي پيو.
انتر جنتر مَون ٿي هَي نيهڙي نيو.
جيڪي چيو نجوميءَ، سو تا صحيح ٿيو.
چرخو پَڄي چيهاڙيون، مون ٿي ڪاڪيون ڪَيو.
هِن جان ٽئي جميعت، لالَن جي پائي لِيو.
ڪو ڏس اچي پريئن جو، هِن ڏاهه کي ڏيو.
جي در اچي سو دلبر، تا جِيءُ ‘‘سچوءَ’’ جو جيو.

ڪافي 3

مارو مون کي نه وسارين، آهيان اُنهن جي! ميان.
درد جنين جو دل کي، ڪَرم سين اُڪارين.
اَٽ ئي پَهر اوڏهين، ٽا نيڙ نهارين.
هردم طَلب جون تَن اندر تارون تنوارين.
‘‘سچو’’ سارين جن کي، سي پِي تو سارين.

ڪافي 4

هلي هڻڙي حال، ميان، وڃي ڏوٽن کي ڏسان!
پيڪَن مون پهچائين، پلا پنهنجي پالِ.
منهنجو ماروئڙن ريءَ، جِيڙ آهي جنجال.
هڻڙي وڇوڙي جي ڪنهن سان ڳڙهيان ڳالهه.
هُئن سدا خوش سومرا، مارو پنهنجي مالِ.
‘‘سچوءَ’’ جي ته سَرير ۾، مارن جِي آهي قالِ.

ڪافي 5

ڏوٽن ڪؤن نه ڏور، آهيان جيڏيون آءٌ اوڏي ان کي! سائين الا.
ناهيان ٻاهر تن ڪؤن، ميان، هڪڙو ئِي دم دور.

www.freepdfpost.blogspot.com

“اَلاِنسانُ سِري وَاَنَا سِرّ ُه”، دوسن جو دستور.
هِي مڙيوئِي آهي تا، ميان، مارن جو مذڪور.
“سچو” سا پُڇ ڳالهڙي، ميان مارن جِي مَستور.

مارئي
داستان چوٿون

(1)

تون حمير هنِي، آءٌ ٿورياڻِين آهيان،
جا لوئي آندم لوءِ ڏنهن، ويندیس ساڻ ونِي؛
ڪڏهن ٿيندي ڪانڪا، مانهوڻ شال مَنِي؛
ڪتابن قولن جي، مون ڏي پنهوارن پَنِي؛
هيءُ بندُ بندياڻِيءَ ڪي، هو لکيو رات چَنِي؛
اُن سانگِن ڪاڻ سَنِي، مو مِڙيائِي سومرا.

(2)

ڪو بِي خيال نه هومِ، هُيس مارن ساڻ ملير ۾؛
جان وڇوڙو سومرا، ڪوڻ ٿريچن ٿيوم؛
قسمت قيدالماء جي. ڏَسي ڏور وڏوم؛
تڏهن وڏو قدر پيوم، هَي “سچو” هيڪاندِ جو.

(3)

وينا ڳالهيون ڪَن، ماروئڙا ملير ۾
ته “اِجها اِيندي مارِئي، وري هن وطن!”
ايڏي اُڪنڊِ آهي، مُنهنجِي جا پُڻ جَن؛
آءٌ سگهي سان تَن، وجي گڏ گذاريان!

(4)

www.freepdfpost.blogspot.com

قَرابتي ڪاڻي ٿيا، آءٌ ڪا ٿي آئِي!
قسمت قيد ڪڻي ڪيو، آءٌ ڪٿي ڇائِي!
آهي منهنجي روح کي، ريءَ مارُن موڳائِي؛
اَنئي پهرَ اُنهن جِي، وات اَٿم وائِي؛
گهڻي مدتَ مونجهه ۾، مون پڻ لنگهائِي؛
مَنَ سِگهڙي سنگهارن جي، ڪل پوي ڪائِي!
ته ڪي آهِن آرامي اُتهين، جهانگيڙا جائِي؛
ڪِي ويا مُلڪ ملير مَون، ڪري اَجائِي؛
وڃي پانوَر ڪنڊئين، وينا وهٽائِي؛
اُتي تازا توانا ٿيا، ڏُٺ ڏنؤرا ڪائي؛
ڪر سومرا سائِي، جئن ٿِيَن آسودا آجَڙي.

(5)

جن گڏ گذاريوم، سپ جَماندر سومرا؛
اَچي پَري پَيَس اُن ڪؤن، مُونجهه اِنهيءَ ماريوم؛
ساريو سنگهار جي، ڳالِهن هِت ڳاريوم؛
جو مارو محرم حال جو، سو پڻ سنڀاريوم؛
ڏيهُ ڏاڏاڻو ڪَڏهين، وار نه وساريوم؛
نِتُ نِتُ نِهاريوم، پَنهوارن جي پارَ ڏي.

(6)

اَڄ پڻ ٿِيمُ اُداسُ، هِي مَن ماروئَڙن ڏي؛
ڪر بندياڻي بند مَو، خاوَند لڳ خلاصُ؛
جو مَڻي ڪيتَ ڏنارَ کي، ڪا پلنگين ڏيندئَس پاسُ؟
ڪو وجهُه صاحبَ سومرا، اُنهن سان اِخلاصُ؛
جو هو ويچارا واهَٽِين، تون ڪري ڏس قياسُ؛
زور تنين تا ناهِ ڪو، لوئِي جن لباسُ؛
اَنئِي پَهر اُنهن کي، آهي حَميرن هِراسُ؛
تاڪُون تُنهنجي تابَ کَوَن، سُهمِيون اَٽن ساسُ؛
چاڙهيو لِڳين ڪِين تَنين، ماسي قَدر ماسُ؛

www.freepdfpost.blogspot.com

تعديون تَنين تي ڪَرين، جن تو هَوَن ٿئي مَواسُ؛
ويڙهِيچا وڙاهَ ۾، هُتِ وڻِ وڻِ ونڻ واسُ؛
پاءِ پنهوارَ پياسُ، آهي راجا منهنجي روح کي.

(7)

چَئَي مُڪائون، هِيئَن ڏاڏاڻي ڏيهَه ڏنهن،
ته ”جيڪس“ اِهي تو هُيون، مَنَ جون مُدعائون -
”تان وڃي پَلنگين پَٽَرٽِيئن، شَلَ چڙهان آءٌ -
تو پُڻ تيلهائون، هاڻ ويا ويڙهيچا وِسري!“

(8)

چگّيءَ طرح چَئي، ٿي مُنجان ماروئڙن ڏي
ته ”سُڪين سانگيڙن ڪَوَن، پري آءٌ پَئِي؛
”قسمت قيدالماء جي، مون سان هِيئن ڪَئِي؛
وسري ڪينَ وئِي، سَنگت سَنگهارن جِي.“

(9)

ماروئڙا ماندي، آءٌ اوهان ريءَ آهيان!
سُڪيا ائين ساڻِيهه ۾، هِت بنَهَ رهي باندِي؛
هِت قسمت قيدالماء جي، هِيءَ اَچانَڪ آندي؛
آهيان اوهان جي ڳالهه ڪوَن، ويل نه ڪنهن واندي؛
چگِّي ٿِي چاندي، اِينديَس لوئِي وڻِي لوءِ ڏي.

(10)

قاصِدُ اَجُ ڪوئِي، مَنَ اَچي ماروئڙَن ڏنهن!
تنهن تا چَوان حالَڙو، سارو سپوئِي،
ايڏنهُن آندي آهِه مون، لاکيڻي لوئِي؛
سا وڻي ويندِيَس پاڻ سان، اَڻُ عهد اِهوئي؛
سَرتِن سان روئِي، سِڪون لاهيندِيَس لوءِ ۾.

(11)

هِيءَ اُميد نه هُئي، مون کي ماروئڙن ڏنهُن،
جو ڪونه مُجندا مُون مڙيين، پُڄَڻ ڪاڻ پَهي!

www.freepdfpost.blogspot.com

ڏنم هڏنهن ڏيهه ۾، نَکو ڳوٺَ ڳهِي؛
هاڻي وائِي وائندي، اها سُيَم اَڄُ صَحِي
ته ”اُنا مِينهن مليرِ ۾، وِيڑا راڄ رهِي؛
”چڏي پانوَر ڪنڊيون، آيا هيڻ لهِي؛
”جهجهو جهانگين کي ٿيو، ڏهِيان ڏٺ ڏَهي؛
”ڪيَو پِيَن پاڻ ۾، وڏيءَ مَهَلَ مَهِي“؛
ويدين ڪوڏِ ڪَهِي آءٌ پکي پنهوارن جي.

(12)

سَنگهارن جي سِڪ، آهي منهنجي مَن؛
شال سِگهوئِي سومرا، ڏسان ڏوٿيڙن؛
راتو ڏينهان ڪاڻ ٿِي، جهجهان جَهانگِيڙن؛
پاڻهي پَنهوارن، اَڄ تا مون کي ياد ڪيو.

(13)

جهانگي جهڻ پِياڪ، ناهِن شَربت هيروان؛
ڳاڙهيون ڪاريون لوئيون، پَهرڻُ تَن پوشاڪَ؛
لاهيج لوئيَڙن تان، الله لڳِ اولاڪَ؛
جو رکن هَڏنهن ڪانڪا، عُمر پِي اِملاڪ؛
ڪارڻ ٻِورَ پاڪَ، مون کي ميڙيين مارئين!

(14)

ڪيا ڪِوٽن ڪيجَ، اَڄ ڏاڏاڻي ڏيهه ۾؛
پر ماڻهو ماروئڙن ڏنهن، هَڏِ نه آيو هيجَ؛
ڪالهه ڏنا هُئم اُپ ۾، اَڻِڪ ۽ اَتيجَ؛
اُنا مينهن مليرِ ۾، ٿيا رڻَ سارائِي ريجَ؛
ڇانگن سان ڇڙي ڪري، ڪَن ڇَنن ۾ ڇيجَ؛
آءٌ پُڻ پِنيءَ پِيجَ، ملنديسَ ماروئڙن کي!

(15)

هي وٽي حالُ وِجان، ميان ماروئڙن ڏي؛
آهي اُميد اَجان، جو خوشِي ڪنديَس ڪيتَ سان.

(16)

مينهن وسندي مان، ويڑهيچن ويندياسِ؛
لوئِي ساڳين لوءِ جِي، نال وڃِي نيندياس؛
وڃِي ٿر ٿيندياسِ، ڏکَ سُکَ پائي سومرا.

(17)

ڏنارن کوڻ ڏار، جي مون ڏينهن گذاريا؛
سي هئا قيامت جيهڙا، ميان سومرا سردارَ؛
الله ڪري اوڏڙا، ”سچو“ مَنَ سنگهارَ؛
ته ڪريون ويهي ڳالهڙيون، هنيڙي جون هِڪوارَ؛
پَر پري ٿيم پنهوار، ڏيان ڏوراپا ڪَن ڪي!

(18)

جيڪي هُتِ هونديون، ساهيڙيون ساڻيهه ۾؛
سي پيرون چوندن پاڻ ۾، گڏ ڪيون گُونديون؛
ساريو مون کي سومرا، رات ڏينهان روندیون؛
ٻيون ٻِي چا چونديون، اَجا عُمر الاجي آجڙيون!

(19)

ريگستانِ رنگُ، جي تون پسين سومرا؛
ته ميان ماروئڙن ٿَوَن، ظالِم لاهين زنگَ؛
جو تاڪون تنهنجي تابَ کوڻ، جهانگِي واسِن جَهنگُ؛
نامِيا هي تون ننگُ، نيئي رساڻين راج ۾.

(20)

جي ريگستان رهيا، تَن سخت نه وڃ سومرا؛
جو تاڪون تنهنجي تابَ کوڻ، چَنن مَنجهه چَڀيا؛
سي ڪي پَرئين وسِ وهيا، وسَ سچائيتا واهَڻين!

(21)

ڪري ياد قلبُ، ٿو منهنجو ماروئڙن کي؛
جو ٿيان هيڪاندي تَن سان، ٿئي سائينءَ ڏنهُن سَبب!
ڪِ بندياڻي بند مَوَن، ته راضي هُئي ربُّ؛

www.freepdfpost.blogspot.com

غازي لاهه غَضَبُ، ڪَر مِهر ماروئڙن تي.

(22)

رڄُون ريگستانُ، جِت وطن ويڙهيچَن جو؛
راڄِم ٿي رکيج تون، تَن ماروئڙن جو مانُ؛
جهونن جهانگيڙن تي، ڪَر عمر تون اِحسانُ؛
ته سارو جگ جَهانُ، مَرُ تعريفان تنهنجيون ڪري.

(23)

هيءَ خبر هاڻي، آئي ريگستاني راڄ ڏنهُن،
ته ”اُنا مينهن مليرِ، ٿيو پڌَنَ ۾ پاڻِي؛
”گُلَ قُلَ گلزاريون ٿيا، رِڻَ سپ ريجاڻِي“:
تون پِي صاحب سُجاڻي، موڪل ڏينم مِڙي مَران.

(24)

مِينهن وسندي مون ڏٺا، هي پڪا پنهوارن؛
ڳاڙهيون اَڇيون لوئيون، ڪيا سَهَج سَنگهارن؛
اُهي عام خلق ڪوٺن، گوشي گذارن؛
منهنجي اَڇَڻ سنديون، ٿا واڻان نهارن؛
سانگيڙا ساڻيهه ۾، پيا نِت نِت سَنپارن؛
هي ڳالهِيون ٿيون ڳارِن، مون کي ماروئڙن جون.

(25)

مِينهن وسندي سومرا، اَج پُڻ پورَ پيا؛
پَڪا پَنهوارن جا، سي مون ياد ڪيا؛
ڏُني گهڻا ڏينهڙا، مون ڏَريچن ٿيا؛
وسِري تا نه ويا، ڪا ساعت منهنجي ساهَ ڪوڻ.

(26)

هِت ڏيهي ڏسان ڪونَه ڪو، جو ڏئي کيتَ خَبَر ؛
هِيءَ قابُو رهي ڪوٽَ ۾، اُنهن ريءَ عُمَر؛
مَليران مَحضَرَ، ايندم آجائِيءَ جا.

www.freepdfpost.blogspot.com

(27)

مِينهن وسندي ياد مون، اَڄ ماروئڙا آيا؛
قيدالماءَ جا ڏينهڙا، سي مون لنگهايا؛
موڻي اَڇڻ جا ٽِيَم، ڏي سنگهارن سايا؛
اُهي موليٰ ملايا، جي پنهوار پَري ٽيا.

(28)

ڪو جو وريو واءُ، اَڄ پڻ مُلڪ مَلير ڏنهن؛
جَڻُ آيم اَباڻاءُ ، ماڻهو موڻائِڻ جو.

(29)

مون کي رات رسيون، ڏيهه ڏاڏاڻون خَبران
ته ‘‘ساڻيهه سَپ سَرهو ٽيو، وڃون واهَ وَسيون؛
‘‘اڇي ياد اَلله ٿو، ڦوگٻُ ڦُلار پَسيون؛
‘‘برابر بادل ڪَيون، مُيِڻِ لوءِ لَسيون؛
‘‘ساول ڪائِي سبزيون، ٽيون سَڃِيہ سَسِيون؛
‘‘ڳاڙهيون اَڇيون ڪاريون، لاهن غم گسِيون؛
‘‘وُڙهيون ڪَسَ ڪَسِيُون، پُڻ آهِن تارِ تَرائِيون.’’

(30)

رات وري آيا، ماروئڙا ته مليرِ ۾؛
جو لڏم خوابُ خوشيءَ مُون، جَڻ موليٰ مِلايا؛
وري وسايا، پِلي پاڻَ پِڻُن جا.

(31)

وَس جَري آيام، ماروئَڙا مَلير ۾؛
ڇڏي پانورَ ڪَنڊيون، ويڙهيچا وريامِ؛
عُمر اُميدَ ٽيامِ، پَسَڻَ پنهوارن جِي.

(32)

www.freepdfpost.blogspot.com

جي ڏوٿي هُيَم ڏورِ، سي والِيءَ ڪَيَم ويجهڙا؛
هُئي جا پورن پُور، سا تا اڄ مُون تَون لَنگهِي.

(33)

موٽِيا پارِ مَلير، سانگيڑا سانگُ ڪَري؛
جَن جِي سِڪَ سَرير، سي ئي عُمرَ آئيا.

(34)

لَٽو ڦوڙائو، وريو ورق وصالَ جو؛
وري وطَن آئيا، ريگَ لنگهي رائو؛
''سَچُو'' چَوي سائو، ٿيو موٽِي مُلڪ مَلير جو.

ڪافي 1

مارو ٿر ٿيام، پِلو ميان، وو، ڏيان ڏوراپا آءٌ ڪَن ڪي!
سي پاريندِيَس پانهنجا، ميان، جي هُتِ قولَ ڪيام.
چڏي مُلڪ مَلير جو، پَرينءَ وس وياِم.
گهوريا پَري ڏينهڙا، جي پنوهارؤن پياِم.
سنگهارن جي اَچڻ جا، ميان ''سَچو'' سِنيها سُيام.

ڪافي 2

روئان زارو زار، يار، مانَ مارُن ڪي ملان آءٌ!
ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي، پَري ٿِيَم پنوهارَ، يارَ.
وڻِي ويڑا پاڻ سان، منهنجو ساهُ سَنگهار، يارَ.
اهو اٿم آسرو، ايندم، اَجڙوار، يار.
ڪَندا مُهڙ ملَير ڏي، رڻ چڏي ريڍار، يار.
سو دم گوندر گذري، جو دم اُن ريءَ ڏارَ، يار.
روئي رات اکين جا، جهونا ٿيا جهالار، يار.
وڃي پُڏنديس اُتَهين، سندي پنهوارن پُڪار، يار.
رکي ويڑهيچا ويا، مونهين سر ميارَ، يار.
پيڪن مُون پَهُچائيين، سومرا سردار، يار.

www.freepdfpost.blogspot.com

راتو ڈينهان اوڏهين، ‘‘سچوءَ’’ ساهَ سنپار، يار.

ڪافي 3

ساريان آءٌ تا لوءِ پنهنجي جون لويون،
عُمر گهوريا هِي پَڻَ پٽيهرَ، ميان!
هُت ويڙهيچا، وو، وينا ورهائن ڏيهاڙيون.
سي ڏونرن سنديون ڏويون.
سنگهارن ڏي سوز سنيها،
آءٌ ٿي روزُ مُنجان رويون.
ڪنڌيون ڪوڪَڙ سَنديون، ميان،
ڳچيءَ پائن ٿا هِت پيڪا پويون.
صبحَ سانجهيءَ ڪَٽَن خوشيءَ سان،
اُهي سي تا آب پَريون اويون.
پاندين پائِن پُسيون ساڻِن سِگر سَنگهارَ،
‘‘سچو’’ سي سويون.

ڪافي 4

گهوري هِيءَ جدائِي، اڙي ميان، پنوهارن ٻاجهُون ٻُرَپيا!
صبح ويلي ميان سومرا، الا سائين، خبر اها مون آئِي.
لنگهي مُلڪ مَلير جو، ويَڙئي ويڙه سَپائِي.
پانور ڪنڌئين ڪِينڪي، و هند اساعَت سائِي.
ڪَنين ٻُڌايان ڪِينڪِي، وري اِها شَلَ وائِي.
ڏوڻِي پنهنجي ڏَيهه مَون، ڪَندا ڪيئن نِوائِي.
عمر اَباڻا ڏيهه ۾، سَرها هُونِ سَدائين.
موڻِي نه وڃَن اُوڏهِين، جن جِي سِڪَ سَمائِي.
هوءِ هوءِ هِن جي حالَ تي، پاڳيا ڪرن پَلائِي.
‘‘سَچو’’ سندن ساڻَ ۾، ڪَري مَرُ ته گدائِي.

www.freepdfpost.blogspot.com

مارئي

داستان پنجون

(1)

جوڙي پَکا جُوءِ، اَچي وينا عُمرَ آجڙي؛
سَدا سَنگهارن جِي، ٿي مَٿي حوضَن هوءِ؛
ٿيون گلزاريون گاهَن جيون، پِي خوب کُلِي خوشبوءِ؛
نَئينِ رونق روءِ، ٿيو موٽِي مُلڪ مَلير جو.

(2)

سدا هئن سُکيا، ماروئَڙا ته ملير ۾؛
شل نه ڏينهن ڏکيا، اَچن آجَڙين تي!

(3)

سدا سَرها هونِ، ماروئَڙا ته ملير ۾؛
مٿي پنهوارن پون، مِهَر جا شَل مِينهڙا!

(4)

مِيان ماروئَڙن تي، مَهران وَسن مِينهَن؛
شَل نه ڏکِيا ڏينهن، اَچن آجڙين تي!

(5)

سدا سي ساڻيهه ۾، سُکيا هُئن سَنگهارَ؛
پکي مَنجهه پنهوارَ، شَل هُئن هميشہ سَرها!

(6)

سائين سَنگهارن جو، رکج پَن پکي؛
ڪوئِي تا نه لَکي، هُئَن سَدائين سَرها!

(7)

سنگهاري ساڻيهه، شَل هُئن سَدائين سَرها؛
وڃن نَه پَرڏيهه، خوش گذارن اُتَهين!

(8)

ساڻيهه سنگهاري، سَرها آهِن سومَرا؛

ويڑهيون ۽ واري، مَحلا ماروئَڙن جا.

(9)

جاتِي واريءَ ڏنو، تاتي اَڏن پکَڙا؛
پاڳِين لَڏَا پَوَ، سدا رهن او سَرها.

(10)

نِوڙن ۽ نُونڏيُن، مارو چارنِ مالَڙا؛
گوڙين ۽ ڪِونديَن، سَرها ڏِيَن ساهَ ۾.

(11)

جڏهن ڪِنونِ ڪِنوڙِيون، وَسَن مينهن مَلير ۾.
نونديون ۽ نِوڙيون، تاتا سوئِن ڏاريُون.

(12)

پاڳِين پَوَ لَڏَا، جي ويڏا پانورَ ڪَنڊئين؛
اُڏن مِينهن مَڏا، آجڙين عِيدان ڪيون.

(13)

وري وَسايو، مالِڪَ مُلڪ ملير جو؛
سو اڳي ڪَون اُجرو ڏيِو، سائو سَوايو؛
آگي اَگهايو، ”سچوءَ“ جو سوالُ ڪيو.

(14)

آهي سارَ سنيالَ، ميان ماروئَڙن جي؛
هِتِ هِهڙا حالَ، هُت عِتابَ اُنهن جا!

(15)

الله اوري آڙ، ماروئَڙا مَلير جا؛
يا مُون کي ڪِيي ڪوڙ مَون، نئين مُلڪ رَساڙ؛
پَجَندي وڃي پاڙ، پِهان پنهوارن جي!

(16)

آڙ الله اوري، ماروئَڙا مَلير جا؛

www.freepdfpost.blogspot.com

مون کي آندو اوچتو، هِت ظُلمَ جي زوري؛
آءٌ تَنهن گهڙيءَ تَوُن گهوري، جنهن هيڪاندي هِڪُ ٿِيان.

(17)

جي ريگِستان رهن، تن کي سخَت نه وڃج سومرا؛
جو تنهنجو زور ظلمَ جو، سانگِي ڪِيَن سَهَن؛
مَتان پَرينءَ وَسِ وِهَن، هو ويچارا واهٽي.

(18)

جڏهن ويجها هُئامِ، ماروئڙا مَلير ۾؛
تڏهن ڳالهه اَحوال جي، ٿي تنهين ڪَن وِڌامِ؛
هاڻي وَڃِي ٿَر ٿِيام، اُهي سُڌِ لَهَندڙ سُومرا.

(19)

ٿيا پنهوارَ پري، آءٌ ڪَنهن کي ڏوراپا ڏيان؛
وهَندو شالَ وِصالَ جو، وارو ڪو وري؛
سو نيئِي گڏُ ڪري، مُئِيءَ کي ماروئڙن سان.

(20)

هُيَم جَن سان حالَ، سي اَڄ سنگهاري سِجڪاڻ ٿيا؛
عُمَر اُنهي پارَ جي، اَٿم سارَ سَنيالَ؛
جو صبح اُٿِي ساجُهرين، مارو چيڙن مالَ؛
پِيَسَ پَري پنوهارن ڪَون، هَي جي ٿِيَم حالَ؛
آهي اُنهي ڪوٽَ ۾، جِيَڙ مَنجهه جَنجالَ؛
سِگهڙي وڃِي شالَ، پهان پکي پنهوارن جي.

ڪافي 1

هو جي ماروئڙا ٻيهر مانَ مِلن،
شالَ الله اوراهون ڪَندن، سانگي سانگ سَندن.
ويڻي آهِيان واٽ تي مَنَ اَچو حال پُڇَن.

www.freepdfpost.blogspot.com

پَڪَا پَڪَنِ سامهون، واري آڻي اَڏَنِ
انهن ڪارڻ جيڏيون، منهنجيون اکيون رتُ رُڙَن
اَصل لاڪون آهي، ‘‘سَچو’’ سَڳ سَندن.

ڪافي 2

مارو اُهي مِليام، عُمَر جامَ، وو،
طَلَبَ جَنِين جِي آهي تَن ڪي.
ڪَرمَ ڪَمائون ڪيترا، ڏوڻِي هِت ڏَنامِ.
هِت جَنهين ڪي، هُت پي تن ڪي پيو آرام.
پاڙيائون سي پانهنجا، ميان، ڪَيئون جي انجام.
طالع وارا تن جي گولن جا به غلام.
ڪاڏهن ‘‘سَچو’’ سالڪان، ميان، ٿئي طَلَب تمام.

ڪافي 3

ڏوراپا ڏيِئي، ڪنهن هَٿ مُنجهان، وو، ماروئين!
وساري ويهي رهيؤ، حال ٻُڌي هِيئِي.
مِڙي اَچو مون ڳِري، آهِيو جهانگِيڙا جيئِي.
لَهو سُڌِ سنگهار جِي، جي آهيو اُتيئِي.
‘‘سچو’’ ساريَؤن ڪِين سا، جا ويڑهيچؤن ويئي.

ڪافي 4

راتِ مُڪَم روئِي، ساري سلامَ سنگهارن ڏي.
اکيون اباڻي پار ڏي، بيٺيون جُهڙ جهوئِي.
اَباڻَن جي آسري، ليڙون ٿِيَم لوئِي.
ونڌِن وِرچن پاڻ سين، ڏُڻرن جِي ڏوئِي.
لِکِي ڪاغذ مُون وڏو، پَکيءَ کي پوئِي.
ڪي ڏينهن ڏويَم ڪيت سان، آبَ پَري اوئِي.
اَوهان ٻاجهؤن ڪونَڪو، ڪَل لَهي ڪوئِي.

www.freepdfpost.blogspot.com

مارو ملندو مارئِي، ‘‘سَچَل’’ کي سوئِي.

مارئي
داستان ڇهون

(1)

جَگَرَ جارڙيون، ٻيا ڪِرڙيُون ڦوڳَ ڦُلاريا؛
سي سنگهاريون ساڻيهه ۾، وِهَن وارڙيون؛
ٽامان ٽارڙيون، لاڙيون ڇِنن لاکڙان.

(2)

وَروٽا ويڙهيچن جا، اِهي موتئين مالهڙيون؛
رَس نه اَچن روح کي، ٽالهه ۽ ٽالَهڙيون؛
سَنگهارنِ جون سومرا، جَگَيون چالَڙيون؛
جو فَجُر ڦوڪي سَنديون ڪن دانَهَه دالَڙيون؛
وَرُ سي لويون لاکَ جون، بَن شالان شالڙيون،
اَنڻي پَهر آهن اکيون، منهنجيون عُمر آلڙيون؛
ڪامل تنهنجي ڪوٽ ۾، وجهان فَلَکين فالَڙيون؛
شال سڏندو سو ڏٽي، مون نِڌر نالڙيون؛
وڃي ڳجهيون ڳالهڙيون، ڪنديَس سَرتن سان ساڻيهه ۾!

(3)

هِت ڏسان ڏوٿِيڙن جيُون، ويڻي واڻَڙيون؛
هُتِ پَون پنوهارن تي، مِڻِيون مانَڙيون؛
ياد اتي جون مون پيون، ڇوهُون ڇانَڙيون؛
توڙي چار ڪنڌان لوئيءَ جون، هِت ڦاڪين ڦانَڙيون؛
نان پِي وڃان اوڏهين، جتي ڪَنوٽِيون کانَڙيون؛
مون کي لُوهِن لانَڙيون، تَن لالن سَنديون سومرا.

(4)

ٻُور پُڄاڻَون بَير ڪَن، بَهون ٻيرڙيون؛

www.freepdfpost.blogspot.com

چاٹِن چوندن سي چڑهيو، ڏئِي ڦيرڙيون؛
پانَوَ پيرڙيون، ڪن تماشا تِکُن جا.

(5)

هُت گُهمَن ڏوتِي ڏٺَ لئه، ڪَيون ٿولا ٿولڙئين
چاٹِن لنب اَڻُون مَکٹِي، جَهلي جهولَڙئين؛
پيِهَن پَچائن مارئُون، ڦوڪي ڦولَڙئين؛
تون عمر اولَڙئين، ڪَري هُت چَڏيج مون.

(6)

هُت ريت ته اَدوبَندِ، ڪَن لويون لاکَڙيون؛
مَشَر مارُئَڙن جِيون، سَچيون ساکَڙيون؛
وَڻين تورنِ ڪينڪِي، مَکَڻ ماکَڙيون؛
اَجان ڦُڦَن باکَڙيون، ته کڙا آهن کوهَ تي.

(7)

اَجان ڪَنونِ ڪِنوٹِيُون، ته سرانِگيُن ساهه پوي؛
وَسِي تَر تارِ ڪَن، نَيون ءِ نُوٹِيون؛
جاتي هُئن جوٹِيون، تا تِي آجَڙي آرام ٿيا.

(8)

اَڄ جوڙي ويٺا جَهنگَ ۾، جهانگِي جهوپڙيُون،
ڏي نه ڏوٹيڙن کي، لائِقَ لوپَڙيُون،
راجا روپڙيُون، گهرين رکنِ ڪِينڪِي.

(9)

هُت ڏِينَ مارو ڏاجَ ۾، جاٹِي جارَڙيُن؛
پَيون آهِن سپ کي، اُهي ويڙهيون وارَڙيُون؛
سي چُونڊنِ پيون پِرهه جو، نائي ڏارَڙيُون؛
وِجَهن گوندنِ سَنديون، ڳچيءَ ڳارڙيُون؛
وِجَهن ڪَنيو کارَڙيُون، وَجَن لوئَڙِياريون لوءِ ڏي.

(10)

مون کَون وِسَرن ڪِينڪِي، اُهي عُسرَ ويلڙيُون؛

چاريَم وڏي چاهه مَون، ٿي ڇِلا ۽ چيلڙيُون؛
ٿي ڪيڏيَمِ ڪيلَڙيُون، سَرتِن سان ساڻيهه ۾.
(11)
اَوس اَڏن سومرا، چوڏاري چَؤنرا؛
تَن ۾ سانپي رڪَن سامهان، ڏُٺ پَهون ڏؤنرا؛
ڏَڳَ رکي ڏؤنرا، صبح ڪائِن خوش ٿِي.
(12)
ڪَرين چو ڪِلان، سانگِيڙن تي سومرا!
سارَهِه سوتِن تي، لاهه ٿوڪان آئُون ٿَهلان؛
هي جي مَوتَن جون مَهلان، ٿِي مَحلن مَنجهه گُذاريان.

ڪافي 1

ڪاڏي ويَڙا ، وو ، پِرين پاڙيچا!
جاڏي هَليا، تَهدِل تاڏي، هَلُ تون هِنيڙا، وو.
محبن مون سين عَجَب جيها، ڪيئي ڳُڻ ڪيڙا، وو.
گوندر گاڏائون ڏينهڙا، هت جالڙ جيئڙا، وو.
هِن اَجايا اُنهن ٻاجهون، جي پلڪ پيڙا، وو.
"سَچوءَ" سَندا سانوَل ٻاجهون، هي حال هَي ٿيڙا، وو.

ڪافي 2

آئين هَلِي هِن جاءِ، وي،
هِڪ ساعت ڪارڙ تون سانگِيڙا!
ڪا گهڙي نيباهُ نه ڇاڄ، پيچ نه تَنهن سان پاءِ، وي.
"الدّنيَا سَاعَةٌ" اِهو نُڪتو دل سان تون لاءِ، وي.
جاڏنهن آئين تون وڃارا، وري وِجَڙ اوڏنهن آءِ، وي.
دنيا ۾ دَمَ ڪيئي گذاريئي، "سچو" سڃڙ جي ساءِ، وي.

ڪافي 3

www.freepdfpost.blogspot.com

اوڏاهُون آيا، مون ڏي عتابَ اَباڻن جا.
هي ڏيهُه وِيَڙُءِ وِسري، اِتي ڏينهن وڃي تو لايا.
ياد اسان کي ڪِين ڪيڙئي، مُنجهائينءَ مايا.
ڏينهن اسان ريءَ گذري، ويَڙئي سپ اَجايا.
گهٽا مِينهن مَليرَ ڏي، والِيءَ وري وَسايا.
تُنهنجي ڏسڻ لئه، هِت سانگِي سِکايا.
سائينءَ ”سَچو“ سِگهڙا، مون کي مارو مِلايا.

مارئي
داستان ستون

(1)
مون جاليو سان جَن، موڻِي تَن نه پُڇيو؛
حال هن جون خَبران، پَيون هو ندين ڪَنِ؛
تان پِي مارو مَن، وارُ نه ڪَڏنهن وِسريا!

(2)
توڙي هو نه پُڇن، آءٌ گهٽو پُڇان تَن کي؛
عُمَر آءٌ مَڇُڻِ، تَن ڪَوُن وڃان وِسري!

(3)
ڏي پُڻ وَسايامِ، ڪَڏهن مارُئين مِينهڙَا،
سي ڏينهن ڏاڏاڻي ڏيهَه جا، اَڄ ياد عُمر آيامِ؛
هِت پنهوارن ريءَ پاڻ کي، ڪيها لَقبَ لايام؛
هِن لحظي لَنگهايامِ، شال اِهي اَوَسر ڏينهڙا.

(4)

اِهي اَوسر ڏينهڙا، هِت جالڙ آيم جال؛
ڪَٿيرا خوش حالَ، هُت ميان هون مليرِ!

(5)

اَڄ سنگهاري ساريا، مون مِينهَن وَسندي سومرا؛
ڳوڙها ڳاڙاڻي بنا، هِن هَنجُنِ مَون هاريا؛
ياد ڪَريندي تن کي، پارڙَ ڳڻُ پاريا؛
هِتِ ''سَڄوءَ'' سنپاريا، هُت سنپارَ ''سَڄوءَ'' جِي!

(6)

ساريم اَجُ سَنگهارَ، مِينهن وسندي سومَرا؛
جيڪي ڏينهن هُئاسي گڏُ مِ، دَم نه ٿياسي ڏارَ؛
ڪاڻي اَجُ اَسين ٿيا، ڪاڻي آجَڙوارَ؛
وِڏو قِسمت قيدالماءَ جي، پَري کان پَنوهارَ؛
تيلهان مون اَجُ آئِيو، روئَڙ زارو زارَ؛
پَلپَل هِت پَچارَ، هُتِ به سانگيڙن جِي!

(7)

ڪَڏهن سانگِن ساڻُ، ٿي گڏُ وسايَم مِينهڙا؛
اَجُ قِسمت قيدالماءِ جي، پيو هِيءُ پَرياڻُ؛
هِت ڪَريان پُرزا پاڻُ، پَر ٿي لوئِيءَ جي لَجَ مران.

(8)

وِسري ڪِينَ وجان، ميان ماروئڙن ڪَون؛
وسِرڙ سَنديون ڳالَهڙيون، مُورؤن تا نه مَجان؛
آهي اميد اَجان، پَکي مَنجهه پَنهوار جي.

(9)

www.freepdfpost.blogspot.com

شالَ نه وِسارينِ، هُئان يادِ انهن کي؛
عُمر اَباڻن جِيون، ڳالهيون ٿِيون ڳارينِ؛
ساهه رڳون سارين، مَن پَهنچان پنهوارن کي.

(10)

لويون رنگارنگِ، ڪَن ساهيڙيُون ساڻيهه ۾؛
سي آساوريُون اَڳريون، عُمَر پَهرِن اَنگِ؛
تاڪون تنهنجي تابَ ڪَون، جهانگِي پِيڻا جهنگِ؛
هِن ويچارا واهَڻِي، تن کي وڻُ نه تنگِ؛
سي ڪِيئن ڏيَن پيرُ پلنگَ، حال جني جا هِهڙا!

(11)

پَئي جيءُ جَنجال ۾، ساڻيهه سنپاريُون؛
وسِرن اُهي ڪين کي جي مَهلان موچاريُون؛
پَر قسمت قيدالماءِ جي، ڪَيون هي ڪاريُون؛
ڪاڻي اَجُ آءٌ ٿيس، ڪاڻي سَنگهاريُون؛
اوڏنهن نِهاريُون، وڃان سا وهلُور ٿِي!

(12)

عُمَر شالَ نه لائِيان، لَقَب لوئَڙئين؛
پاڻِي پِيَن پَڻَ ۾، آيُون اوئَڙئين؛
ڏوئرا ڏوئرئين، وندن ورهائِن پاڻ ۾.

(13)

شالَ نه لَقَب سومرا، لوئَڙئين لايان؛
پَڻ مڻَي هِيءَ لوئِي، مُور نه مَڻايان؛
جا ڪَڻِي کيڻَ ڏنارَ جِي، پِلِي سا پايان؛

مَري مَلهايان، سارو مُلڪُ مَليرَ جو.

(14)

عُمَر اَچا ڪَپڙا ڪاٽياريُون ڪَن ڪِيئَن؟
جِهڙي آيَسِ جِيئَن، شل تِهڙي مارُن ڏي وجان!

(15)

ڪِيئن ڪاٽياريون ڪَن، ڪَپڙا اَچا عُمر جام؟
ٿِين پَنهواريون پَٽ ۾، مِهٽي هابُ مُدامَ؛
آهيان سومرا تو سامَ، ته لوئِيءَ جِي لَجَ رهي.

(16)

هِن لوئيءَ جِي لاجَ، شالَ رهجِي اَچي سومرا،
ته مَرُ بُڌي خوش ٿِين، ريگستانِي راجَ؛
سا نِه ڪائي ڪاج، جا قيد ڪَئِي تو ڪوٽَ ۾.

(17)

توڙي لوئِي هِت ڇڇي، وڃِي تَهباران ٽَئي،
ته پِي پِهنديَس پَنهوارن جي، عُمَر پاڻِ پِڇِي؛
جَهانگِنِ لاءِ جهِڇِي، مان اَڏَ مُئِي ٿِي آهِيان.

(18)

توڙي هوءِ ڇِنِي، تا پِي لوءِ لوئِيءَ سان وجان؛
اَچِي عُمَر ڪوٽ ۾، ڪَنديَس ڪِين ڪِنِي؛
سائِي سانديَم ساهه سان، جا ڏاڏاڻَن ڏِنِي؛
اُها نينديَس پاڻ پِنِي، مِينهن وَسندي سومَرا.

(19)

www.freepdfpost.blogspot.com

اَبَر ٿِيا ۾ اُپَ، ۽ واءُ لڳو اوپارَ جو؛
”سَچو“ چوي ٿيا سومرا، چَڱا سانگِن سُپَ؛
پَر چِت اَندرَ ۾ چُپَ، اَڻن تنهنجي زورَ ظُلم جا!

ڪافي 1

اِهي نِياپا ڪو نيئِي، منهنجا مارُن ڏئي!
اَچڻ اَوهان جي جا وَس وڌائِي، ڪوڙين سي ڪِيَڙم ڪيئي.
ڏکَ ڏوراپا ٿا منجو اسان ڏي، حالَ اَسان هِت هيئِي.
قِسمت ڪو جو قَلَم وَهايو، پَري اوهان کوڻ پيئِي.
لوءِ اوهان جي ڏنهُن لوئِي جا آنديم، لِيڑان هِت ٿِي ويئِي.
ڳالهيون سنَگهارن جون سُڻ ”سچو“ ري، ساهَ سِيباڻُيم سيئِي.

ڪافي 2

ڪانگڑا قَريبَن جا، توکي ڪالهَه اُڏايو ڪَن،
وَڻُون ويڑهيچن!
آسَروندي آهيان، مَن ڪو پيرو ڪَن،
وَڻُون ويڑهيچن!
پَکا پَکَن سامُهون، اوڏا مانَ اَڏَنِ،
وَڻُون ويڑهيچن!
”سَچوءَ“ جي به سَريَر ۾، دونهان روز دڪَن،
وَڻُون ويڑهيچن!

ڪافي 3

اِهي اولانبا آيا، مون ڏي مارُن جا، ميان!
ڏيهَه ڏاڏاڻو ڪِيئَن وِساريُئِي، ڏينهَن، مُنهن اتي تولايا.
ڪَهڑين ڳالهين ويڑهِيچن ڏنُهن، مُنهن ڦيريئِي مايا.
پَهَر پنهوارن ريءَ ڪيئَن ٿِي گهارين، عُمَر ساڻُ اَجايا.

تُنهنجي ڪارڻ راتو ڏينهان، سانگِي سي هِت سِکايا.
وَسُ نه مُنهنجو سُٹِ ‘‘سَچو’’ ري، ڏکيا مون ڏينهن لَنگهايا.

ڪافي 4

آيَم راتِ، عتابَ ڏايا سَخت سَنگهارن ڏُنهَن!
مون کي عُمَر ماريو، جهانگِيڑن جي جوابَ.
‘‘ويڻينءَ اِتي مارُئِي، ڪائِي خوب ڪَباب’’.
هِت سارو ڏيهُه ڏَڪائِيو، عُمَر جي تِکَ تابَ.
مولِيٰ تا معافِي ڪيا، ‘‘سَچو’’ سَپِ حِسابَ.

پہلا حصہ.....

دوسرہ حصہ بہت جلد آ رہی ہیں...

For more like

History, Islamic History, Politics, Romance, Novels. Poetry, Education, MCQs, Software, Israel, Dajjal, Spy Agencies and much more.

www.freepdfpost.blogspot.com